هک سرد دیوار

په پیاړه ناول

لعل پشپ



روشني

هک سرد ديوار

پهريان ناول

لعل پشپ

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2007ع

Roshni Book No. 312

ڪتاب جو نالو: هڪ سرد ديوار (3 به ٻيا ناول)

ليکڪ: لعل پشپ

ڇاپو پهريون: (گڏيل ٽي ناول) © روشني 2007ع

ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي

روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز، حيدر چوڪ، حيدرآباد.

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد،

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ

ٽائيٽل ڊزائين: سعيد منگي

HIK SARD DIWAR

by: **Lal Pushp**

Title by: Saeed Mangi

Composed by: Habib Qadir Qureshi.
Roshni Composer and Printer, Hyder Chowk, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro
First Edition (Combined Three Novels) © Roshni 2007

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد
سچل بوڪ سينٽر، ممتاز مارڪيٽ - حيدرآباد
ڪائناڻ اسٽور - اردو بازار، ڪراچي
حسين عامر نيوز ايجنسي، مين بس اسٽاپ، سجاول
رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو
رهبر بڪ ايڊمي، رابعه سينٽر - لاڙڪاڻو
نيشنل بڪ ڊپو، بندر روڊ، لاڙڪاڻو
نئون نياپو، ڪتاب مرڪز، ڪُهنتي ڦاٽڪ - لاڙڪاڻو
شاهه لطيف ڪتاب گهر، ميهڙ
سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ - دادو
جنيد بوڪ ڊپو - دادو
مرچو لال بوڪ ڊپو - بدين
عزيز ڪتاب گهر - بئراج روڊ، سکر
ڪتاب مرڪز - فيريٽر روڊ، سکر
يونائيٽيڊ بڪ ليند - مهراڻ مرڪز، سکر
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
قاسميه لائبريري، اسپتال روڊ - ڪنڊيارو

ارپنا

1. هڪ سرد ديوار

هي پنهنجو پهريون اصلوڪو ناول
پنهنجي پريا متر ۽ ڪوي
ايشور آنچل ڪي...
جنهن هر "نئين" جو سواگت ڪندي به
اڄ
پنهنجي نظر ۽ نظرئي جو اپمان ڪيو آهي.

2. اها ديوار آسمان تائين

هي ناول ارپيان ٿو
پنهنجي جهوني دوست، پاڻ
شري مورجمل منگهناڻيءَ ڪي
جنهن سان جتي به، جڏهن به مليو آهيان
ته مليو اٿم شفاف، شانت تلاءُ
هي جهڪي، به ڏُڪ پاڻي پيئڻ سان
معلوم ٿيو آهي ان جو منو جَل...

3. تڏهن ۽ هاڻي

امرجليل ڪي...

فهرست

❀ نئون مهاڳ - لعل پشپ 7

★ لعل پشپ جا ناول - شوڪت حسين شورو 10

1. هڪ سرد ديوار 13

2. اُها ديوار آسمان تائين 77

3. تڏهن ۽ هاڻي 147

مھاڳ

ليکڪ پنھنجي ڪتابن تي مھاڳ لکي
معنيٰ پاڻ بابت ڳالھائي
يا تہ پنھنجي پڏپڏاڻ ڪري
يا پنھنجي ساراھ ۾ ٻين جي ساراھ جا حوالا ڏئي
يا پاڻ کي سمجھائي
پنھنجي ڪتابن جا مطلب - مقصد، مسئلا، معنائون مقرر ڪري
سڄو فضول خرچ آھي
ڏکيو - اجايو معاملو آھي
ھڪ تہ
چاڪاڻ تہ
ساھت ڏکيو - گنڀير معاملو آھي
ليکڪ ڪتاب لکي ٿو
تخليقي پيچيدگين مان پار پئي
جنھنجي ھن کي ٻہ
سجاڳ سطح تي ٻيٺ ناھي
ڪتاب لکڻ کان پوءِ
ھڪ ٻيو ٿي وڃي ٿو
ڪتاب بابت پڇيس
تہ 'ساڳئي' تخليقي پراسيس تي
ھڪ وار وري
سجاڳ سطح تي اچي
سمجھڻ سمجھائڻ ناممڪن آھي
تنھنڪري ئي
مھاڳ بي مطلب آھي

مٿان وري
نقاد ھن تي لکي
تہ
بي مطلب تي وڌيڪ بي مطلب لکڻ آھي

نقاد ٻيو آهي
ٻاهر آهي
ڏاريو آهي
جيڪڏهن ليکڪ ئي لکڻ جي پراسيس کان ساڳيو نہ آهي
تہ ٻيو نقاد ڇا ٻڌائيندو
هزارن سالن کان تيندي آيل تنقيد
بيسود ڪوشش آهي
بنھ بيڪار
تنهنکري نقادن کي
ڏکو ڏئي ٻاهر ڪڍو ڪيو وڃي

هن مهاڳ ۾
مان مهاڳ نڪو لکان

سنڌ ۾ منهنجا دوست
هڪ هٿ جي آڱرين کان بہ گهٽ آهن
مان هڪ ڏکئي ليکڪ کان بدنام آهيان
منهنجا پاڻڪ جزوي آهن
مان ان ڪٿي مان مطمئن آهيان

پهريون ڀيرو سنڌ ۾
ڪتابي صورت ۾ ڇپجڻ
وڏو داد پنهنجي 45 سالن جي پراڻي دوست
شوڪت حسين شوري کي ڏيان ٿو

ء
روشني پبليڪيشن جي مالڪ علي نواز گهانگهري کي
جنهن جرئت ڪري
مون جهڙي ناممڪن ۽ ڏکئي ليکڪ کي
ڇپڻ جو جوکم ڪيو آهي
جڏهن سنڌ جا پبلشر
هند جي سطحي - معمولي ليکڪن کي
ڇپيندا رهيا آهن.

لعل پشپ

لعل پشپ جا ناول

فڪشن جنهن کي اسين افسانوي ادب سڏيون ٿا، ڪهاڻي ۽ ناول ان جون ٻه صنفون آهن. انهن ٻنهي مان ڪهاڻيءَ کان وڌيڪ ناول کي اهميت حاصل آهي. دنيا جي ٻين ٻولين جي مقابلي ۾ سنڌيءَ ۾ وري ڳالهه اُبتي آهي. اسان وٽ وڌيڪ اهميت ڪهاڻيءَ جي صنف کي آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته سنڌيءَ ۾ ناول تمام گهٽ لکيا ويا آهن يا ناول لکندڙ مرڳو آهن ئي ڪونہ. ڪجهه ڪهاڻيڪارن ناول لکيا آهن ۽ انهن پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ وڌ ۾ وڌ ٽي چار ناول لکي ورتا، ته اها ٻه سنڌي ادب لاءِ وڏي ڳالهه آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته سنڌيءَ ۾ جيڪي ناول لکيا ويا آهن، سي طويل ڪهاڻيون آهن يا وري قصا آهن. عالمي ادب جي معيار جي لحاظ کان سنڌي ناول سڏن ناولن جي ليکي ۾ ئي ڪونہ ٿا اچن. ائين ڪٽي ڇنڇجي ته سنڌي ادب ۾ ناول جي صنف ۾ صفا سُڄ آهي، پر رڄ جي سڄ ۾ ڪٽي ڪٽي ساوڪ ٻه هوندي آهي. لعل پشپ جا ناول ٻه سنڌي ادب ۾ ان ساوڪ وانگر آهن. انهن کي پڙهي ائين ڄڻي سگهجي ٿو ته سنڌي ادب ۾ جيڪڏهن شاهڪار نہ، ته ڪجهه ڇگا ناول ضرور لکيا ويا آهن.

انهن ڳاڻ ڳڻين سڏن ناولن جي ليکڪ لعل پشپ سڀ کان پهرين سنڌيءَ ۾ ٽرائلاجي لکڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي. ان ٽرائلاجي جي سلسلي جو پهريون ناول "هڪ سرد ديوار" آهي، جيڪو 1969ع ۾ شايع ٿيو. ٽرائلاجي جو ٻيو ناول "اها ديوار آسمان تائين" 1981ع ۾ ڇپيو. ٽرائلاجي جو ٽيون ۽ آخري ناول جيڪو لعل پشپ لکڻ ٻه شروع ڪيو هو، پر ڪن سببن جي ڪري ان کي مڪمل نہ ڪري سگهيو.


ٽرائلاجي جي ٻن ناولن "هڪ سرد ديوار" ۽ "اها ديوار آسمان تائين" جي وچ ۾ هن جو هڪ ٻيو ناول "تڏهن ۽ هاڻي" 1975ع ۾ شايع ٿيو. لعل پشپ جو نالو

مادرن سنڌي ڪهاڻيءَ جي وڏن ڪهاڻيڪارن ۾ ليکجي ٿو. سندس ڪهاڻيون سنڌ ۾ شايع ٿيون آهن، پر ناول شايع نه ٿيا آهن. مٿي ڄاڻايل لعل پشپ جا ٽئي ناول جيڪي هن پهرئين جلد ۾ موجود آهن، سي سنڌ ۾ پهريون پيرو ڇپجي رهيا آهن. لعل پشپ جا به مشهور ناول "هن جي آتم جو موت" (جنهن تي ڪيس انڊيا جي ساهتيه اڪيڈمي طرفان بهترين ناول جو ايوارڊ ڏنو ويو هو) ۽ "ڪچ نه ٽيڻ جو حادثو" هٿين جلد ۾ شايع ڪيا ويندا.

لعل پشپ جي ناولن تي انڊيا ۾ گهٽو ڪجهه لکيو ويو آهي. سنڌ ۾ پڙهندڙن جي لاءِ اهي ناول اڃا به نوان آهن. ٽي سگهي ٿو، سنڌ ۾ اهي ناول ڪجهه ليکڪن وٽ پهتا هجن، پر عام پڙهندڙ سنڌي ادب جي ايڏن اهم ناولن کان غير واقف آهن. ان ڳالهه جي ازالي ڪرڻ خاطر لعل پشپ جي ناولن کي سنڌ ۾ شايع ڪري عام پڙهندڙن تائين پهچائڻ جي شروعات ڪئي وئي آهي. مون کي پڪ آهي ته انهن ناولن جي پڙهڻ سان سنڌي ادب جا پڙهندڙ هڪ تمام وڏي ليکڪ لعل پشپ کي نئين سر دريافت ڪندا.

شوڪت حسين شورو

مک سرد دیوار



پيو ڏينهن

مون شايد گھٽو ڳالهايو هو، وسڪيءَ جو اثر شايد دماغ تي چڙهي ويو هو. رکشا تيز چال سان ڊوڙي رهي هئي، ليکن هوءَ چپ هئي. مون کي ياد نٿي آيو ۽ مون ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي به ڪٿي، ٿوري دير اڳ، هن جي پڇڻ تي مون هن کي ٻڌايو هو 'مون وسڪي پيتي آهي' يا هن نه پڇيو هو، مون خود هن کي ٻڌايو هو. ڪجھ ياد نٿي آيو. هوءَ گھٽي وقت کان چپ هئي. ٻيءَ طرح مون محسوس ڪيو ته مون جڏهن هن کي ٻڌايو ئي هو ته مون اڄ وسڪي پيتي آهي ته ان ۾ اها ڳالھ فرق نٿي آڻي ته هن جي پڇڻ تي ئي ٻڌايو هيم يا هن جي نه پڇڻ تي به ٻڌايو هيم. بلڪل رواجي ڳالھ هئي. ڳالھ ۾ فرق اوترو ئي رواجي هو، ليکن جنهن حالت ۾ مان هوس جنهن مان هن سان گڏ گڏري رهيو هوس - اتي، اها ڳالھ، ان فرق کي ڪٽي ٻيو موڙ ڏئي ٿي بيٺي. يعني ڳالھ ۾ اهميت نه هوندي به انهن مخصوص گھڙين ۾، اسان ٻنهي جي ان مخصوص من استٿتيءَ کي ڪٽي، ان کي هڪ پنهنجي اهميت ملي ويئي هئي. ڇو ته ان ڳالھ کي ياد ڪرڻ پٽيان مون کنهن ٻيءَ ڳالھ جي نتيجي تي پهچڻ ٿي چاهيو. هوءَ ڪيتري دير کان پوءِ چپ رهي هئي، ان ڳالھ جي سڌ تڏهن ئي پٽجي سگھي ٿي ته ان چپ کان اڳ هن چا ڳالهايو هو. تڏهن ٿي ياد ڪندي ڪندي، يڪايڪ منهنجو ان ڳالھ ڏانهن ڌيان ويو ته شايد هن اهو پڇيو هو ته مون اڄ وسڪي پيتي هئي؟

غير واقف رستن جون بتيون پٽيان ٿي هٽنديون ويون، حضرت گنج نه معلوم ڪيترو پٽيان گھلجي ويو هو، ليکن غير واقف رستن سبب مان نه ڄاڻي سگھيس ته

منزل ڪيتري نزديڪ آهي. شايد ايترو به ڪافي دور هئي. چو ته جتي لهڻو هو، اتي لڳ ڀڳ ميلو لڳل هو. رنگين روشنين ۽ هوا ۾ لهرائيندڙ شور جو ايترو ته ڪوئي نشان نه ملي رهيو هو. مان چاهي رهيو هوس، هن کي ڪجهه ٻڌايان، يا هن کان ڪجهه پڇان، يا هوءَ مون کي ڪجهه ٻڌائي يا مون کان ڪجهه پڇي. ليڪن مان ڪجهه ٻڌايان - پڇان، اهڙو ڪجهه خاص مون کي ان وقت ملي نه رهيو هو ۽ هن جي ڪجهه ٻڌائڻ - پڇڻ جو ڪوئي پروسو نه هو. سڀ خالي ۽ اونداهو هو - رستي جيان. هڪ دفعو منهنجي من ۾ آيو ته هن کان پڇان ته اسان ڪٿي آهيون. هن کي چگيءَ طرح معلوم آهي، لڪنڙ جي چپي چپي کان هوءَ واقف آهي، ليڪن ان خواهش کي دٻائي ڇڏيم. چو ته، بعد ۾، سوچيم ته اهڙو سوال اسان ٻنهي کي ڪنهن رواجي سطح تي آڻي اُڇليندو. تاڙ برابر گهٽجي ويندو، ليڪن ڪنهن اسپاويڪ گفتگوءَ کي جنم ڏيئي، ٿوري وقت بعد وري اڪيلائي هلي ايندو... شايد وڌيڪ شدت سان اڪيلائي هلي ايندو. اچانڪ اسان ڏٺو، انڌيرو ڪٽي دور ٽي ويو، اسان جي خاموشي تڻي ويئي.

"باقي گهٽا ڏينهن؟" هن پڇيو، هيٺ جهڪي.

منهنجو هٿ ڇُولهيندو ڇُولهيندو هن جي هٿ کي پڪڑي آيو ۽ ان کي هڪ هلڪو زور ڏيئي، الڳ ٽي، موڪي، هيٺ لڙڪي آيو.

لڪنڙ.

چند لمحا، بي زبان - جن کن لڪيرن کي کينچي چڏيو. خود بي زبان هوندي به جن لڪيرن کي انهن کينچي چڏيو، انهن جي زبان زندگي ۾ ڇالهائيندي، گواهي ڏيندي، پنڌيان وٺي هلندي، پتنگ جيان هنن لمحن جي چوطرف ڦرندي، ڦٽڪندي...

تيسين - تيسين به گهٽا ڏينهن؟

هن جو ٿئي سوال جڏ مون ۾ پڙاڏو ڪٽي آيو. باقي گهٽا ڏينهن؟

شايد به، ان کان پوءِ هڪ ڏينهن ڪاٽيور ۾ گذارڻو هو، ان کان پوءِ دهليءَ وڃڻو هوس اڪيلو، دوستن کان الڳ، هنن مان گهٽا واپس گهرن طرف ويندا. مان دهليءَ ويندس. مان جتي به ويندو آهيان، اتان دهليءَ ويندو آهيان...

"ٻہ ڏينهن ايڏا آهن." مون چيو-

منهنجا لفظ، رڪشا جي ٽن ٽن ۾ چلجي، هوا ۾ گهلجي ويا. مون: ان ۾ شڪ نہ آهي، 'باقي' لفظ ڪيڏي، 'ايڏا' وڏو تہ جيئن تاڻ هلڪو ٿئي ۽ هڪ ٻئي جي موجودگي بوجو نہ رهي. جو، جيترين گهڙين لاءِ آهي، گهٽ نہ آهي، گهٽو آهي... مون ٿورو ڪسڪي پاڻ کي هن سان لڳايو ۽ هن جي بدن تي پيل سئيٽر جي گرمي مون کي سٽي لڳي. هن سان لڳي ويهڻ ۾ سردي سٽي لڳي رهي هئي. هن ڏنو تہ مان ڏڪي رهيو آهيان. هن ڪجهہ نہ چيو. پاڻ کي مون سان وڌيڪ لڳايو. پوءِ ڇڻ ان حرڪت کان ساوڌان ٿي هن چيو، "پردو چاڙهي ڇڏيان؟" هن چيو ۽ جواب لاءِ نہ ترسي پٽيان منهن ڦيري پردو هيٺ ڪيو. ڇڻ سيون هيون جن جو پٽيان ڇيڻ بند ٿي ويو. پردي هيٺ ڪرڻ سان ڪافي گرمي آئي ۽ اونده ايڏا بہ وڌي. بند رڪشا ۾ هن جا سواس منهنجي اردگرد ڪتڪتائي ڪرڻ لڳا. اسان جو سڄو وهنوار رشتي جون حدون سڀاڻي آيو هو، ليڪن تنهن ڪري ئي ڪٽي اسپاويڪ بہ ٻڌجي ويو هو. ڇڻ، هڪ ٻئي کي ٻڌائڻ جي ضرورت نہ هئي. اسان کي سڌ هئي، تہ اسان ڪٽي ٻينا آهيون، ڪيترو وقت بيهڻو آهي ۽ پوءِ اڪٽي هلي وڃڻو آهي. شايد وچ ۾ هن ٿورو مشڪيو هو، بدن کي ٿورو لوڏيو هو ۽ ڇڻ ڪنهن لڪل سوراخ مان منهنجي من جي ڪوئڙيءَ ۾ بند ٽيل سپ ڏنو هو. ان ڳالهہ جي پيٽ مون کي بيحد تسڪين ڏني تہ ٻاهر ڪان وڌيڪ حقيقت، اسان ٻئي جاڻون ٿا، اندر رڪشي ۾ آهي ۽ رڪشي ڪان وڌيڪ حقيقت، اسان ٻئي جاڻون ٿا، اسان ٻنهي جي من ۾ آهي. حضرت گنج جي ڪشاديءَ سڙڪ جي ڪليل هوا ۾ هڪ دفعو آسمان طرف نهاري هيٺ جهڪي جڏهن هوءَ رڪشي ۾ منهنجي پرسان اچي ويئي هئي، تڏهن ئي هن پڇيو هو، "تون شادي شده آهين؟"

اها هڪ، هن کي ڪٽي، اهڙي حقيقت هئي، جنهن کي جيترو مختصر ٿي سگهيو، مون ٻڌايو. "ها."

هڪ ڪن لاءِ، گهٽ ۾ گهٽ مون لاءِ، اُن بعد، اُن ڪڙاڪيدار سرديءَ جو ڪوئي احساس نہ رهيو. ليڪن نہ معلوم ڪيئن، مون جلد پاڻ کي سنيالي ورتو. ان کان وڌيڪ، ڇڻ من ۾ ڪٽي سنتوش ملي آيو. ممڪن آهي، پاڻ کي جلد سنيالي وٺڻ پٽيان اُن سوال اُٽڻ جي سمياونا هئي جا مون کي ڪٽي ڪاٽيندي رهي هئي ۽ هاڻ، اُن نہ رهڻ سان، ان جو بوجو بہ نہ رهيو هو.

"تازي شادي آهي؟"

شادي، شادي آهي. گهٽ ۾ گهٽ، هن کي ڪٽي، تازي جهونيءَ سان ڪوئي فرق نه اچڻو آهي. ليڪن هڪ سوال اُٽندو آهي جو من مان سڏو ايندو آهي، 'ڪارڻ' ڪان ڪسڪي، ڏهن جي پاسي نه وڃي، پهرين سوال جي سلسلي ۾، سڏو منهن مان ايندو آهي.

"گهڻو وقت ٽيو؟"

رڪشا رڪجي ويئي. اسان هيٺ لٽاسين. مون چاهيو ته ڊوڙي ان گوڙ ۾ گم ٽيان ۽ سپ ڪان بچيو رهان. خواه مخواهه تڪليف ونڊي آهي - ورتي آهي، خواه مخواهه ان کي وڌائڻو آهي. ان رات پروگرام به سنو هو. ڪٽان ڪٽان جا دوست آيل هٿا ۽ هنن سان ڪٽان ڪٽان جا پروگرام رٽيل هٿا، گڏ لکنؤ گهمڻ جا، گڏ ڪيترين ڳالهين تي بحث ڪرڻ جا. ليڪن مون ته ايا ڪيترن کي ڏٺو به نه هو. ڪيترا هٿا جن کي مان ڳولهي رهيو هوس، ڪيترا هٿا جي مون کي ڳولهي رهيا هٿا. ليڪن ٻيو ڏينهن گذري ويو هو، لکنؤ آئي، مشڪل سان ڪنهن کي ڏٺو هوم. بس، ڏينهن ان ميلي جي نزديڪ واريءَ هوٽل جنهن ۾ لٽل هوس، ۽ حضرت گنج وچ ۾ به - تي - چار دفعا رڪشي ۾ چڪر ڏيندي گذريو هو.

ٻهوبون ڏينهن

رات جي وقت ميلي جي وڏي پنڊال مان ٻاهر نڪري چانهه جي اسٽال ڏانهن وڌي رهيو هوس ته ٻه ٽي ماڻهو جن سان گڏ هڪ جوان، بادامي رنگ جو سئيٽر پاتل چوڪري به هئي، منهنجي نزديڪ وڌي آيا. هو ماڻهو اُتان جا، لکنؤ جا ئي ٽي لڳا ۽ هنن مان ڪوئي به منهنجو واقف نه هو. هنن مان هڪ هٽ وڌائي منهنجو هٽ پڪڙيو ۽ مون پنهنجو هٽ هن جي هٽ مان ائين ڪڍي ورتو، جڻ برف جي ٽهيل جنبوريءَ ۾ وجي ڦاٽو هجي... ايترو سرد، يعني مون لاءِ ايترو سرد. هن چوڪريءَ طرف نهاري چيو، "هيءَ آهي مس تارا، توهان سان ملڻ ٽي چاهيائين." مون ڏٺو، مس تارا ايتري سنهي هئي جو هڪ ٻانهن ۾ سجي هلي اچي ۽ ايتري ڊگهي هئي جو ڪنهن کي به هن جا چپ چمڻ لاءِ هيٺ نه جهڪڻو پوي. مون روشنيءَ ۾ ڏٺو ته هوءَ پيلي هئي ۽ مون کي پڪ ٽي ته هوءَ پيلي هئي ئي، روشنيءَ جي ڪري پيلي نه لڳي رهي هئي. هو هليا ويا، هوءَ اڪيلي هئي. مون هن ڏانهن سڏو نهاريو ۽ لڳو ته ڏسڻ ۾

سڀي آهي ۽ سٽيٽر ۾ ڏاڍي سڻي آهي. مون چيو ته چئو. هن چيو ته هڪ عرصي کان هن مون سان ملڻ ٿي چاهيو. مون چيو، ملڻ - وڇڙجڻ جي اڳيان هڪ عرصي يا هڪ يگ وجهڻ سان هڪ سڻي ڳالهه کي خراب 'پوئڻ' (شعر) جو رنگ ڏيڻ آهي ۽ ان سڄي پوئٽريءَ لاءِ مون کي سخت چڙ آهي. هن کلي ڏنو، منهنجي کلندي کلندي وڏيڪ کلي ڏنو. مون چيو، چانهه پيئون. هن چيو، اڄ سردي وڌيل آهي، ها، پيئون. اسان پيتي. مون سگريٽ ڪايو. هن هٿ وڌايو ته مان اڇرج ۾ آيس. هڪ سنڌي چوڪريءَ جي هڪ کليل سنڌي ميلي ۾ سگريٽ پيئڻ جي خواهش ڏيکارڻ مون لاءِ اڇرج جي ٿي ڳالهه هئي. ليڪن هڪدم مون پاڻ کي سنياليو ۽ پاڪيٽ هن طرف وڌايو. هن دکائڻ لاءِ منهنجي آڱرين ۾ جهليل سگريٽ چڪي ورتو ۽ ان مان پنهنجو سگريٽ دکائي چيو، "ماچيس سان دکائڻ نه ايندو آهي." مون کجهه نه چيو ته هن ٿي چيو، "عادت نه آهي، کڏهن کڏهن پيئندي اهيان. پڙ ٻڌيءَ جي برانڊ ڪٽي نه ملندي آهي، هن کي هر انڊين چيز سانڻ غصو آهي." مون کجهه نه چيو، چپ چاپ سگريٽ پيئندو رهيس. هن چيو، "تمام گهٽا ماڻهو آيا آهن، لڳي رهيو آهي لکنؤ جا سڀ سنڌي اچي پلٽيا آهن." مون ڪنڌ جي لوڏي سان هن جي ڳالهه جي تائيد ڪئي. مون چيو، "هن ميلي ۾ توهان جي دلچسپي آهي؟" هن چيو، "مان توهان لاءِ آئي آهيان." هوءِ ايتري صاف، ايتري شفاف هئي جو مون پاڻ کي هن طرف بلڪل آزاد ڏنو - آزاد، ڪليل ۽ سپاويڪ. من ۾ آيو، جنهن کن هو ماڻهو هن کي منهنجي سامهون اڪيلي چڏي هليا ويا هتا، ان کن ٿي من ۾ آيو هو، هن کان پڇان ته هوءِ مون کي ڪيئن سجائي ۽ چو ٿي ملڻ چاهي. ليڪن ڪوئي به ڪتوهل ڏيکارڻ ڪوڪلائپ آهي ۽ مون کي ان کان سخت چڙ آهي. مان ان ٽوپيءَ کي اتفاق سان کڏهن پنهنجي مٿي تي پيل ڏسندو نه آهيان ته جهٽڪو ڏئي پري اڇلڻ پسند ڪندو آهيان. جڏ اها ٻئي ڪنهن جي ٽوپي آهي. چوان ته هڪ اهڙي پيڙ جي ٽوپي آهي جا پيڙ هن پنڌال ۾ جمع آهي. اتي هڪ ٻئي جا چهرا ملي ويندا آهن، هڪڙن کي ٻين جا چهرا ملي ويندا آهن ۽ شخصيتون گسجي ويندين آهن. اها پيڙ جتي ڪٽي آهي، پاڻ بچائڻ مشڪل آهي ۽ شخصيت مري ويئي آهي. چند خوشنصيب (يا بدنصيب؟) آهن جي ان حقيقت جو لاش ڍوئي بي فائدو چلائي رهيا آهن.

مون چيو، "مان انهن مان هڪ آهيان."

سگريٽ جو دونهون هن جي اندر گهٽجي ويو ۽ هوءِ زور زور سان کنگهندي مون طرف نهارڻ لڳي. پوءِ گلو صاف ڪندي چيائين:

"توهان انهن کهڙن مان هڪ آهيو؟"

مان شڪجي آيس ۽ 'ڪجھ نہ' کان ڏيڪ ڪجھ نہ چئي سگھيس.

"توهان هوا سان ڳالهائي رهيا هئا." هن مشڪي چيو.

مون مشڪي چيو، "ها، مان هوا سان ڳالهائي رهيو هوس."

"هوا به توهان سان ڳالهائيندي آهي." هن پنهنجي مسڪراهٽ کي قائم رکيو.

"هوا ڪنهن سان به ڳالهائيندي آهي - هوا، آسمان، لهرون جڏهن ڪوئي خوبصورت ساڻي گڏ هوندو آهي."

هن دفعي، رواجي حالتن ۾، هن کي شڪجي وڃڻ ڪپندو هو. ليڪن هن شرارتي نوع ۾، عجيب نموني دونهون چڏيندي چيو، "يو آر پرفيڪلتي رائيٽ."

هڪ ڪن لاءِ، مون پاڻ ۾ ڪافي بدل سدل ڏٺي. نہ معلوم ڪيئن، ڪهڙيءَ طرح - پر هڪ جيئن ڪوئي هڪ ڪن لاءِ ڪنهن ڳالهه کان چرڪجي، هٽڪي، ۽ قدم اڳيان وڌي ويندو آهي ۽ وري ۽ قدم واپس ساڳي جڳهه تي موٽي ايندو آهي.

ان کان پوءِ به اسان هڪ هڪ چانهه پيتي. مون هن کي سگريٽ جي 'آفر' ڪئي، هن 'نو، ٿئنڪس' چيو. پروگرام هلي رهيو هو. وچ ميدان تي لڳل وڏي ڪاٺ جي ٽنبي جو پاڇو ميدان جي پيچاڙيءَ کي ڇهي آيو هو. اُن کي ٽيڪ ڏيئي ڪوئي ماڻهو چوڌاري ائين نهاري رهيو هو، جڏ پيڙ ۾ گم ٿي ويو هو، حالانڪ هو بلڪل اڪيلو هو. مون سوچيو ته پيڙ ۾ ماڻهو پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪري سگهي ٿو، ٿهڙيءَ طرح اڪيلائيءَ ۾ پاڻ کي پيڙ ۾ گم ٿيل به محسوس ڪري سگهي ٿو. مون سوچيو، نہ مان هن وقت اڪيلو آهيان، نہ مان هن وقت پيڙ ۾ آهيان. ڪٿي وڃ جي اسٿتي به نہ آهي. اسان ٻئي چپ آهيون، چوڌاري نهاريون ٿا، چپن ۾ مشڪون ٿا، ليڪن ان ۾ هڪ سمجهوتو آهي، سر لتا آهي... هڪ اها خاموشي نہ جا لفظن جي تلاش ۾ تاڻ پريندي آهي. اسان ٻئي جڏ صرف هڪ ٻئي جي موجودگيءَ کان وڌيڪ ڪجھ نٿا چاهيون. جيتوڻيڪ اها ڳالهه الڳ آهي ته رکي رکي، منهنجي من ۾ اها خواهش اُٿي رهي آهي ته هتان اُٿي، هن جو هٿ پڪڙي غير واقف رستن تي گهمان، خاموش رهان ساڳيءَ طرح، صرف گهمان...

"هلون؟" هوءَ.

"ڪٿي؟" مان.

"ٻاهر."

"پروگرام؟"

"مان ان لاءِ نہ آئي آهيان."

مان ترسيس، ڳالهه هن جي اڌوري هئي، جيتري هئي، خوشي کڻي آئي هئي، پر مان ترسيس تہ هوءَ ڳالهه پوري ڪري ءِ جڏهن هن چيو تہ مان توهان لاءِ آئي آهيان، تڏهن مون کي تسڪين ٿي جا بلڪل ڪوڪلائيپ جي نشاني هئي ءِ مون کي ان کان سخت چڙ هئي.

باهر، رکشي ۾، مس تارا؟ نہ، نہ، پنڌ. ها، سنو آهي، پنڌ. ها، رکشي ۾ نہ، جتي ٽڪجداسين اتي کائي رکشا ملي ويندي. روشنيون پنهيان. پري انڌڪار. پر هلي رهيا آهيون تڪڙا - جڙ اسان لاءِ پنهيان انڌڪار آهي، روشنيون پري آهن. ايتري رات جو رکشا ملي ويندي؟ رکشا کيتري ۾ رات جو ملندي آهي. ها، نہ ملي، پوءِ ۾ سنو آهي. صاف ڪل. ڪليل ماحول. مليل ۾ هٽ. لڳي لڳي هلندڙ ۾ جسم. روشنين جي دائرن کان ٻاهر. چار سال منو وگيان پڙهيم. لکنؤ ۾ ئي؟ ها، لکنؤ ۾ ئي. پڇتايم. جڙ وقت بيڪار ويو. نہ معلوم چو چوڪريون ان وشيہ طرف جلد چڪجي وڃن ٿيون. مان تہ سمجهان ٿي منهنجا چار سال بيڪار ويا. منو وگيان بابت مان ان نتيجي تي پهتي آهيان تہ اهو ائين آهي جيئن پنهنجي ئي وات ۾ لڳاتار زبان ڦيرائجيءِ پڇاڙيءَ جو ڪجهه هٽ ۾ نہ رهي. من کي سمجهڻ جي ڳالهه آهي، ٺيڪ آهي. ليڪن من کي سمجهي سگهجي ٿو؟ مان ائين نٿو سمجهان، مس تارا. هڪ ڳالهه تہ ان وشيہ بابت ان نتيجي، غلط يا برابر، تي پهچڻ سان ئي توهان جو وقت بيڪار نہ ويو. ان طرف توهان پاڻ کي اها سکيا ڏني ءِ من کي سمجهي نٿو سگهجي، يا سموري من کي سمجهي نٿو سگهجي، ان جو اهو مطلب چو نڪرڻ گهرجي تہ جيسين، جنهن حد تائين، گهرائي تائين، ان کي سمجهي سگهجي ٿو، ان کي اوترو سمجهڻ ۾ ڇڏي ڏجي. ٺيڪ آهي، اهو ان جو ضد آهي، اهو من کي سمورو يا سموري من کي سمجهڻ چاهي ٿو... ليڪن اهو ضد ڪهڙيءَ سکيا، سکيا جي ڪهڙي ذريعي ۾ نہ آهي؟ ٺيڪ آهي، سپ کان وڌي سکيا اها آهي تہ هر سکيا اڌوري آهي، بنيادِ تائين پهچڻ جا سپ ذريعا ناڪامياب ويندا.. تنهن هوندي ۾ مان سمجهان ٿو...

مان مڃان ٿي،...

مان سمجهان ٿو،...

مان ميجان ٿي،...

ٻڌو،

پر،

ڪلا،

وگيان،

ٽيڪنالاجيڪل يگ،

شخصيت جو موت،

سڀ مبهم،

موت،

مبهم،

موت،

منهنجو ته رايو آهي،...

مان توهان جي رايي سان سهمت آهيان،...

منهنجي ويچار ۾،...

توهان جي ان ويچار سان مان بلڪل سهمت نه آهيان،...

ليڪن،...

ليڪن توهان کي مڇڙو ئي پوندو ته منهنجو گهر اچي ويو،...

"اوهه-"

"گڏ نائيٽ."

مان سگريٽ ڪڍان ٿو، ڪايان ٿو ۽ دونهون زور سان انڌڪار ۾ ڇڏيان ٿو. ڇڙ ايترو زور سان ڇڏڻ سان دونهون انڌڪار کي چيريندو وبندو ۽ ان مان روشني ڪڍندو ويندو. ليڪن مان سوچي رهيو آهيان، منهنجي اردگرد ڪهڙو انڌڪار رهيو آهي، جو ڪنهن به ذريعي سان روشنيءَ ۾ ڦري ويو آهي...

"پوءِ؟"

"رڪشا پڪڑيان."

"سو ته ٺيڪ، سياڻي؟"

"اتي اڇج."

"هتي اڇجو."

"هتي؟"

"اشوڪ ڪيفي ۾-"

ٽيون ڏينهن

ان ميلي کان ٻاهر هڪ هوٽل. ان هوٽل اندر اسان ٻه، مان ۽ تارا. اهو ڏينهن لکنؤ ۾ آخري ڏينهن هو. ٻئي ڏينهن ان سڄي ميلي کي اتان کٽي کانپور جي زمين ۾ کوڙڻو هو. سڀ دوست لکنؤ جون خاص جڳهيون گهمڻ ويا هئا. مان خواهه مخواهه هنن کان دور هن نئين درد کي خريدي رهيو هوس. هن رشتي جي کائي منزل نه هئي. اهو اڄ ئي ختم ٽيڻو هو. سڀ بيڪار بيڪار لڳي رهيو هو ۽ خالي خالي لڳي رهيو هو. منهنجي پيرن ۾ زنجيرون هيون... ۽ هن جو، هن ان ڏينهن ٻڌايو، رشتو لڳ ڀڳ ٻڌي ٽي چڪو هو ۽ جڏهن مون هن کان اهو پڇيو ته مسٽر نريش ۾ چا نه آهي، تڏهن هوءَ ڪجهه ياد نه ڪري سگهي. جيئن مان ياد ڪري رهيو آهيان، وچ وچ ۾، ڪنهن ڳالهه جي سلسلي ۾، هن هن جي ساراهه ئي ڪئي هئي. اسان جي اڳيان وڌڻ جو ڪوئي سبب نه هو ۽ ٻڌيان موٽڻ جا سڀ سبب هئا. ليڪن، اسان ٻنهي جي، اهڙي حالت ٿي وئي هئي جو اسان ٻئي نه وڌيڪ اڳيان وڌي رهيا هئاسين، نه وڌيڪ ٻڌيان موٽي رهيا هئاسين.

"اڄ؟"

"آخري ڏينهن آهي."

"توهان به ڪانپور ويندا؟"

مون ڪوئي جواب نه ڏنو. اسان ٻنهي جي وچ ۾ هڪ سرد ديوار کڙي ٽي وئي هئي، اسان جي الڳ الڳ شخصي حالتن جي بنياد تي، ان کي اسان ٽوڙڻ ۽ پڇڻ ٽي چاهيو. جڏ ان کي هڪدم ئي ٽوڙڻ پڇڻ جي ڪائي راه نه پائي، پنهنجي لاچاريءَ تي اسان ٻئي خفي ٿي رهيا هئاسين. ان لڳاتار مانسڪ تاڻ کان، وچ وچ ۾، ٽڪجي پنهنجن جسمن کي هڪ ٻئي سان لڳائي رهيا هئاسين. جيتوڻيڪ، مان هاڻي سمجهي رهيو آهيان، ان وچ واري ذائقي، پاڻ ڌهرائڻ لاءِ، ان مانسڪ تاڻ کي هڪ ٻهانو، هڪ بچاءُ ڪري به ڪم آندو هوندو- يا جيئن ان ذائقي جو پنهنجو سياءُ هوندو آهي، پاڻ ڌهرائڻ لاءِ، اهو سيني قسمن جا طريقا ڳولهي ونندو آهي، ان اسان ٻنهي جي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ، اسان جي ئي ان تاڻ کي گهرو ڪري آيو هوندو، جيئن جلدي ٽڪ ٽٻئي ۽ اهو پاڻ ڌهرائي سگهي.

ڪجهه نه ڪجهه نتيجو اڄ نڪرڻ کپي. وقت جي تنگيءَ جي اها مڃهيل مجبوري، اسان ٻنهي کي انهن ٽورن ڪلاڪن ۾ هڪ ٻئي جي ايترو قريب ڇڪي

آئي هئي، جا هوندئن ٻيءَ طرح رواجي حالتن ۾، ٻن ڏينهن کي ايترو قريب وٺي اچڻ ۾ ڪجھ مهينا لڳائي. هوءَ سمورو وقت نهاري رهي هئي، رکي رکي صرف مشڪي رهي هئي ۽ مان سمورو وقت خاموش خاموش رهيو هوس ۽ رکي رکي هن جو هٿ پڪڙي چڏي ٿي ڏنم. جڏ انهن نندين نندين حرڪتن سان هڪ طرف اسان 'ان سرد ديوار' کان پنهنجو پنهنجو ڏيان هٽائڻ ٿي چاهيو. ائين به هو، انهن حرڪتن سان ان ديوار کي هڪدم نه پيڄي سگهڻ جي لاچاري سبب اسان ان ۾ ننڍا ننڍا سوراخ ڪري رهيا هئاسين.

چانهه جي اچڻ سان ۽ سگريٽ دکائڻ سان مان سوچڻ لڳو آهيان ته فڪر اجايو آهي. اسان ٻنهي سان ڪجھ نٽون نه ٿي رهيو آهي؛ ته هر رشتو ٻن طريقن سان پورو ٿيندو آهي. هڪ پائڻ کان اڳ سرد ٿي ويندو آهي، ٻيو پائڻ کان پوءِ سرد ٿي ويندو آهي. جو پائڻ کان اڳ سرد ٿي ويندو آهي، اهو اسان قبولي ونندا آهيون- درد اتي به ٿيندو آهي، ليڪن قبولي ونندا آهيون. ليڪن جو پائڻ بعد سرد ٿي ويندو آهي، ان کي قبولڻ لاءِ اسان تيار نه هوندا آهيون، ان کي قائم رکڻ لاءِ اسان قسمن قسمن جا دليل گڏ ڪندا آهيون، ان کي حقيقت جي قيمت تي گهليندا رهندا آهيون...

"گرمي آهي." هن چيو.

"گرمي آهي؟" مون چيو.

"نه آهي؟"

"مون کي نه ٿي رهي آهي."

"ڪمبخت هي سئيٽر..." هن چيو ۽ پوءِ هيٺ جهڪي هڪ هڪ هُڪ ڪولي اهو لاهي ورتائين. اڃ هن جو سڄو دم، ان سئيٽر گهٽي رکيو هو، هن هڪ لنبو ساهه ڪنيو. مون انهن ٽن ڏينهن ۾، جڏهن به هن کي ڏٺو، ان سئيٽر ۾ ڏٺو. ۽ هاڻ، مون ڏٺو، اڃ مان هن کي پهريون دفعو ڏسي رهيو آهيان. هوءَ نٽين نٽين لڳي رهي هئي. مون ڏٺو ته هن جي ڇاتي ايتري سخت نه آهي، جيئن پهرين سئيٽر ۾ نظر آئي هئي - شايد سوڙهي سئيٽر سبب نظر آئي هئي. اُن سنهيءَ، ڏگهيءَ ۽ پيلڻيءَ ڇوڪريءَ جي جسم کي پنهنجن ٻانهن ۾ پيسي چڏڻ لاءِ منهنجو سڄو بدن پيڙا ۾ جلڻ لڳو. هڪ زوردار لهر جيان هن سان ٽڪرائڻ لاءِ ڇڪتاڻ ڪرڻ لڳو. مون نزديڪ وڃي هن جا وار هٽايا ۽ هيٺ جهڪي هن جي ڳل تي پنهنجا چپ رکيا. هن ڪجھ نه چيو ته اهي اتي ئي رهيا. هن جا چپ ڪنهن پڪيءَ جي زخميل پرن جيان ڦڙڦڙ ڪرڻ لڳا. نه معلوم هن مون ۾ ڇا پريو هو جو مان هن کي چوڻ چاهي رهيو هوس ته مان تنهنجو شڪرگذار آهيان، بيحد شڪرگذار. ليڪن نه معلوم ڇا هو جنهن ساڻئي وقت مون

کي خاموش ٻه رکيو ۽ تڏهن مون ۾ هن جي شڪرگذاري مڃڻ جي ايتري ته تيز خواهش جاڳي جو مون پنهنجون ٻانهون ڊگهيڙي هن جي چوڌاري ورايون ۽ هن کي چڪي پاڻ سان جڪڙيو. مون کي لڳو ته هن جي اکين ۾ آهي ته منهنجو هن کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائڻ شڪرگذاري مڃڻ آهي. مون کي لڳو ته هن مڃي ورتو آهي ته لفظ مون وٽ نه آهن. تنهنکري مان سڏو، دل جي ڏڙکن سان هن جو ڏڙکن ذريعي هن طرف شڪرگذاري مڃي رهيو هوس...

۽ پوءِ جڏهن فنملي روم جي بند دروازي تي آگر جي ٽک ٽي ته اسان ٻئي ٽيڪ ٽي ويناسين. اچانڪ، وچ ۾ بينل اُها 'سرد ديوار' وري نظر آئي. ٻنهي کي. اُن کي هٽائڻ جو کوئي اُپاءُ نٿ آهي. اسان ٻئي جڏ کن اڳ، کن لاءِ، مليا ٻه هياسين ته ان جي سوراخن مان آرپار وڃي. مون کي خود لڳي رهيو هو ته ڪٽي اُها ديوار ڌهي نه وي. تمام گهٽيون ڳالهيون ٽيندينون ۽ تمام گهٽن گهٽن قسمن جون تبديليون ٽيندينون. مون پنهنجي ۽ هن جي وچ ۾ هڪ مڙد ڏٺو جو مون کڏهن نه ڏٺو هو ۽ جو منهنجي ذهن جو خيالي چتر هو. هن ٻه ڇا پنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ هڪ زال ڏٺي جا هن کڏهن نه ڏٺي هئي ۽ جا هن جي ذهن جو خيالي چتر هئي؟ هوءَ جڏهن ان مڙد سان هوندي تڏهن ڇا پنهنجي ۽ ان مڙد جي وچ ۾ منهنجو چتر ڏسندي؟ ۽ مان ٻه ڇا پنهنجي ۽ زال جي وچ ۾ هن جو چتر ڏسندس؟...

مون هن کي نه ٻڌايو ته مان سڄي رات جاڳندو رهيو هوس، بستري ۾ جلندو رهيو هوس ۽ صبح جو ڪنهن مبهم، غير واقف ڊپ کان گهر تار ڪري آيو هوس ته مان ڪانپور مان سياٽي رات جو ڌهليءَ لاءِ روانو ٽيڻ وارو آهيان. مون پاڻ کي وشواس ڏياريو ته مون ٻئي ڳالهيون ٽيڪ ٽيڪ ڪيون آهن - گهر تار ڪئي آهي ۽ اها ڳالهه هن کي نه ٻڌائي آهي:: سڀ ڪجهه ختم ٿي ويندو ۽ سڀ ڪجهه نئين سر شروع ڪرڻو پوندو. ۽ هن نئين جو ٻه کڏهن نه کڏهن خاتمو ٽيندو ۽ هن سڄي ڀيڙ ڌاهه جو کوئي انت نه آهي. سمجهوتي ۾ هلچل نه آهي، گرمي نه آهي، ليڪن هڪ سهارو آهي ۽ زندگي نشچنت آهي. مون ياد ڪيو ۽ پاڻ کي پرپايو ته هيءَ گرمي ساڳي آهي جا پهرين اتي ٻه هئي. وقت جسم کي ئي رک نه ٻڌائيندو آهي، من کي ٻه رک ٻڌائيندو آهي، من جي پاونا کي ٻه رک ٻڌائيندو آهي. آخري سچائي رک آهي.

اسان وري ٻاهر. ڪليءَ سڙڪ تي. وهندڙ هوائن سان، سياٽي ڪانپور، سڀ سامان ٻڌڻ جي تيارين ۾ هوندا.

"صبح جو گهٽي لڳي گاڏي آهي؟"

"ڏهين."

"لکنؤ خالي ٽي ويندو."

"جي لکنؤ کان ٻاهر ويندا، اهي ان کان ٻه وڌيڪ خالي ٽي ويندا."

"توهان ٻه ويندا."

مون هن طرف نهاريو ۽ جڙ چوڙ چاهيو، ان ۾ شڪ جي چا گنجائش آهي؟ ليڪن، ساڳي وقت مون کي لڳو ته ڪجهه دير کان مان هن تي ناراض هوس ته هوءَ اهو سوال چو نه اُٽاري رهي هئي. مون چيو، "تون چا ٽي چئين؟"

هن چيو، "توهان هتان سڌو دهليءَ نٿا وڃي سگهو؟"

"هڪ ڏينهن وڌيڪ..."

"هڪ ڏينهن چا ٿورو آهي؟"

هن سئيٽر کلهي تي رکيو هو، ان جو هڪ پاسو بلائوز ۾ اٽکائي چڏيو هو، جيئن اهو هوا ۾ اُڏامي نه وڃي.

"تون سياڻي جي رات مون سان گڏ رهي سگهندينءَ، هوٽل ۾؟"

"رات جو دير تائين گڏ هوندا سين، ٻئي ڏينهن تي صبح جو سويل ايندس."

۽ اها ڳالهه، ان رات، موڪلائڻ کان اڳ، هن وري چئي.

آخري ڏينهن

سڀ هليا ويا آهن. ڪليل درين مان لڏندڙ هٽ نٿا نظر اچن. مان اڪيلو هوٽل ۾ رهجي ويو آهيان. هوءَ اچي، تيسين وسڪيءَ جا ٻه ڊڪ پي ونان ٽو. سواد سٺو آهي، شهر غير واقف آهي، ٻه ڊڪ ٻيا پي ونان ٽو. هيلو، تون اچي وئي آهين، سڀ خواب آهي ۽ مان زنده رهڻ چاهيان ٿو.

اسان وري ٻاهر. ڪليءَ سڙڪ تي. تيز اُس ۾.

هلون ٿا. ڪٽي ٻه رڪجون نٿا. ڳالهائڻ لاءِ ڪجهه نه آهي. ٿوري دير لاءِ، وڏ هينان، هڪ پٽر تي ويهون ٿا - وچ ۾ ديوار آهي. اسان ڳالهايون ٿا، ليڪن ڄاڻون ٿا اسان جي لفظن ۾ گرمي نه آهي. مان اتان پڃڻ چاهيان ٿو. هڪ خاموش، گونگي چڪتاڻ آهي جا اسان جي سنهڙي جو حصو آهي. ان ڏينهن هن جلدي وڃڻ جي خواهش ڏيکاري. مون خود چيو، خريداري ڪرڻي آهي ۽ ان لاءِ جلد الڳ ٿيڻ ضروري آهي.

مان دير تائين، اڪيلو پٽڪندو رهيس. مون کي ڪٽي ٻه درد نه ٽي رهيو هو... صرف هڪ خال جو احساس هو. رات جو هوٽل ۾ واپس موٽندي هڪ لڳي ويو. صبح جو سويل گاڏي پڪڙڻي هئي. حساب هن وقت ئي لاهڻ ٺيڪ آهي. هوٽل جو مئنيجر موجود آهي. هو مشڪي هڪ ننڍو پارسل منهنجي اڳيان رکي ٽو. حساب لاهي مان پنهنجي ڪمري ۾ اچي اهو پارسل کوليان ٽو - هڪ ساڙهي ۽ ننڍو خط، صبح جو نه اچي سگهنديس. هيءَ ساڙهي، منهنجي طرفان، پنهنجي پٽنيءَ کي ڏجو.

مون پاڻ کي بيحد هلڪو محسوس ڪيو ۽ سمهڻ سان ئي اکيون بند ٽي ويون.

گاڏي جڏهن هلڻ لڳي ۽ هن هڪ پيرو لکنؤ جي پليٽ فارم طرف نهاريو، تڏهن ئي هن محسوس ڪيو، هو پنڌيان ڇا ڇڏي رهيو آهي... ۽ اڳيان ڇا پائڻ وڃي رهيو آهي. هن تارا کي پليٽ فارم تي ڳولهيو ته هو، حالانڪ ڪيس خبر هئي ته هوءَ اُتي نه هوندي، نه ته رات جو هوٽل ۾ پارسل ڇڏي وڃڻ جي ڪائي معنيٰ ئي ڪانه آهي... ليڪن هن ڳولهيو هو. تارا جي هجڻ جي سمپاونا کان وڌيڪ هن جو سپاءُ هو، جنهن کان هن جي نگاهن اُن پيلي چهري جي تلاش ڪئي هئي. هن جي هر 'ها' ۽ هر 'نه' جي اڳيان، چپ چاپ، هڪ شڪي حالت (جيڪا هن جي هر 'ها' ۾ ٽوري 'نه' ۽ هر 'نه' ۾ ٽوري 'ها' گڏي ڇڏيندي هئي) اچي ويهي رهندي آهي...

تنهن ڪري پڪ هوندي به ته هوءَ نه هوندي، هن ڳولهيو هو. ڪٽي ان (شڪي) پڪ جي هيٺان اها ڏارڻا به ڏيل رهي هئي (جنهن کان پوءِ، ان ساعت، هن کي سڌ نه هئي ته هُو سچيت هو يا نه) ته پليٽ فارم تي اڇڻ سان رات جو هوٽل ۾ پارسل ڇڏي وڃڻ جي ڪائي معنيٰ ئي نڪتي رهي، اِن هوندي به من جي دنيا سان ڪائي معنيٰ لاڳو نه رهندي آهي - معنيٰ سان ۽ منطق سان.

گاڏي جڏهن پليٽ فارم ڇڏي چڪي، تڏهن هن جي اردگرد هڪ خال هو، هن جي هيڻان هڪ ڪڏ هئي ۽ هُو ان خال ۾ لهرائيندو، بولاٽيون کائيندو، هيٺ ڪرندو وڃي رهيو هو، هيٺ ڪڏ ۾، هن محسوس ڪيو، هو ڪرندو وڃي رهيو هو، هيٺ ۽ هيٺ، اونهي ڪڏ ۾: يا هيٺ ڪجهه نه هو، هن محسوس ڪيو، هڪ شاهي خال ۾ هو تري رهيو آهي، ڪنهن به ٺوس آڌار بنا، مٿان ڪجهه به نه آهي، هن محسوس

ڪيو، هيٺ ٻه ڪجھ نه آهي، هن محسوس ڪيو، ۽ هڪ ڪن لاءِ هڪ ڀيانڪ هراس هن جي اندر ۾ گھڙي آيو. جڏھن، ان هڪ ڪن لاءِ هن محسوس ڪيو، ڪٽي ڪجھ ٻه نه آهي، هو خود ٻه نه آهي، هڪ مبھم خيال آهي، يا هڪ ھنڌ روڪيل ڪائي من - اسٽتي، نه معلوم ڪھڙي، هو ڪجھ ٻه محسوس نٿو ڪري. جڏھن ٻه هن سان ائين ٿيو آهي، يعني جڏھن هن محسوس ڪيو آهي تہ هو ڪجھ ٻه محسوس نٿو ڪري، محض هڪ شاهي خالِ هو تري رهيو آهي، پنھنجون سپ راهون ڪوئي، بنا ڪنھن نالي ۽ سجاٽپ جي، تڏھن اھڙو ئي هراس هن کي کائي ويندو آهي.

اڙي، هي هليو ويو آهي. ھي هيترو پنھنجو، پريہ، هميشه لاءِ، اهو 'ڪوئڻ' ڪائي معنيٰ رکندڙ هئڻ گھرجي، ڪائي اهميت رکندڙ هئڻ گھرجي، هن کي گھري پيڙا هئڻ گھرجي، اسھ درد کان هن کي چٽپٽائڻ گھرجي، ڳوڙھن جون ندين وهائڻ گھرجن، سنسار کان ويراڳ ونڻ گھرجي (هاءِ ٻنڌو، مان هاڻ تو بنا ڪيئن رهندس، هيءَ دنيا هاڻ مون لاءِ ڪھڙي ڪم جي!)، خودڪشي ڪري ڇڏڻ گھرجي... ۽ اڄ تارا هلي ويئي آهي، ليڪن هن جو 'اڇڻ' ٻه جڏھن هڪ وھم لڳي رهيو آهي... ليڪن ٿئي ڪجھ نٿو ۽ اهو 'ڪجھ نه ٿيڻ' ئي هن لاءِ 'سڀ ڪجھ ٿيڻ' آهي.

اڄ تارا ويئي آهي.

گاڏيءَ جي رفتار ڪيتري نه سست آهي. هن سگريٽ دکايو ۽ دونھون دريءَ کان ٻاهر اونڌھ ۾ اُڇلايو. سپ دوست کانپور ۾ هوندا. هن وقت 'صحتمند ساهت' تي بحث ڪندا هوندا (اُهو ساهت جيڪو سچو گيھ، سٿو ڪير، اڏ پاڻ رهڙي، پاڻ ڪلو پستن جي لائي، صبح شام سؤ - سؤ ڏنڊ پري لڪيو وڃي، 'صحتمند ساهت' جي ان خوبصورت ۽ نئين تشريح طرف هن جو ڌيان وڃڻ گھرجي. واه، خوب، اهڙي خوبصورت ۽ نئين تشريح!)

صبح جو سويل ئي دهلي ايندڙ.

دريءَ کان ٻاهر اونده جي نه نظر ايندي گرپ ۾ هن جي سگريٽ جو دونھون گم ٿيندو وڃي رهيو آهي.

اڄ تارا ويئي آهي.

هو ئي ڏينھن اڳ لکنؤ آيو هو.

تارا ئي ڏينھن اڳ هن جي زندگيءَ ۾ آئي هئي.

اندر گاڏيءَ ۾ ڪيترا ماڻھو ويٺا آهن ۽ هو اڪيلو آهي. هوننن رواجي طرح

اڪيلائي، خاص ڪري گاڏيءَ جي اڪيلائي، هن کي ڪونہ کائيندي آهي... پر اڄ، هيءَ گاڏيءَ جي اڪيلائي ڪيس کائي رهي آهي. بامبي مان جڏهن هو لکنؤ لاءِ روانو ٿيو هو، تڏهن سڄو گاڏو دوستن سان پريو پيو هو. ڪائي ڳالھ ياد نہ هيس، وقت نہ معلوم ڪيئن ڪٽجي ويو هو. سڀ پنهنجا هئا، محبوب دوست هئا، هنن سان هو گڏ وڏو ٿيو هو، پهريون دفعو سنڌي سميلن "اٽينڈ" ڪرڻ جو اتساھ نہ هو هن ۾، هنن محبوب دوستن خاطر هو ويو هو. هي سفر، اُداس اُداس، اڪيلو - اڪيلو وڃ - وڃ ۾، 'ڪجھ بہ محسوس نہ ٿيڻ' جي خوفناڪ ڪاهيءَ طرف ڌڪيندڙ ته ان سفر کان بلڪل مختلف آهي يا شايد، اڪيلائي لڳي ئي ان ڪري رهي آهي، جو ته ان کان چند ڏينهن اڳ وارو اهو سفر بلڪل پريل پريل هو.

ڏهلي صبح جو سويل ايندي، اتي هن جي پيڙ آهي جنهن هن کي ماءُ وانگر پاليو آهي؛ اتي هن جا الاهي يار دوست آهن، هر دوست دلچسپ، يگاني شخصيت جو مالڪ، ٻي هائوس آهي، ڪافي هائوس آهي، ڪنات پليس آهي، بيحد رنگين ڏينهن آهي، بيحد خوشنما راتيون آهن - تاڻ گم ٿي ويندو ۽ بوجو هلڪو ٿي ويندو، تارا هلي وئي آهي، پل هلي وڃي، سوچڻ اجايو آهي، تاڻ گم ٿيڻ جو ۽ بوجي جي هلڪي ٿيڻ جو سوال ئي نٿو اٿي، جو ته تاڻ آهي ئي ڪونہ، بوجو بہ ڪونهي، سڀ غلط آهي، ڪٽي نہ ڪٽي گڏجڻ آهي... جو ته اهم خال 'ڪيتري بہ وڏي بوجي' کان وڌيڪ بوجو آهي... آهي، يا هئڻ گهرجي؟

هن کي چا ٿي ويو آهي؟

تارا هلي ويئي آهي، شايد هميشه لاءِ، ۽ هو 'ڪجھ بہ محسوس' نٿو ڪري؟

انيڪ چهرا آيا، هلي ويا، هڪ هڪ ٿي، هڪ نہ هڪ سبب ڪٽي، ڪٽي ٻاهريون، ڪٽي اندريون، هن ڪجھ بہ محسوس نہ ڪيو؛ هن کي چا ٿي ويو آهي، هو 'ڪجھ بہ محسوس' ڇو نٿو ڪري؟

ها، هن جيڪڏهن ڪجھ بہ محسوس ڪيو آهي، اهڙيءَ نہ - استتيءَ ۾، ته فقط هراس (يا هڪ طرح جو هراس) ڪيو آهي... ليڪن اهو هراس بہ ڪجھ بہ محسوس نہ ڪرڻ جو نتيجو آهي.

اِن هراس - واري - من اِستتيءَ کان هن هميشه بچڻ چاهيو آهي، ان کي نہ ڏسڻ چاهيو آهي؛ هن ڏٺو آهي، اِهو سڀ 'زندگيءَ جي مطابق' هوندي بہ، زندگيءَ کي آسان نٿو بڻائي... هن باهر نڪرڻ چاهيو. هن فيصلو ڪيو ته هو ڪجھ ياد ڪندو، ان کي پورن تفصيلن سان ياد ڪندو. مثال طور، جيڪڏهن هُو ياد ڪندو ته

تنهن ڏينهن (ٻيون ڏينهن هو يا ٽيون ڏينهن؟) بند فٽماڻي روم ۾ ڪنهن ڳالهه جي سلسلي ۾ تارا چا چيو هو ته هُو اهو به ياد ڪندو ته تارا جي اها ڳالهه ٻڌائڻ وقت هو خود چا سوچي رهيو هو، وچ ۾ ٻئرو گهٽا ٻيرا ٻاهر بند دروازي تي ٽڪ ٽڪ ڪئي هئي (صاحب ٻيو چا ڪيو؟) اردگرد جو ڪهڙو ماحول هو ڪرسيءَ جي ڪهڙي پاسي اسپرنگ ٻاهر نڪري چپي رهيو هو، سڀ تفصيل ياد ڪندو، ڪيترا به ننڍا، خسيس، بي هودا ۽ بي معنيٰ. ليڪن، اهو ته صرف هڪ مثال آهي. ٻيءَ طرح ان بند فٽملي روم واري ملاقات ايتري مهتو واري نه آهي، ان جا تفصيل (مٿي سوچي چڪل) ته ان کان به گهٽ مهتو وارا آهن. ڪائي خاص ملاقات ياد ڪرڻ گهرجي ۽ اهو فيصلو ضروري آهي ته ياد ڪرڻ لاءِ ڪنيل (خاص) ملاقات جا تفصيل ننڍا، خسيس، بي هودا، بي معنيٰ هوندي به ذرا دلچسپ (گڏريل پيڙهيءَ جي قصا گوئي ناولن وانگر!) هجن. وقت ڪٽجي ويندو. وقت ڪاٽڻو هو. هميشه مڪيه مسئلو وقت ڪاٽڻ جو هوندو آهي ۽ اهو خال. اهو هراس. چوٽڪارو ملندو.

"ڪيڏانهن هلڻو آهي توهان کي؟" تارا چيو هو.

"ڪيڏانهن به." مون چيو هو.

اُهو هڪ اهڙو ڏينهن هو جو مون کي گهٽن ڏينهن کان پوءِ سٺو ڏينهن لڳو هو. خوب سردي هئي. ٿوري وسڪي ملي ته هيءُ ايجا به وڌيڪ شاندار ڏينهن ٿي سگهي ٿو. هن شاندار موسم ۾ ته جيڪر دوستن جي بي ايماني به نه ساڙي، جيڪڏهن ياد اچي ته.

"توهان ته ڏکي رهيا آهيو؟"

"نه."

"سردي نٿا سهي سگهو."

"مان ڪجهه به سهي سگهان ٿو."

"... جڏهن ڪوئي خوبصورت ساٿي گڏ هوندو آهي!" هن شرارتي نگاهن سان نهاريو ۽ مسڪرايو. مون نرمل نگاهن سان نهاريو ۽ مسڪرايو.

هن منهنجي ٻئي ڳالهه ڌرائي هئي. منهنجي ٻئي، ڪنهن ٻيءَ ڳالهه جي سلسلي ۾ هڪ ست ڪيي. هڪ ڏينهن اڳ، رات جي وقت، جڏهن هن چيو هو:

'هوا به توهان سان ڳالهائيندي آهي.'

تڏهن مون چيو هو:

'هوا ڪنهن سان به ڳالهائيندي آهي - هوا، آسمان، لهرون، جڏهن ڪوئي خوبصورت ساڻي گڏ هوندو آهي.!'

"پر توهان ڏڪي رهيا آهيو."

"ها مان ڏڪي رهيو آهيان."

"اڄ سردي گهٽي آهي."

"پر جڏهن سردي نه به هوندي آهي، تڏهن به مان ڏڪڻ لڳندو آهيان."

هن اکين جي ڪنڊن مان مون کي ڏٺو هو. ڪجهه نه چيو هئائين، ۽ چپ چاپ هلندي رهي هئي. وري هڪ گهري خاموشي، نه معلوم ڪهڙي وقت، اسان ٻنهي جي وچ ۾ ويهجي ويئي هئي.

اُهو اسان جو ساڻ ڪيترو نه عارضي، ڪيترو نه مختصر هو! ان جو ڇا اسان کي، يا اسان ٻنهي مان ڪنهن کي دک هو؟ لڳي ته نه رهيو هو، مون هن جي اکين ۾ ڪيترا دفعا ڳولهڻ به چاهيو هو، هن جي چهري تي پڙهڻ به چاهيو هو ۽ وچ وچ ۾ مون کي لڳو هو، ڪجهه هوءَ به ان پاڻ کي مون ۾ ڳولهڻ - پڙهڻ جو جتن ڪري رهي آهي... اسان ٻنهي جو، هڪ ٻئي طرف، اِهو ڪتوهل، اڪثر انهن، اهڙين گهڙين ۾ جاڳندو هو، جڏهن اها شانتي اوچتو ئي، چپ چاپ اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڪسڪي ايندي هئي. اهڙين گهڙين ۾ ئي شايد، هن جي من ۾ هڪ پرم جاڳيو هو. مون کي خود به محسوس ٿيو هو ته مان خالي خالي نظرن سان ڪٽي ڪوهيل ڪوهيل آهيان، تڏهن هن پنهنجو منهن منهنجي اڳيان آڻي پڇيو هو:

"پريشان آهيو؟"

"ڇو، نه؟"

"ها."

"توهان جي من تي ڪوئي بوجو آهي؟"

نه معلوم ڪيئن مون سخت آواز ۾ چيو هو، "تون ان نتيجي تي ڪيئن پهتين؟"

"مون کي لڳو ته توهان پريشان آهيو."

مون هن ڏانهن نهاريو ۽ هوءَ نندڙي ٽي وئي. پيلي چهري تي هڪ اُداس پاڇو لڙڪي آيس. هن غط سمجهيو هو. هن سمجهيو هو ته مون سمجهيو ته هن ڪٽي ڇا

سوچيو هو ۽ هن غلط سمجهيو هو. لڳو هو، هن کي چوٽ به پهتي هئي. مون ان جو کوئي فڪر نه ڪيو هو، هن غلط سمجهيو هو، هن کي سزا ملڻ ئي کپندي هئي. اسان جو هينرو گڏ هلڻ، هميشه لاءِ به الڳ الڳ راهون ونڻ لاءِ آهي، هن سمجهيو هو، ته ان ڳالهه مون کي پريشان ڪيو هو، ان ڳالهه مون کي دک پهچايو هو...

اِن سمجهڻ ڪٽي هن کي پنهنجن ئي نظرن ۾ ايترو مٿي چاڙهيو هو ۽ ڪجهه اهڙو مهتو پريو بڻايو هو، جو هن کي گهري سک جو احساس مليو هو، اهڙي سک جو لوڀ رواجي اِسترين ۾ ئي ته هوندو آهي، ليڪن ان ڏينهن مون ڏٺو هو، اهو تارا ۾ به هو.

مون کي لڳو ته ڪٽي منهنجو گهرو اپمان ٿيو آهي. آءِ هيٽ يو، مان چوڻ لاءِ ذري گهٽ تيار ٿي ويو هوس، تارا. مون کي توکان نفرت آهي، توهان سڀ هڪ جهڙيون آهيو، ليڪن هن ڪومل آواز ۾ چيو هو، مون کي معاف ڪر.

مون تارا سان هڪ ننڍڙي لحمي کي به ٻوجهيلو بڻائڻ نٿي چاهيو. مون چاهيو ٿي، هوءَ ڪلندي ڪلندي منهنجي ٻانهن مان نڪري وڃي.

"مان هڪ ڳالهه سهي نه سگهندو آهيان، تارا." مون ان چڪتاڻ مان پاڻ کي ۽ هن کي به ٻاهر ڪڍڻ ٿي چاهيو.

هن صرف نهاريو هو.

"بڪ."

هوءَ ساڳيءَ طرح نهاريندي رهي هئي.

مون وري چيو هو، "مان بک نه سهي سگهندو آهيان، تارا، ان وقت به جڏهن ڪوئي خوبصورت ساٿي گڏ هوندو آهي."

تڏهن يڪايڪ سڀ بدلجي ويو هو. تارا ڪلي ڏنو هو ۽ مون هن کي ڪل ۾ دل کولي ساٿ ڏنو هو ۽ هن منهنجي تمام ويجهو اچي چيو هو، "سچ پچ توهان کي بک لڳي آهي، توهان ٻڌايو ڇو نه؟"

مون هن جي هينئين چپ تي آڱر رکي چيو هو، "انکري نه ٻڌايم ته توکي دک نه ٿئي ته خوبصورت ساٿي گڏ هوندي به مون کي بک لڳي سگهي ٿي."

"آڃا! مسٽر نريش کي ته منهنجي موجودگيءَ ۾ ڪڏهن بک محسوس ڪونه ٿيندي آهي."

ڇا هاڻ هن پنهنجو وارو ورتو هو؟ هوءَ به ڇا هڪ محض استري ئي هئي، ڪنهن به استريءَ جيان، وقت تي وياج سوڏو ونڻ لاءِ تيار؟ ٿورو اڳ جيڪو هن کي

سڪ مليو هو، جنهن جي غلط سبب جاڻڻ کان پوءِ اهو ڦري دڪ ٽيو هو، هوءَ ان جو بدلو چڪائي رهي هئي؟ نريش جي نالي ونڊ جي کڙڪي ضرورت هئي؟ هڪ دفعو وري منهنجي من ۾ آيو، مان هن کي چوان، آءِ هيٽ يُو، تارا، مون کي توکان نفرت آهي، توهان سڀ هڪ جهڙيون آهيو. کنهن به طرح جو نهراءُ توهان کي پسند کونهي. تلاءَ جي شانتيءَ مان توهان کي سنتوش نصيب نه ٽيندو آهي. سمنڊ جي چنچلتائي توهان کي موهيندي آهي (قوهڙ ہوليءَ ۾ گهات گهات جو پاڻي!) کجهه نئون، حرارت پيدا کندڙ، هلچل آڻيندڙ. مون تمام گهٽي کوشش سان پاڻ کي ان چوڻ کان روکيو ته شريف ۽ شانت مرد کي تون، تارا، کڏهن به اُن مرد لاءِ چڏڻ لاءِ تيار ٽيندينءَ، جيکو کنهن ڳالهه، کنهن کاريه سان توکي عجب ۾ وجهڻ جو موقعو ڏي، يا جنهن کي تون چوٽ پهچائڻ جي قابل هجين. مون سڀ سوچيو، کجهه نه چيو، جو مون کي سڌ هئي ته تارا جي شخصيت جي نرااليت، علحدگي، هن کي ٻين استرين کان الڳ کري بيهاريندڙ، ٻاهرين آهي، نقلي هئي. اصل ۾ مون سوچيو هو، هوءَ به ٻين استرين وانگر ئي خسيس آهي. کوکلي ۽ خسيس (چاکاڻ ته کنهن به استريءَ وانگر ئي - رواجي ۽ هڪ جهڙي).

اسان هڪ ريسٽورنٽ ۾ گهڙياسين. يا ائين چوڻ گهرجي، هوءَ مون کي هڪ ريسٽورنٽ ۾ وٺي هلي هئي. جيتوڻيڪ اهو ريسٽورنٽ شهر جي وچ جي حصي ۾ هو، ليکن لڳو، ان ۾ وچولي طبقي جا ئي ماڻهو ايندا هئا، چو ته دروازي تي کوبه اردلي سلام - ٻلام کندو کونه مليو هو. وري، مهيني جي تاريخ معلوم کرڻ سان به اندازو لڳائڻ مشکل نه هو ته ان ۾ وچولي طبقي جا ئي ماڻهو ويندا هوندا. اهڙيءَ تاريخ ۾ ان طبقي جا ماڻهو گهٽا نظر ايندا آهن، يا گهٽ يا بس ٺيک. يعني مهيني جي سڀ ڏينهن ۾ ساڳيو عدد نه ملندو هوندو. ۽ اها تاريخ اهڙي هئي جو اهي ماڻهو هينئين طبقي يا هينئين ۽ پنهنجي طبقي جي وچ ۾ هليا ويا هوندا، چو ته ته مينوءَ ۾ لنبي فهرست رهندي به (۽ صاحب، فهرست ۾ جاڻايل هر چيز حاضر!) ريسٽورنٽ ۾ ماڻهن جو عدد تمام ٿورو هو.

"چا کائيندا؟" تارا چيو.

مون چوڌاري نهاريو هو. ريسٽورنٽ ۾ اينرا ماڻهو هنا جو سولائيءَ سان ڳڻي

سگھجن. سولائيءَ سان ڳڻڻ جو مطلب، مهرباني ڪري، ايتري سولائيءَ سان نہ سمجھڻ گھرجي تہ آڱرين تي ڳڻي سگھجن. ليڪن فرض ڪجي ہہ تہ، ايترا ٽورا هجن جو آڱرين تي ڳڻي سگھجن، تڏهن ہہ مان ذاتي طور ڳڻپ جو حساب، اهو يا ڪوبہ، آڱرين تي ڳڻڻ لاءِ هرگز پسند نہ ڪندس. آڱرين جو حوالو، حساب ۾، ماڻهو ائين ڏيندا آهن جڏ هٿن ۾ فقط آڱريون ئي ٽيندیون آهن. آڱوٺي مهاراج جو ڪو لحاظ نہ رکيو ويندو آهي يا اُن جي علحدگيءَ جي اهميت - جيتوڻيڪ مان ميجان ٿو ان جا تقاضا، ڪنهن ہہ ڳالھ جي پسِ منظر ۾ ڪرڻ، نجي ڇسپائي آهي - آهي ئي ڪانہ.

خير، مون کي فقط ايترو ٻڌائڻو آهي تہ ريسٽورنٽ ۾ ايترا ماڻهو هنا جو سولائيءَ سان ڳڻي سگھجن (جيڪڏهن اهو ذليل ڪم پاڻ تي هموار ڪرڻ لاءِ ڪوئي تيار ٿئي!) پرسان واري ٽيبل تي هڪ چوڪري، هٿ ۾ رومال جھلي، پٽيءَ (يا پٽيءَ جي دوست) جون ڏاڍي ڏيان سان ڳالھيون ٻڌي رهي هئي (سندس اُن ڏيان ئي مون ۾ گمان آندو هو تہ هو سندس پٽي نہ تہ سندس پٽيءَ جو دوست ٿي سگھيو ٿي، حالانڪ زالن کي پٽيءَ جا دشمن ہہ 'پراڻن ڪان وڌيڪ پيارا" ٿي سگھن ٿا، ليڪن اهو منهنجو تازو تازو ويچار آهي، تنهن وقت تارا سان گڏ ان ريسٽورنٽ ۾ ڪونہ آيو هو، ارمان جھڙي ڳالھ آهي، اهو ان وقت منهنجي ڏيان تي چو نہ آيو، اهڙي شاندار خيال جو عين موقعي تي نہ پڌارجڻ ڪمزور دماغ هئڻ جي نشاني آهي.)

ليڪن وچ ۾ اها 'پٽيءَ جي دشمنن' جي ڳالھ ڪٿان ٽپي آئي.

مون تہ صرف ايترو ٿي چوڻ چاهيو تہ منهنجو اهو سوچڻ ناجائز نہ هو تہ هُو سندس پٽي نہ ہہ ٿي سگھيو ٿي. چو تہ پٽيءَ جون ڳالھيون ايتري ڏيان سان نٿيون ٻڌي سگھجن، سواءِ تڏهن جيڪڏهن اُهي ڳالھيون:

(1) 'ڳوڙهن پريل' پريم - ڪهاڻيءَ بابت هجن.

(1 - ب) اُن پريم ڪهاڻيءَ ۾ نر جو ڪردار، پيار جي صدقي، برباد ٿي وڃي (اِن ڳالھ کي مان وڌيڪ واضع نٿو ڪريان. مون کي زبردست ڊپ ٿي رهيو آهي تہ منهنجي وات مان سڌيون سنواٽيون گاريون نہ نڪري وڃن - منهنجو ديوداس ٻيو داس طرف اِشارو آهي، هونئن اهڙن داسن جي لسٽ لنبي آهي.)

(2) (مان قبول ڪريان تہ هي ٻيون سبب، جيڪو سنئون سڌو آهي، يعني پهرين سبب وانگر وڏڙ ڪائي ڪجھ هيٺ مٿي ٽپڻ جو سڪوپ نٿو رکي، ايترو ولگر آهي جو ٻڌائڻ ۾ مون کي هتڪ ءِ شرم ٿو محسوس ٿئي) جيڪڏهن ڳالھين ۾

چوري - ڏاڙي جو ذڪر آهي. چو ته اهو ذڪر ٻڌڻ سان ٻڌندڙ 'ناريءَ' جي چپن تي 'چ - چ' جو آواز ڏڪندو آهي، جھڙو بي خياليءَ ۾ گرم چانھ چپن سان لڳائڻ ۾ ٿيندو آهي، يا 'ھاءِ ھاءِ' يا 'ايشور رحم ڪر' - اھڙو آواز ءِ اھڙا لفظ عورتن جي جياپي لاءِ ھوا، پاڻي، ڪاڌي، ويچار وانگر ضروري ھوندا آھن.)

ليڪن مان ٻڌائڻ جي تڪليف مان گذري رھيو ھوس. بنرو مٿان چڙھي بيٺو ھو. سالو ھيڏانھن ھوڏانھن نھاري بڙبڙ رھيو ھو، پر سوئر جون اکيون اسان تي جميل ھون. ھن جي شڪل ۾ نھارڻ سان لڳو ڇڻ ھو فيصلو ڪري چڪو ھو ته ڪڏ ۾ پوي اميد ڪيل ٽپ، ٽنگون ساڻيون ٽي ويون آھن، بيھي بيھي، ڇڻ حرامخور جون ھلڻ ۾ ساڻيون نه ٽيندیون ھوندیون...

تڏھن مون کي يڪايڪ ياد اچي ويو آھي، مان شڪجي ويو آھيان، بنرو چا سوچي رھيو ھوندو. سالي جو رعب ته ڏسو، چا چھري جي چمڪ ڏمڪ، سوٽ بوٽ، گڏ اھڙي ئي سالي چمڪندڙ چوري - ۽ شايد مينوءَ ۾ ذڪر ڪيل چيزن جا نالا به نه ٻڌا اٿائين - يا شايد، ھو سوچي رھيو ھوندو، مان سالو فقط مينوءَ ۾ نالا پڙھي محسوس ڪري رھيو آھيان ته چيزون ڪائيندو وڃي رھيو آھيان!

مون کي اھا ڳالھ تارا کي - ھن جو نالو تارا ئي ھو نه؟ ٻڌائڻ کپندي ھئي، اصل ۾ وقت تي منھنجي ڪوپڙي خلاص ٽي ويندي آھي ۽ عقل کي اڏوھي ڪائي ويندي آھي. ٻڌي ھا ته خوب ڪلي ھا. عورتن کي ولگر چرچا به وڻندا آھن، شرط اھو ته ٻڌائيندڙ يار ٻار ھجي، جيئن مان ھن جو ھوس.

اصل ۾ ڳالھ اھا آھي ته ھي اُلوءَ جا ڦر بنرا ڏاڏا ھوشيار ھوندا آھن، گراھڪن جي سنڪالاجي ھڪدم سمجھي ويندا آھن. ھو سمجھندو ھوندو، شايد مينوءَ ۾ ذڪر ڪيل شين جا مون نالا به نه ٻڌا آھن، مان اھڙو ڳنوار آھيان، يا شايد 'ميم صاحب' جي انگل تي ئي پنھنجي مرضي نه ھوندي به ريسٽورنٽ ۾ آيو آھيان.

اھو، يا انھن مان ڪجھ به، ھن سوچيو سمجھيو ھوندو ته ٺيڪ آھي. يعني غير واجب نه آھي.

ليڪن مون کي ٻيو ڊپ ٽي رھيو آھي.

مان اھو ھرگز برداشت نٿو ڪري سگھان ته ھُو مون لاءِ ائين سوچي ته مان مينوءَ

مان ڳولهي ڳولهي سستيون شيون... يعني مان مڪيچوس آهيان. مون کي ڪو ڪيتري به وڏي گار ڏي، مان برداشت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر اها مون لاءِ تمام وڏي گار آهي. هونئن وڏيون گاريون ڪيتريون ئي ٿي سگهن ٿيون. مثال...

منهنجي هميشه اها مرضي ٿيندي آهي ته ڪوبه مڪيچوس ملي وڃي ۽ هن جي وارن ۾ هٿ وجهي هن کي سڏو پٽ سان ستڻان يا سين مڪيچوسن کي هڪ ميدان تي ڪٺو ڪرائي مشين گن هلايان... ڊز ڊز ڊز... سڀ هڪ ٻئي جي مٿان مرندا وڃن.

جن کي اَبن ڏاڏن لاءِ عزت کونهي، انهن لاءِ ماسترن کي حقارت هوندي آهي، مان ماستر نه آهيان، مون کي انهن لاءِ ڪا حقارت کونهي. پاڻ همدردي آهي. جڏهن گهرو سوچيان ٿو ته همدردي گهري ٿيندي وڃي ٿي.

مون کي پنهنجي لاءِ به همدردي آهي، چو ته مان به انهن مان هڪڙو آهيان. مان ٻيو نٿو ٿي سگهان. هن نسبت ۾ ٻيو ٽيڪ ڪالهه جو ٽيڪ آهي. مثل ٽيڪ آهي. پل اُهي سالا سڀ ڪالهه جا، مثل رهن - چا سڏيو ويندو آهي انهن سالن کي؟ ها ياد آيو، رومانٽڪوادي. ڏيان گار.

پر مان وري به ٻلجي ويو آهيان. پٽڪجي ويو آهيان. اِها ابن ڏاڏن جي ڳالهه ڪٽان هلي آئي. مون کي ٻيو ڪجهه چوٽو هو، اِهو ان کان پوءِ چوٽو هو، پر اُهو ٻيو ڪجهه نه معلوم چا ڪٽي ڪسڪي ويو ۽ ان کان پوءِ جو ڪسڪي ويو. اصل ۾ وقت تي منهنجي ڪوپڙي خلاص ٿي ويندي آهي ۽ عقل کي اڏوهي ڪائي ويندي آهي.

"چا ڪائيندا؟" تارا پڇي رهي آهي.

"ڪجهه به..." ڇئي مان ڪنڌ هيٺ ڪري چڏيان ٿو، يا شايد ٻئي پاسي ڪري چڏيو هوم، نه شايد، ٽئين پاسي ڪري چڏيان ٿو. چو ته هڪ پاسي تارا ويٺل هني، ٻئي پاسي بئرو بيٺل هو.

"سئنڈوچز ڪائيندا؟"

"ٻلي."

"سگريٽ ڦٽي ڪيو."

"نه، مان تنهنجي ڪمپني اينجواءِ ڪرڻ ٿو چاهيان

"سگريٽ ڦٽي ڪيو."

"هڪ تون به شروع ڪر."

"ڇتني سئنڈوچز هلنديون؟"

"ها، ها، اُهي ڇئينس."

"يا چيز سنڊوچز وڌيڪ وٺندؤ؟"

"ها، پلي، اُهي ئي چئينس."

"ڪهڙيون ڪائڻ پسند ڪندؤ؟"

"ڪهڙيون به چئينس."

ڪجھ وساريندي مون کي ياد آيو، تارا مون کان ٻيو ڪجھ به پڇيو ھو، ڪجھ ڪائڻ پيئڻ سان واسطو نہ رکندڙ، مون اُن جو ڪو جواب نہ ڏنو. تڏھن ئي ھوءَ ٻيءَ ڳالھ تي پھتي ھئي، وچ ۾ نہ معلوم ڪيترو وقت گذري ويو. ڇو تہ ان وقت مون وقت نہ ڏنو ھو ۽ ھاڻ جاڻڻ لاءِ تہ ڪيترو وقت گذري ويو، اُپاءُ نہ آھي. ڇو تہ ھاڻ وقت ڏسڻ مان اِھا سڌ نڪي پئجي سگھجي...

ھن چيز سنڊوچيز جو آرڊر ڏنو ھو.

مون ڏنو، ھوءَ مون ڏانھن نھاري رھي ھئي، ھڪ مڪڏ مسڪراھٽ چپن تي آڻي، بي اَنت سنيھ اکين ۾ جھلي... لڳاتار مون ڏانھن نھاري رھي ھئي. منھنجو شڪجي وڃڻ، منجھي پوڻ، فيصلو نہ ڪري سگھڻ ھن کي ڏاڍو سٿو لڳو ھو، مون کي لڳو ھو.

"اِن رواجي ڳالھ ۾ ايترو منجھي پوڻ!" چوندي پنھنجي رومال سان ھن منھنجي نرڙ تان نہ معلوم ڇا اُگھي ورتو ھو.

مون کو جواب ڪونہ ڏنو.

"ڪاڏي پيتي جي شين ۾ ڇا توھان کي پنھنجي ڪا خاص پسندي ناپسندي ڪونھي؟"

"مون ڪڏھن سوچيو نہ آھي." مون چيو ھو، "مان ڪوئي فيصلو نہ ڪري سگھندو آھيان. پر رواجي طرح مون کي سڀ شيون وٺنديون آھن." ٿورو ترسي مان وري چئي رھيو آھيان، "شيون ۽ چوڪريون."

"خاڪ وٺنديون اٿو. تنھن ڏينھن مون مارڪ ڪيو ھو، ھڪ ئي پليٽ ۾ رکيل چٽڻي سنڊوچز ۽ چيز سنڊوچز مان توھان جي آڏرين چيز سنڊوچز کي ڪٽي ٽي ورتو ۽ اِن ڳالھ جي، پنھنجي ٽيسٽ جي خود توھان کي بہ خبر نڪي پئي. اصل ۾ توھان ڪاڏي طرف نھارڻ بنا ئي ڪائيندا ھوندؤ."

مون چيو ھو، "سا تہ مون کي سڌ نہ آھي، ليڪن اِھو ڪڏھن ڪڏھن مون کي لڳو آھي تہ مان پاڻي ۽ طرف نھارڻ بنا ئي سنان ڪري آيو آھيان!"

تارا کلڻ لڳي ھئي.

مون جڏهن به اُن کل جو آواز ٻڌو هو، ۽ انهن تن ڏينهن اندر اُهو هڪ ٻن دفعن کان وڌيڪ ٻڌو هو، مون کي لڳو هو، اُها ديوار محض هڪ دوکو هئي. اُها وڏ ۾ وڏ کو بند دروازو هئي، جنهن کي اسان ٻني ديوار سمجهيو هو، هڪ سرد ديوار. اُهو صرف بند دروازو هو ۽ مون کي لڳو هو، ان کل سان (ئي) اُهو دروازو کلي ويو ٿي، ۽ مون کي لڳو هو ته اِهو هن کي به لڳو هو ۽ دروازي کلڻ سان اسان دور هڪ ٻئي کان ڊوڙي، وچ واري دوري اورانگهي آيا هئاسين. اسان مڪمل طرح هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾ آهيون، ۽ منهنجا وسڪيءَ ٻڏل گرم گرم سواس هن جي گلي، هن جي ڳلن تان ٽيڙ کائيندا، پاسو بدلائي، هن جي پلين چپن تائين پهچي اُتي ڦڙڪڻ لڳا آهن، ۽ هن جا سئيٽر اندر ۾ نندڙا، سخت پستان نيزن جيان منهنجي سيني ۾ چپي ويا آهن.

ليڪن اُها کل جيتري مڌر آهي، اوتري ئي مختصر آهي.

اُها مڌر، مختصر کل... اُن ملاقات ۾، ان کل کان ٻاهر، ڪجهه به خاص هو ڇا؟

هن ڪليل دري بند ڪري اندر گاڏيءَ ۾ نهاريو. اندر سين کي نند هئي. جڏهن هن ڏٺو ته هُو سمهي نه سگهندو ته هن وري دري کولي چڏي. ٻاهر انڌڪار کي صبح جي سوجهري جي پهرين ٽڪرن ڪٽي ويڙي ان ۾ ملي، ان جو رنگ ڦيرائي ميرانجهڙو ڪري چڏيو هو. دور کان ڏنڏلو ڏنڏلو خيال اچي رهيو هو ته هوائون ان کل کي ڪنهن رهسميه گرپ مان ڪڍي دريءَ جي شيشي سان ستي رهيون آهن، بار بار... هن کي دري بند ڪرڻي پئي. درد هڪ واهيات چيز آهي، درد ٽٽي ٽو.

اُن ملاقات ۾ ٻيو ڇا هو؟

نند نٽي اچي. دهلي دور نه آهي، نند جو خيال ڪرڻ به هاڻ اجايو آهي. دماغ چست آهي جو ان ملاقات سان واسطو رکندڙ هر ڳالهه جو ڏيان ڪري سگهي ٽو، ڪٽي پٽڪي نٽو، جيئن اڪثر مون سان ٽيندو آهي. مان ياد ڪندس ته مون کي گهٽيون ڳالهيون ياد ايندين ۽ مون کي يقين آهي ته اُن ملاقات جا ايڏا ڪيترا

نفصيل رهيل آهن، جن کي هن سلسلي ۾ آڻي سگهجي ٿو. صرف کوشش اِها کرڻي آهي ته ان ڏيان کي هڪ هنڌ ٽکائڻو آهي، هيڏانهن هوڏانهن نہ ٻٽکائڻو آهي.

چيز سنڊوچز اچي ويا آهن ته مان چئي رهيو آهيان:

"تون به کاءِ تارا."

تارا چئي ٿي، "نہ، هن وقت مان کجھ بہ نہ کائي سگهندي آهيان. مان فقط کافي پيئنديس."

مان چوان ٿو، "تون ڪنهن وقت به کجھ به کائيندينءَ تڏهن ئي ته بدن ۾ پرجندينءَ تارا."

تارا ساڳيءَ طرح نهاريندي وڃي رهي آهي مون طرف، اکين ۾ اُهو ساڳيو اٽاهه سنيهه جهلي...

"تون بيحد انيمڪ آهين."

"نريش چيو آهي، پهرين چهنن مهينن اندر توکي ٽلهي متاري ڪري چڏيندس."

مون کي چوٽ ڪونہ پهتي ۽ مون هن جي چهري ۾ پاتو، هن جي چوٽ پهچائڻ جي مراد به ڪانہ هئي. هن اها ڳالهہ بلڪل سهج ڍنگ ۾ چئي هئي، چو ته مون ڏٺو ته هن جون اکيون اُهو ساڳيو اٽاهہ سنيهہ جهلي...

منهنجي من ۾ هڪ شرارت سجهي هئي. چيو هيمر:

"اڇا، پلا هو توکي ڪهڙيءَ طرح ٽلهي متاري ڪندو؟"

هن منهنجو نشان سمجهي ورتو هو ۽ مون سمجهيو هو ته هوءَ شرمائجي ويندي، جيئن سڀ استريون ان حالت ۾ شرمائجي ويندينون آهن يا سمجهندينون آهن ته کين شرمائجڻ کپي. جيڪا سمجهہ ٻاهران ايندي آهي، غلط سکيا ۽ دوکيبازي سيکارينڈڙ سماج طرفان، تنهنکري شرمائجي ويندينون آهن. مان ترسيس ۽ تيار ٿيس ۽ هوءَ 'هٽ' چوندي، يا 'يُو ناٽي بواءِ' چوندي.

پر هن چيو، "سا ته توهان مردن کي سڌ هوندي آهي..." چوندي، هن بي شرمائي سان ٽهڪ ڏنو هو، پنهنجي سنهي سرير کي ذرا بيهودي نموني لوڏي.

منهنجو پهريون دفعو ڏيان ويو ته اهو سرير خوابن جوسيل سرير آهي، رنگين ڪوتائن جي شراب ۾ ڏوتل.

مون کي سخت ڪراهت آئي هئي. اهو مان هاڻ سمجهي رهيو آهيان ته مون کي سخت ڪراهت ڇو آئي هئي. ڇو ته اهڙو ٿهڪ مان وٺشاليه جي ٻاهران لنگهندي ٻڌو هو (پڳوان جو قسم، صرف ٻاهران لنگهندي، جيب خالي هٿ ڪري اندر نه گهڙي سگهيو هوس.)

اهڙي ولگر ٿهڪ هن جي چهري کي بد زيبو بڻائي چڏيو هو. اهو سنيهه به بلڪل بناوٽي لڳو هو (جهڙو وٺشيا کي پئسن ملڻ سان اکين ۾ چلڪي ايندو آهي).

پر تارا جي اکين ۾ چلڪندڙ سنيهه لاءِ اهڙي ولگر پيٽ ڪرڻ ڪان اول مان ڪجهه پلجي رهيو آهيان. اهو هاڻ غلط جڳهه تي، ٻئي سلسلي ۾ جوڙڻو پوي ٿو (منهنجو دماغ چست وري خاڪ آهي، ائين ٿورو ئي آهي. اها ڳالهه مون هاڻ سوچي ورتي آهي، سوچي ته مون ان وقت ئي هئي، جنهن گهڙيءَ هن جي اکين ۾ اهو اٽاهه سنيهه جهليل ڏٺو هيم.)

نه، اهڙو اهم تفصيل چڏي وڃڻ سان ڪم نه ٿيندو. منهنجو فيصلو بيڪار ثابت ٿيندو. منهنجي هيتري ساري محنت اجائي ويندي. مون ۾ چيندو ته ملاقات جو هڪ اهم تفصيل رهجي ويو ۽ جڏهن مون فيصلو ڪيو آهي ته هڪ خاص ملاقات ۽ اُن ملاقات کي خاص سمجهي ئي ياد ڪرڻ، وري جيئارڻ جو فيصلو ڪيو هيم ۽ ان فيصلي تان ڦرڻ هڪ دفعو وري ثابت ڪندو ته منهنجي اڇا شڪتي ڪيتري نه ڪمزور آهي ۽ جيڪا ڪمزوري مون کي ڪيترو نه مانسڪ ڪشٽ پهچائيندي آهي - کي پورن تفصيلن سان ياد ڪندس، ته پوءِ مون کي ان فيصلي تان ڦرڻ نه گهرجي. حالانڪ مون کي سڌ آهي ته اهڙو ڪوئي فيصلو ڪونهي جنهن تان مان نه ڦريو هجان، مون کي ته اهو به شڪ پوندو آهي ته مون فلاڻو فيصلو ڪهڙي آڌار تي ڪيو آهي. مان پاڻ ڪان پڇندو آهيان ته اُهي ڪهڙيون ڳالهيون هيون، جن مون ڪان اُهو فلاڻو فيصلو ڪرايو ۽ مان ياد ڪندو آهيان ۽ مون کي ڪجهه ياد نه ايندو آهي ۽ تڏهن مون کي شڪ ڪائيندو آهي ته ڇا اُهو مان ئي هوس جنهن اُهو فيصلو ڪيو هو؟ مان هوس ته اُهو 'مان' ڪهڙو هوس؟ اُنهن گهڙين جي 'مان' جو منهنجي هنن گهڙين جي 'مان' سان ڪهڙو واسطو آهي؟ منهنجي هنن گهڙين جي 'مان' جو ايندڙ گهڙين جي 'مان' سان ڪهڙو واسطو رهندو؟

ويس نه وري ڳالهه تان ٽڙڪي!

ننڍي هوندي ڪلاس ۾ به مون سان ائين ٿيندو هو. ڪوشش ڪندو هوس ته سواءِ سبق جي ڪٽي ڏيان نه وجي. ڪڏهن ڪامياب ڪونه ويندو هوس.

ماستر چوندو هو، "هوا ۾ ٿو اُڏامين!"

مان حيران ٿي ويندو هوس.

گهر اچي پڇندو هوس، "منهنجو ماستر چا جادوگر آهي دادي؟"

دادي معنيٰ ٻيڻ.

مان سپ ڪجهه ٻيڻ کان پڇندو هوس ۽ سپ ڪجهه ٻيڻ کي ٻڌائيندو هوس. ماءُ پيءُ اڳيان جهڙو پٿر. سنگتي ساٿي ڪوبه نه هوندو هو. هو سپ ماراماري کندا هنا ۽ خراب خراب گاريون ڪيندا هنا. مون کي ان سپ کان ڪراهت ايندي هئي. مان اڪيلو اڪيلو پنجي ويو هوس.

سپ چوندا هنا:

موڳو مٿر!

مان ڪڏهن پلجي سگهيو آهيان ته جنهن ڏينهن منهنجي ٻيڻ جي شادي ٿي هئي، تنهن ڏينهن منهنجي ڪهڙي حالت ٿي هئي؟ مون کي ٻيڻ ئي ٻڌايو هو:

"هاڻي مان ٻئي گهر ۾ ويندس."

"ڪهڙا ڏينهن؟"

"سپ ڏينهن."

"چو؟"

"شاديءَ ۾ ائين ئي ٿيندو آهي."

"ڀلجي به چا ٻئي گهر ۾ رهندو هو، ممي‌ءَ سان شادي ڪرڻ کان اڳ؟"

"نه، ممي ٻئي گهر ۾ رهندي هئي، شادي ڪرڻ کان اڳ."

"تون ان وقت ڪٽي هئينءَ؟"

"مان جائي ڪٽي هيس؟"

"تون به چا ڪڏهن نه ڪڏهن جائي هئينءَ؟"

"تڏهن چا ڪٽان پڇي آئي هيس؟"

"نه، توکي درياهه مان ڪڍي آيا هوندا!"

"توکي ڪنهن ٻڌايو؟"

"ڪهنشام."

"جيڪو توسان گڏ پڙهندو آهي؟"

"ها."

"گھنشام چا درياھ تي مڇي ڦاسائڻ جو ڪم ڪندو ھو جو ھن ڏانو ھو تہ مون کي درياھ مان ڪڍي رھيا ھئا."

"نہ، موھنيءَ کي رسيس ۾ مون قلم ڏانو تہ گھنشام مون کي ڏانو ۽ چيائين چوڪرو ٿي ڪري چوڪريءَ سان ٿو ڀڳالھائين! چوڪرا ڇمندا آھن ۽ چوڪرين کي درياھ مان ڪڍي ايندا آھن!"

دادي زور زور سان کلڻ لڳي ھئي.

مون وري چيو ھو:

"تون ويندينءَ تہ مون کي ننڍ ڪير ڪرائيندو؟"

"چو؟"

"مون سان گڏ ڪير سمھندو؟"

"ھاڻ تہ مان ٻئي ڪنھن سان سمھنديس!"

"ڪنھن سان؟"

ليڪن اٽڪنيءَ طرح مون کي انھيءَ شخص جي شڪل ياد اچي وئي ھئي ۽ حسد وچان مان ڏکڻ لڳو ھوس. اُھو شخص شاديءَ واري ڏينھن کان اڳ بہ اسان جي گھر آيو ھو. ٻہ دفعا. دادي‌ءَ طرف نھاريندي بدمعاشن وانگر مشڪندو ھو ۽ لڳندو ھو اِجھو ٿو شينھن وانگر دادي‌ءَ مٿان حملو ڪري. مون کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪيائين، پيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر پاڻ تہ دل ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو ھيوسين تہ ھن ماڻھوءَ سان دوستي نہ رھندي. ڀڳالھ ھيءَ آھي تہ ڪٽي اندر ۾ ان وقت مون محسوس ڪيو ھوندو، اٽڪنيءَ طرح ئي سھين، تہ دادي‌ءَ جو بہ ھن ڏانھن لاڙو ھو. نہ تہ ھن کي ائين دروازي جي چير مان لکي لکي نھارڻ جي ضرورت ئي ڪانہ ھئي. اتان ھوءَ لنگھي بہ ويندي ھئي، ڪنھن نہ ڪنھن ٻھاني سان، نون ڪپڑن ۾.

تنھن ڏينھن مان ٽيريس تي ھليو ويو ھوس. ھينان ٻئنڊن ۽ ڦٽاڪن جا آواز ٿي آيا. مان مٽي روئي رھيو ھوس. مان زندگيءَ ۾ ڪنھن بہ پنھنجي محبوبہ جي ھلڻي وڃڻ سان ڪڏھن ڪونہ رُنو آھيان. ھوءَ منھنجي پھرين محبوبہ ھئي، شايد آخري بہ - منھنجي پيٽ. مون کي لڳندو آھي، تنھن ڏينھن جنھن چاتيءَ ۾ منھن لڪائي مون رُنو ھو، مون کي زندگيءَ ۾ ڪڏھن بہ ڪنھن عورت جي اھا چاتي نہ ملي آھي. مون کي لڳو آھي، زندگيءَ ۾ مان ٻيءَ ڪنھن عورت سان محبت ڪري ئي نہ سگھيو آھيان.

تنھن ڏينھن گھر اچي ھن کان پڇيو ھيم:

"منهنجو ماستر ڇا جادوگر آهي، دادي؟"

"ڇو؟"

"تڏهن پلا ڪيئن سمجهي ويو ته مان هوا ۾ اُڏامي رهيو هوس؟"

"تنهنجو ڏيان سبق ۾ نه هوندو، تنهن ڪري هن ڇيو هوندءِ ته هوا ۾ ٿو اُڏامين."

"نه، سچ دادي، منهنجو ڏيان سبق ۾ برابر نه هو پر ان ڪري نه هو ڇاڪاڻ ته مان هوا ۾ اُڏامي رهيو هوس."

"تون هوا ۾ ڪيئن اُڏامي رهيو هنين؟"

"هو جيڪو رنڊڪي ۾ ڏيئو آهي نه، مون کي لڳو ته رنڊڪي مان ڪنڌ ڪڍندي (چورائيندي بجاءِ مون ڪڍندي چيو هو!) منهنجو هٿ وڃي اُن ڏيئي سان لڳو ۽ پوءِ ڏير سارو دونهون اچي گڏ ٿيو ۽ ان دونهين مان هڪ وڏو راکاس نڪري آيو. راکاس مون کي چيو، ڊڄ نه، تون منهنجو آقا آهين. جيڪي به ڪپيئي سو گهر، مون هن کي چيو، مون کي هڪ غاليچو ڏي جيڪو جهاز وانگر اُڏامي سگهي. هن هڪدم هٿ جي تريءَ مان هڪ وڏو غاليچو ڪڍي ڏنو. مان ڊوڙندو تو وٽ آيس. تون ان وقت ڪپ سان واڳ وڍي رهي هنينءَ (جنهن شيءِ جي مان شڪل به ڏسندو آهيان، انهن واڳڻ جي ڪٽي به اڇڪلهه، ته سمجهندو آهيان لڳ ڀڳ اهڙو ئي راکاس منهنجي ڇاتيءَ تي لت رکي بيٺو آهي!) مون توکي هٿ کان پڪڙي انهيءَ غاليچي تي ويهاريو ۽ غاليچي مٿي چڙهڻ شروع ڪيو، مٿي ۽ مٿي، بادلن جي وچ ۾، آسمان جي ٿورو هيٺان... آس پاس تارا هٿ ۽ مون سڀ کان چمڪندڙ تارو پٽي تنهنجي وارن ۾ اٽڪائي ڇڏيو..."

داديءَ کي ايترو ڪجهه ٻڌي به خوشي ڪانه ٿي.

ڏيمي، دکي آواز ۾ چيو هنائين:

"مون کي ڊپ ٿي رهيو آهي..."

"ڇا جو؟"

"ته تون سڄي عمر صرف سپنائي نه لهندو رهين؟"

ته ڇا سڄي عمر مان صرف سپنائي لهندو رهيو آهيان.

ڪٽان ڪان ڪٽي پڇڻ ڪان اڳ مون کي پلجي ويل سلسلي ۾ ڳنڍڻ گھرجي.

جيڪو پلجي ويو آھيان اُھو منھنجو ڪجھ سوچڻ آھي ۽ چاڪاڻ تہ اُھو ان ساڳيءَ ملاقات جي ڪن گھڙين ۾ سوچيل ھو، تنھن ڪري اُنھيءَ ملاقات جو اُھو ھڪ اٽٽر حصو آھي. جيتوڻيڪ آھي محض ھڪ تفصيل يا تفصيلن ۾ ھڪ وڏيڪ جوڙ ۽ اُھو ھروپرو ڪا خاص اھميت رکندڙ بہ نہ آھي، انھيءَ ملاقات کي ڪٽي يا ان کان ٻاھر، اُھو بلڪل خسيس آھي ۽ ھڪ طرف اھڙي (ھڪ وڏيڪ تفصيل کي ھروپرو ٽنبڻ يا ھتي اڏ ۾ سلسلو ڪٽي ان کي ٽپائڻ جو منھنجو ضد مون کي خبر آھي تہ مون کي خسيس بڻائي ٿو، پنھنجن نظرن ۾ يا ڪنھن جي بہ نظرن ۾ - ليڪن مون کي، جيئن مون فيصلو ڪيو آھي ۽ مان اھو فيصلو ٽوڙڻ نٿو چاھيان، پوءِ پل ان کي ليکو ڪٽڻ ليکيو وڃي، ياد ڪري ان ملاقات جو ھڪ مڪمل خاڪو تيار ڪرڻ گھرجي.

ھڪ ڳالھ اھا بہ صاف ڪريان تہ منھنجو ڪو ڏوھہ نہ آھي، اگر اُھو مون کي ان وقت ياد نہ آيو، جنھن وقت سلسلي ۾ اچڻ کپندو ھو.

پلجي ويل ڪجھ ان سنيھہ سان وابستہ آھي، جيڪو اٽاھہ ھو، بي ساختہ تارا جي اکين ۾ اٽڪي رھيو ھو.

مون سوچيو ھو، تارا جي اکين ۾ جھليل اُن اٽاھہ سنيھہ کي ڏسي، تہ اھو سنيھہ تارا ۾ ھڪ استريءَ جي سوپ آھي، پو تہ ھن ڪنھن ڳالھ ۾ مون کي، ھڪ پرش کي 'سھارو' ڏنو آھي... جڏھن مون چيو ھو، 'مان ڪوئي فيصلو نہ ڪري سگھندو آھيان. پر رواجي طرح مون کي سپ شيون وٺنديون آھن. تڏھن ھن چيو ھو، 'خاڪ وٺنديون اٿو. تنھن ڏينھن مون مارڪ ڪيو ھو، ھڪ ئي پليٽ ۾ رکيل ڇٽي سٺنڊوچز ۽ چيز سٺنڊوچز مان توھان جي آڏرين چيز سٺنڊوچز کي ڪٽي ورتو ٿي ۽ ان ڳالھ جي، پنھنجي ٽيسٽ جي خود توھان کي بہ خبر نٿي پئي...' وغيرہ وغيرہ.

ڏوڙٽ استري!

مان سوچي رھيو آھيان، مان ياد ڪندس تہ گھٽو ڪجھ ياد ڪري سگھندس. اُن ملاقات کي ڪٽي.

دھلي ايا گھٽو دور آھي؟

ڏوڙٽ استري!

مون سوچيو ھو، تارا جي اھا ڳالھ ٻڌي، ڏوڙٽ استري!

هن جو اُهو 'اڻاھ سنيھ' منهنجي ڪمزوريءَ، مون کي منهنجي 'ٽيسٽ' جي مون کي ئي خبر نہ هئڻ سبب ئي آهي. هوءَ مون کان وڌي، مون کان 'مٿي' ٽيڪ چاهيندي تہ مان هن کي چئي بہ ڏيندس، تون ڏورڻ اِستري آهين، نڪر منهنجي زندگيءَ مان. اِهي ناز نخرا مردن جي نڪ ۾ نوڙي وجهي پنهنجي 'ڪاميابي'، پنهنجي 'وڏي هئڻ' جا بهانا آهن. مون سوچيو هو، چوڻ جي ڪائي ضرورت نہ آهي، اسان جو ساڻ تن ڏينهن جو مهمان آهي، پنهنجي ملڪ هليو ويندو، چوڻ جي ڪائي ضرورت نہ آهي. منهنجي زال تہ نہ آهي، يا ٽيڪ واري آهي، جو هن کي چتايان، اِهو مون سان نہ هلندءِ، اگر مون ۾ ڪائي ڪمزوري آجي تہ اُها تنهنجو دامن نہ پڪڙيندي، توکي مون کان وڌي هئڻ جو ڪٽي بہ احساس نہ ڏيارينديِ. مون سوچيو هو، ساڻ ساڻ پرسان واريءَ ٽيبل تي، هٿ ۾ رومال جهليل اُن چوڪريءَ کي، جيڪا پٽيءَ (يا پٽيءَ جي دوست) جون ڏاڍي ڏيان سان ڳالهيون ٻڌي رهي هئي، ڏسندو ٽي رهيس.

دهلي.

ڏورڻ.

"توهان جا دوست توهان کي ياد نہ ايندا؟"

اهو ساڳيو سوال، ان ملاقات ۾، هن هيٺن بہ چيو هو، "توهان کي کانپور وڃڻ جو ڏک تہ ڪونہ ٽيندو؟"

انهن ٻنهي سوالن پٺيان، هن جي هڪ ئي من استٿتيءَ مان، هڪ ئي سوال اڇڻ ڪيندو هو: توهان جي دوستن جو خال مان پوري سگهي آهيان؟

تنهنکري مون چيو هو، "مون کي تنهنجي صحبت ۾ ڏاڍو آنند مليو آهي تارا."

هو فلمي پردي تي هجي ها تہ هڪدم پڇي ها، "سچ؟"

ءِ فلمي پردي تي، ساڻس گڏ نائڪ جو پارٽ اَدا ڪندي، مان بہ هجان ها تہ صرف ان لفظ پٺيان سوالي نشاني گهر ڪري ڇڏيان ها!

ڪافيءَ جو ٻيو دور. ٻنهي طرفان ضرورت نہ هوندي بہ ريسٽورنٽ ۾ وڌيڪ وقت ويهڻ جي بهاني، سنو لڳي رهيو هو. اُتي. ٻنهي کي. ٻاهر تيز اُس. ٻيو ڪوئي پروگرام نہ. بس اتي. ملندڙ سڪ کان وڌيڪ ملڻ ڪٽي بہ ممڪن نہ هجي ها. نہ. اڪيلن رستن ءِ سنسان هنڌ بہ نہ. رواجي طرح اتي وڌيڪ ملندو آهي. چو تہ اتي من

سان گڏ سرير (اهو ان هنڌ تي مدار رکي ٿو ڪيترو!) به ملندو آهي. ليڪن اسان سان ائين نه آهي. ٽئي نڙو. تارا ۽ مون سان. ديوار اونچي ٿيندي وڃي ٿي، سنسان هنڌ، اسان جي حالت ۾، ۽ اسان ٻئي آسهايه بڻجي، چپ چاپ، ان چڙهندڙ ديوار کي ڏسندا رهون ٿا.

انسان ديوار جو به سهارو وٺندو آهي. آڪاس جو به محتاج رهندو آهي.
نه، ٻاهر ڪنهن هنڌ به نه.
ڪوئي گويا هيٺ جهڪي ڪنهن جي ڪنن ۾ ٻڙ ٻڙ ڪري رهيو هو. نه ڄاڻان ڪير. نه ڄاڻان ڪٿي.
ڪٿي گويا کي پهاڙيون پنهنجي پيٽ ۾ نهرون ڇپائي گيت ڳائي رهيون هيون. نه ڄاڻان ڪٿي. نه ڄاڻان ڪهڙيون.

هن چوڪريءَ ۽ هن جي پٽيءَ (يا پٽيءَ جي دوست) گويا، بنا چتائڻ جي، اسان ٻنهي کي چنلينج ڏنو آهي، ته ڪير ٿو پهرين ريسٽورنٽ چڏي. هُو بٽري کي رڌل رکي وينا آهن. هن کي هر چيز جلدي آڻڻ لاءِ حڪم ڏيئي رهيا آهن، گويا خود جلدي ۾ آهن، جيتوڻيڪ اسان کان به اڳ ريسٽورنٽ ۾ داخل ٿيا آهن، ليڪن اهو اندازو لڳائڻ ممڪن نه آهي ته هنن کي ڪلاڪ کان ڪيترو وقت وڌيڪ آئي ٿيو هو. جو ته هو اسان کان نه معلوم ڪيترو وقت اڳ ريسٽورنٽ ۾ داخل ٿيا هئا.
مون کي سڌ آهي، مان خواه مخواه ڳالهه کي وڌائڻ رهيو آهيان. ليڪن مان لاچار آهيان. مون کي وقت ڪاٽڻو آهي. ڏهلي دور نه آهي، پر جيسين نه آئي آهي، مون کي وقت ڪاٽڻو آهي. گاڏيءَ اندر هڪ دفعو ڪنهن پنهنجو سگريٽن جو پاڪيٽ مون طرف وڌائيندي ويجهي اچڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هڪ دفعو ڪنهن پنهنجي هٿ واري ڪائي اخبار منهنجي گهرڻ بنا مون طرف وڌائي آهي، ليڪن مون ٻنهي کان ٻنهي چيزن وٺڻ کان صاف انڪار ڪيو آهي. جو ته مون کي سڌ آهي ته اهي ويجهي اچڻ جا طريقا آهن - مان تيار نه آهيان. جو ته مان غير واقفيت جو

گهيرو ايترو آساني ۽ سان پار نه ڪري سگهندو آهيان. گفتگو ڪندي به مان اُتي ڪونه رهندو آهيان ۽ گفتگو ڪندي جڏهن اهو احساس ٿيندو ائٽم ته مان اتي نه آهيان، تڏهن اوچتو هڪ خال، ساڳيو خال مون کي پاڻ ۾ ڪٽي وٺندو آهي.

"توهان دهليءَ ۾ گهٽا ڏينهن هوندا؟" تارا پڇيو هو.

"پاڻ کي چڏي ڏيندس، بنا ڪنهن رٽيل پروگرام جي، جنهن ڏينهن بور ٿيندس، تنهن ڏينهن بامبي جي گاڏي پڪڑيندس."

تارا جي اکين ۾ تپرس هو.

مون اُتي ٻيو ڪجهه ڳولهڻ چاهيو هو؟

"هن پاسي ڇا وري ڪڏهن ڪونه ايندا؟"

مان هڪدم ڪجهه نه چئي سگهيو هوس.

هوءَ مون طرف نهارينديءَ وڃي رهي هئي.

"پلا مان لکان، پوءِ به نه ايندا؟"

اهو سڀ مون کي غير ضروري لڳي رهيو هو.

مون چيو هو، "مون کي ته سپاٽي جو به پروسو نه آهي، تارا، مان ڪيئن چوان. پلا توکي وشواس آهي ته تون اڳتي هلي هر ويچار، هر پاونا، هر ڪرم ۾ اڪيلي هوندينءَ..."

ڳالهيون ٻيو موڙ وٺي رهيون هيون. اسان جي اچائن خلاف. حالانڪ اهي ئي ڳالهيون هيون، اسان جي ذهن پٽيان، جيڪي اسان کي بي چين ڪري رهيون هيون، ايندڙ درد جي ڪلپنا کان في الحال ڪنارو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ شايد ڪوئي خاطرخواه خاڪو کينچڻ لاءِ اُتاولين ٿي رهيون هيون. وچ وچ ۾ اسان جي نه چاهيندي به ٻاهر نڪري رهيون هيون. انهن جي ٻاهر نڪرڻ سان، اسان ٻنهي، شايد، چيتنا جي ڏنڊليءَ چانٽڻ تي روڪجي، ان ديوار جي ڪمزور حصن جي جاچ پڙتال ڪرڻ ٿي شروع ڪئي ته مستقبل ۾ ڪٽي ڪٽي ان ديوار جي انهن ڪمزور حصن جو فائدو وٺي پنهنجي من ماني ڪري سگهون ٿا.

"توهان ڪٽي گهر آهيو؟" تارا جڙ مون کي ڏونڊاڙيندي چيو هو.

مون موٽي اچڻ ٿي چاهيو. ان لاءِ مون کي ڪنهن ٺوس آڌار جي تڪڙي ضرورت هئي. صرف لفظ، يا هن جي مڪ جا پاوَ، مدد ڪرڻ ۾ ڪارگر نه ٿين ها. مون ٽيبل جي هيڻان پنهنجو هٿ ڏگهيڙي هن جي گوڏي کي سهلائڻ شروع ڪيو. شايد منهنجي ان حرڪت پٽيان، منهنجي ضرورت کي هن به سمجهي ورتو هو. لڳو

هو، هن کي به برو ڪونه لڳو هو. ڪٿي مون ۾ هڪ مبهم ڌارٽا هئي ته هن کي خود به شنڪا هئي ته 'اني گم' ٿي سگهي ٿي (يا هڪ ڪن لاءِ ٿي به هجي، ۽ جتي مان گم ٿي ويو هوس، اُتي هن کي، نه معلوم ڪهڙيون شڪتيون واپس ونيِ اڇڻ ۾ سمرٿ هيون ۽ هن کي ڪنهن به ٻاهرين٤ مدد جي ضرورت ڪانه پيئي هئي - ۽ جتي، مان اسمرٿ هوس، مون کي واپس موٽڻ لاءِ ڪنهن ٻاهرئين نوس آڌار يا سهاري جي ضرورت هئي، ۽ مون اُهو آڌار هن جي گوڏي سهلائڻ ۾ ڳولهيو هو.)

هن کي پنهنجي گوڏي جو سهلجڻ نه صرف برو نه لڳو هو، پر هن اردگرد جو ڪو خيال نه ڪري پنهنجن ٻنهي هٿن سان منهنجو هٿ پڪڑي پنهنجي ڳل تائين کسڪائي، ڪن لاءِ اُتي رکيو به هو.

مان ان ڪن کي ٻلجي سگهندس، مون ان وقت سوچيو هو.

هاڻي به، هلندڙ گاڏيءَ ۾، هو ان ڪن کي ياد ڪري رهيو هو، هُو ان ڪن کي، ڪڏهن ٻلجي سگهندو؟ ان ڪن کي. تارا جي ان مختصر ڪل وانگر. هيننر وچ ۾ ڪجهه نه آهي. هُو سڏو لکنؤ مان نڪتو آهي. تنهنڪري سڀ تازو آهي. ياد اڃي سگهي ٿو. هر تفصيل سان. پر هو گهٽيون ڳالهيون ٻلجي ويندو. اڳتي هلي. گهٽو ڪجهه اڳتي هلي گهٽو ڪجهه ٻلجي ويندو. اسان سمجهندا آهيون ته اسان ٻلجي نه سگهنداسين، پر اسان کي سڏ نه هوندي آهي ته اسان ايترا ڪمزور ڪونه آهيون. ڊوڙندڙ زندگيءَ جي لنبي سفر ۾ گهٽيون استيشنون ايتريون مڪيه ٿي سگهن ٿيون، جيڪي ياد رکي سگهجن ٿيون!

لکنؤ.

دهلي.

بامبي.

تارا.

پيٽ.

دوست.

پتني.

بار.

لکنؤ - تارا.
دهلي - پيٽ؛ دوست.
بامبي - پتني؛ پار.

هو اُهو چهرو پلجي ويندو. ان چهري ۾ ڪتل بن چپن کي نه پلجي سگهندو، جو تہ انهن سان اُها مختصر ڪل شامل آهي. هُو اُها ملاقات، تارا سان گڏ هر ملاقات جيان، هر تفصيل سان، پلجي ويندو - اها ڪن ئي نه پلجي سگهندو.

هن پاسي چا وري ڪڏهن ڪونہ ايندا؟
گاڏيءَ جي گرگراهٽ...
پلا مان لکان پوءِ به نہ ايندا؟
گاڏيءَ جي گرگراهٽ....

"تارا."
"هون."
"هلون؟"
"ڪٽي؟"
"باهر."
"باهر ڪٽي؟"
"ڪٽي به."
"تارا؟"
"هون."
"اسان کي اهڙين ڳالهين تي نہ ڳالهائڻ گهرجي."

"ڪهڙين ڳالهين تي؟"

مون ڪوئي جواب ڪونہ ڏنو هو. مون کي سڌ هئي تہ هن کي سڌ هئي تہ ڪهڙيون ڳالهيون آهن جن تي ڪجهہ بہ ڳالهائڻ بلڪل وئرٽ ڳالهہ آهي. مون ڪوئي جواب ڪونہ ڏنو هو.

پوءِ تارا ئي چيو هو، "اسان کي اهڙين ڳالهين تي برابر نہ ڳالهائڻ گهرجي."

"ءِ نہ ڳالهائي سگهڻ سبب دک نہ ڪرڻ گهرجي."

"ها، نہ ڪرڻ گهرجي."

"چو تہ ڪرڻ سان بہ دک ئي ملي ٿو."

"مان بامبي اينديس."

"لکج تہ اچي رهي آهيان."

"توهان جي گهر؟"

"چو، منهنجي گهر چو نہ؟"

هن جي اکين ۾ هو تہ اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو؟ منهنجي پٽني...

چيو هيم، "منهنجي پٽني 'توهان جي' آجيان ڪندي. تنهنجي ءِ مسٽر نريش جي..."

"اوهہ."

ان 'اوهہ' ۾ نہ جاڻان ڪيترين ڪهڙين پاڻنائن جو ارٿ پريل هو. تاڻ. سمجهوتو. مقرر رويو، اُلجهن. سجهاءُ. سوال. جواب. طنز: ٺٺولي. مذاق. چوٽ. شڪر گذاري ءِ ٻيو بہ جنهن جي مون کي ڪڌهن بہ سڌ نہ پئي سگهندي.

"پر جيڪڏهن مان هن سان گڏ نہ اچڻ چاهيان ءِ اڪيلي اچڻ چاهيان؟"

اُهي سڀ سماپتيءَ جا اُهڃاڻ نٿي لڳا. لڳو ٿي، سنهڻڌ جون سرحدون، هڪ شهر جي ڪن ٿورن ڏينهن تائين محدود ڪونہ هيون. جيتوڻيڪ انهن سرحدن کان ٻاهر وڃڻ جي وات ان لاءِ نہ هئي، پر اهو اسان جو سنهڻڌ هوندي بہ اسان کان وڏو هو، مڪان ۽ وقت اورانگهڻ لاءِ اُتاولو. کي کي رشتا ايترا بدنصيب هوندا آهن جو ننڍي درد کي ڪافي نہ سمجهي، سڀ ڪجهہ سمجهي بہ، هڪ وڏي درد طرف هلڻ لاءِ تيار ٿيندا آهن...

"اوهہ تارا، اسان کي سياڻي لاءِ بلڪل نہ سوچڻ گهرجي."

"مون صرف جاڻڻ ٿي چاهيو، فرض ڪريو..."

"اجايو آهي."

تارا جي چهري ۾ تاڻ هو.

"تون ڇائين ٿي تارا."

"پوءِ به..."

"اُٺ ته هلون." مون لڳ پڳ هن جي ٻانهن پڪڑي هن کي اُٺاريندي چيو هو.

اسان ٻئي جڏهن اُٺي ٻيٺا هئاسين ۽ بئرو اسان طرف لڳ پڳ پڇندو آيو هو، تڏهن مون ٽيڏي نظر اُڇلي هن چوڪريءَ ۽ هن جي ان (؟) کي ڏسي ورتو هو ۽ مون کي لڳو هو ته هن جي چپن تي فاتحاني مسڪراهٽ هئي. گويا هو چوڻ چاهيندا هجن، هارايُو نه، اسان ايڏا وينا آهيون، نڪرو ٻاهر، اسان ايڏا وينا هونداسين! مان اندر ۾ سڄو جلي ويس. مون تارا طرف نهاريو ۽ ڳولهڻ چاهيو ته هوءَ به جلي ويئي هئي يا نه. مون کي هن ۾ اهڙو ڪجهه به نظر نه آيو. هن جو شايد ان ڳالهه ۾ ڌيان هو ئي نه. مون کي نظر اچي ها ته مان هن کي صاف ٻڌايان ها - چا چنبو آهي؟ ها، مند جي ٻڌايانس ها - سڄو ڏوهه تنهنجو آهي. تون اهڙيون اجايون سجايون ڳالهيون نه ڪرين ها ته اسان کي هنن کان اڳ اُٺڻ جو ڪو سبب ئي نه هو. بهرحال نڪرڻ کان اڳ مون هنن طرف نهاري نگاهن ئي نگاهن ۾ چئي ڏنو (آها... نيٽن جي ياشا! پڳوان جو قسم، هي ته ڪٽي نيٽن جي ياشا موجود آهي، پر اگر ڪنن، نڪ، وارن، ٽنگن، وغيره وغيره جي ياشا هجي ها - وغيره وغيره کي وڌيڪ واضع ڪرڻ واجب ڪونهي، ڳالهه جو ڳاڻو ته ان ۾ سپ ڪجهه اچي ويو، اُها شيءِ به جيڪا... چگو چڏي ڏيان ٽو، نٽو ڪوليان) مجيوسين، توهان وڌيڪ بي شرم نڪتا.

جيتوڻيڪ بي شرم مان آهيان جو پنهنجي شرم کي ائين پرچائي رهيو آهيان. اسان جي اڌ عمر بي شرمائيءَ ۾ ۽ اڌ شرم پرچائڻ ۾ گذرندي آهي.

ٻاهر ايڏا به تيز اُس. پر سخت سرديءَ سبب، ڪائي نه رهي هئي. سڙڪ ڪليل آهي، ان جي سيني کي ڪوئي ڪوئي هوا جو شرارتي جهونڪو چمي اڇتي پڇي وڃي ٿو. بجليءَ جي تارن تي پکي جهومي رهيا آهن ۽ وٽن ۾ لغڙ.

تارا چيو، "توهان مسٽر نريش سان ملڻ چاهيندا؟ هو بيحد دلچسپ ماڻهو آهي."

مون ڳالهه ٽاريندي چيو، "پر مان ته بلڪل دلچسپ نه آهيان نه تارا، تنهن ڪري هن جو موڊ خراب ڪرڻ نه چاهيندس."

اُن ملاقات ۾ هن اهو نه معلوم ڪائون پيرو مسٽر نريش جو ذڪر ڪڍيو هو. هڪ پيرو به ان ۾ ڪٽي مون کي چوٽ پهچائڻ جي شيطاني مراد نه نظر آئي، يا نظر آئي. مون هر پيري هن جو چهرو نردوش پاتو، يا ان ۾ نانگڻ جو زهر ڊوڙندو ڏٺو. جيڪڏهن منهنجو پهريون ڏسڻ برابر آهي، ٻيون غلط، يعني جيڪڏهن نريش جي نالي ڪٽڻ پٺيان هن جي ڏنگڻ جي پاونا نه هئي، جيتوڻيڪ ان بابت ڪو فيصلو نٿو ڪري سگهجي، ڪجهه پڪ سان نٿو چئي سگهجي، پر فرض ڪجي ته جيڪڏهن منهنجو پهريون ڏسڻ برابر آهي ته ان حالت ۾ اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو ته نريش جو نالو ڳنڍڻ سان هوءَ پاڻ کي تسلي ڏئي رهي هئي ته هوءَ مون سان اُهي گهڙيون گهاري ڪو گناهه ڪانه ڪري رهي هئي. شايد (اِها ڳالهه مون ان وقت سوچي هئي يا هاڻ سوچي رهيو آهيان، يا ان وقت سوچي هيم پر ان وقت مان ان طرف چٽيءَ طرح سڃيت نه هوس؟) هوءَ جنهن به ڪن ۾ مون سان 'مقرر حد' - جيتوڻيڪ ان لفظ جي ڪا معنيٰ نٿي ٿي سگهي، گهٽ ۾ گهٽ ايتري چٽي نٿي ٿي سگهي جو ڪنهن جي مانسڪ سطح تي 'مقرر حد'، ڪنهن به ڳالهه جي نسبت ۾، ٻئي شخص تائين ڪميونيڪيٽ ٿي سگهي، جيئن هن جي مانسڪ سطح تي 'مقرر حد' مون سان گڏ گهاريل گهڙين ۾ - ڪي اورانگهي رهي هئي، يا سمجهي رهي هئي ته اورانگهي رهي هئي، غلط يا برابر... ان ڪن، نريش جو نالو ڳنڍڻ، هن لاءِ لازمي ٿي بڻجي آيو. پٺتي موٽڻ لاءِ يا اڳتي نه وڌڻ لاءِ. ڇا به هجي، پٺتي موٽڻ يا اڳتي نه وڌڻ ۾ ڪو فرق نٿي پيو. مون لاءِ هڪ ڳالهه هئي. اسان جي ڪائي ڪائي محبت اهڙي بدنصيب به هوندي آهي جو ان جي اڳتي وڌڻ ۽ پٺتي موٽڻ جا هڪ جيترا سبب هوندا آهن...

وچ چوڪ جي وڏي گهڙيال جا ڪانٽا، جنهن وقت مان ۽ تارا ان طرف ڪان لنگهياسين، هڪ هنڌ بيهجي ويا هئا.

هيءَ گاڏي ڪٽي ٻيٽي هئي، ڪٽي به، يا بس هن طرح ڊوڙندي رهي آهي؟ باهر، پري تائين، ڪٽي به روشني نه آهي. ڇا هن گاڏيءَ جي ڪا منزل، ڪابه ٿي

سگھي ٿي؟ هن طرح بدحواس ٻوڑڻ جو ڪو مقصد، ڪوبہ ٿي سگھي ٿو؟

مان هڪ عجيب سپنو ڏسي رهيو آهيان، ڪليل اکين سان. جاڳندي. گاڏيءَ اندر. سڀ مسافر ليٽڙيون پائي رهيا آهن. گاڏيءَ اندر، هيٺ. زمين تي. متيءَ ۾. لڳاتار ليٽڙيون. هيءَ گاڏي، ڪنهن بہ منزل بنا، مقصد بنا، بدحواس ٻوڑندي رهندي.

مان ٻڪيءَ وانگر اڏامي وڃان ٿو. دريءَ کان ٻاهر. انجڻ تائين. دونهين جي وچ مان. انجڻ اندر. ڊرائيور کي چوان ٿو:

"تون ڊرائيور آهين؟"

جواب ڏيڻ بجاءِ، يا ان کي ئي جواب سمجهي، هن زور سان انجڻ مان سيٽيون ڪڍيون.

"هي گاڏي تو ڪڏهن شروع ڪئي؟"

"ڪڏهن بہ نہ."

"ڪٿان شروع ڪيئہ؟"

"ڪٿان بہ نہ."

"ڪٿي هلي ٻيهاريندين؟"

"ڪٿي بہ نہ."

"ڪو مقصد؟"

"شاندار بي مقصد-"

"تڏهن بہ-"

"تون اديبہ آهين."

مون هن ڏانهن نهاريو.

"توهان سڀ اديبہ آهيو."

"جيڪي ليٽڙيون..."

"جيڪي نہ، سڀ!"

"سڀ مسافر ليٽڙيون پائي رهيا آهن."

"تمام جلد هنن جي وات اندر زبان..."

مون هن ڏانهن نهاريو.

هن وري، جيڪو مون کي ڊپ هو، ڪيو. انجڻ مان زور زور سان سيٽيون.
"زبان ڇا؟"
"چاڪليٽ وانگر ڳري ويندي."
"ويچارا اڳ ۾ ليٽرٻيون..."
"پوءِ هڪ ٻئي سان ڳالهائي به نه سگهندا."
منهنجي حالت، ڪنهن جي به حالت، ڪنهن جي به حالت جيان، نرالي نه ٿيڻ واري آهي. مون انجڻ مان ٻاهر هوا ۾ ٽپو ڏنو آهي ۽ ترندو، اڏامندو پنهنجي گاڏي طرف وڌيس. مون کي ڪير به ڏسي ائين سمجهندو ته مان روئي رهيو آهيان مسافرن جي حالت ڏسي جن ۾ مان به اچي ٿو وڃان، ۽ ڊرائيور جي هردپه هيٺتا ڏسي - ڇا ڇيائين؟ اسان سين جي وات اندر زبان به چاڪليٽ وانگر ڳري ويندي، تمام جلد، يعني مان ڪنهن سان، جيئن ڪوبه ڪنهن سان، ڳالهائي به نه سگهندس - ليڪن اصل ۾ مان روئي ٻوئي نه رهيو آهيان، چاڪاڻ ته انجڻ جي دونهين وچ مان اڏامي آيو آهيان تنهن ڪري (ڪوڙهيءَ پاشا ۾) اکين مان جهر جهر آنسو وهي رهيا آهن.

هڪ نالو، تارا. هڪ تارو آسمان جو. هڪ تارو اڪ جو. فقط تارو، تارا جو ڪو مطلب نڪو نڪري.

نالو، آسمان، اڪ.

تارا = آسمان.

تارا = اڪ.

تارا - تارا = آسمان + اڪ.

آسمان - تارا = شونيه.

اڪ - تارا = اوندهه.

تارا - نالو = خالي ڇهرو.

مان ٻاڻ کي ڏونڏاڙيان. منهنجي دماغ جي انجڻ خيالن جا خالي ڊبا گهلي رهي

آهي. مان چاهيان ٿو، مان محسوس ڪريان ٿو، مون کجهه ڪويو آهي، مان محسوس ڪريان. مون کي ڪٽي درد ٿي رهيو آهي، مان محسوس ڪريان. مان اُن حصي جي تلاش ۾ آهيان، جتي درد ٿيڻ گهرجي، کهڙي به حصي ۾. ڪٽي کجهه به محسوس نٿو ٿئي

مان 'ڪٽي' 'کجهه' محسوس ڪرڻ ٿو چاهيان. اِهو محسوس ڪرڻ منهنجي هستيءَ لاءِ ضروري آهي. منهنجي 'مان' جي هستيءَ لاءِ.

ليڪن 'ڪٽي'؟

ءِ "چا؟"

'ڪٽي' ءِ 'چا' ئي سمجهه ۾ نٿو اچي.

شونيه ۾ اڪيل هڪ خالي چهرو.

اوندهه سان گهيريل روشنيءَ جي هڪ ٽڪري جو پر ۾!

روشنيءَ جي گهيري ۾ قيد اوندهه جو هڪ قطرو!

گاڏي ءِ گرگراهٽ.

دهلي گهٽو دور آهي؟

پيو چا ٿيو هو؟

رستي جي هڪ سستي ريسٽورنٽ ۾ هڪ ٻي ٻي کافي پيتي ويئي هئي. ڊوڙندڙ جهونڪن طرف نهاريو ويو هو. هر ڳالهه تي کليو ويو هو. 'پول پلئيان' ۾ پاڻ کي ٻلجي وڃڻ جو شاندار پروگرام رٿيو ويو هو،جيڪو پوءِ هڪ شاهي وڻ هيٺان روڪجي رد ڪيو ويو هو (مسٽر گوتم کي به شاهي وڻ هيٺان ايڏو گيان آيو هو؟) سئنيما جو پروگرام صرف سئنيما ۾ لڳل پوسٽرن ڏسڻ سان پورو ٿيو هو. اسان لاءِ ٽورا ڏينهن هنا، تنهنڪري سمورا اسان جا ڏينهن هنا.

اسان ٻنهي هڪ ٻئي سان سمجهوتو ڪري ورتو آهي ته ٻنهي مان ڪوبه هڪ جيڪڏهن ڪوبه سوال پڇي ته ٻيو جهٽ هن جي ان سوال کي رد ڪري ڦٽو ڪري ڇڏي. اسان قبول ڪري چڪا هئاسين ته سڀ سوال رَدي هوندا آهن. ڇو ته اسان کي خيواه مخواه مستقبل بابت - لاءِ - طرف فيصلا ڪرڻا هوندا آهن... ءِ ان سڀ جي ڪابه پڪ نه هوندي آهي. اسان پوءِ ڏسندا آهيون، اُهي ڪيترا نه بيڪار ويا آهن،

اُنهن جو ڪو سار، ڪو ارٿ نہ آهي. اهي خواهہ مخواہ اسان جي حال جا چند خوشنما لمحا سياهہ ڪري ڇڏيندا آهن. سڀ سوال. سڀ سوال رد ٿيندا آهن، تنهن ڪري ردي آهن.

جڏهن مون هن کي ٻڌايو تہ سڀ سوال رد ٿيندا آهن، تنهن ڪري ردي آهن، تڏهن هوءَ ڪلندي ڪلندي منهنجي ڪلهي تي لڙکي آئي هئي (مون رات جو پنهنجي هوٽل جي روم ۾ اڇي ڏنو هو تہ منهنجي قميص جي ڪلهي تي لپسٽڪ لڳل هئي) منهنجو هٿ، ديوار جي آرپار، ٻئي پاسي بيٺل هن کي پاڻ طرف ڇڪي آيو... ترندڙ مڇيءَ جيان، هوءَ مون وٽ هلي آئي. سنهي، سهڻي، پيلي، هلڪي، هوءَ.

منهنجن چپن تي وري هڪ مهر لڳائي وڃ، اَجنبي...

هن مون کي چيو هو يا چپ هن جا ائين ئي ڦڙڪيا هئا.

پر ڇڏ هن جي انهن چپن مون کي دعوت ڏني هئي.

منهنجن چپن تي وري هڪ مهر لڳائي وڃ، اَجنبي.

هوائون، تڏهن، ديوار کي ٽوڙي ويون.

تَتل ديوار جي اردگرد باهہ جا ڪُورا جلي اُٿيا.

هڪ هڪ سر رڌندي ويئي.

سرن کي جوڙي رکندڙ چونو - متي هيٺ ڪرڻ لڳو.

منهنجا چپ هن جي چپن تان کسڪندي، ڪاڏيءَ کي چمندا، هيٺ ٽيڙ ڪائيندا، هن جي ٻن ننڍڙن پستانن وچ ۾ رکجي ويا، رکيا رهيا.

تَتل ديوار جي اردگرد باهہ جا جليل ڪُورا.

منهنجن ٻن هٿن آکيري اندر گهڙي انهن ٻن ننڍڙن ننڍڙن سفيد پکين کي پکڙي ورتو.

ڪجهہ دير تائين اُهي منهنجن ڪنبندڙ هٿن ۾ قيد رهيا... هن جي ڇاتيءَ جا ٻہ ننڍڙا سفيد پکي!

آواز -

چرڪ -

صاحب -

ويٽر اندر داخل ٿئي ٿو.

بل -

اسان پڇڙ ڇاهيون ٿا، اُتان. هڪ ٻئي کان.

ويٽر جون نگاهون شڪجي ويل چهري ۽ بي ترتيب بلائوز کي ڏسي هيٺ، هٿ

ڀر پکڙيل بل مٽان جهڪي وڃن ٽيون. منهنجي چهري تي ڪجهه ڪونه هو، يا مان غلط ياد ڪيان ٿو، منهنجي چهري تي ڪجهه به هو.

ٻاهر سردي وڌي ويئي هئي.

هن چيو، ايڏا به وڌندي.

مان جڏهن ان بابت بي فڪر ڏٺو ويو هوس، تڏهن هن چيو، مان هن جي گهر هلان، ٻاهر جي سرديءَ کان بچڻ لاءِ، ليڪن هن اهو، مان ڪجهه چڱيءَ طرح نٿو چئي سگهان، مون کي بي فڪر ڏسي چيو هو يا ڪنهن به ٻئي سبب جي ڪري.

جڏهن هن چيو، مان هن جي گهر هلان، ڪنهن به سبب ڪري، يا بنا ڪنهن به سبب جي، تہ مون چيو، نہ، اسان هنن سرد جهونڪن ۾ پاڻ کي ڇڏي ڏيندا سين. جتي ٽڪجندا سين، اتي ويهندا سين. سرير کي گرم رکڻ لاءِ، وچ وچ ۾، ڪٽي به چانهه کافي پيئندا سين. پوءِ به سردي نہ لٿي تہ هڪ ٻئي کي، هڪ ٻئي جي سرير سان لڳائي - گسائي، گرم رکندا سين.

"سياڻي..."

مون هن کي وچ ۾ ڪٽيو، "سياڻي لاءِ ڪجهه ڳالهائڻو نہ آهي."

"مان سوچي رهي آهيان تہ..."

مون تيز ٿي چيو، "تارا!"

تڏهن هن مون طرف نهاريو، سڏو ئي سڏو هلندي.

مون وري چيو، "پليز تارا!"

هن چيو، "مون سمجهيو."

"ٿينڪ يُو."

"مون کي سچ پچ ان جو دک آهي."

مون چاهيو، هوءَ چپ ڪري هلي. لڳو، هن جي اندروني اُٿل پٿل لاءِ ائين ڪرڻ ممڪن نہ هو.

مون چيو، "ڪجهه به ڳالهاءِ، ڳالهائڻ لاءِ نہ آهي. تہ ڪجهه نہ ڳالهاءِ. سياڻو آهي ڪونہ. ان جي باري ۾ ڪجهه نہ.... چو تہ اسان ان باري ۾ پوريءَ طرح ڪجهه به نشچت نٿا ڪري سگهون."

تارا، ماحول کي، شايد، هلڪو بنائڻ لاءِ، يا شايد، اندروني اُٿل پٿل ڏي نظر انداز ڪرڻ لاءِ، يا شايد، انهن ٻنهي سببن جي ڪري، يا ٻنهي سببن جي ڪري نہ، ڪنهن به ٻئي سبب جي ڪري، يا شايد ڪنهن به سبب بنا، ڪلي چيو:

"تہ ڇگو، پوءِ پلا ڪالھ بابت..."

"اُھو 'سپاٽي' وانگر ئي مئل آھي تارا. اسان مئل بابت نہ ڳالھائيندا سين، نہ سوچيندا سين، جيتوٽيڪ شڪ آھي تہ حال ہر، اڄ، ھن گھڙيءَ اھو ڇا آھي ۽ ڪٽي آھي جيڪو زندھ آھي، جنھن ہر ڪابہ حرڪت، ھلچل، حرارت آھي. ھڪ اَنام دائمي خاموشي، ڪالھ ڪان وٽي سپاٽي تائين ھڪ لنبي، لڳاتار بي حرڪت، بي ھلچل، بي حرارت... جمي ويل پاري وانگر جنھن جي رڄڻ جي ڪا راھ، ڪو اُپاءَ نہ آھي."

"ڊيئر، مان فقط ھڪ وار..."

"سڀ بيڪار، بي معنيٰ ٿيندو، جتي بہ توکي اھڙو ڪوئي ويچار ستائي تہ بہ الڳ الڳ رڪشائون پکڙيندا سين."

"پر تو مون کي ڪجھ بہ نہ ٻڌايو آھي، مان ڇاڻڻ ٿي چاھيان."

"ڊونٽ بي رومانٽڪ سلي گرل."

"مان تنھنجي پٽنيءَ بابت ڇاڻڻ ٿي چاھيان."

"ليڪن مان تنھنجي مسٽر نريش بابت تہ نٿو ڇاڻڻ چاھيان!"

"تو ہر سينس آف ڪيوُ رازتي اصل ڪونھي."

"مون کي ٻين ہر ڏسي عجب لڳندو آھي."

"تنھنجو مطلب آھي ڪنھن ہر ڪونھي، تو وانگر؟"

"ھا، ڪُنھن ہر ڪونھي، مون وانگر."

"ان بنا..."

"اڇلھ ڪنھن ہر ڪونھي."

"پر ان بنا..."

"ھڪ اَنام دائمي خاموشي..."

ھڪ اَنام دائمي خاموشي.
يا صرف گاڏيءَ جي گرگراھٽ.
اُھا بہ صرف انھيءَ اَنام دائمي خاموشيءَ جي شور مچائيندڙ اَرٽ ھيڻ شاھد.
دائمي خاموشيءَ جي گواھ گاڏيءَ جي گرگراھٽ.

هڪ لنبي، لڳاتار بي حرڪت، بي هلچل، بي حرارت... جمي ويل پاري وانگر جنهن جي رڄڻ جي ڪا راهه، ڪو اُپاءُ نه آهي.

"تون ڪجهه به نٿو ڄاڻڻ چاهين."

"چو ته مان ڪجهه به نٿو ڄاڻي سگهان."

"ديوار وانگر؟"

"مردي وانگر."

"وٽن وانگر؟"

"مردي وانگر."

"رستن وانگر."

"مردي وانگر."

هوءَ مٽي فوٽ پاڻ تي چڙهي ويئي. اڳيان پٺيان ڪابه موٽر ہوٽر ڪونه هئي سبب نه نظر آيو. هوءَ رستو چڏي فوٽ پاڻ تي چڙهي ويئي. چڏڻ وقت هن پنهنجو هٿ جيڪو منهنجي هٿ ۾ هو چڏي ڏنو هو، مون کي ياد آهي ۽ مان دعويٰ سان چئي سگهان ٿو ته هن رستو چڏي فوٽ پاڻ تي چڙهڻ وقت پنهنجو هٿ به چڏي ڏنو هو.

"تون بلڪل نراشاوادي آهين."

هن - تارا ئي نه؟ - ئي چيو هو نه؟

مون کي شڪ پئجي رهيو آهي. مان ٻڌايو اَوس ويو هوس. ته مان نراشاوادي آهيان. پر مون کي شڪ پئجي رهيو آهي. ۽ شڪ. هڪ ته تارا ئي ائين چيو هو يا ٻيءَ ڪنهن، ٻئي ڪنهن دفعي، ڪڏهن به. ٻيو ته جيڪڏهن تارا ئي چيو هو ته اهو ڪجهه پڪ سان نٿو چئي سگهجي ته هن اهو ان وقت، اُن ملاقات ۾ ئي چيو هو. ائين ته ان ڳالهه جو ڪو مهتو نه آهي ته مان نراشاوادي آهي يا آشاوادي، يا اها ڳالهه مون کي تارا ئي چئي هئي يا مان ٻئي ڪنهن ڇوري کي تارا جي ڇوري سان ملائي رهيو آهيان، يا تارا ئي چئي هئي ته ان ملاقات ۾ چئي هئي يا ڪنهن ٻيءَ ملاقات ۾. هوندن منهنجي من ۾ آهي ته جيڪڏهن تارا ئي چئي هئي، پر ٻيءَ ڪنهن ملاقات ۾ چئي هئي، نه ڪ انهيءَ هڪ ملاقات ۾ جنهن کي سجو جو سجو يا جيئن جو تيئن مان ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان ته انهيءَ ٻيءَ ملاقات ۾ هن جو

چهرو ان ملاقات واري چهري کان جنهن ملاقات کي ياد ڪرڻ جو مون ضد ڪيو آهي ايترو ئي ڦريل - بدليل هوندو. جيترو ڪنهن به ٻئي چهري جو جنهن کي مان تارا جي چهري سان ملائي رهيو آهيان، جيڪڏهن ملائي رهيو آهيان ته.

خير، اهو مون کي تارا چيو هو، يا ٻيءَ ڪنهن، يا ٻيءَ ڪنهن نه پر تارا ئي چيو هو پر اُن ملاقات ۾ نه چئي ڪنهن ٻيءَ ملاقات ۾ چيو هو. هڪ ڳالهه ۾ شرڪ جي گنجائش نه هئڻ گهرجي ته اهو مون کي ڪنهن، ڪڏهن نه ڪڏهن، ڪٽي نه ڪٽي، عورت ئي چيو هوندو، ڪوئي پرش نٿو ٿي سگهي. ائين مشڪل ئي ٿيندو آهي جو اسان پرش جي چيل ڳالهه عورت جي چهري سان ۽ عورت جي چيل ڳالهه پرش جي چهري سان ملائي ويهون - چهرا پلجي وڃڻ جي حالت ۾. ليڪن اها ڳالهه به، ڪنهن به ڳالهه جيان، پٿر تي ليڪو نٿي ٿي سگهي.

"مون کي ڪوڙ کان نفرت آهي... اگر ڪٽي به ڪائي آشا نه آهي ته محض ان ڪري آشاوادي ٻڌجان ڇو ته ائين ڪرڻ سان مان سولائيءَ سان جي سگهندس ته مون کي ان کان نفرت آهي."

اهو جواب، جيڪڏهن تارا ئي مون کي چيو هو ته مان نراشاوادي آهيان، مون تارا کي ئي ڏنو هوندو، ۽ اگر هن ٻيءَ ملاقات ۾ ئي ڏنو هوندو، ۽ اگر تارا ڪنهن به ملاقات ۾ نه چيو هوندو، جنهن حالت ۾ چهرا منهنجي ذهن ۾ اُلجهي ويل سمجهڻ گهرجن، ته مون اهو جواب انهيءَ عورت کي ڏنو هوندو جنهن مون کي نراشاوادي چيو هوندو. هڪ ڳالهه ۾ هڪ کان وڌيڪ رايا نٿا ٿي سگهن ته اگر تارا ئي چيو هو پر ٻيءَ ڪنهن ملاقات ۾ چيو هو، يا ٻيءَ ڪنهن عورت ڪڏهن ڪٽي چيو هو ته اهو جواب هن هنڌ ٽنبڻ ايترو ئي ناجائز آهي، جيترو اها ڳالهه سوچڻ ته ڪير به ڪنهن کي سمجهي سگهي ٿو.

ائين هاڻ سوچڻ ۾ ڪو نقصان، يا فائدو نه ٿيندو، جيئن ڪنهن به ڳالهه ۾ ڪوبه نقصان يا فائدو ڪونه ٿيندو آهي، ته جيڪڏهن تارا مون کي نراشاوادي نه سڏيو هو ۽ ٻڌايل جواب تنهن ڪري مون هن کي نه ڏنو ته اُها ڪير ٿي سگهي ٿي، جنهن مون کي اهو چيو هو ۽ جنهن کي مون اهو چيو هو. اُها، پڪ ئي پڪ، انهن چوڪرين مان نٿي ٿي سگهي، جن کي مون پهرين ملاقات ۾ ئي 'پيٽ' سڏيو هو ۽ جن ٻيءَ ملاقات ۾ مون کي رکڙي ٻڌي هئي. اُنهن 'سوڪالڊ سسٽرس' ۾ ڪماري جهانگيائي به اچي وڃي ٿي، جيڪا سڄي شهر جي لڳ ڀڳ سين چوڪرن ۽ مردن کي رکڙيون ٻڌندي هئي. رکڙي - ٻنڌن جي ڏينهن آسپاس ٽپالي ڊير سارامني

آربر هن جي اڳيان رکندو هو. ڪماري جهانگيائيءَ وٽ باقائدي هڪ نوٽ بوڪ رهندو هو. اُهو مون خود پنهنجي اکين سان، جنهن ڏينهن هوءَ ڪچن ۾ مون لاءِ چانهه ٺاهڻ ۾ مصروف هئي، ڏٺو هو. ان سؤ صفحن جو نوٽ بوڪ هو. پنا آڇا مکڻ، بنا لائين وارا. مٿان برائون ڪلر جي ڪاغذ جو ڪَور ڏنل. اندر، مون ڏٺو هو. پهرين صفحي تي، ڳاڙهيءَ مس سان لکيل هو، پائرن جا نالا ۽ ائڊريسون. ان کان پوءِ هڪ هڪ صفحي تي هڪ هڪ نالو ۽ ائڊريس. نالي - ائڊريس هيٺان پينسل سان پنج خانا ٺاهيل - سال، رکڙي موڪلڻ جي تاريخ، رکڙي روبرو پاتل يا پوسٽ رستي موڪليل. خرچي روڪ مليل يا پوسٽ رستي پهتل، ڪيتري خرچي مليل. چگو خاصو جميل ڪاروبار نظر آيو. جڏهن به هوءَ مون لاءِ چانهه ٺاهي ڪٽي ايندي هئي ته نزديڪ ويهي نخري سان چوندي هئي - "مون کي هيترا پائر آهن پر تو جهڙو ڪوئي پاءُ ڪونهي. مان سڀ کان گهٽو تو کي پائيندي آهيان." سالي بي حياءُ، سڀ کي ائين چوندي هوندي. هن وقت به، وقت جي مون کي سڌ آهي، هوءَ ڪنهن کي نه ڪنهن کي پڪڙي ويٺي هوندي ۽ هن کي ائين چوندي هوندي. اِهو ته اُنهي نوٽ بوڪ مان ئي ظاهر هو ته هوءَ مون کي 'ٻين پائرن' کان ڪيترو وڌيڪ پائيندي هوندي. گهٽ ۾ گهٽ منهنجا ئي پئسا لکيل هنا. جهانگيائي ڪلهر ڪلا چوندَيَ هئي ته هن کي پنهنجي هر - ذات کان حقارت آهي. هن کي ته بس پنهنجن پائرن سان پيار آهي. هوءَ فخر سان ٻڌائيندي هئي ته اهڙو ڪو شهر پارت ۾ مشڪل آهي ۽ دنيا ۾ خير ڪو اهڙو ملڪ، جنهن ۾ هن جو ڪونه ڪو پاءُ نه هوندو. اُلهاس نگر - پارت ۾ سنڌين جي وڏي ۾ وڏي بستي جنهن کي اسان جي پاپڙ ڪائو پهلوان جاتي سنڌونگر به سڏيندي هئي - ڪان وٽي ويندي ڏبوهيءَ تائين هن جا پائر ڦهليل آهن. هيءَ ڪشميرا مون کي ڏولاڻيءَ هانگ ڪانگ مان موڪلي آهي - ڏولاڻيءَ کي سڃاڻين؟ شاهه دل. درياهه دل. سوني دل. پاءُ ته اهڙو. گهٽ ۾ گهٽ ٽي سوين جي هوندي هيءَ ڪشميرا. اڳين سال آيو ته پورا ٻه ڏينهن هٽ مون وٽ رهيو. ڪلائي ڪلائي پيٽ ۾ سُور وجهندو هو. پر هندستان جي ڪلائيمٽ ياد ڪندي ئي روئڻ لڳندو هو. فقط هفتي لاءِ هندستان آيو، تنهن مان هڪ ڏينهن ماءُ پيءُ وٽ رهيو، ٻه ڏينهن ٻن پائرن وٽ، ٻه ڏينهن ٻن پينرن وٽ ۽ ٻه ڏينهن مون وٽ. يعني گهٽي ۾ گهٽا ڏينهن مون وٽ رهيو. چيائين ته تو وٽ ڪيئن رهان، تون اڪيلي، ماڻهو.. مون چيومانس، ماڻهن جي پرواهه منهنجو جوتو به نه ڪري، جلندا رهن، اسان جي دل صاف آهي. هن جي ڪمري ۾ ويهندي اگر ڪنهن به چيز تي نظر پوندي هئي ته هوءَ جهٽ اکيون مچڪائي، هڪ

اُلٽي ڏيارينڊ اَدا سان ڳالهائڻ شروع ڪري ڇڏيندي هئي - هيءَ ٽيبل لئمپ؟ ڏاڍي خوبصورت آهي نه؟ واقعي ئي ڏاڍي خوبصورت آهي. ڏاڍي خوبصورت آهي نه؟ واقعي ئي ڏاڍي خوبصورت آهي. مهيش اڳئين سال سوئٽزرلينڊ ڏني هئي. پنجاهه روڪ به ڏئي ويو. رڪڙي ٻنڊن جي ڏينهن جتي به هوندو آهي، مون وٽ پڇي ايندو آهي، چوندو آهي، اهو ڏينهن تو لاءِ (منهنجي من ۾ آيو هو ته هن کي چوان، ساوتري - او ستي ساوتري ڪماري جهانگياڻي - مهيش جڏهن توکي چوندو هوندو، اهو ڏينهن تو لاءِ، ته اهڙي پياري پاءُ جو اُهو ڏينهن ڇا ايترو لنبو به نه هوندو جو اُن ۾ هڪ رات به اچي وڃي!) اوهه... هيءَ ساڙهي، اوهه... هيءُ ليمن سيٽ، اوهه... هيءُ، هي ٽوسٽر، اوهه... هيءُ ايگ بيٽر، اوهه... اوهه... اوهه... اَڙي چندر ڀان کي نه سڃاڻين... اَڙي حڪمت آهوجا کي نه سڃاڻين... اڙي... اڙي... اڙي...

مون سان تمام رواجي ڳالهه تي وڙهي ۽ ان کان پوءِ وري اسان هڪ ٻئي جي شڪل نه ڏٺي. اُهو رڪڙي ٻنڊن جو ڏينهن هو. هڪ ڏينهن اڳ هن خط لکيو ته پلجي نه وڃ ته سياڻي رڪڙي ٻنڊن آهي، ضرور اچ. مان پلجي نه ويس- ويس. به ڇٽا هن جي ڪمري مان ٻاهر نڪرندا نظر آيا، ٽي چار اندر ويئل مليا. آس پاس مان ماڻهن جون سسيون لڙڪيل ڏسڻ ۾ اچي رهيون هيون. نيٽ ڪلاڪ ڪن کان پوءِ منهنجي ڪرائي سينگارجڻ جو وارو آيو. ساوتريءَ تنهن ڏينهن خاص فنڪشن ڪيو هو. ٽيبل جي هڪ ڪنڊ وٽ ڪاڪ جي پيٽي نظر آئي - پائرن جو پيار جمع ڪرڻ لاءِ. مان رڪڙي ٻڌائي چپ چاپ ٻيئو رهيس ته ڇا ڇئي چوان ته چگو مان هلان ٿو. جڏهن ڪجهه نه سجهيو ته ڪجهه نه ڇئي چيم ته چگو مان هلان ٿو.

هن چيو، پيٽ کي ڇا خرچي به نه ڏيئي ويندين؟

مون چيو ڏيئي ويندس، ڏسان.

مون کيسا ڏٺا، جتان ڪٽان کاغذ ۽ سگريٽ نڪري رهيا هئا.

چيم، ڪجهه ڪونهي، ڪپڙي ته هي سڀ ڪڙ.

هن بي حيائيءَ سان کلندي چيو، صفا ڪنجوس آهين.

مون کي پهرين پهرين اهو خيال آيو ته هن کي چوان، ڪتي، ڪيجري - پوءِ هن کي وارن کان گهليندو ڪچن ۾ وڃي هن تي گاسليٽ وجهي تيلي هڻان. مون پنهنجن ڪنن سان ٻڌو هو، هن مون کي ڪنجوس ڪوٺيو هو. مان سمجهان ٿو، صحيح يا غلط، هن وقت مان جيڪر هن کي اهو چوڙ چاهيان - ساوتري تون صفا ڪم عقل آهين، هي سگريٽ تون پنهنجن اُنهن پائرن کي پيئاري سگهين ٿي،

جيڪي ڇيڪُو هجن ۽ هنن ڪاغذن مان توڪي الاهي نوان نالا ۽ نيون ائڊريسون ملي سگهن ٿيون، جن سان تون پائرن جي لسٽ وڌائي سگهين ٿي.

ليڪن، جيئن مون سان ٿيندو آهي، موقعي تي شاندار ڳالهه ياد نه ايندي آهي، ان وقت مون کي اِها ڳالهه نه سجهي.

ان وقت مون هن کي چيو، آفٽر آل، مان تنهنجو پاڻ آهيان، پئسا نه هوندي به بي ڏڙڪ تو وٽ اچي سگهان ٿو، پاڻ ٿيڻ ۾ هڪڙي اِهائي ته سهولت آهي، ڪنهن عورت جو يار ٿيڻ ۾...

هن تيز ٿي چيو، تنهنجو چا مطلب آهي؟

مون تمام ڪوملتا سان چيو، منهنجو مطلب بلڪل صاف آهي، مان تنهنجو يار ته آهيان ڪونه جو بنا پئسن تو وٽ نه اچي سگهان.

نه، اُها ساوتري جهانگياڻي نٽي ٿي سگهي، جنهن مون کي چيو هوندو، مان نراشاوادي آهيان ۽ جنهن کي مون اِهو جواب ڏنو هوندو.

اُها پشپا به نٽي ٿي سگهي، چو ته هوءَ مون سان، يا ڪنهن سان به، ڳالهائيندي نه هئي، صرف ڳائيندي هئي ۽ مون کي، اگر هن ئي اها ڳالهه چئي هجي ها، هڪدم اهڙو ڪو گيت ياد اچي وڃي ها جنهن ۾ اِهي لفظ هجن ته مان نراشاوادي آهيان.

ڪملا ٿي سگهي ٿي؟ سوچڻو پوندو. اُها ڪملا ئي هئي نه جنهن کي مون هڪ دفعي چيو هو، يا جنهن لاءِ هڪ دفعي هڪ هنڌ مون لکيو هو، جيڪڏهن هن کي چيو نه هو ته، جيتوڻيڪ اِها ڳالهه اَڻ ٽيڻي نٽي ٿي سگهي ته مون هن کي چيو هوندو ۽ ڪٿي لکيو به هوندو، جنهن شخص لاءِ ڪجهه به لکڻ پٽيان ڪوبه مقصد، سماجڪ يا ڪنهن به اهڙي بچڙي نالي وارو، نٽو ٿي سگهي، جنهن لاءِ ڪجهه به لکڻ ايترو ذاتي سوال آهي جيترو ذاتي هن جي چيڪ تي هن جو دستخط، تنهن سان ائين ٿيڻ اَڻ ٽيڻي ڳالهه نه آهي ۽ مان ياد ڪري رهيو آهيان ته اُها ڪملا ئي هئي نه جنهن کي مون هڪ دفعي چيو هو ۽ ساڳي ڳالهه ڪٿي لکي به هئي.

هن جي ڳلن ۾ ڪير ۽ چين ۾ شراب هو.

هُوءَ مون طرف، مترتا يا پيار وچ ۾ پورا پنج سال ليٽڙيون پائيندي رهي. هاڻ مون کي لڳي رهيو آهي ته هوءَ سڄي عمر ڪهڙين به بن جڳهين، ڳالهين، خيالن ۽ پاونائن وچ ۾ ليٽڙيون پائيندي پوري ڪندي، هونئن ڏسجي ته اِها بيماري ڪيتري نه ڦهليل آهي، بن مانسڪ استتين وچ ۾ لتڪندو رهڻ، ليٽڙيون پائيندو رهڻ، لڳاتار.

رمانيا جي هڪ ڪوءِ جي ڪوتا:
تنهنجو پيار
جڏ ڪن ۾ بن لفظن جي وچ ۾
ڇڏيل وڇوتي...

اُها ڪوتا مون کي ڪملا ئي ٻڌائي هئي نہ؟
ٻيو هن چا چا ٻڌايو هو؟
اِهو ۾ تہ مان نراشاوادي آهيان؟
ڪجھ خاطريءَ سان نٿو چئي سگھجي تہ هن ئي اِهو چيو هو.
تارا سان گڏ اُها ملاقات ياد ڪري ونان تہ پوءِ، الڳ طرح پنهنجي ذهن جي جھنگل ۾ ڳولهيان تہ اِها ڳالھ تارا چئي هئي يا ڪملا، يا ٻنهي مان ڪنهن نہ، ڪنهن ٻيءَ. هڪ هڪ ڇهرو اُٽلائڻو پوندو، گڏ ٽيل رک کي ڦُوڪون ڏيئي ڏيئي ڳولهڻو پوندو.

اَلائي ڪهڙيءَ ڳالھ جي سلسلي ۾، يا ڪنهن ۾ ڳالھ جي سلسلي ٻنا، تارا ڪجھ نہ چيو ۽ پوءِ هوءَ سگريٽ پيئندي رهي، هڪ ٻئي جي مٿان... جڏ هن ڪيترين ڳالهيون، هن جي تاڻجي ويل ڇهري مان لڳو، پيئڻ ٽي چاهيون، هڪ ٻئي جي مٿان، يا هوءَ پيئڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. مون پاڻ کي چيو تہ ڪتوهل ڏيڪارڻ اجايو آهي، چو تہ ڪتوهل فقط انهن ڳالهين لاءِ ڏيڪاري سگھجي ٿو جيڪي 'نرماڻ جي پرڪريا' ۾ آهن... ۽ مون ڏٺو تہ اُهي ڳالهيون، جن کي هوءَ پيئڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي، اوڏ ئي موجود هيون، منهنجي ۽ هن جي زندگيءَ ۾... ۽ ٻنهي طرفان کوبہ ڪتوهل ڏيڪارڻ، انهن ڳالهين طرف نرارتڪ هو.
"تارا، تون..."
جڏ هوءَ ڪٽي سمجهي ويئي هجي تہ مان چا چوڻ وارو آهيان، ان کان بچڻ لاءِ هن چيو:
"وقت گھٽو ٿيو آهي؟"

مون ٻڌائڻ کان اول ڄاڻڻ چاهيو، هن جي واڇ سان چا ٿي ويو آهي ۽ جڏهن مون هن کان پڇيو ته هن جي واڇ سان چا ٿي ويو آهي ته هن هڪ وار پنهنجي ڪرائيءَ ۾ پيل واڇ ۾ نهاري، جهيڻي آواز ۾، جيئن ڪوئي دونهين ۽ ٻوساٽ ۾ قيد هجي، چيو:

"بيهجي ويئي آهي."

"چاپي ڏي."

"ڏني هيم."

مون هن ڏانهن نهاريو.

"تڏهن به بيهجي ويئي آهي."

مون ڪجهه نه چيو.

"وقت گهٽو ٿيو آهي؟"

مون پنهنجي واڇ ۾ نهاريو.

"ڇهه."

"ايڏا گهمي سگهجي ٿو."

"سگهجي ٿو؟"

هن منهنجا ٻئي هٿ چڪي پنهنجي ڳلن تي رکندي چيو:

"ٻيس، ٻيس..."

"ڪٽي؟"

"گهٽن ئي هنڌ، سين هنڌ."

هوءَ جڏ اوڇتو بود ۾ پرجي ويئي هئي.

هلندي هلندي... هوا هن جي وارن ڪي ڪولي ويئي يا هن پنهنجن وارن ڪي پاڻ ئي ڪوليو هو، مون ڏٺو هو ۽ مان کو فيصلو نه ڪري سگهيو هوس. جيئن مون ڪي ياد آيو هو، يا جيئن مون ڪي ياد اچي رهيو آهي ته مون ڪي ياد آيو هو، هن جا وار ڪافي مضبوطيءَ سان ٻڌل هئا. چو ته هوٽل جي بند فيملي روم ۾ هيتري چيڙخاني ڪرڻ بعد به اُهي ڪونه چڙيا هئا. ان ڳالهه تي ايترو جلد يقين ڪرڻ مشڪل هو ته اُهي پنهنجو پاڻيهي چڙي ويا هوندا يا انهن ڪي هوا چوڙي ويئي هوندي، منهنجي جڳهه تي ڪير به سولائيءَ سان يقين نه ڪري ها. جيتوڻيڪ ڪنهن به حالت ۾ حقيقت خسيس هئي، مون اهو اُن وقت به سوچيو هو ۽ هاڻ به ان رايي تي محڪم آهيان. گهٽ ۾ گهٽ مان سمجهان ٿو ته مان هاڻ به اُن رايي تي محڪم آهيان ۽ اِها سچ پچ ڪل ڏيارينڊڙ ڳالهه آهي ته اهڙيءَ خسيس ڳالهه تي خواهه مخواهه مان مٽاڪت ڪري

رهيو هوس، ۽ ٻئي پاسي ڏسجي ته سوچڻ جهڙي يا فڪر ڪرڻ جهڙي ڳالهه اِها هئي ته مان اهڙين خسيس ڳالهين تي خواهه مخواهه ايتري مٿاڪت ڇو ڪري رهيو هوس، خاص ڪري جڏهن وڌين ڳالهين جو فرق به مون لاءِ ٻي معنيٰ آهي. مون کي لڳو هو ته وجهه وٺي هن خود ئي کنهن اَدا يا اَٽڪل بازيءَ سان، جنهن جي عورتن کي ذات هوندي آهي، پنهنجا وار چوڑي چڏيا هئا. ڇو ته هن پاڻ کي ڪجهه 'بدليل' بٽائڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي. ڇو ته آفٽر آل هوءَ استري هئي ۽ آفٽر آل هن سان گڏ هڪ پرش هو. ها، اِنهيءَ الزام کي ذرا نرم ڪرڻو هجي ته چئي سگهجي ٿو ته اهو 'بي ترتيبيءَ جو ميڪ اپ' هن ٻي خوديءَ ۾ ڪيو هوندو. هن جي زناني فطرت، پنهنجي نرالیت جي نمائش. خاص ڪري مردن لاءِ. خاص مردن لاءِ. خاص مون لاءِ.

مون کي وري به لڳو 'زناني فطرت'. هن جي 'پنهنجي' نه. اُها جا اِن ڳالهه جي نسبت ۾ ٻين سيني يا لڳ ڀڳ سيني استرين جي هوندي آهي.

۽ مون کي وري به لڳو...

مان 'هن جي' ۽ ٻين جي وچ ۾ 'ناممڪن' ڳولهي رهيو آهيان. جيتوڻيڪ مون کي يقين ٿي ويو هو ته منهنجي اِها ڪوشش، اِن ڳالهه جي نسبت ۾، ٻين ڳالهين جي نسبت وانگر، بيڪار ثابت ٿيندي، منهنجي تلاش ناممڪن لاءِ آهي، تقاضا ئي واهيات آهي، مون کي وڌيڪ نراشا ۾ ڦٽو ڪندي، يا شايد نراشا ۾ به نه ڦٽو ڪري، محض منهنجي 'پهتل نتيجي' جي حقيقت جي پٽيرائي ڪري.

ڇا مون کي سڌ نه هئي؟ ته مان تارا ۾ ناممڪن ڳولهي رهيو هوس.

پهرين مون پاڻ کي پرپايو هو ته تارا جي 'سچائپ' آهي اَوس، هوءَ 'هوءَ' آهي، 'ڪابه' نه آهي، ٻين کان الڳ، ڪابه، ڪٽي نه ڪٽي، ڪهڙي به، ڪٽي نه ڪٽي...

ڪٽي؟

ڪهڙي؟

منهنجي درشٽي ڏنڏلي آهي، هن جي سچائپ ڏنڏلي نه آهي.

تلاش

پائڻ جي اُميد.

تلاش.

مون ڏينهن جي اُجالي ۾ ڳولهيو، چمڪندڙ اُس ۾ هن جي چهري جي هر پاوَ، هر ريکا کي پکڙيو. مان اوندهه ۾ غرق ٿي ويس.

"هٽ ئري ويا آهن."

"ڪافي پيئون؟"

"نہ، هن وقت نہ."

"آس پاس ڪا هوٽل وغيره نہ آهي؟"

"سڀ نہ آهي."

"ڪا سڀ پري آهي؟"

"ٽورو پنڌ ڪرڻو پوندو."

"مان اُتي مائڻهن جي شڪل نہ سهي سگهندس."

"اُن هوٽل ۾ فيملي روم آهن."

"تيسين..."

"ٽورو پنڌ ڪرڻو پوندو."

"پر تنهنجا هٽ ئري ويا آهن."

"هن موسم ۾ سين جا ئري ويندا آهن."

"هن طرح گهمندي."

"هن طرح گهمندي."

"مان رم پيئندس."

"اُتي سپ ڪجهہ ملندو آهي."

"توکي ڪو اعتراض..."

"ٽورو مان به پيئنديس."

مان هڪ هنڌ ٻيهي رهيس، فوٽ پاٽ ڪان هيٺ.

هوءَ به ٻيهي رهي، فوٽ پاٽ تي ئي.

اسان ٻئي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون، هيٺ مٿي.

مون کي اُن وقت خيال اچڻ ڪيندو هو ته هوءَ پشپا جيتري ڏگهي آهي. پشپا جڏهن به فوٽ پاٽ جي ليول جيترو اُهو سنهري تارن مڙهيل سئنڈل پائيندي هئي ته لڳ ڀڳ مون جيتري لڳندي هئي.

انڌيري ۾ هڪ اُداس، رهسيميہ آکرتي.

تارا، مون چيو.

تون ٽڪجي پيو آهين، هن چيو.

نہ، مون چيو، مان ان ڪري ٻيٺس - پنهنجو هٽ ڏي.

هن پنهنجا ٻئي هٿ ڏنا.

هلون، مون چيو، منهنجي ڪري - تنهنجا هٿ صفا ٺري ويا آهن.

هن منهن سان ڪجهه نه چيو.

تو ڪي سردي لڳي ويندي، گهر وڃ، مون چيو.

هن جهيڻي آواز ۾ ٻڙ ٻڙ ڪئي، مان سڄي عمر هيئن هلي سگهان ٿي يا هيئن بيهي سگهان ٿي.

مون ڪجهه نه چيو. هن جي ٻنهي هٿن ڪي سهلائيندو رهيس، بنا رڪجڻ جي، سهلائيندو رهيس، چپ چاپ.

چپ چاپ، چپ چاپ.

ڪٽان وٽن جا پٽا اُڌامي هن جي پيرن ڪي چمڙ لڳا ۽ پوءِ هن جي پيرن تان اُڌامي منهنجي پيرن ڪي چمڙ لڳا ۽ پوءِ وري هن جي پيرن ڪي، منهنجي پيرن ڪي، هن جي پيرن ڪي، منهنجي پيرن ڪي، چپ چاپ، چپ چاپ.

مون ڪي ڪا سمڪ نه رهي، ڪيڏي مهل هن جي هٿن ۾ گرمي موٽي آئي. پر ان ڪان پوءِ به مون هن ڪي اهي واپس نه ڪيا. اهي منهنجي هٿن ۾ رهيا.

اسان جون نگاهون هيٺ. پٽن ۾. اسان پنهنجا، انهن گهڙين ۾، سپ زهر هاري سگهياسين ٿي.

اسان سان گڏ سپ ڪجهه روڪجي ويو هو، يا سپ ڪجهه سان گڏ اسان سپ روڪجي ويا هئاسين. ٻئي.

منهنجو پهريون دفعو، جڏهن ڪان مون تارا ڪي ڏٺو هو - ڪڏهن ڪان ڏٺو هو؟- اُنهيءَ هلڪي انڌيري ۾ ڏيان ويو ته هن جي نڪ ۾ پيل هيرو ڪيترو نه قيمتي آهي: جڏهن، پري ڪان ايندڙ ڪار اسان جي پاسي وٽان لنگهي اڳتي نڪري ويئي تڏهن هڪ ڪن لاءِ اُن جي بتين ۾ تارا جي نڪ وارو اُهو هيرو چمڪي اُٺيو.

ان ڪان پوءِ اسان ٻنهي انهيءَ هلڪي انڌيري ۾، ڏينهن جي پنجابي نخرن ڪي پاسي رکي، چوندڙ منٽن بنگالي لفظن ۽ لهجي ۾ بڪواس ڪئي... جنهن اسان کي بلڪل ٽڪائي ڇڏيو.

'ناممڪن' جي ڪوڇ، تارا ۾...

ڪافي وقت بعد هن جو ڏيان ويو، هو هلندڙ گاڏيءَ ۾ وينو آهي. هو ياد ڪري رهيو آهي، ليڪن هو پلجي ويو آهي ته هو چا، چا لاءِ ياد ڪري رهيو آهي. خير، جڏهن هن کي ياد ايندو، هو سوچي رهيو آهي، ته هو چا، چا لاءِ ياد ڪري رهيو آهي ته هو وري اُن کي پلجي ويندو. ياد ڪرڻ ۾ چاهيندو ته ڪري نه سگهندو ۽ ياد ڪرڻ جو ضد ڪندو، ذهن تي زور ڏيندو ۽ ته... خير، ياد ڪري سگهندو، ليڪن اهو ڪيترو نه نئون، بدليل، سوچيل هوندو! يٿارٽ کان علحدو، اصليت کان گهٽ، يا اصليت کان وڌ... هڪ رچناتمڪ ڪويتا جيان، هڪ صحيح، سچي ڪلا جيان!

ڏهليءَ جي پليٽ فارم تي پير رکندي ئي، هن سوچي ورتو آهي، جيتوڻيڪ هن کي سڏ هئي ته هو هڪ وار وري پاڻ کي ساڳئي پرم ۾ وڃي رهيو آهي، اهو فيصلو ڪري، ڪنهن به فيصلي جيان، هڪ غلطي ڪري رهيو آهي ته هو تارا کي پلجي ويندو. هو پاڻ کي مجائيندو ته هو ڪنهن به سميلن - ٻميلن تي ڪونه ويو هو، لکنؤ وارو هن جو رستو ئي نه هو، رستو چو هوندو، چا هو مورڪ آهي جو هن کي بامبي مان ڏهليءَ وڃڻو هجي ته هُو سڌي، سولي لائين چڏي وايا لکنؤ وڃي! تارا - ٻارا کا چوڪري هوندي، پر اُها ڪنهن به چوڪريءَ وانگر هوندي، هن جو چا وڃي.

اسان ڪيترا نه اڪيلا آهيون.

"نو سر، آءِ ايم نات اَلون، آءِ ايم وٿ ماءِ وائف." پاسي واري مسافر اعتراض ونڊي ڇيس.

ته چا هن اُهو سوچيو ڪونه هو - ته اسان ڪيترا نه اڪيلا آهيون - هن وات سان چيو هو؟ هوئي هو جنهن چيو هو؟ يا سڃيءَ دنيا جي سيني ماڻهن اهو چيو هو؟ نه ته دريءَ سان ٽڪرائيندڙ سانءِ سانءِ جي آواز جو، دريءَ کان ٻاهر هوائن ۾ ترندڙ آواز جو ڪهڙو ارٿ ٿو ٿي سگهي؟

"معاف ڪجو، منهنجو اهو مطلب هرگز نه هو ته توهان اڪيلا آهيو." هن مسافر کي لڄي ٿيندي، دلداري ڏيندي چيو.

"اوهه... توهان جو مطلب اهو هو ته توهان ڪيترا نه اڪيلا آهيو."

"بلڪل."

"واءِ، ويئر از يئر وائيف؟"

هن کوبه جواب نه ڏنو ۽ ان گهڙيءَ کي پٽڻ لڳو جنهن گهڙيءَ هن جي وات مان لفظ نڪتا ۽ جن هن گفتگوءَ کي متاثر ڪيو. هن چوڻ چاهيو - يُو بليڪ پگ، شٽ اپ يئر مائوٿ، آر يُو ول انسپائير مي ٽ ٿرو يو آئوٽ آف دس ونڈو.

ليڪن هن خفي ٿي چيو، "توهان ڏسي رهيا آهيو ته هن وقت مون سان گڏ ڪوئي ڪونهي."

"ان جو مطلب ته توهان کي وائيف آهي پر توهان سان هن وقت گڏ ڪونهي..."

هن هاڻ دريءَ کان ٻاهر نهارڻ شروع ڪيو. اهو ڏيکارڻ لاءِ ته هن جي ان گفتگوءَ ۾ ڪا دلچسپي ڪونهي. هن کي ڊپ هو ته ڪٿي هو سمرتيءَ جو سوتر وڃائي نه ويهي - هو چا ياد ڪري رهيو هو؟ رستي ۾، جيسين، هو ٻئي، تارا ۽ هو، هوٽل تائين پهتا هئا، ٻيو چا ٿيو هو؟ هن چا چا ڏٺو هو، چا چا سوچيو هو، چا چا ڳالهايو- ٻڌو هو؟ ها، تارا مشڪل ئي ڪجهه ٻه ڳالهايو هو. چا هوءَ باقي رستو بلڪل خاموش رهي هئي؟ ۽ اوچتو هن کي ائين چو لڳو هو ته هن سان گڏ چپ چاپ هلندڙ اُنهيءَ ناريءَ سان هن جو ڪو واسطو ڪونه هو، هوءَ هن لاءِ بلڪل اڻاري، غير واقف هئي؟ چا، انهن گهڙين ۾ اُن ناريءَ ۾ هن لاءِ ائين محسوس ڪيو هو؟ مون کي سڌ آهي ته ان ڳالهه جو جواب مان ڪڏهن نه پائي سگهندس. هن جي من ۾ وسندڙ، مون بابت، ڪيترين ئي ڳالهين جيان. هڪ ٻئي کي پيار ڪندڙ، اها رواجي ڳالهه آهي، هڪ ٻئي بابت هڪ ٻئي جي من جون ڪيتريون ڳالهيون ڪڏهن نه ڄاڻي سگهندا آهن... ۽ پوءِ به، اها رواجي ڳالهه ڪيتري نه عجيب، رهسيميه آهي!

گلي ۾ آگ ٻري رهي آهي.

ڪمبخت هي سگريٽ، سفر وانگر نه ختم ٿيندڙ هن سوچيو، نه معلوم ڪيئن، هڪ پٺيان ٻيو سگريٽ ازخود هلي اچي ٿو، بنا هن کان پڇڻ جي، هن جي ڄاڻ جي، هن جي فيصلي جي، تنهن هوندي به هن بنا، هن سوچيو، ٻيو ڪو نٿو ٿي سگهي، جيڪو ان فيصلي تي پهتو هوندو.

"ٻڌو ته..."

هن جو ڌيان ٽٽو.

ساڳيو ماڻهو ڪيس سڏي رهيو هو.

هن مرضيءَ جي خلاف چيو:

"مون کي آهيو؟"

"ها."

"چئو."

"اسان سڄ پڄ اڪيلا آهيون!"

هن عجب ڪاڻيندي نهاريو، ته پاتو ته هن جي پٽني پنهنجي جڳهه تي ڪانه هئي. شايد باٿ روم ۾ ويئي هئي.

ماڻهو سامان ٻڌي رهيا هئا. دهلي اچي رهي آهي چا؟ ليڪن هن کي تڪڙ ڪرڻ جي ڪا ضرورت نه آهي. هن کي اهڙو چا آهي جو هن کي ٻڌڻو ڪرڻو آهي. هن ته بستر به نه کوليو هو ۽ سڄي رات ڪليل ڪڙڪيءَ ويجهو ويٺو رهيو هو. دوست ضرور پڇندا، "سميلن ڪيئن ويو؟" "سٺي مسخري ٿي"، هو چوندو. "مسخرن ۽ سياستدانن سٺو نباهيو، هميشه وانگر هن دفعي پاڻ ۾ ڳڏجي." ليڪن نه، هو سڀ ٻڌائيندو، يعني ٻيو سڀ، جو ته پهريون ڪوڙ نه آهي، پر پهريون اهڙو سڀ آهي جنهن جي سين کي سڌ آهي. هو چوندو، "مون اُهو اٽينڊ ئي نه ڪيو." ليڪن ان مان ته ظاهر ٿيندو ته هو لڪنڙ ويو هو... جنهن جي معنيٰ ته تارا سان هو سنهڙ ۾ آيو هو، ۽ هو... نه، اهڙو هو ڪجهه به ياد نه ڪندو، تارا جو نالو صرف هن گاڏيءَ ۾ آهي، گاڏيءَ مان لهڻ کان پوءِ نه هوندو- هوندو، پر هن لاءِ نه هوندو. تنهن ڪري هو دوستن کي حيراني ڏيڪاري چوندو، "چا جو سميلن؟ توهان ڪهڙي سميلن جي ڳالهه ڪري رهيا آهيو؟" ته تون لڪنڙ نه ويو هئين؟" "مان ته ايڄ سڏوڪي مان اچي رهيو آهيان."

ليڪن دهليءَ پهچي هن کي خط ته لکڻو ئي پوندو. تارا انهيءَ ملاقات ۾، جنهن کي مون 'مڪمل طرح' ياد ڪرڻ جو هٺ ڪيو آهي، چيو هو، "دهليءَ پهچندي ئي خط لکجو، ايترو ئي لکجو ته سڪ سان پهتس. دهليءَ پهچڻ سان نه لکي سگهين ته دهلي چڏڻ کان اول لکجو (چا، ته دهلي سڪ سان چڏي رهيو آهيان، واهه...) يا تڏهن به نه لکي سگهين ته بامبي پهچي لکجو ته سڪ سان پهتس (دهليءَ سڪ سان پهتس، دهلي سڪ سان چڏيم، بامبي سڪ سان پهتس، ڪجهه اهڙي نموني؟)

هن هڪ ٻيو فيصلو ڪري ورتو، اهو چالندي به ته اهو سڀ ڪيترو نه بي مطلب آهي، ته هو تارا ٻارا کي پلجي ويندو، پر پلجي ته خط لکڻ کان پوءِ به، جيڪڏهن پلجي وڃڻو ئي آهي ته، سگهجي ٿو. هو ائين ڪندو جو 'سڪ - دڪ' جو واسطو گڏ هلندڙ چيزن سان ٿيندو آهي. اُهو گڏ هلڻ هڪ مانسڪ سطح تي به ٿي سگهندو آهي. پر هن حالت ۾ ته اُن سطح تي به گڏ هلڻ جو سوال نه آهي، ڪنهن به سطح جيان. هو فقط ايترو لکندو ته مان توکي پلجي ويو آهيان. پر تارا - هر گهڙي مون کي شڪ چو پٽجي رهيو آهي ته هن جو نالو تارا ئي آهي نه؟ ڏاڍي چالاڪ آهي. اهڙي ڳالهه هو سائنس رويرو ڪري ها، يا چئي ها:

"مان توکي پلجي ويو آهيان."

ته هوءَ هڪدم اُهو ساڳيو ٿهڪ ڏي ها.

چوي ها: ڪوڙ!

تڏهن هو هن جي اُنهي پيلي چهري طرف نهارينڊو رهجي وڃي ها.

ڳالهه ڪي هڪ لفظ ۾ ڪاتا ڪري، جيئن هوءَ ڪندي آهي، هوءَ چپ ٿي وڃي ها. جيئن هوءَ ڪندي آهي، ۽ پوءِ به لڳي ٿي ها. هوءَ وڌيڪ ڪجهه چوندي.

نه، هو فقط ايترو لکندو ته مان نيڪ آهيان. يا مزي ۾ آهيان.

پر پوءِ، ٻيءَ گهڙيءَ، ان هلندڙ گاڏيءَ ۾، هن ان فيصلي کي به رد ڪري ڇڏيو. چو ته، هن سوچيو، مان نيڪ آهيان لکڻ پنڌيان اهو لکڻ لازمي ٻڌجي ايندو ته اميد ته تون به نيڪ آهين. ۽ اهو جوڙڻ خواهه مخواهه ڳالهين کي ٻي مزي ٻڌائي ڇڏيندو. ايترو لکڻ ڇا ڪافي نه ٿيندو ته مان ڀهتو آهيان؟

پر اُن مان ته ڪو مطلب نڪو نڪري!

مان ڀهتو آهيان سوچا؟

سو ته ڀهڻڪو هوس ئي!

ڪيتري نه واهيات ڳالهه آهي!

واهيات، ڪل ڏيارينڊڙ ۽ بيوقوفي پريل. پر ڪهڙي ڳالهه آهي، جيڪڏهن اِها ڳالهه آهي، جيڪا واهيات، ڪل ڏيارينڊڙ ۽ بيوقوفي پريل نه آهي؟ ان کان به وڌيڪ ڪهڙي ڳالهه آهي جنهن ۾ ڪوبه مطلب ٿي سگهي ٿو!

ها، ائين ٿي سگهيٌ ٿو ته هڪ ڳالهه ۾ ٻيءَ ڳالهه کان واهياتپڻو بيوقوفيءَ کان وڌيڪ ٿي سگهي ٿو، يا ٻي مطلبپڻو گهٽ ٿي سگهي ٿو. فرق انهن ٽن عناصرن، يا ان طرح جي هڪ جهڙائي رکندڙ ڪيترن به عناصرن جي موجودگيءَ جي ڊگرين ۾ آهي.

مثال طور: ڪنهن به ڳالهه ۾ اِهي عناصر هيئن موجود رهي سگهن ٿا:

ڪابه ڳالهه	= 100 پنسا
بيوقوفي	= 25 ٽسا
ڪل	= 35 پنسا
واهياتپڻو	= 40 پنسا

يا

مٿيون آرڊر هيئن ٿي سگهي ٿو.

(جهڙيءَ طرح ڪيئن به ٿي سگهي ٿو.)

ڪابہ ڳالھ	= 100 پنسا
بيوقوفي	= 30 پنسا
ڪل	= 20 پنسا.
واهياتپڻو	= 50 پنسا

پر جيڪڏهن ۽ اِها پڪ آهي تہ اِن طرح جي هڪجهڙائي رکندڙ ڪيترا بہ عناصر هجن ۽ هوندا آهن تہ پوءِ حساب ڪتاب هيئن رکي سگهجي ٿو.

ڪابہ ڳالھ	= 100 پنسا
بيوقوفي	= 10 پنسا
ڪل	= 5 پنسا
واهياتپڻو	= 10 پنسا
ڪُوڙ	= 5 پنسا
بي مطلبپڻو	= 15 پنسا
چسپائي	= 10 پنسا
مسخري	= 15 پنسا
چريائي	= 10 پنسا
سوال يا شڪ	= 15 پنسا
ڪجھ بہ	= 5 پنسا

(ليڪن اهو ياد رکڻ گهرجي تہ هن طرح جي حساب ڪتاب ۾ اهڙو ڪوبہ 'هارڊ ائنڊ فاسٽ رول' نہ آهي، جيئن چڱجي ويل، ڪالھ جا ليڪ ڪنهن رچنا لاءِ سمجهندا آهن تہ ڪٽان جو حصو، گهٽنائون، ڪردار نگاري، وڪاس، معنيٰ - مقصد، سلسلو، سهانپوتي، وندر، چرم سيما وغيره ضروري آهن.)

ها، اِهي ڪالھ جا ماڻهو هن طرح جي حساب ڪتاب کي بيهودگي سڏيندا - جنهن ڳالھ ۾ هو بلڪل برابر آهن، يعني ڪنهن بہ ڳالھ جي ان طرح جي حساب ڪتاب کي نالو ڏيڻ لاءِ ان کان شاندار لفظ ٿي نٿو سگهي، بيهودگيءَ کان وڌيڪ.

هنن جي رابي ۾ هر ڳالھ هن طرح ورهائي سگهجي ٿي:

ستيم	= 20 پنسا
شوم	= 20 پنسا

سندرم = 20 پنسا
ترقي = 10 پنسا
پيڙا = 5 پنسا
آنسو = 5 پنسا
مهانتا = 5 پنسا
آدرش = 5 پنسا
اُديش = 5 پنسا

5 باقي پاڇي

5 پنسا پاڇيءَ ۾ 'قربان جاوان' اَرٿات 'گھورجي وڃانءِ'.

هڪ وار وري بند فيملي روم ۾ -

اندر اوترو ئي سٿو لڳي رهيو آهي، جيترو ٻاهر لڳي رهيو هو. ويٺي ڪافي وقت ٿي ويو هو، پر اسان ٻنهي جي اُتان اُٿڻ جي مرضي نه ٿي رهي هئي، شايد اسان تمام گھٽو پنڌ ڪيو هو. ڇا اسان گھٽو پيتو هو؟ نه فقط ايترو جيتري مان لڳي ته اسان پيتو آهي.

"سوچي رهي آهين؟"

"نه."

"سوچي رهي آهين."

"خال."

مون آخري ڏڪ پيتو، ڪجھ نه چيو.

تارا چيو:

"خال ئي خال."

"اسان پيار ڪري سگھون ها." مون چيو. "تارا، اسان واسنا ۾ ٻڏي سگھون ها. پنھنجي بيوسيءَ کي پلاٽڻ لاءِ پيار - واسنا جي ھڪڙي بوند... پر اسان اُھو به نٿا ڪري سگھون، اسان جي پيرن ھيٺان ھڪ انچ جيتري به زمين نه ڇڏي ويٺي آهي، اسان ڪجھ نٿا ڪري سگھون."

تارا ڪجھ چيو ھو؟

"وقت گھٽو ٿيو آهي؟"

مون واچ ۾ نھاريو. چيم:

"ڇهه."

هن ساهه کٽڻ چاهيو، جڏ ڪٽي منجهي پيو هجي، هن کي تڪليف ٿي رهي هئي."

"تارا..."

"تون جڏهن هليو ويندين..."

"تارا..."

"جڏهن تون نه هوندين..."

مان ان وقت به 'وينو' هوس، مان ان وقت به 'هوس'؟ مان هن وقت به 'وينو' آهيان، مان هن وقت به 'آهيان'؟

مون چاهيو، هوءَ چپ رهي. مون هن کي چميو، هوءَ ڪجهه نه چئي، هوءَ صفا چپ رهي، مان هن کي چمندو رهيس، هن پنهنجون ٻئي ٻانهون منهنجي گلي ۾ اڇليون ۽ پاڻ کي منهنجي قريب آڻي ڏلو ڇڏي ڏنو. پر اُها صرف سويڪرتي هئي، مون هن جو ساڻ ٿي چاهيو... سجاڳ، چست، سمپورڻ، بي ساخته، اَروڪ، سڏو، چتو. هوءَ تيار هئي. مون ڏٺو.

اُها چا اسان جي نراشا هئي؟ اسان جي بيوسيءَ جو ردعمل هو؟ اُها چا پناهه هئي، مختصر، عارضي... اُنهيءَ، هن، ريگستان ۾ جنهن ۾ اسان ٻئي ڊوڙي رهيا هئاسين، هيٺ چمڪندڙ واريءَ ۾ نهاريندي، پنهنجي چهري کي سيجاڻڻ جي جستجوءَ ۾...؟

هڪ ٻئي جي جسم ۾ ڪوئجي وڃون، پنهنجي سپ ڪجهه ڪويل کان بي خبر رهڻ خاطر...

پر اسان پاڻ کي ڪوئي سگهيا هئاسين، مڪمل طرح؟ مان هن وقت به ڪنهن پڪ سان، چئيءَ طرح نٿو چئي سگهان. اسان ۾ ڪجهه هو جيڪو اُن کان به اڻڇهيو رهجي ٿي ويو، رهجي ويو... اسان ۾ رکجي ويل، اسان جي اردگرد رکجي ويل جو هڪ اٽٽر حصو، ڪنهن به طرح رجڻ کان اسمرٿ.


اسان ٽڪجي، خفي ٿي، نراس ٿي، انهيءَ ديوار طرف نهاريندا رهياسين، جيڪا بلڪل سرد هئي.

مون جڏهن هن کي هن جي گهر ٻاهران چڏيو، تڏهن هن پڇيو:

گهٽا لڳا آهن؟

ڇهه، مون چيو.

اُها دیوار آسمان تائین



هن ناول نسبت

هيءَ 1981ع ۾ لکيل - چپيل ناول "هڪ سرد ديوار" جي اڳتي ڪڙي آهي. هن کان ٽين ڪڙي، هن ڪڙيءَ وانگر، چار سال اڳ پنهنجي دوست هيري شيوڪاڻيءَ کي پڙهي ٻڌائي هيم. ان بعد مان ذاتي زندگيءَ جي تضادن ۾ غرق ٿي سين دوستن کان ڪٽجي ويس. پاڻ کي صرف پڙهڻ تائين محدود رکيم. "هڪ سرد ديوار" کانپوءِ موجود ٻن ڪڙين کي چپائڻ واسطي، وچ وچ ۾ هڪ ٻن پبلشرن کي چيم، چالو روايت موجب ٻين گهٽي پاڳي ليکڪن وانگر پئسن کارائڻ لاءِ به تيار ٿيس، ليکن چار سال ناول مون وٽ ئي رکيا رهيا. نيٺ مجبور ٿي ٻين ڪڙي، مالي نقصان سهي، پنهنجي پرهه ڦٽي پبليڪيشن هيٺ چپائي توهان جي اڳيان رکان ٿو. اُميد ته هن ٽرايالاجي ناول جي آخرين ڪڙي "هڪ دفن ديوار" به جلد ظاهر ٿيندي.

چئن سالن جي عرصي بعد پاڻ کان ٻاهر نڪري چؤطرف دوستن کي جڏهن ڏسان ٿو يا هنن بابت ٻڌان ٿو ته نظر آيو آهي ته ساهتَ ۾ ٻوليءَ کي ڪٽي صفا سچ، سؤ سيڪڙو نراسائي آهي؛ ته گهٽا ليکڪ ميدان مان گم آهن، ڪيترا شينهن گدڙ ۾ ڪيترا گدڙ گينڌا ٻڪجي گهر جي گوڙ جو دائمي حصو ٻڌجي ويا آهن، ته اَدب جي نالي ۾ سماج سڌارڪ زالن اڳيان منهن کڻڻ لاءِ ساهت اڪيڈمي حاصل ڪيل ليکڪن کي گاريون ڏيئي پنڌيان ان ئي انعام واسطي مالي نقصان سهي به هڪ ٻئي پنڌيان پنهنجا ڪتاب چپائي رهيا آهن، ته ايم. ڪمل جو ڪوي هن جي تازي نڪتل ڪوتا - سنگره ۾ به ساڳيو تازو ۾ الڳ آهي، ته موهن ڪلپنا ماڻ آهي ۾ جڏهن ڪجهه

لکي ٻه ٽو ته لڳي ٽو ته هن جي ماڻ بهتر آهي، ته تنقيدي - کيتر ۾ هيرو ساڳيو سخت ۽ سچيار نقاد آهي، ته انهيءَ ئي کيتر ۾ کيرت جو کتاب ڏيکاري ٽو ته "پاڻ سان کاڏل وڏي نه ٽيڻ جي قسم تي هو اَڄ ٻه قائم آهي ۽ باعمر قائم رهندو"، ته اوچتو مون ۾ ايشور جي کهاڻين ۽ هريش جي گدريل چٽن سالن کان لکيل کهاڻين ۽ کوتائن پڙهڻ جي بک جاڳي آهي، ته سنڌي ادب جي سين کوکلين ليکڪائن مان هڪ پنهنجي آتم جيوٽيءَ ۾ آتم جيوني ڪلا جي شروعاتي عمر کان ٻه غير واقف آهي، ته وشنو پاتيا پنهنجي صحيح چپائڻ جي شرط تي اَڄ ٻه سوريءَ تي چڙهڻ لاءِ تيار آهي... ۽ مون کي ٻه هڪ زهريلي تلخي ته گهٽ ۾ گهٽ بامبي ۾ "سنڌي ختم ٿي وينئي آهي" ليکن چاکاڻ ته مان اڃا زندهه آهيان ۽ ليکڪ آهيان، تنهن ڪري مان لکندس...

لعل پشپ

ليکڪ - پاڻکن لاءِ نہ، فقط پاڻکن لاءِ

مون کي سڌ نہ آهي تہ ٻين پارتي ٻولين ۾ گھٽيون ٽرايالاجيون لکيون ويون آهن (گجراتي ۽ مرهٽيءَ ۾ تہ ڪونہ لکي ويئي آهي) ليکن سنڌيءَ ۾، هت توڙي سنڌ ۾، منهنجي هيءَ پهرين ٽرايالاجي ٽيندي. ٽرايالاجي ناول ۾ ٽي جدا جدا ناول، هڪ ئي ڪڙيءَ ۾ اهڙيءَ طرح پويل هوندا آهن جو پاڻ ڪنهي مان ڪوبہ هڪ پڙهندو تہ ان کي الڳ پاڻ ۾ پورو ناول پائيندو؛ وري جيڪڏهن سلسليوار پهرين کان ٻيون ۽ پوءِ ٽيون، يا ٻيءَ طرح ٻين کان ٽيون پڙهندو تہ ڪٿا - سطح تي سلسلو پائيندو.

لعل پشپ

12 آگسٽ 1981ع

توهان مان ڪڏهن ڪنهن کي اهڙو گنجو ماڻهو ڏٺو آهي جنهن کي وڏي ڏاڙهي آهي؟ منهنجو مطلب زندگيءَ ۾ ڏسڻ سان آهي، ناولن ۾ پڙهڻ سان نہ. فلمن ۾ ڏسڻ سان نہ، خاص ڪري ناولن ۾ پڙهڻ سان نہ، اهڙن غير مطلب ۽ مدي خارج ڪتابن سان، ۽ ناول کان وڌيڪ غير مطلب، مدي خارج (مٿان من گهڙت) ڪتاب کڻڻو ٿي سگهي ٿو، منهنجو ڪو مطلب ڪونهي. مان جيڪڏهن سوال پڇان ٿو، ڪوبہ، جئن مون پڇيو تہ توهان مان ڪڏهن ڪنهن کي اهڙو گنجو ماڻهو ڏٺو آهي، جنهن کي وڏي ڏاڙهي آهي، تہ سڌو زندگيءَ طرف نهاري پڇان ٿو، ناول طرف منهنجو اڻ سڌو اشارو بہ نہ آهي، تنهن ڪري جواب ڏيڻ کان پهرين پاڻ کان اهو سوال پڇو ۽ پاڻ کان تصديق ڪريو تہ واقعي توهان اهڙو ماڻهو ناول ۾ نہ پڙهيو آهي، زندگيءَ ۾ ڏٺو آهي، توهان وانگر ئي سوال پڇي سگهندڙ هڏ ماس جو حقيقي ماڻهو.

توهان جيڪڏهن ڏٺو بہ آهي تہ منهنجو ڪو واسطو ڪونهي، منهنجي سوال پڇڻ سان (بعد ۾)، ضروري نہ آهي تہ سوال پڇڻ سان ڪو واسطو ٻڌجي وڃي، مون لاءِ نڪو ٻڌجي وڃي، ايتري قدر جو توهان جي ذري اعتراض وٺڻ تي بہ ۽ 'واسطو ٻڌجي ويو آهي' تي ضد ڪرڻ تي مان پنهنجو سوال واپس وٺڻ لاءِ بہ تيار آهيان. واسطو ٻڌجي وڃڻ جي ڊپ کان مان سوال واپس بہ ونان ٿو.

مان اهڙي هڪ گنجي سان هر روز گڏبو آهيان، اسان جي ملاقات بلڊنگ جي اندر ئي ٽي ويندي آهي، ڪڏهن ڪڏهن نہ بہ ٽيندي آهي، پر ڪنهن ڪنهن ڏينهن بہ دفعا - ٽي دفعا، چار دفعا بہ ٽي ويندي آهي، تنهن حساب سان 'هر روز هڪ دفعو گڏجڻ' ٽي ويندو آهي، گڏريل ڏهن سالن کان ٽيندي رهي آهي، اسان هن بلڊنگ ۾

پهرين ہن ئي پنهنجي پنهنجي فليٽ جو قبضو ورتو هو، ٻيا سڀ پوءِ آيا، هڪ هڪ ٿي، هفتي کان پوءِ، مهيني کان پوءِ، سال کان پوءِ، ڏهن سالن کان پوءِ ۽ ايڏا کي آهن جي آيا ئي نه آهن.

ڏهه سال پهرين ۽ هو ساڳيو هو. گنجو. صفا نه. ٿورا هنس. انهن ٿورن کي لساريندو ۽ هو. پڪ ڪرڻ لاءِ ته اهي ٿورا پنهنجي جاءِ تي سلامت آهن، سڄو وقت (مون لاءِ 'هن جو سڄو وقت' اوتروئي ٿي سگهيو ٿئي 'جيترو وقت' مان هن کي ڏسندو هوس) لساريندو هو. هٽ سان.

هن جي گنجي مٿي ۽ ڏاڙهيءَ کي ڏسندي مون کي ڏهن سالن کان ئي لڳندو آيو آهي ته هن جي اها ڏاڙهي ڄائي نه آهي، محض مٿي وارا وار کوپڙيءَ جي اندر وڃي ڳلن تي نڪري آيا آهن.

اها ڳالهه جڏهن مون بلڊنگ جي چيئرمين کي، وشواس ۾ وٺندي، ٻڌائي ته هن جو سگريٽ جو دونهون نڙيءَ مان نه نڪرندڙ کل کان اندر ئي ڏبجي ويو ۽ هن جي وات مان هينيان آواز نڪتا:

هي... هي... ڪئون ڪئون... هي هي هي ڪئون... هي هي هي ڪئون ڪئون ڪئون.

مٿئين آواز محل منهن جي شڪل:

اَ: مشڪل.

ب: نرڙ جون نسون تائيل.

پ: اکين ۾ پائيات.

ٺ: ساڄو هٽ هيٺ وڃي ڇاتيءَ کي سهلاگيندڙ.

ٽ: نڪ جي چهنب ڳاڙهي.

کل ۽ ڪنگهه جي سنيوڳ سبب ٻيون سريرڪ تبديليون جن جي فقط ڈاڪٽرن کي خبر آهي.

هن پاڪيٽ مان آخري سگريٽ ڪڍي دکايو ۽ پاڪيٽ ڦاڙي اُن جي اندرين خالي حصي تي لکيو:

گنجا، اڄ ضرور گڏجج. تو کي ڏسڻ سان مون کي اُها ساڳي ڳالهه ياد ايندي ته تنهنجا وار کوپڙيءَ جي اندر وڃي ڳلن ۾ نڪري ڏاڙهي ٿي ويا آهن ۽ اها ڳالهه ياد

ڪندي مون کي ڪي به تڪليفون ياد نه هونديون آهن ۽ اڄ مان بلڪل لائيٽ موڊ ۾ هٽ چاهيان ٿو. تون روز گڏجج... گهٽ ۾ گهٽ جيترا ڏينهن تارا بامبي ۾ آهي.

نوٽ: گنجو مون کي گڏيو ۽ مون کي اُها ڳالهه ياد... تون تارا سان فقط چار ڏينهن گڏرهيو آهين، رات هڪ به نه. لکنؤ ۾.

اُهي چار ڏينهن هڪ ٻئي ۾ ڳنڍجي ويا هتا، هڪ ڏينهن بٽجي ويا هتا، هڪ يڪو سلسلو، هڪ ٻئي ۾ سمائجي، بنا وچوٽيءَ جي، وقت رهت، تاريخ رهت، هوءَ هت گهٽا ڏينهن رهندي؟

هوءَ رات جو آئي.

هن تارا کي صبح جو فون ڪيو.

سڄي رات هن جي ان ڊپ ۾ گذري ته ڪٽي هو صبح جو فون تي تارا کي ٻڌائي نه وهي ته هن جي حياتيءَ جي سڀ کان مشڪل رات اِها رهي اهي.

تو اڄ صبح جو سڀ کان سڻي ڳالهه ڪهڙي سوچي؟

ته سوچڻ اجايو آهي.

تو اڄ سڀ کان خراب ڳالهه ڪهڙي سوچي؟

ته تون سڻو آهين.

رات ننڊ ڪيئَن؟

بالڪنيءَ تي بيهي دير تائين نيون لائيٽس طرف نهارينديِ رهيس.

اُهي ساندهه پريل هيون؟

گهٽيون. مان فقط هڪ نيون لائيٽ طرف نهارينديِ رهيس.

چو؟

اها پري رهي هئي ۽ وسامي رهي هئي - وچ واري وچوٽيءَ ۾ مون کي لڳندو رهيو، اسان جا گڏ گذاريل چار ڏينهن بي چينيءَ سان پاسا بدلائي رهيا هتا.

سگريٽ پيئندئه چا؟

ان کان اڳ ۾ ئي پاڪيٽ خالي ٿي ويو هو.

برانڊي؟

گاڏيءَ ۾ باقي جيڪا بچيل ڪٽي آيس تہ ماسيءَ پي ڇڏي.

ٻيو رات جو چا چا کيئہ؟

ڏئڊيءَ کي خط لکيم، زندگيءَ ۾ پهريون.

تہ؟

تہ هتان جا ماڻهو سڀ بدمعاش آهن.

گاڏيءَ مان لهڻ سان ئي بدمعاش مليئہ؟ خير، نالا ٻہ لکيئہ؟

نہ، لکيم پر ڪٽي ڇڏيم. ڏنو سڄو صفحو هڪ ئي نالي سان پرجي ويو هو، تنهنجي نالي سان.

سڀ کيئہ نہ تہ ڏئڊي توکي نريش * جي حوالي ڪري چويس ها: هن بدمعاش چوڪريءَ کي هن وقت ئي وڃي وڄ، وڏي ڀاڳهہ نہ آهي، شادي ڪڏهن ٻہ ٿي ويندي، وڏي ڀاڳهہ نہ آهي جيڪڏهن ڪڏهن ٻہ نہ ٿئي تہ...

هيءَ فون تي چا اهائي ڪل آهي جيڪا هن لکنؤ جي ڪليل سڙڪ تي ڏڌي هئي؟

سڄي رات موٽرن جو آواز هو.

تنهنجي شهر جو حصو سڄي رات جاڳيل هوندو آهي.

ها. تنهن ڪري مان ٻہ جاڳيل رهيس.

تون چا فقط ان ڪري جاڳيل رهينءَ؟

نہ، فقط ان ڪري نہ، مون کي اهو ڊپ ٻہ هو تہ تون سمهيل تہ نہ آهين. مون کي همیشہ ڊپ لڳندو آهي جيترو مان توکي چاهيان ٿي، تون مون کي ان کان گهٽ تہ نٿو چاهين. مون کي گاڏيءَ ۾ سڄو وقت اها چنتا رهي، جيترو مان توسان گڏجڻ لاءِ بيچين آهيان تون ان کان گهٽ بيچين تہ نہ آهين؛ مون اهو ٻہ نشچو ڪيو، ان حالت ۾، مان ٻئي ڏينهن ئي واپس لکنؤ لاءِ روانو ٿيندس.

هيلو... هيلو... تارا... تارا...

* نريش سان تارا مگيل هئي، اها ڀاڳهہ هن مونکي لکنؤ ۾، انهن چئن ڏينهن ۾ ئي ٻڌائي هئي. مون نريش کي ڏٺو نہ هو.

هيلو... هيلو...

تارا... تارا...

چا ٿيو؟

وچ ۾ لائين ڊسڪنيڪٽ ٿي وئي.

منهنجي ته دل ئي ٻيهجي وئي.

پر مون ته... هڪ منٽ... هڪ سيڪنڊ اندر ئي وري فون ڪيو.

انهيءَ سيڪنڊ اندر ئي منهنجي دل ٻيهجي وئي. صبح رات ٿي ويو، مون کي لڳو، مون کي سڄي رات وري جاڳڻو پوندو. اهو سچ نه هو ته هن وقت صبح آهي، اهو به سچ نه هو ته ايا هاڻي تنهنجو آواز منهنجي ڪنن ۾ گهڙي رهيو هو.

تون...

بس، بس، بند ڪر. مون کي ڊپ آهي ته وري نه لائين ڊسڪنيڪٽ ٿي وڃي. نه، نه، ڪجھ نه ڳالهاءِ. فقط جڳھ ۽ وقت ٻڌاءِ... جڳھ مان جلد ڳولهي سگهان، مان ڳولهي نه سگهان ته ترسج، مان پهچنديس ضرور، ڪنهن به حالت ۾، هت بامبي ۾ طوفان لڳندا آهن چا، ڪل نه، مان جاگرافيءَ ۾ صفا چٽ آهيان، مون کي ڪا خبر نه آهي، ڪجھ نه ٻڌاءِ، ٻڌ، مان چا ٿي چوان، مون ماسي ۽ ماسڙ کي صاف ٻڌايو آهي، منهنجو ڪو فڪر نه ڪن، مان فلم ٻلم ڏسڻ نٿي چاهيان، مان هڪ خاص ڪم سان هت آئي آهيان، تون هڪدم هن وقت ئي ڪا جڳھ مقرر ڪر، ها منهنجي آسپاس ئي هجي، منهنجي هيٺان ئي هجي، وڏ ۾ وڏ سامهون، سامهون بامبي يونيورسٽيءَ جي تاور هيٺان ڇو نٿو اچين، نه، مون کي ڊپ لڳي رهيو آهي، فون وري نه ڊسڪنيڪٽ ٿي وڃي، تون ويسر ڪاڏو آهين، فون نمبر گم ٿي وڃيئي ته، پوري ائڊريس ته تو وٽ هوندي ڪونه، جيڪب محل، وري به ياد ڪري ڇڏ، نه، لکي ڇڏ، پين اَٽئي، پنو اَٽئي، هٽ جي تريءَ تي ئي لکي ڇڏ پوءِ نوٽ ڪج. جيڪب محل، چرچ گيٽ، ايروز سئنيما جي قطار ۾، پنجون نمبر بلڊنگ، چوٽون ماڙو، مدناٽي - امپورٽرسن ۽ ايڪسپورٽرس، ٺيڪ آهي، تون ڪجھ به وڃي سمجھ ته مان ڊهڻي آهيان، ته لکنو ۾ به چوندو هئين ته منهنجو نروز ڪمزور آهي، پر سچ پچ مون کي ڊپ ٿي رهيو آهي، لائين ڊسڪنيڪٽ نه ٿي وڃي، چا، نه ٿي ويندي، چگو تون پهرين جڳھ ۽ وقت ٻڌاءِ، پوءِ ٻيو ڪجھ پچ.

رات جو ٻيو چا چا ڪيئه؟

سوچيم.

چي... چي...

هيءَ فون تي چا اهائي کل آهي، جيڪا هن لکنو جي کليل سڙڪن تي ٻڌي هئي؟

کلين ٿي؟

جاڻي واڻي نه.

نه، تنهنجي کل جاڻي واڻي ڪڏهن نٿي ٿي سگهي.

هاڻي وڃي مون کي لڳي رهيو آهي مان تنهنجو آواز سڃاڻي سگهان ٿي، اهوئي، ساڳيو...

مان هن دفعي تنهنجي کل ٽيپ ڪندس، ڪڏهن به ٻڌندس.

چو، توکي اهو شڪ چو آهي ته مان هميشه لاءِ تنهنجي نه هوندیس، يا تنهنجي قريب نه هوندیس جو...

ڇڏ ان ڳالهه کي، اسان اڄ تائين محدود آهيون.

پوءِ ته اڄ مان توسان آهيان.

هن وقت تائين محدود.

هن وقت تائين مان توسان آهيان.

تو کليو چو؟

سين ڳالهين جو سبب ٽيندو آهي، کل جو به؟

نه - تنهنجي کل جو نه.

پر منهنجي کل جو سبب هو.

مون کي سبب نه ٻڌائج.

مون کي سڌ آهي.

نه.

توکي سين سببن کان چڙ هوندي آهي.

ء سمجهاٽين کان.

مون کي سڌ آهي.

تو رات جو چا سوچيو؟

ته تون ڪٽي سمهيل آهين.

مان پنهنجي ڪمري ۾ سمهيل هوس. ڪوبه آواز نه هو. منهنجو مطلب آهي، ننڊ ۾ مون ڪنهن جو آواز نه ٻڌو. منهنجي ڪونگهرن جو آواز ڪنهن ٻڌو اَلاجي نه.

برابر، وچ ۾ مون کي لڳندو رهيو ڪنهن خراب ٽي ويل مشين مان لڳاتار آواز نڪري رهيو هو.

اهو منهنجو آواز هو.

مون کي به لڳو.

تنهنجي ماسيءَ کي لڳو؟

لڳيس ها، برانڊي پي ٻڌڻ جو مزو هن وڃائي ڇڏيو.

تنهنجي ماسڙ کي لڳو؟

هن کي ڪجھ نه لڳندو آهي.

آواز به نه؟

سواءِ پنهنجي آواز جي.

تنهنجو ماسڙ ڪيئن آهي؟

هن جي بندوق ۾ هڪ گولي آهي. مون کي ڊپ لڳندو آهي، ماسيءَ لاءِ آهي.

توسان فري آهي؟

پهرين مغرور لڳندو هو، هاڻي مجبور لڳندوآهي.

سنيالج...

فڪر نه ڪر، پهريون دفعو منهنجو سرير ان کي ملندو جنهن مون کي سڃو ڏوڏيو آهي. ان کان پوءِ ڪنهن کي به جھوٽ ملندي.

تون اڃ فري آهين؟

نه، مان بامبي ۾ 'فري' هئڻ لاءِ نه آئي آهيان، فقط تو لاءِ آئي آهيان، مان فري نه آهيان، مان فقط تو لاءِ فري آهيان.

ته ٺيڪ آهي، ٽاور جي هيٺان.

گھٽي لڳي؟

بارهين لڳي؟

پر ان ۾ ته ايڏا ٽي ڪلاڪ پيا آهن.

پرواھ نه آهي.

تيسين ڇا ڪيان؟

ڪجھ نه. يا هڪ ڪان سَو تائين انگ ڳڻ، ٽي وڃن ته وري شروع ڪر.

هڪ به ٽي چار پنج ڇھ...

ست اٺ نو ڏھ يارنھن

پارهن تيرهن چوڏنهن
پنڌرهن سورهه سترهن
بلڪل. تون هڪ به غلطي نٿي ڪرين.
اڄ جو ڪهڙو پروگرام آهي.
اڄ سگريٽ جي خالي پاڪيٽ تي هڪ ٻئي کي پيغام ڏيندا رهنداسين.
نه اسان الڳ آهيون.
نه اسان گڏ آهيون.
نه اسان الڳ - گڏ آهيون.
بس بس مان فون بند ڪيان ٿو. هاڻي مون کي به ڊپ ٿي رهيو آهي.

هنن ٻنهي کي اها به سڌ نه پيئي ته فلم سٽي هئي يا نه.
هو سڄو وقت هڪ ٻئي کي پنهنجي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائيندي اوندهه ۾ هڪ ٻئي جا هٿ ڳولهيندا رهيا، هٿ ۽ چهرا.

يا هو فيصلو ڪري ونڊندا هٿا، دل ئي دل ۾، هڪ ئي وقت، يا ٻنهي مان هڪ جي شروعات ڪرڻ سان، ته هو هڪ ٻئي سان بلڪل غير سلسليوار نموني ڳالهائيندا، وڏي ڳالهه نه آهي، جيڪڏهن ڪٽي کو سلسلو ملي به ويو ته، ڪوشش اها ئي ڪندا ته هنن جي ڳالهين ۾ ڪو سلسلو، ڪو سر پير نه رهندو، بس هو غير مطلب ڳالهائيندا رهندا، نام نهاد حقيقتن کي ٽوڪاري، ڌاهي، بگاڙي انهن تي 'پنهنجون حقيقتون' مڙهيندا، هڪدم ڪالپنڪ، نج شخصي، هميشه، گهٽ ۾ گهٽ اها سڄي شام، سين هنڊ، رستن تي، ريسٽورنٽن ۾، چانهه پيئندي، ڪافي پيئندي، ڪوڪو ڪولا پيئندي، بيئر پيئندي، پيئڻ جي سين مختلف شين سان گڏ هڪ ساڳي پيئڻ جي شيءِ - سگريٽ.

غير ضروري، غير مطلب، غير سلسليوار ڳالهيون ڪجهه هن طرح:
تون تارا جو ڏيان هن رستو پار ڪندڙ چوڪريءَ طرف ڇڪاءِ ٿو ڇنه؟

هن چوڪريءَ کي ڏس چاڪليٽ کائي رهي آهي.
تارا تو کي هيئن چوندي:
تاج محل آگري ۾ آهي.
اها حقيقت 1917ع جي بالشيوڪ تواريخ ۾ لکائي وئي آهي.
پر ساڳئي وقت فرينچ - انقلاب ۾ داخل ڪئي وئي آهي.
وڏن ٽلهن اکرن ۾: تاج محل آگري ۾ آهي.
هندستان جي حقيقي ءِ غير شخصي تواريخ - جيڪا، اصل ۾، ممڪن ئي نه آهي، هندستان جي يا ڪنهن به ملڪ جي - جڏهن به لکي وئي، صاف لفظن ۾ ٻڌايو ويندو، تاج محل ٽيپو سلطان ٺهرايو هو.
سنڌوندي‌ءَ جي ڪپ تي.
تارا: سنڌوندي‌ءَ جي ڪپ تي ٺهلندي ٽيپو سلطان کي ويچار آيو هو.
تون: هن تاج محل خود ٺاهيو.
تارا: پنهنجن هٿن سان.
تون: ٻه هزار سال لڳي ويس.
يا ڏهه هزار سال.
يا چاليهه سيڪنڊ.
يا هڪ چٽڪي‌ءَ ۾.
تڏهن به پورو نه ڪري سگهيو.
اڄا تائين اڌورو آهي.
موجوده سرڪار ايندڙ پنج سالي يوجنا ۾ ٺاهي پورو ڪرائيندي.
تارا: اڄ گرمي گهٽي آهي يا سردي ٽوري - گهٽي.
تون: ڪالهه آسمان اوپاسي ڏني.
تارا: سڄي زمين ان جي وات ۾ اندر هلي وئي.
مڇر وانگر؟
مڪ وانگر.
مڇر وانگر.
مڪ وانگر.
هوءَ چوڪري ڏس.
سپاٽي زال هوندي.

پار ڇڏيندي.

هڪ به ٽي چار ڪيترا به.

هن جي پيٽ ڏانهن نهاريندي لڳي ٿو؟ عجب لڳي ٿو، انهيءَ پيٽ مان سڄو سارو انسان نڪرندو، هڪ ڏينهن هن وقت ئي هلندو چلندو، اسان ٻنهي وانگر ٻه، يا هڪ انسان ڪان پوءِ ٻيون انسان، اهڙيءَ طرح ڪيترا ٻه انسان، جيڪا ڳالهه صفا معمولي آهي، يا صفا غير معمولي ته انهيءَ هڪ پيٽ ۾ ڪيترن انسانن جي جنم وٺڻ جون قوتون آهن.

انهيءَ ڇوڪريءَ جي پٽيان ايندڙ ڇوڪريءَ طرف نهار.

اهو نارنگي بلائوز پيرن ۾ پائي ها ته وڏيڪ نهيس ها.

تارا: تون هت ايڪسيلشر ۾ ئي ويهه، مان اجهو آيس.

تون: باٿ روم جو خيال ٿيو اٿئي؟

تارا: نه، مان لکنؤ جي حضرت گنج مان تنهنجي لاءِ آئيس ڪريم وٺي اجهو آيس.

جلد ڪج، اسان ٻنهي کي ٻن منٽن اندر، ٻن منٽن لاءِ، پٽرس گهمي، وري واپس هن هنڌ اچڻو آهي.

تون رات جو ڏاڍا ڪونگهرا ٿو مارين.

آئينده ڏينهن جو ڏاڍا ماريندس، رات جو تون مارج.

نريش جيڪڏهن ڪڏهن به ماريا ته مان هن کي تنهن ڏينهن ئي طلاق ڏيندیس.

تمام سٺو، هڪدم مون وٽ هلي اچج.

آئيس ڪريم، رکڻ سان، رِجي ويندي آهي.

پرواهه ناهي، تون پنهنجي برٿزيئر جو نمبر ياد ڪر.

پڪوڙا مون کي ڏاڍا وڻندا آهن.

مون کي به.

پتاڻن جا؟

پتاڻن جا.

تماڻن جا؟

اُهي، ها.

تو ڪرڙيءَ جي پڪوڙن جو سواد وٺي ڏٺو آهي؟

ڊپ لڳندو آهي، سيڪس بدلجي ويندي آهي.

هي سڄو رستو شيشي جو ٺهيل هجي.

آسمان ۾ ملائي ترندي هجي ها.
هي بسيون - ٽئڪسيون مائي جون ٽهيل هجن ها.
هي بلڊنگون ڪيڪ جون ٽهيل هجن ها.
چوڪرين جي نڪن ۾ ڦلين ٻجاءِ جليبيون هجن ها.
ءِ ڪراين ۾ ڪنگڙين ٻجاءِ گيهر.
ڪوليون ماکوڙا ڏاڍا وڏي ويندا.
بسين کي کائي ويندا.
ٽئڪسين ۾ ٽنگ ڪري ويندا.
بلڊنگين ۾ ٻه.
انهن ۾ گهمندڙ، رهندڙ ماڻهن کي ٻه.
سين ماڻهن کي.
اسان ٻئي اهڙي وناش تي مضمون لکنداسين.
نه، فوٽا ڪيندا سين.
نه، فلم ناهيندا سين.
بليڪ ءِ وائيٽ.
نه، ٽيڪنيڪلر.
ءِ سئنيما سکوپ ۾.
ءِ دنيا جي سين هولين ۾.
نه، ڪنهن اهڙيءَ هوليءَ ۾ جيڪا سڄي دنيا جي هولي هجي.
ها، ائين بهتر ٿيندو، جيئن مثلن، ڪيمسٽريءَ جي هوليءَ ۾.
پر، اها ڳالهه نوٽ ڪر، اسان ٻنهي کي ڇڏي دنيا ۾ ٻيو ڪوبه نه هوندو، منهنجو مطلب آهي، اسان ٻنهي کي صاف ٽيٺ گهرجي، اهڙي فلم ڏسڻ لاءِ ڪوبه بچيل ئي نه هوندو.
اسان ٻئي ڏسنداسين.

تون غلط آهين، تارا، مون هن کي ٻڌائڻ چاهيو، نه، چتائڻ چاهيو، وناش اسان ٻنهي جو ٽيندو، هڪ ڏينهن، ڏسج صاف آهي، سامهون لکيل آهي، ڪاري تي اڇي

وانگر لکيل آهي. اڄ، هن ڏينهن تون نڪي ڏسين. هڪ ڏينهن ڏسندينءَ، جڏهن اوچتو، هن سڄي دنيا جو گولو زور سان تنهنجي منهنجي وچ ۾ ڪِري پوندو. ديوار ٻڌجي. مان هاڻي ئي ڏسي رهيو آهيان. تنهن ڪري تيار آهيان. تنهن ڪري مان ڪجهه نڪو سوچيان. ڪجهه نڪو اڌيان. پر تون، تون، ڏسندينءَ، اسان کي ايترو وقت به نه ملندو جو هڪ ٻئي کان موڪلائي سگهون. بس اوندهه جي هڪ ڏگهي لکير ۾ روشنين جي وچ ۾ ڪرندي، سڀ بتيون گل ٿي ويندينون، سڀ بلب ڇيهون ڇيهون ٿي ويندا. ڦهليل شيشن جي نوڪدار ڇنبن ۾ اسان ٻنهي جي منزل ۽ خواب جو خون ڇهڪيل هوندو. ڇيڀ به اسان نه ٻڌي سگهنداسين. ديوار جي ڪري اڌا ڏهجي ويندي، جيڪا جهڪي ٻڌجي نڪرندي سا آسپاس جي شور ۾ ڇرڇرجي هڪ بي معنيٰ آواز ٻڌجي ويندي، مون کي هاڻي ئي معلوم آهي، اسان کي ايترو موقعو به نه ملندو جو هڪ دفعو. آخرين، مشڪي هڪ ٻئي کي چئون، چگو، هلون، هڪ اُهو ڏينهن آيو آهي، اڄ آهي، مون هن کي چوڙ چاهيو، تارا، تو ڪهڙن بنيادن تي هن سڀ کي دائمي سمجهي ورتو، يا اسان جي عمر جيترو عارضي، وناش هنن ٻنهي جو اڇٽو آهي، تنهنجو ۽ تارا جو، نشچت آهي، اهڙي ڪويتامي ڏينهن کي هو هن اڄ جي فضول نثر جي هيڻان خواه مخواه ڍڪي رهيا آهن، عطر جي ڪوهه ۾ گند وجهي رهيا آهن، خاتمو ته هنن جو ٿيڻو آهي، دنيا جيئن جو تيئن قائم رهندي، هنن ٻنهي بنا به، مضمون هنن تي لکيو ويندو، فلم هنن تي ڪڍي ويندي، مضمون لکڻ وارا ٻيا هوندا، پڙهڻ وارا ٻيا هوندا، فلم ڪڍڻ وارا ٻيا هوندا، ڏسڻ وارا ٻيا هوندا، پوءِ به، شايد، يا پڪ، اهڙو مضمون 'بهترين مضمونن جو مجموعو' ۾ شمار نه ٿيندو ۽ اهڙيءَ فلم کي نه نيشنل ايوارڊ ملندو نه انٽرنيشنل فلم فيسٽيول ۾ داخلا ملندي، اصل ۾، اُهو مضمون هڪ تمام معمولي مضمون ميجيو ويندو ۽ تمام معمولي فلم ميڪي ويندي، اهڙي معمولي موضوع تي، ماڻهو چوندا، هزارين فلمون ناهيون ويون آهن، موضوع ۾ آهي ڇا، صدين جو سڙيل آهي:

هڪ مرد
شادي ڪيل آهي
تڏهن به اڪيلو آهي
هڪ عورت سان پيار ڪري ٿو
عورت منگيل آهي
مرد کي پيار ڪري ٿي.

اِهو محض هڪ اتفاق آهي جو هو ٻئي ڪنهن هڪ خاص ملڪ ۾ پيدا ٿيا، يا ڪنهن هڪ خاص ملڪ ۾ هڪ ٻئي سان پيار ڪيائون، تنهن ڪري اِهو به محض هڪ اتفاق آهي جو هنن جي پيرن ۾ زنجيرون آهن، اِهو سڀ صفا معمولي آهي، فقط هڪ اتفاق جي ڪري غير معمولي ٻڌجي پيو آهي، يا ڏنو وڃي ٿو (هو خود ڏسن ٿا، يا ٻيا ائين ڏسن ٿا، ان جو فرق نٿو پوي، جيڪڏهن پوي به ٿو) اِهو سڀ هن ڏرتيءَ جي ٻين ڪن ملڪن ۾ (جهڙي طرح، اِهو به هڪ اتفاق آهي ته ڏرتيءَ جي ٻين ڪن حصن ۾ 'هننَ ٻنهي جيترو معمولي ٽيل' به غير معمولي آهي) صفا معمولي آهي، ان کي ڪندڙ ۽ ڏسندڙ به اوترو ئي معمولي سمجهندا آهن، اِهو سڄو فقط 'مڪان' جو اتفاق آهي، هڪ ٻيو اهڙو اتفاق اِهو آهي جو هو ٻئي ڪنهن خاص ڏرمر جا آهن، ٻين ڏرمن ۾ اِهو صفا معمولي آهي، هتي فقط 'ڏرمر' جو اتفاق آهي، هڪ اتفاق 'وقت' جو به آهي، اِهو صديون اڳ صفا معمولي هو، سڀيتا ان کي غير معمولي ٻڌايو آهي، پوءِ اِهو دوکو ڏئي ته اِها (سڀيتا) آهي ئي اسان کي وڌيڪ 'آزاد' ڪرڻ لاءِ، هاڻي اِهو ٻڌائي ته 'آزاديءَ لاءِ زنجيرون ضروري آهن'، قيد بنا چوتڪارو ناممڪن آهي، اڻ تر طرح، هر به تضاد 'هڪ سڃي جا به حصا آهن'، جيڪو دليل، اِهو مڃيندي به ته اسان اَمورت سان لڙي سگهڻ جي توفيق نٿا رکون. لڙندي اسان جي ئي هار ٿيندي آهي، چو ته سڌا نعرا سڀ ٻئي پاسي آهن، ثابت ڪري سگهڻ جا سڀ ساڌن هر اَمورت، سرشتي، ڏڻ، لشڪر، گروهه، مجموعي وٽ آهن، ها- اسان سر ٽڪرائڻ لاءِ آزاد آهيون ۽ سگهه گڏ ڪري گهٽيءَ ۾ پهچڻ جو به حوصلو اسان ڏيکاريو آهي.

پر
فقط
ساڳيءَ گهٽيءَ ۾
گم ٿيڻ لاءِ
۽ گهٽيءَ جي چپي چپي تي
اسان جون چيخون چپيل آهن
جيڪي
جلد
امورت جي پيرن هيٺان
ڪچلجي

ڏهجي
ميسارجي ويندين.

يا اِهو به اسان جو پرمر آهي؟
ميسارجي به ويون آهن؟

اڄ مون کي ٻڌاءِ.
ڇا؟
ڪجھ به.
ڇا؟
ڪا معمولي ۽ معمولي ڳالھ.
مان بامبي ۾ آهيان.
اِها ته غير معمولي ۽ غير معمولي ڳالھ آهي.
ته معمولي ۽ معمولي ڪهڙي ٿي سگھي ٿي؟
تنهنجو لکنؤ ۾ هئڻ.
ہي ڪا؟
تنهنجو مگيل هئڻ.
ہي ڪا؟
منهنجو شادي شده هئڻ.
ہي ڪا؟
ہي ڪا تون ٻڌاءِ.
اڄ اسان ملي نہ سگھون ها پر ملي رهيا آهيون. ماسٽر سئنيما جون ٽڪيٽون ونڊي ڪيون هيون. مون ڪاڻي ڇڏيون.
مان ان ڪان به معمولي ڳالھ پڇي رهيو آهيان.
هڪدم ٻڌاءِ ته فون نہ ڊسڪنيڪٽ ٿي وڃي.

تڪيٽن جا گھٽا ٽڪرا ڪينہ؟

ياد نہ آهي.

ڪر.

ذريون ذريون.

ڪٽي اُچليئہ؟

بالڪنيءَ ڪان هيٺ.

هوا ۾ اُڏاميون؟

هڪ، نہ، پہ هوا ۾ ڪافي دير تائين اُڏامنديون رهيون.

تون بالڪنيءَ ڪان ڏسندي رهينءَ؟

ها.

تمام سٺو.

پر ڪي تمام هيٺ هليون ويون.

'ڪڏجي' ويون هونديون، ڪڏجي هيٺ ويون هونديون، گروهہ ۾، گروهہ ۾ هڪ سان جلد هيٺ هليو وڃبو آهي.

ها، پر مان هوا ۾ ترندڙ ذرڙين طرف نهاريندي رهيس.

تنهنجي بالڪنيءَ ڪان ڪيترو مٿي هيون؟

تمام مٿي. تون ڏسين ها. هجين ها. اُن وقت. بالڪنيءَ تي. مون سان گڏ. منهنجو آڏو مزو تنهن ڪري هليو ويو. منهنجون نظرون انهن ذرڙين طرف هيون ۽ دل تو طرف. ويون اُڏامنديون. اُهي ذرڙيون. منجهند هئي. سامهون يونيورسٽي ٽاور ۾ پہ لڳا هٿا. وڃ واري اوول ميدان تي هر هنڌ تنبو لڳل هٿا. ڪرڪيٽ ٿي رهي هئي. منهنجو سڄو ڌيان اُنهن ذرڙين ۾ هو. ويون مٿي چڙهنديون. هوا سان لڙندي، ويون مٿي چڙهنديون. مون توڪي ٻڌايو نہ، منجهند هئي، سج تائين پهچي ويون. سج ڪي ڏڪي ڇڏيائون. چوڌاري اوندهہ ٿي وينبي.

تمام سٺو. هيٺ واريون پہ هنن سان گڏ هجن ها تہ هميشہ لاءِ سج ڪي ڏڪي ڇڏين ها. ڪٽي پہ وري دنيا ۾ سج نہ نظر اچي ها. اُس نہ نڪري ها. سج جي هستي پلائي وڃي ها. جاگرافيءَ ۾ لکيو وڃي ها تہ اهو تارا جي تڪيٽن جي ذريون ذريون ڪري اُڏامڻ جي ڪري ٿيو.

ها، پر، ائين نہ ٿيو، اُس وري نڪري آئي.

چنتا نہ ڪر. تنهنجو ڏوهہ نہ هو. اُهو تڪيٽن جي اُنهن هيٺ هلي ويندڙ گروهہ جي

ڪري هو. تون چنتا نہ ڪر. مون کي اِهو ٻڌاءِ، چگيءَ طرح ياد ڪر، انهن هيٺ وارين ذرڙين جو ڪهڙو حشر ٿيو؟

مون چگيءَ طرح ڏٺو، ڪي ذرڙيون ماڻهن جي پيرن هيٺان لتاڙجي ويون. جنهن ذرڙيءَ تي وقت لڳل هو. 6 p.m - ماڻهن جي پيرن هيٺان لتاڙجي وئي. لتاڙجڻ وقت انهيءَ ذرڙيءَ ايترو زور سان رڙ ڪئي جو پري ايروز سئنيما جو بورڊ - بلو هاٽ بلو ڪولڊ : هيٺ ڪِري پيو، ان بورڊ جو هڪ حصو - بيبي اينڊرسن فول سائيز ۾ اڏامي اوول ميدان تي وڃي ڪِريو.

اِهو سڀ تمام دلچسپ آهي. مون کي وڌيڪ ٻڌاءِ. چگيءَ طرح ياد ڪري. ٻين ذرڙين جو چا ٿيو. تفصيلن ۾.

هڪ ذرڙي هڪ ماڻهوءَ جي لنبين مڇن ۾ اَٽڪي پيئي، اَڇيءَ تختيءَ وانگر. ڪاش انهيءَ ٽڪيٽ جي ذرڙي تي لکيل هجي ها:

اهي مڇون وڪري لاءِ نہ آهن.
يا، هي مڇون اصلي آهن.
يا، هنن مڇن جي عمر هڪ سال آهي.
يا، هنن مڇن لهڻ سان سڄي دنيا ناس ٿي ويندي.
جيئن جيئن تهذيب وڌندي وئي آهي، هي مڇون وڌيون ٽيندیون ويون آهن.
اسان جي تهذيب هنن مڇن جهڙي ڪاري اهي.

هڪ ذرڙيءَ زور سان رنپ ڪئي.
چو، چا ٿيو؟
ڊبل ڊيڪر بس جي ڦيٿي هيٺان اچي وئي.
چ... چ... اُن وقت گهٽا لڳا هئا؟
ٿي.
چ... چ... اهو موتمار حادثو صبح ساڻ ٿئي ها.
پوءِ چا ٿئي ها؟
شام جي اخبارن ۾ خبر چپجي ها، وڏن ٽلهن اکرن ۾.

موتمار حادثو.

ڊبل ڊيڪر هيٺان هڪ ڪاغذ ٽڪري اچي وئي. هڪ ڏرڙيءَ مزو ڪيو.

ڪيئن؟

هڪ چوڪريءَ جي 'وي ڪٽ' بلائوز مان اندر گهسي وئي.

ڪاش، مان توسان اُن وقت گڏ هجان ها.

چا؟ چا چيئه؟ تون اُن وقت اُن چوڪريءَ سان گڏ هجين ها؟

ها.

بُو ناٽي بواءِ.

ءِ اها چوڪري تون هجين ها.

پوءِ تون چا ڪرين ها؟

مان تنهنجي وِي ڪٽ بلاوئز جي اندر هٿ وجهي چٽڪي ڪڍي توکي ڏيکاريان ها ءِ چوان ها مان اُها وري اندر وجهڻ ٿو چاهيان.

چو، توکي مون سان به بهانن بٽائڻ - ڪجهه به ڪرڻ لاءِ بهانن بٽائڻ جي ضرورت پوندي؟

تنهنجي پٽنيءَ کي سڏ آهي؟

تہ؟

تون ڪٽي آهين؟

نہ، هوءَ، پر، پڇندي.

تون چا چوندين؟

هميشه وانگر.

يعني؟

ڪوڙ ڳالهائيندس. مان هاڻي ڪڏهن به هن سان سچ نہ ڳالهائيندو آهيان. هڪ به دفعو ڳالهائي ڏنو آهي تہ هوءَ سمجهي ويئي آهي تہ مون هن سان ڪوڙ ڳالهايو آهي، ڪوڙ ڳالهائڻ سان به هوءَ سمجهي ويندي آهي تہ مون هن سان ڪوڙ ڳالهايو آهي، تنهن ڪري مون ڏٺو آهي تہ ڪو فرق نٿو پوي سچ ڳالهائڻ سان ڪوڙ ڳالهائڻ سان ساڳي ڳالهه آهي، ايتري ساڳي جو مان هن سان ڪڏهن اتفاق سان سچ به

ڳالهائيندو آهيان تہ اِهو سمجهي تہ هوءَ سمجهي ٿي تہ مون هن سان ڪوڙ ڳالهايو آهي تہ هڪدم هن کي چوندو آهيان تہ مون سچ نہ ڳالهايو ۽ هوءَ بہ هڪدم چوندي آهي تہ هن کي سڌ هئي تہ مون ڪوڙ ڳالهايو.

تو هن کي ساڻهي ڏني هئي؟

ڪهڙي ساڻهي؟

جيڪا مون توکي هن لاءِ سوڪڙي ڏني هئي.

(هاڻي هن کي ياد آيو. لکنؤ ۾ تارا هن کي ڏني هئي. ڏني نہ هئي، هوٽل ۾ هن جي ٻنيان پارسل ڇڏي آئي هئي، آخري ڏينهن تي، پارسل سان گڏ هڪ چٽڪي ڇڏي آئي هئي، هيءَ ساڻهي پنهنجي پتنيءَ کي ڏج، هاڻي هن کي ياد آيو، هو اُهو پارسل ڪٽي جڏهن هوٽل ۾ پنهنجي ڪمري ۾ ڪٽي آيو هو تہ هن کي ڪل آئي هئي: هن ساڻهي - هن کي لڳو هو تہ جڏ تارا انهيءَ چٽڪيءَ ۾ چوڙ چاهيندي هجي تہ پنهنجي پتنيءَ کي دوکو ڏيڻ لاءِ هيءَ ساڻهي عيوضي طور هن کي ڏج يا شايد، پوءِ هن سوچيو هو، تارا هن جي پتنيءَ لاءِ ساڻهي اِن ڪري ڇڏي وئي هئي جو تہ هن انهيءَ آخري ڏينهن تي تارا کان پڇيو هو تہ چا اُها رات هوءَ سائس هوٽل ۾ رهندي؟ ۽ تارا انهيءَ نوتي کي نامنظور ڪندي، انهيءَ ساڻهي ڏيڻ سان جڏ هن کي چوڙ چاهيو هو، اِهو ممڪن ان ڪري نہ آهي جو تون شادي شده آهين.)

اُها مون پائي ڇڏي.

نہ، مون کي ٻڌائي.

اُها مون هڪ چوڪريءَ کي ڏئي ڇڏي. هن پٽسن ونڊ کان انڪار ڪيو هو.

مون نريش سان هڪ بہ ڪوڙ نہ ڳالهايو آهي.

ڳالهائي ڏس، مزو ايندءِ، ڪوڙ ۾ وڏي طاقت آهي.

تو مون سان ڪيترا ڪوڙ ڳالهايا آهن؟

منهنجو توسان ڪو پاڪ رشتو تہ آهي ڪونہ، جو ڪوڙ ڳالهائڻ جي ضرورت پوي.

هو رستو پٽڪندا رهيا، بي مطلب، نہ مطلب سان. "مان جيڪڏهن توکي ڪجهہ بہ ٻڌائيندس تہ هڪ هنڌ ويهي نہ، هڪ هنڌ ويهي ٻڌائڻ مون کي نہ وٺندو آهي، ڪيترو ڪجهہ وسري بہ ويندو آهي، هڪ هنڌ ويهڻ سان، اسان پٽڪندا

رهنداسين ۾ مان توکي وچ وچ ۾ ٻڌائيندي رهنديس." "تنهنجي ڳالهائڻ ۾ تنهن کري سلسلو نه ملندو آهي." "منهنجي زندگيءَ ۾ سلسلي جهڙي ڪا ڳالهه به نه آهي." "سڀ ڪجهه بنا چتائڻ جي ٿيو آهي." "بنا ڪجهه اڳوات چتاءُ ڏيڻ جي." "ننڍي هيس ته منهنجون ساهيڙيون مون کي چوندیون هیون، تنهنجي ممي ڏاڍي سٺي آهي، تون پنهنجي ممي‌ءَ تي وئي آهين." "منهنجي ڏاڍي مرض ٿيندي هئي ته مان هنن کان پڇان ته ڇو مان پنهنجي ڏئڊيءَ تي به ته هجي سگهان ٿي؟" "هو ڪلي ڏيندیون هیون ۾ مان هنن تي ڪلندي هيس ۾ هنن کان پڇندي هيس ته ان ۾ ڇا آهي جو ڪلڻ جي ڳالهه آهي ته هو وڌيڪ ڪلندیون هیون، هڪ ٻئي کي ڇهنڊڙيون پائي، هڪ ٻئي کي ٽونٽيون هڏي چوندیون هیون... تون چئيس... تون چئيس... تون چئيس..." "سامهون ڏس، ڪتو بس هينان اڇڻ کان بچي ويو." "پوءِ ڇا ٿيو تارا؟ تون انهن معمولي ڳالهين طرف ڌيان نه ڏي، پنهنجي ڳالهه پوري ڪر." "واه، تون چئي رهيو آهين، تون؟ هيءَ معمولي ڳالهه آهي؟ تو لاءِ ڪابه معمولي ڳالهه ڪڏهن کان معمولي ٿي؟" "پليز، تارا، توکي معلوم آهي." "نه؟ تون مون بابت سڀ ڪجهه معلوم ڪرڻ ٿو چاهين ۾ پنهنجي باري ۾ ڪجهه به ٻڌائڻ لاءِ تيار نه آهين؟ وچ، باقي سڀ وڃي ڪلپنا ڪر، مون بابت ان کان وڌيڪ ڪجهه نه آهي، جيترو آهي مان ٻڌائڻ کان پهرين توکان هڪ تمام ننڍڙو، تمام معمولي سوال ٿي پڇڻ چاهيان، جنهن جو جواب اهو نه ڏڃ ته تارا اڃ ته بيئر پيئون مان بيحد ٽڪجي پيو آهيان، مون کي انهيءَ سوال جو تز جواب ڪپي." "سوال ٻڌڻ کان پهرين ئي مان چوان ٿو ته تارا اڃ ته بيئر پيئون مان بيحد ٽڪجي پيو آهيان." "مون کي اڳ ۾ ئي خبر هئي." "مون کي به اڳ ۾ ئي خبر هئي." "مان بيئر پيئڻ لاءِ تيار آهيان ۾ پوءِ توسان انهيءَ ساڻني گيسٽ هائوس ۾ هلڻ لاءِ تيار آهيان، ان شرط تي ته تون مون کي منهنجي سوال جو سڌو جواب ڏينڊين." "هڪدم پڇ." "تنهنجي پٽني خوبصورت آهي؟" "تمام خوبصورت، سياڻي مان توکي هن جو فوٽو به ڏيکاريندس، بس، هاڻي هل، هن ريسٽورنٽ ۾ بيئر ملندو آهي." "هوءِ ڇا مون کان به خوبصورت آهي؟" ان سوال جو جواب مان توکي گيسٽ هائوس ۾ ڏيندس، جڏهن اسان ٻئي صفا ننگا هونداسين." "تمام سٺو، هاڻي اڃ ته بيئر پيئون."

"بس، خلاص ٿي ويو، هڪ پيو بيئر چئيس، مان پيئڻ نٿي چاهيان، مان برف جو ٽڪ ٽڪ... ٽڪ... ٽڪ... جو هلڪو آواز ٻڌڻ ٿي چاهيان، بيئر جي گلاس ۾ رڃڻ وقت جيڪو آواز برف ڪندي آهي." "مون کي لڳي ويو آهي نه؟ پرواه نه آهي

ٽڪسيءَ ۾ هلنداسين. هونئن ب... هڪ دفعو... مون تنهنجو سهارو ونڊ ٽي چاهيو... اَڄ اهو موقعو آيو آهي... جڏهن مون کي تنهنجو سهارو ملندو - تون هٿ پڪڙي مون کي وٺي هلندين... مون کي زمين ب نه ملندي... مان ٻئي ڪنهن جو سهارو نه وٺنديس، اِهو نوٽ ڪري ڇڏ... مان وٺي ٽي نه سگهنديس... مون کي جڏهن ب سهارو ڪپندو ته توکي سڏ ڪنديس... تون ائندين نه؟ هڪدم اَڄ... نه ته مان بيهوش ٽي ويندس... مون توکي چا پٽي چيو... ها... مون کي ياد آيو... پر مون کان نه وسرندو، اهو مون کي ڪڏهن نه وسريو آهي... مون کي گهٽو لڳو آهي نه؟... پرواهه نه آهي ٽڪسي ڪنداسين... پهرين تنهنجي ان گيسٽ هائوس ۾ هلنداسين... پليز، ڪوب بهانو نه بڻائج... مان خود توکي ڪنهن ب وقت، هر وقت پنهنجو جسم ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. توکي مون سان ڪڏهن ب ڪجهه ب ڪرڻ لاءِ بهانن بڻائڻ جي ضرورت نه پوندي گهرجي... نه، تون وڌيڪ نه پيءُ، توکي بيئر جلد لڳي ويندو آهي، ياد ڪر ته توکي خود ب سنپالڻو آهي نه ته تون مون کي نه سنپالي سگهندين، توکي بيئر جلد لڳي ويندو آهي تون وڌيڪ نه پيءُ... ٻڌ، منهنجون اُهي ساهيڙيون مون کان پڇنديون هيون، ڪيئن، ڪيئن، تون پنهنجي ٻڌيءَ تي وڃي سگهين ٽي، وٺي هوندينءَ، پر اسان کي ڪيئن خبر پوندي، تنهنجو ٻڌي آهي ڪٽي؟" "مون ساڻيو سوال، هڪ ڏينهن، پهريون دفعو، ميءَ کان پڇيو، منهنجو ٻڌي آهي ڪٽي؟ هن چيو، نه آهي، مون پڇيو، مان اُن وقت ڪيتري هيس جڏهن هو...، هن چيو، تون اِهي سوال چو ٽي پڇين، توکي پيار نٿو ملي؟ مون چيو، مون کي ٻڌيءَ جو پيار نٿو ملي، مون کي پڪ آهي ته ٻڌي اڄ هجي ها ته مون کي تمام گهٽو پيار ڪري ها، مان هن کي تمام گهٽو پيار ڪيان ها، ممي، تو وٽ ٻڌيءَ جو ڪو فوٽو ته هوندو؟ هن چيو، تنهنجي ٻڌيءَ کي فوٽو ڪڍائڻ کان حقارت هوندي هئي. هو غير معمولي طرح ڪنميرا ڪانشس هوندو هو. هن کي هميشه اِهو ڊپ رهندو هو ته هن جو فوٽو ڪڍهن سٽو نه نڪرندو. تنهن ڪري هن جو هڪ ب... مون هن کان پڇيو، هڪ ب نه؟ هن چيو، هڪ هو، گم ٽي ويو. مون. تيز ٽي چيو، اهڙي شيءِ تو گم ڪيئن ڪئي ممي؟ ميءَ کو جواب نه ڏنو، پر تنهن رات ميءَ تمام گهٽو پيتو، مون ب اڄ تمام گهٽو پيتو آهي، پر بيئر ۾ وسڪيءَ ۾ فرق آهي، وسڪي جلدي لڳندي آهي، تون نه سمجهي سگهندين، مون کي سڌ آهي، توکي بيئر جلد لڳي ويندو آهي، مون اڄ گهٽو بيئر پيتو آهي، مان ٽڪجي پٽي آهيان، مون کي اَجا پينٽو آهي، مان تنهنجي اُنهيءَ گيسٽ هائوس ۾، نشي ۾

بيهوش، نہ بدحواس، نشي ۾ صفا ننگي تنهنجي ننگي جسم سان لڳي نند ڪرڻ ٿي چاهيان، تنهن رات ممي، تمام گهٽو پيتو، مون کي ڀڃ لڳي رهيو هو، ممي، چيو، ڀڃ نہ ڪر. مون کي تمام گهٽو ڀڃ لڳي رهيو هو، مون کي تمام گهٽو ڀڃ لڳي رهيو آهي، تون ديوار جي ڳالهه ڪندو آهين، مون کي ڀڃ لڳي رهيو آهي، اُها ديوار هت ئي تہ نہ ڪرندي، هن وقت ۾ مون کي سهارو ڏيڻ لاءِ به ڪوئي نہ هوندو ممي، تنهن رات ڪجهه نہ ڪاڏو، نوڪرن جي زور پرڻ تي به نہ ڪاڏو، پوءِ هڪ ڏينهن هڪ ماڻهو آيو، گورو گورو، گول گول وات ڪري ڳالهائيندڙ، گهنڊيدار وارن وارو، نوڪدار مڇن وارو، ممي، چيو، "تارا، هي، تنهنجو ڀڌي آهي." "هڪ بيئر، بيئرر، چ... چ... هيڏانهن هڪ بيئر..." "تارا، توکي اڄ چا ٿي ويو آهي، نہ بس، بيئرر نہ..." "بيئرر، هڪ بيئر... پليز، تون هن کي منع نہ ڪر، ڀڃ جي ڪهڙي ڳالهه آهي، مان ماسيءَ کي چئي آئي آهيان، بوريوليءَ رهنديس، هن ساهيڙيءَ وٽ، ساهيڙيءَ ڇهين لڳي ماسيءَ کي فون به ڪري ڇڏيو هوندو تہ مان هن وٽ آهيان، تون فڪر نہ ڪر، مون کي روڪ نہ، دل کولي بيئر پيئڻ ڏي، پر تون نہ پيئج، نہ، هڪ ڊڪ به نہ ملندءِ، بيئر توکي جلد لڳي ويندو آهي." "بيئرر، صاحب جو خالي گلاس ڪٽي وڃ." "فقط هيءَ برف نہ رڃي رهي آهي توکي ٻڌائيندي اڄ پهريون دفعو، منهنجي اندر جي برف به، بيحد سخت ۾ جمي ويل رڃي رهي آهي، مون سان ائين ڪڏهن نہ ٿيو آهي، منهنجي هن اندر جي جمي ويل برف سان، مان اها اڄ سڄي رجائڻ ٿي چاهيان ۾ هلڪي ٿيڻ ٿي چاهيان، پليز، ناراض نہ ٿيءُ، تارا، هيءُ تنهنجو ڀڌي آهي، تارا هيءُ تنهنجو ڀڌي آهي، تارا..." "منهنجو ڀڌي، منهنجو ڀڌي..." "تون چا ٿو سمجهين، مون کي سڌ نٿي پوي، تون بچيل بيئر چو پي وئين؟" "مون تنهنجي ڳالهين سان گڏ ان جو مزو وٺڻ ٿي چاهيو." "مون کي سڌ آهي، تون نٿو چاهين مان وڌيڪ پيئان، توکي ضرورت نہ آهي پر تون مون کي 'بچائڻ' ٿو چاهين، مون جڏهن به توکي ڏٺو آهي، جڏهن به تنهنجي باري ۾ سوچيو آهي مون کي يقين آيو آهي تہ تون مون کي 'بچائڻ' ٿو چاهين، تون مون کي بچائڻ جي قابل آهين، پر تون مون کي بچائي نہ سگهندين، تون جيترو مضبوط آهين، اوترو ڪمزور آهين، ڪلين ٿو، مان غلط نہ آهيان، نہ ائين ڪنڊ نہ لوڏ، چا تون اندر ئي اندر ۾ پريشان نہ آهين تہ اڃوکي رات اسان گڏ گذارڻ وارا آهيون پر تون گهر ۾ ڪجهه چئي نہ آيو آهين، هوءِ سڄي رات پريشان ٿيندي..." "بيئرر، بل..." "نہ، ترس، ٿورو وقت ترسي اَڄ." "نہ، بس، تارا وڌيڪ هڪ بوند نہ..." "نيڪ آهي،

پر چا اسان ويهي بہ نٽا سگھون؟" "نہ، تارا، تون وري..." "منهنجو ڊئبي، منهنجو ڊئبي..." "هيءُ تنهنجو ڊئبي آهي، تنهنجو ڊئبي..." "منهنجو ڊئبي، منهنجو ڊئبي..." "امپاسيبل، نہ ممي، نہ ممي..." "بس، باقي هڪ گلاس، باقي بچيل بيئرر واپس ڪٽي ويندو... ڪلين ٽو؟ مان ڏسي رهي آهيان، توتي اڇ کو اثر نہ ٿيو آهي، چگو هڪ آخري بوتل، اڏ اڏ پيئنداسين، بس، هاڻي تہ خوش ٿئين نہ؟" "مون ايترو چا پيتو آهي جو پريشان آهين... تنهن رات بہ ممیءَ تمام گھٽو پيتو، ڪجھ نہ ڪاڏو، شايد هن ڪي دک ٿيو، چو تہ مان روئندي... ڊئبي، ڊئبي ڪندي... پنهنجي ڪمري ۾ پڇي ويس، پنهنجي هن ڊئبيءَ سان هڪ اکر نہ ڳالهايم (پنهنجي هن ڊئبيءَ کي تنهن ڪري دک ٿيو ۽ تنهن ڪري ممیءَ کي دک ٿيو؟)" "منهنجو ڊئبي، منهنجو ڊئبي..." "نہ ممي، نہ ممي..." "تارا، هاڻي هلون، يارهن لڳا آهن." "پوءِ تہ ترسي سگھجي ٿو، تو پاڻ ڊڌايو هو تہ ان گيسٽ هائوس ۾ هڪ تائين..."

"بيئرر..." "اڇ بل مان ڏيندیس." "هي تنهنجا ئي پئسا آهن..." "ڳالهائي ائين رهيو آهين جڙ منهنجي پرس مان ڪڍيئہ..." "تنهن رات بہ ممیءَ تمام گھٽو پيتو، ڪجھ نہ ڪاڏو، اهو ماڻهو هن جي وارن ۾ هٿ ڦيرندو رهيو ۽ ڏمڪيون ڏيندو رهيو تہ هوءَ نہ ڪائيندي تہ هو بہ ڪجھ نہ ڪائيندو."

مون هن جو هٿ پڪڑيو، اسان ٻاهر آياسين، سڏو ٽنڪسيءَ ۾ ويٺاسين. هوءَ منهنجي ڪلهي تي ڪِري پيئي. هن ڪجھ ڳالهايو، مون ڪجھ نہ سمجهيو. وچ ۾ هڪ دفعو هن منهن مٿي ڪري چيو، "مون توکي هيترو ڊڌايو، پنهنجي باري ۾ تو ڪجھ نہ ڊڌايو نہ؟ منهنجي نندپڻ... فقط ڪي ٽٽل گھڙيون آهن مون وٽ... ڪنهن ٽلهي، گھاٽي پردي ۾ اونداهن ٽنگن وانگر، هڪ ٻئي کان هيٺ مٿي، ننڍا وڏا ٽنگ..."

اِها هنن جي پهرين ملاقات هئي. جڙ آخري.

مون سڄو وقت اهو سوچيو تہ تون گاڏيءَ ۾ چا ڪندي هوندينءَ.

مون سڄو وقت چانهيون پيتيون، سگريٽ فقط ٻہ، مون ڪجھ نہ سوچيو، منهنجو ٻيو ڏينهن توسان گڏڙ وارو هو، مون وٽ سوچڻ لاءِ ٻيو ڪجھ نہ هو.

اسان هن گيسٽ هائوس ۾ هلي سگهون ٿا.
پليز، هل، مان سپ ٻڌن پٽيان چڏي آئي آهيان.

اِها اسان جي پهرين ملاقات هئي. ڇا آخري.

ڪجھ به ٽيڙو هو ته سپ ان ۾ ٽيڙو هو. ڪجھ به نه ٽيو هو ته ڇا ان هڪ ملاقات لاءِ ترسيل هو. اسان جون سپ ملاقاتون لکنڙ ۾ انهن چٽن ڏينهن اندر جيترين به ٽيون هيون ۽ بامبي ۾ ڪيترن به ڏينهن ۾ ڪيترين به ٽيڙيون هيون - يا، اسان ٻنهي پنهنجي پنهنجي ماضيءَ ۾ جيترين ملاقاتون جن سان به ڪيون هيون، ڇا هن هڪ ملاقات لاءِ ترسيل هيون.

دروازو بند ڪري جڏهن مان هن طرف وڌيس ته رهيل مفاصلو هن ڊوڙيءَ طئي ڪيو، منهنجي ڊگهيڙيل ٻانهن ۾، ۽ مان هن جي نرڙ کي چُمي، هيٺ جهڪي، هن جي چپن کي چُمي، متي وڃي، هن جي سينڊ جي وچ واريءَ ليڪ کي چُمي، هيٺ جهڪي، هن جي چاتين کي چُمي، هيٺ جهڪي... نه، ان کان پوءِ هيٺ لڙکي، هن جي ٻن ٽنگن وچ ۾ پنهنجو منهن لکائي ڇڏيم. هوءَ به جهڪندي هيٺ لڙکي آئي ۽ اسان ٻنهي گوڏن ڀر بيهي هڪ ٻئي کي ٻاڪر ۾ پري ڇڏيو. مون هن جي ڏڪندڙ، ڦڙڪندڙ چپن جي سڃيءَ ٻي چينيءَ کي هڪ هلکي چُميءَ سان بند ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ مون ڏٺو ته اُهي وڏيڪ ڏکي، ڦڙڪي رهيا آهن. مون هڪوار وري انهن کي چُمي شانت ڪيو ۽ ڏٺو ته منهنجي چپن هٺائڻ سان ئي اُهي وري ڏکي، ڦڙڪي رهيا آهن. هن جا اُهي چپ، اَڏ ڪليل، ڏندن جو هڪ حصو ظاهر ڪندڙ، پٺرين ذرا سڪل، سخت، سرد، ڏيري ڏيري، منهنجي سواسن جي گرميءَ ۾ پنهنجي سواسن جي گرميءَ کي گڏي، ڪنڊن وٽ ڪنبندي، مکڻ وانگر رجندا ويا ۽ بند ٽيڻ جي بجاءِ وڏيڪ

کلندا ويا. ان کان پوءِ ڇٽن ڇپن هڪ ٻئي کان هڪ ڪن لاءِ به هٽڻ نه ڇاهيو. هڪ ٻئي کي ڇُوسڻ شروع ڪيو. اسان ڪنهن ازلي بک کان هڪ ٻئي تي تُٽي پياسين، هڪ ٻئي کي ڳولهيندا، هڪ ٻئي کي چڪيندا، هڪ ٻئي جي ڇپن کي چڪ پائيندا، هڪ ٻئي جي منهن اندر زبانن جي چنهنبن کي ڇُوسيندا، گوڏن ۾ هڪ زلزلو محسوس ڪندا، هڪ ٻئي جي هر هڪ اَنگ کي ڳولهيندا، موسيقيءَ جي ڪنهن بي چين چتيءَ لئه ۾ جُهومندا، جُهوليندا، مٿي چڙهندا ۽ پوءِ ڦان تي سهڪندا، پڻ پڻ ڪندا، بڙبڙائيندا، هڪ ٻئي جي بيل باٿم جي زپ کي ڳولهيندا رهياسين. هن جا ٻُبا ننڍڙا، گول ۽ سخت هٿا ۽ ساڄي ٻُبي مان هڪ ننڍڙو نازڪ پوري رنگ جو وار پنڪي جي هوا ۾ اُڏامي رهيو هو. مون هٿ وڌي انهيءَ وار سان جيئن جيئن کيڏڻ شروع ڪيو ته اهو ٻُبو ويو پٽر ٿيندو ۽ جيئن جيئن اهو ويو پٽر ٿيندو ته هوءَ بستري تي لڙڻ لڳي ۽ هن جو هٿ منهنجي بدن تي پيل فقط بيل باٿم جي زپ کي کولڻ لاءِ وڌيڪ ڏکندو رهيو.

مون ساڃو هٿ هيٺ جهڪائي هن جي ايليفنٽا بيل باٿم جي زپ ۾ وڌو. ان کان پوءِ مون هن جي ان سائي بيل باٿم جي زپ کولي ۽ ساڳئي وقت هن جي هٿ منهنجي نيلي بيل باٿم جي زپ کي ڳولهي ورتو.

تڪليف ٿي ته اسان پنهنجو پنهنجو بيل باٿم لاهي پلنگ تان هيٺ اُڇلي ڇڏيو.

مون هاڻي باقاعده هن جي سرير جي سين سرحدن تي هڪ ٿي وقت حملا ڪيا، تيز ۽ طوفاني. منهنجي سرير جي جدا جدا پلٽڻ هن جي سرير جي هر سرحد تي ڪاهه ڪئي. مون چپ هن جي چپن تان نه هٽايا، هٿ هن جي ٻُبن تان نه هٽايا ۽ ويس هن جي چپن کي چُمين سان نرم ڪندو ۽ ٻُبن کي پٽڻ سان سخت ڪندو. نتيجي طور اسان جي گوڏن ۾ باهه ٻرڻ لڳي ۽ اسان جا جسم هڪ ٻئي ۾ داخلا ٿيڻ لاءِ پيڙهڻ لڳا. هن جي سرير جي هر سرحد منهنجي سرير جي هر پلٽڻ جو سواگت ڪيو، هر پلٽڻ کي پاڻ ۾ پناهه ڏني. منهنجا چپ هر دفعي انهيءَ جڳهه تي موٽي ٿي آيا، جيڪا هنن هڪ ڪن اڳ چڏي هئي. منهنجا چپ ۽ منهنجا هٿ.

انهيءَ رات جهڙين ڪي ٻيون به راتيون آيون. وقتي ڏينهن به. جن ۾ اسان ساڳين ساڳين بندرن جو سئر ڪيو. اسان هر دفعي بندرن تي نئين ڳالهه ڏٺي. يا هر

دفعي جھونا بندر اسان کي نوان لڳا. اسان کي لڳو، اسان جي دلين کان ٻاھر، اسان جا جسم ٻہ ھڪ ٻئي کان واقف ٿي ويا ھئا. کھڙي ھنڌ، کھڙي حرکت کڻڻ سان، کھڙي حرارت پيدا ٿيندي آھي. کھڙي وقت اسان کي ھڪ ٻئي ۾ داخل ٿيڻ گھرجي. اسان ٻئي انھيءَ موسيقيءَ جي مخصوص لئہ ۾ جھومڻ، جھولڻ، مٿي چڑھڻ ۽ پوءِ ڪان ٿي وڌيڪ سھکندي ھيٺ ڪرڻ، ٽپ ٽپ ڪندي ھيٺ ڪري، ھڪ ٻئي ۾ بي جان ٻڌجي، بيھوشيءَ جي حالت ۾. پنھنجا سڀ عالم عدم موجود ڪري انھيءَ ھڪ عالم ۾ غرق ٿي وڃڻ لاءِ بار بار انھيءَ گيست ھائوس جي انھيءَ ڪمري جي انھيءَ بستري تي پھچي وڃڻ لڳاسين.

ڏکھي، سڏي، خالي، مايوس سڙک، ان جي مٿان ھلندڙ، ٻيھندڙ، ھڪ ٻئي سان لڳندڙ، ھڪ ٻئي ۾ جذب ٿيندڙ ٻہ پاڇا - منھنجو ۽ تارا جو.

سياڻو.
مستقبل.
اسان لاءِ ھو ئي نہ.
حال ئي ھو.
ھن وقت.
ھيءُ وقت.
ھيءَ گھڙي.
وشال.
نہ ختم ٿيندڙ.
خود ۾ پورڻ.
ھن ميدان وانگر. ھن آڪاس وانگر.
اسان جي ھن ملاقات کان پھرين ڪجھ نہ ھو، پوءِ ٻہ ڪجھ نہ ھوندو، ھڪ گھڙي اوندھ، نہ، اوندھ ۾ نہ، اوندھ جي ٻہ ھڪ ھستي ھوندي آھي.

اُها ديوار اسان جي ديهه ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ڀهي رهي هئي، اُها ديوار، ڏيري ڏيري، اسان ٻنهي جي ديهه ۾، ڏيري ڏيري، چپ چاپ، هنن سڙڪن تي، هنن ميدانن تي، هنن سمنڊن جي ڪنارن تي، هنن ريسٽورنٽن ۾، هنن بينڙ جي گلاسن ۾، هنن سگريٽن جي دونهن ۾، ڌهندي وڃي رهي هئي، هن قسمن ۾، هنن ڪوڙن ۾، هن گيسٽ هائوس ۾، اها ديوار، هڪ سرد ديوار، منهنجي حال ۽ تارا جي مستقبل جي هڪ سرد ديوار - هڪ سرد ديوار ڪان پوءِ.

اسان جي دنيا ئي اهڙي آهي. سڀ ڪجهه 'هت' آهي، 'هاڻ'، باقي وقت ڪان ڪٽيل، ڪن مختصر، گهڙين ۾ جهولينڈڙ، جنهن ونندڙ -

حال جي حدن تائين، ماضيءَ ڪان منڪر، مستقبل کي منظور نه ڪندڙ.

ها، جڏهن به اِهو 'هت ۽ هاڻ' نه رهيو، حال جون حدون اورانگهي جڏهن ان ماضيءَ ۾ نهاريو ته اهو ماڻ رهيو، حال جون حدون اورانگهي جڏهن ان مستقبل ۾ نهاريو ته اهو حال جي زنجيرن ۾ قيد ٿي ويو، تڏهن اهو خود طرف سجاڳ ٿي ويو، اُتي ڪڙو ٿيو، ڪڙو ٿي الڳ ٿيو.

هو ڏُس، بيحد خوش آهن.

اسان وانگر.

اسان وانگر؟

چو، اسان خوش نه آهيون تارا؟

نه، چو، اسان به بيحد خوش آهيون.

هن هڪدم ڏٺو، تارا جو چهرو وسميل آهي، اوچتو وسامي ويو آهي، ڏير سارين روشنين جي وچ ۾، وڏن رستن تي به ڪي وچوٽيون آهن، جيڪي هيٺن اوچتو پيدا ٿي وڃن ٿيون، ٻين کي خوش ڏسي، ٻين کي دکي ڏسي. تارا جي سڀ ڪان وڌيڪ دکي ست اِها آهي 'نه، چو، اسان به بيحد خوش آهيون.'

ڪالهه مون کي اوچتو هڪ خيال آيو. تنهنجي پٽنيءَ سان گڏجان.

اِهو وچ وچ ۾ تو کي منهنجي پٽنيءَ جو خيال چو ايندو آهي؟

تو کي ڏاڍو پيار ڪندي آهي نه، هن توهان جي ٻارن لاءِ ڏاڍو پوڳيو هوندو نه؟

تون هن سان ملي چا ڪرين ها؟

هن کي ٻڌايان ها، هن کي سمجهايان ها، هن کي ميڃايان ها.

اسان جي هيءَ شام تمام خراب وڃي رهي آهي تارا.

مان هن کي ٻڌايان ۽ سمجهايان ۽ ميڃايان ها ته اسان جون سڀ شامون سٺيون ٿي سگهن ٿيون.

پليز تارا، اهو پاڳلپڻو ڪڍهن نه ڪج. هوءَ هڪ خوددار عورت آهي. ٻارن کي چاهيون ڏئي چپ چاپ هلي ويندي.

چا اسان سڀ گڏ نٽا رهي سگهون؟ مان هن کان پڇان ٻه ها.

هوءَ تو کي چمات هٽي ها.

مان اڳ ۾ ئي ان لاءِ تيار هيس، مان هاڻي ٻه. مان هميشه ان لاءِ تيار آهيان. تون مون کي هن جو فوٽو ڇو نه ڏيکاريو آهي؟ سياڻي ضرور ڪٽي اڇج، ٻارن جو ٻه. مان هنن کي ڏسڻ ٿي چاهيان. مان هنن جو فوٽو ڏسڻ ۽ پاڻ سان ڪٽي وڃڻ کان اڳ لکنؤ نه ويندیس.

تون لکنؤ ويندينءَ؟

هن اجايو پڇيو هو. هن کي پڇي وڃڻ گهرجي. تارا جو منهن نه ڏسڻ گهرجي. گهر جو منهن نه ڏسڻ گهرجي. هنن سين کان پڇي وڃڻ گهرجي. هو سڀ گڏجي هڪ گڏيل ڪواس ناهي ويٺا آهن.

اڙي، تنهنجو ته رت ئي سڪي ويو آهي.

اڇ ته الڳ ٿيون تارا.

ڪالهه اسان اجايو 'ضروري ڳالهين' تي ڳالهايو.

تو ڳالهايو.

مون ڳالهايو. اجايو ڳالهايو.

تو پنهنجي انهيءَ لنبي خط ۾ لکيو هو ته تون جڏهن هت هوندينءَ اسان ڪڏهن به اهڙين ضروري ڳالهين تي نه ڳالهائينداسين، ڪنهن به حالت ۾ پنهنجون موجود گهڙيون خراب نه ڪنداسين.

مون کي اَلاجي ڇو اهو خيال آيو، تنهنجي پٽنيءَ سان گڏجان، مون غير ضروري طرح پنهنجي سپني کي عمل ۾ آڻڻ چاهيو، هن دنيا وانگر جنهن جڏهن به سپني ۾ سڪ ڏٺو آهي ته اها وڌيڪ دکي ٿي آهي. مون کي لڳو هڪ جملو اسان کي بچائي سگهيو ٿي، نه جملو به گهٽو آهي، فقط هڪ لفظ، نه هڪ لفظ به گهٽو آهي، هڪ مرڪ، هڪ نهار، هڪ ڇُهاءِ - جن ۾ اڳلو اسان جي سين سپنن، آشائن ۽ دردن کي

سمجهي ويندو آهي، سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي، ڪابه قرباني ڪرڻ لاءِ راضي ٿي ويندو آهي... مون کي اَلاجي ڇو لڳندو آهي، مون جيتوڻيڪ پنهنجي ٻڌيءَ کي ڏٺو به ڪونهي، منهنجي ممي‌ءَ هن کي ڪڏهن نه سمجهيو هو، مون کي اَلاجي ڇو لڳندو آهي تو پنهنجي پٽنيءَ کي ڪڏهن نه سمجهيو آهي، جيتوڻيڪ مون تنهنجي پٽنيءَ کي ڏٺو به ڪونهي... تون اِهو ڇو ٿو سمجهين ته هوءَ نه سمجهي ها، هوءَ نٿي سمجهي سگهي، تون...

تارا اسان جي هيءَ شام به خراب وڃي رهي آهي.

ايا منجهند آهي. مون کي ٻڌاءِ هوءِ ڇو نه سمجهي سگهندي.

تون 'سمجهائيون' طلبي رهي آهين ۽ 'سبب'، اهو سڀ بيڪار هوندو آهي.

توهان وسڪي نه پيئندا آهيو، مان پهريون دفعو ٻڌي رهيو آهيان ته ڪوئي وسڪي هوندي بيئر پيئڻ چاهي، مان بيئر کي هڪ بيڪار - ٻرنڪ سمجهندو آهيان، صفا زالن جي، ۽ ٻني بيئر ۽ زالن ۾ مون کي رشتو نظر ايندو آهي، بيڪار جنس جي بيڪار جنس.

تون مهمانن سان هميشه ائين ڳالهائيندو آهين.

تون ان جو فڪر نه ڪر، فقط پاڻ کي بيڪار جنس ۾ وجهڻ کان بچائڻ لاءِ بيئر نه پيئج، وسڪي پيئج.

تون ماسٽر جي ڳالهه گنيئر نموني نه ڪٽج، هو سيني سان ائين ڳالهائيندو آهي.

مون کي پاڻ اهڙا ڪليل ماڻهو وٺندا آهن.

بس، پوءِ ته توهان هن کي وڌيڪ ڳالهائڻ جو سرٽيفڪيٽ ڏئي ڇڏيو.

توهان هنن ٻنهي کي نه ٻڌجو. سبب؟ صاف آهي. ٻئي زالون آهن. زالن جي ڳالهه نه ٻڌبي آهي، ٻاهران ڏيکاريو آهي ته اسان ٻڌون ٿا پر... مان ڊڪٽيٽر هجان ها ته هنن جي ڳالهائڻ تي بندش وجهان ها. توهان کي ته خبر آهي ته... تارا مون کي ٻڌايو آهي ته توهان ڪجهه لکندا آهيو... چا؟... ها، ڪهاڻيون ۽ ناول... پهرين مون کي عجب لڳو... مون سمجهيو، ڪهاڻيون ۽ ناول ڪڏهن جو لکڻ بند ٿي ويا آهن... ماڻهو ايا تائين ان قسم جون 'سوچيل'... منهنجو مطلب آهي 'ڪلپنا ڪيل' ڳالهيون پڙهندا آهن؟... مون کي هميشه عجب لڳندوآهي... تنهن رات تارا

کي سنڌيءَ ۾ ناول پڙهندو ڏسي ڏاڍو عجب لڳو... اَڄا... اَڄا سنڌيءَ ۾ لکيو ويندو آهي. مون کي لڳندو آهي سڀ سنڌي انگريز ٿي ويا آهن، سالن کان پنهنجو سڀنو پورو ڪيو اٿائون...

بس، تون انگريز ٿي وئين تہ سمجهين ٿو - سڀ سنڌي انگريز ٿي ويا... هي تہ لکندو بہ سنڌيءَ ۾ آهي.

ماسٽر، سنڌيءَ ۾ تمام گهٽا ڪتاب لکيا ويا آهن.

سچ پچ... مون کي ڏاڍو عجب لڳي رهيو آهي... مون کي لڳندو آهي سنڌي تمام سياڻا آهن هايلي پريڪٽيڪل... اهو سڀ 15 آگسٽ 1947ع ۾ سنڌ ۾ چڏي آيا... مان اڄ ٻڌان ٿو... پلا... شرمايو نہ، بيئر سڄي رات پيئندا پوءِ بہ بچيل هوندو... هان هي مغز جا پڪوڙا کائو، تارا جي ماسيءَ پنهنجي هٿن سان ٺاهيا آهن... هوءِ اها شيءِ تمام سٺي ٺاهيندي آهي، اصل ۾ ٺاهيندي ئي اها شيءِ آهي... مون جڏهن بہ اهي کاڌا آهن، مون کي لڳو آهي زالن کي مغز جا پڪوڙا تمام سٺا ٺاهڻ ايندا آهن، ان پٺيان اَلاجي ڪهڙو راز آهي، مون کي لڳندو آهي، هنن جو مغز فقط اها ڳالهہ ڪري ڇاڏي، مون کي لڳندو آهي، پنهنجو مغز نہ هٽڻ جي ڪري هو اِهي مغز جا پڪوڙا سٺا ٺاهي سگهندیون آهن، چو تہ اهو بين جو مغز آهي...

توهان هنن جي ڳالهين تي ڌيان نہ ڏجو، هي ائين بين جو مغز کائيندو رهندو آهي.

منهنجو مطلب آهي زالن جو بہ؟ ناممڪن آهي، اُها ڳالهہ کائي ئي نٿي سگهجي، جيڪا بين کي هجي ئي نہ.

تون ماسٽر جي ڳالهين تي ڌيان نہ ڏج، هو... مون ماسٽر کي پهرين ئي چيو هو، هن کان انجام ورتو هو تہ هو توکي بور نہ ڪندو.

مون کي سچ پچ هنن جون ڳالهيون بيحد دلچسپ لڳي رهيون آهن.

اها توهان جي سٺائي آهي.

اها تنهنجي سٺائي آهي، جيڪا توکي مهانگي پوندي.

آسان سين کي، چو تہ هاڻي هو ڳالهائڻ بند ئي نہ ڪندو.

پلا ليڪڪن کي گهرائي منهن بند رکڻ گهرجي؟ پائي توهان ٻڌايو، جيترو هنن کي غلط ثابت ڪندا اوترو مون کي خوشي ٿيندي... ۽ تنهن کان سواءِ مون کي يقين آهي اوترا توهان وڌا ليڪڪ بڻبا. سڀ ليڪڪ هنن کي غلط ثابت ڪرڻ سان ئي ليڪڪ بڻيا آهن، جيترو هنن کي غلط ثابت ڪيو اٿائون، اوترو وڌا ليڪڪ بڻيا آهن... توهان ٽالسٽاءِ جي ڊائري پڙهي هوندي... هڪ ليڪڪ هن کي

'مڪيون' سڏيو آهي، تمام وڏو ليکڪ آهي، ڪهڙو آهي؟ مون کي هن جو نالو ياد نٿو اچيَ، توهان کي ته خبر هوندي... مان جڏهن به هن جي ڪتابن کي پڙهندو آهيان... تو کي لڳندو هوندو تون به وڏو ليکڪ ٿي سگهين ٿو.

منهنجي وائف جي ڳالهه ۾ ڪافي 'ڪليورنيس' آهي: جيڪا ڳالهه به ڳالهيون ثابت ڪري ٿي:

1. زالون اها 'ڪليورنيس' به فقط مردن جي ڪمپنيءَ ۾، هنن جي موجودگيءَ ڪان 'انسپائير' ٿي ڏيکاري سگهن ٿيون،

2. زالون 'ڪليور' ٿيڻ جي قابل آهن. 'سٽيون' ٿيڻ جي قابل نه.

نانسينس، توکي هيئن ٻڌائڻ گهرجي ته زالون زماني سان گڏ هلي سگهڻ جي وڏيڪ قابل آهن؛ هو 'ڪليور' ان کري آهن جو اسان جو زمانو ئي 'ڪليور' آهي: هو سٽيون ان کري نه آهن جو اسان جو زمانو ئي سٽو نه آهي.

تون بور ٿي رهيو هوندين، هل، تون اهو بيئر منهنجي ڪمري ۾ هلي پورو ڪر.

نه، سچ، مون کي هن جون ڳالهيون تمام دلچسپ لڳي رهيون آهن.

توهان شادي شده آهيو؟

ها.

توهان کي ٻار آهن؟

ها.

پوءِ توهان اهو لکڻ جو ڪم ڪيئن ڪنيو؟ سو به سنڌيءَ ۾؟ چا ان مان توهان ايترو ڪمائيندا آهيو جو گهر... تارا کي به ڪتابن جو تمام گهڻو شوق آهي...

توهان ڏٺو نه... هي اِهو به نٿي سمجهي سگهي تنهن کري توهان جي فرينڊشپ ٿي آهي... انٽيلڪٽويل فرينڊشپ... هن کي ڪهڙي خبر... زالن کي فقط هڪ رشتي جي خبر هوندي اهي، فزيڪل رشتو ۽ ٻار پيدا ڪرڻ.

ڇا ٻارن پيدا ڪرڻ ۾ تنهنجو هٿ نه هو؟

هائي هن کي ڪير سمجهائي... هيءَ سمجهي ٿي... توهان بيئر نه ڪنيو ته ان بچيل گلاس ۾ مون کي وسڪي مڪس ڪرڻي پوندي... هيءَ سمجهي ٿي ته ٻارن ڇڻ لاءِ هٿ ڪپندو آهي... زالون ٻار ڇٽيندیون آهن، هنن کي اها به خبر نه هوندي آهي ته انهن کي ڇڻ لاءِ هٿ نه ڪپندا آهن... هن کيَ ڇڏيو... پنهنجي ٻڌايو... توهان سنڌي ٿي ڪري وديش ۾ ڇو نه آهيو؟ هٿ چا ڪري رهيا آهيو؟ لکڻ سان گڏ امپورٽ - ايڪسپورٽ جو بزنس توهان ڪيئن نه ڪيو؟

ماسٽر، اهي ڳالهيون ڇڏيو نه...

ڇڏيان؟ توهان ٻڌايو؟ توهان سنڌي آهيو؟ هڪ سنڌيءَ کي ڏسي ٻيون ڪهڙيون ڳالهيون ياد اچي سگهن ٿيون، منهنجو مطلب آهي پڇي سگهجن ٿيون...

توهان صحيح آهيو... توهان پڇو...

ماسٽر... هائي هن کان پڇڻ بجاءِ توهان پنهنجون ڳالهيون ٻڌايو، جيکي مون کي ٻڌائيندا آهيو... توهان ليکڪ چو نه ٿيا...

اَندي هنگي ۾ سيڙائي...

ڏٺو، زالن جي ڪلپنا... آخر ۾ ڪٿي پهچندي آهي... جيڪا خود هوندي آهي. نٽنگ بٽ شٽ... پهتي نه... سڀ پهچندڙون آهن... کي پهرين، کي پوءِ... پهرين اسان مردن کي لڳندو نه آهي، اسان پوءِ محسوس ڪندا آهيون، هنن سان گڏ رهي ڏسندا آهيون... نٽنگ بٽ شٽ... هنن جي کري وڏي ۾ وڏا ماڻهو ڪٽي نه ڪٽي ننڍا رهيا آهن... وڏي ۾ وڏا ماڻهو ننڍي ۾ ننڍا ماڻهو... هنن جي کري... توهان ڏٺو هوندو... توهان پڙهيو هوندو... توهان لکيو هوندو... نه لکيو هجيو ته لکجو... ضرور لکجو... سڀ وڏا ليکڪ لکي ويا آهن... ٻڌو آهي توهان به وڏا ليکڪ آهيو. تارا ٻڌايو آهي مون کي خبر نه آهي مون توهان جو ڪجهه نه پڙهيو آهي، مون سنڌيءَ ۾ ڪجهه نه پڙهيو آهي، ننڍي هوندي پڙهندو هوس جاسوسي ناول ۽ شرت بابوءِ جا ناول. مان هڪدم دٻيءِ هليو ويس، وچ ۾ سمجهيم ته هائي نه ماڻهو ڪهاڻيون - ناول لکندا هوندا نه هائي ماڻهو ڪهاڻيون ناول پڙهندا هوندا، ڪنهن وقت پڙهندا، وقت ڪٽان آڻيندا لکڻ وارا توڙي پڙهڻ وارا، صبح جو ته سڀ اخبار پڙهن، رات جو ٽڪجي سمهي پون، وسڪي پي يا ٽي وي ڏسي سٽنيما تان موڙي يا واپس اچي ٽورو وقت اسٽيريو هلائي. اسان ته صبح جو سڪمني به نه پڙهندا آهيون، هي ته ٽيپ ٽي ٻڌندي آهي، مان دير سان اُٺندو آهيان، سويل اُٺندو آهيان ته مان به ٻڌندو آهيان.

تون بور ٽيو هوندين، هل ته هلي بالڪنيءَ ۾ بيهون.

توهان اڄ هٽ ٽي سمهو، پنهنجو ٽي گهر آهي، گهٽائي ڪمرا آهن.

واهه 'بور ٽيو هوندو' ته تارا تون ائين ٽي چوين جڏ هي فقط زالن جي ڪمپنيءَ ۾ آهي. مرد ڪڏهن به بور نه ٽيندو آهي، جڏهن مردن جي ڪمپنيءَ ۾ هوندو آهي... زالن جي ڪمپنيءَ ۾... زالن سان ڳالهائي به چا ٿو سگهجي... زالن سان سڀ ڳالهيون فقط هڪ ڳالهه لاءِ هونديون آهن.

توهان هن جون ڳالهيون دل ۾ نه ڪجو... هن جي دل ۾ ڪجھ نه هوندو آهي...
واه... جڏ مان زال آهيان جو منهنجي دل ۾ ڪجھ نه هوندوآهي...
توهان هن جون ڳالهيون دل ۾ نه ڪجو...
ها، سچ پچ، ماسڙ جون ڳالهيون هميشه اهي هونديون آهن، ساڳيون، سين سان...
منهنجو ڇو؟ ڇنڊ، تارا، سين مردن جون... زالون ئي هونديون آهن، جيڪي الڳ الڳ وقتن تي الڳ الڳ ماڻهن سان الڳ الڳ ڳالهيون ڪنديون آهن.

تارا کي ٽوٽ برش ڪيندو هو.
"ڪالگيٽ؟"
"ڪوبه."
فارهنس؟"
"ڪوبه."
هو ٻئي ڊپارٽمينٽل اسٽور ڳولهڻ لڳا.
منجهند. اُس. گرمي.
شام جو ونج.
وسري ويندو.
هو ٻئي ڊپارٽمينٽل اسٽور ڳولهڻ لڳا.
مون کي لڳي ٿو، سڄي بمبئيءَ ۾ ٽوٽ برش ڳولهڻو پوندو.
سين هنڌان ملندو آهي.
هڪ هنڌان به نڪو ملي.
فقط خبر ملڻ گهرجي ته ڊپارٽمينٽل اسٽور ڪٿي آهي.
مون ته ٻڌو هو ودّن شهرن ۾ سواءِ ڊپارٽمينٽل اسٽورن جي ٻيو ڪجھ نه هوندو آهي.
پيڙيءَ جو ڳولهڻ سان جڏهن هڪ به ڊپارٽمينٽل اسٽور نه مليو ته بنا ڳولهڻ جي ٻه ملي ويا، هڪ ٻئي جي لڳو لڳ. هڪ ڊپارٽمينٽل اسٽور جي ٻاهران تختي لڳل هئي:

صابڻ

لکس	1.35
لائیف بواءِ	1.30
مئسور	2.50
لرل	2.00
پئرس	2.50
مارگو	1.80
مهاراڻي	2.80
جنتا	1.05

تيل

پوست مئن ساڍا 15 ڪلو	100.00
پوست مئن 4 ڪلو	32.00
پوست مئن 2 ڪلو	18.00
گودريج ساڍا 15 ڪلو	98.00
گودريج 4 ڪلو	30.92
گودريج 2 ڪلو	17.15

بليڊ

سوس	1.05
پارٽ	.80
اينسر (سپر)	2.90
اينسر	1.40
هاءِ فاءِ	1.40
آشوڪ	.70

بٽر

ساگر 500 گرام	10.75
ساگر 100 گرام	2.60

تختيءَ تي بٽر جي هيٺان ٽلهن اکرن ۾ نوٽ هنيو ويو هو، هيٺن:

پولسن نو استاڪ.

ٽوٿ پيسٽ

ڪالگيٽ سپر سائيز	9.00
ڪالگيٽ ايڪانامي‌ڪل سائيز	7.60
ڪالگيٽ	4.50
ڪالگيٽ ٽرول	2.90

ٽوٿ برش

فارهنس (پلاسٽڪ ڪورسان)	2.70
فارهنس (پلاسٽڪ ڪور بنا)	1.60
ڪالگيٽ	1.40

ڏنن برشن سان هڪ برش مفت

هڪ تختي تون پنهنجي گهر ٻاهران به ٽنگي ڇڏ:

پگهر	20 پئسا
ڇڙ	15 پئسا
غصو	15 پئسا
جيان پال سارٽر	25 پئسا
اجائي ڪوشش	05 پئسا
نئين ڪويتا	09 پئسا
ڪاتل جوراب	09 پئسا
انقلاب	01 پئسا
سچائي	01 پئسا

يا

هٽلر	05 پنسا
استالن	00 پنسا
هستيواد	30 پنسا
مارڪسواد	20 پنسا
فرائڊ واد	20 پنسا
آزادي	01 پنسا
رنگ قتل شرٽ	04 پنسا
مان تنهنجو آهيان	00 پنسا
شادي	00 پنسا
نروڻ	10 پنسا
آئڊيا	10 پنسا
آئڊيالاجي	00 پنسا
	100 پنسا

تارا، اسان ٻنهي جي وچ ۾ فقط وچوٽي آهي، جنهن جي ڪا معنيٰ، ڪا پرپياشا نه آهي، وچوٽي جنهن جي ڪا خاص شروعات نه آهي، ڪا خاص پيڇاڙي نه آهي.

تون ڇا ٿو سوچين؟

ڪجهه نه. تون؟

ڪجهه نه.

مون خود ڏٺو، تارا...

خاص نه، سچ، خاص نه، ٻڌائڻ جهڙو نه، سواءِ ان ڳالهه جي، جيڪا ڳالهه به خاص نه آهي جو ٻڌائڻ جهڙي هجي، اَصل ۾ اها اهڙي به نه آهي جيڪا سوچجي.

تنهن هوندي به... تون سوچين ٿي، تو سوچيو...

مون نه سوچيو، سوچڻ معاملو مون کي تنهنجي چي... چي... ياد اچي ويندي آهي ۽ مون کي هڪدم لڳندو آهي ته تون بلڪل صحيح آهين.. مون خود سوچي ڏٺو

آهي، اسان جا فيصلا، اسان جا نہ فيصلا بعد ۾ بيهي نہ سگھندا آهن... مون کي هڪدم لڳندو آهي تون بلڪل صحيح آهين.

تنهن هوندي بہ تو سوچيو.

مون نہ سوچيو، سواءِ ان جي، جيڪڏهن تون ان کي سوچڻ سڏين، مان ان کي سوچڻ نٿي سڏيان، مون کي پڪ نہ آهي، مان ان کي 'ڪجهہ' بہ سڏيان.

تون سوچي رهي هئينءَ، تارا.

تہ بار سئي آهي، شيون سئيون آهن، سروس سئي آهي، اسان ٻنهي لاءِ، ماڻهن لاءِ گهٽ چو تہ اُهي اسان طرف نهاري رهيا آهن.

ٻڌ تارا، اسان جڏهن ننڍا هوندا آهيون تہ اسان فقط اُهي هوندا آهيون جيڪي هوندا آهيون، اسان جڏهن وڏا ٿيندا آهيون، جيئن اسان هن وقت وڏا آهيون تہ... ڇڏ ان ڳالهہ کي... مان جڏهن ننڍو هوس تہ ماڻهو چوندا هتا: وٽن ۾ پوت ٿيندا آهن. اُهي مُٽڻ سان ٻاهر نڪري ايندا آهن، تنهن کري وٽن هيئان پيشاب نہ ڪرڻ گهرجي. مون ڪيترا دفعا، جڏهن مان ننڍو هوس، مون ڏٺو هو، ماڻهن مون کي ٽهڪيو هو، مون کي ۽ ٻين کي ۽ خود کي. هڪ ڏينهن رات جو مان لڪي لڪي وٽن هيئان مُٽي آيس. پوت نہ نڪتو، هڪ بہ نہ، مون ٻڌو هو هڪ وقت ئي ڪيترا نڪري ايندا آهن تہ مون سمجهيو مون ايترو ٿورو ڪيو هو جو هنن کي خبر ئي نہ پيئي آهي، مون ياد ڪيو ۽ خود کي چينپيو چو تہ مون ڪلاڪ ڪن اڳ ايڏا مُٽيو هو، مون سوچيو، مون کي، جيڪڏهن، وڌ هيئان مُٽڻو هو تہ ڪلاڪ ڪن اڳ نہ مُٽڻ ڪپندو هو، گهٽو ڪرڻ لاءِ روڪڻ گهربو هو. ٻئي ڏينهن مون سجو ڏينهن نہ مُٽيو، دٻائي رکيو، حالت خراب ٿي پر مون روڪي رکيو ۽ سجو ڏينهن نہ مُٽيو، دٻائي رکيو، حالت خراب ٿي پر مون اُن کي روڪي رکيو، رات جو سجو ڪندس، هڪ ئي وقت، وڌ هيئان. پوءِ بہ جڏهن پوت نہ آيو، يا، نہ آيا تہ مون کي شڪ ڪائڻ لڳو، شايد، مردن جي مُٽڻ سان ئي پُوت نڪرندا آهن، چو تہ مرد 'گهٽو' ڪندا اهن، ٻار، مون جهڙو، مون جيترو، سجو ڏينهن روڪي رات جو هڪ دفعو ئي ڪري تہ ان کان بہ گهٽو ڪندا آهن، تنهن ڪري، ٻئي ڏينهن تي، مون فقط نہ روڪيو پر دٻائي پاڻي پيتو، پڳڙن سان ڪيسا پري چڏيم، اُڄ وڏائڻ لاءِ، اُڄ پڳڙن ڪائڻ سان وڏي ويندي آهي (اڳتي هلي، منهجي اِها 'هوشياري' مون تي 'علاج' سڏي مڑهي ويئي. جڏهن مون کي سائيءَ جي بيماري (جانڊائيس) ٿي، منهنجي پيٽ (چو تہ ٻئي ڪنهن جو چوڻ مان مڃڻ وارو نہ هوس، مون کي مئيون پري پڳڙا وات ۾ وجهندي هئي تہ جيئن مان گهٽو پاڻي

پيشاب، خلاصي پيشاب ۾ سائيءَ جي پيلاڻ وهي ويندي آهي.) پوءِ به جڏهن پوت نه نڪتا ته مون هڪ رات وڻ تي چڙهي هڪ ٽاريءَ کي زور زور سان لوڏڻ شروع ڪيو ۽ چلائڻ لڳس: نڪرو، ڏسان، ٻاهر نڪرو، ڪيڙو، مان توهان پوتن کي ڏسڻ ٿو چاهيان. حرامزادو. (اهي گاريون مون پنهنجي مامي کان ٻڌيون هيون... هو پٽ ۽ ڌيءَ جي قميص کي به ڪيڙ ۽ حرامزادو سڏيندو هو... اهي ساڳيون گاريون 30 سال پوءِ، اُلهاس نگر ۾ هن داداگير کان نڪي جي حالت ۾ ٻڌيون ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو هو سئلون ۾ ڏاڙهي لاراهيندي خون ٿي ويو) توهان سپ نڪرو، جيترا به هن وڻ ۾ آهيو، مان توهان کي ڏسڻ ٿو چاهيان."

"مان جڏهن ننڍي هيس ته ڇوڪران جي اڳيان اگربتيون نه ٻاريندي هيس، دونهين جي ڪري، مون کي ڏپ لڳندو هو، ڇوڪران جي اکين ۾ پاڻي نه پرجي اچي... مون کي ان ڪمري ۾، جنهن ۾ ڇوڪران جون مورتيون رکيل هونديون هيون، بصر وڌڻ ۾ به ڏپ لڳندو هو، ڇوڪران جون اکيون نه پرجي اچن."

"مان جڏهن ٽورو وڏو ٽيس ته هڪ ناول ۾ پڙهيم ته چُمي وٺڻ وقت چپ گرم ٿي ويندا آهن، جهڙا اڳر، منٽرڪ ۾ هڪ چوڪريءَ جڏهن مون کي چُمڻ چاهيو ته مون چيو ته اهو ڪم پاڻ نه ڪنداسين، نه بابا، منهنجا چپ سڙي ويندا."

"مان جڏهن ٽوري وڏي ٽيس ته منهنجي هڪ ساهيڙيءَ مون کي چيو ته چوڪرو جڏهن چوڪريءَ کان چُمي وٺندو آهي ته چوڪريءَ جو پيٽ ٻاهر نڪري ايندو آهي، هن کي ٻار ٿي پوندو آهي... ڪاليج جي پهرين سال ۾ منهنجو هڪ چوڪري سان پيار ٿي ويو، هو سڄو وقت ان پريشانيءَ ۾ هوندو هوته مون کي چپن تي چُمي. مان ڪڏهن تيار نه ٿيندي هيس. هو ناراض ٿي ويندو هو. مون کي چري چوندو هو. مان هن جا هٿ پڪڙيندي هيس. پنهنجن ٻن ننڍن ٻُبن جي وچ ۾ رکندي هيس (هن جون اڳريون تڏهن به منهنجي آڳرين مان نڪري منهنجي انهن ننڍن ٻُبن کي چُمڻ چاهيندڙ هيون، ڏکندي ڏکندي). هو چپ اڳيان وڌائيندو هو، هڪ هٿ هيٺ ڪري جڏ مان ڏسان نڪي، منهنجي گوڏن کي سهلائيندو هو (ٿوري وقت بعد، سهلائيندي سهلائيندي هڪ هٿ رکي چڏيندو هو، مان مڃيان ته ان لاءِ مان به هن جو حوصلو وڌائيندي هيس) ۽ پنهنجا چپ منهنجي منهن اڳيان وڌائيندُو هو، نه، مان هڪدم منهن پري ڪري چڏيندي هيس، مون کي ڏپ لڳندو هو، مان پيٽ سان نه ٿي پوان، ۽ هي ۽ بدمعاش مون سان شادي نه ڪري ته؟ (هڪ دوکو ڏنل عورت جنهن پنهنجي پريميءَ تي پروسو ڪيو، هن کي سپ ڪجهه ڪرڻ ڏنو، پاڻ کي پيٽ

سان ڪڙ جي حد تائين - اهڙيون جام فلمون آهن، هوءَ نندڙي ٻار کي گود ۾ ڪٽي گهٽين مان گانا ڳائيندي وڃي رهي آهي) هو ناراض ٿي ويندو هو، سبب پڇندو هو، مان نه هن کي سبب ٻڌائيندي هيس، نه هن کي چُمڻ ڏيندي هيس، هو زور پريندو هو ته وڌ ۾ وڌ هن کي ائين چوندي هيس ته مون کي سڄي خبر آهي، مان چا ايتري بيوقوف آهيان جو مون کي اها به خبر نه آهي ته چمي ڏيڻ - ڏيارائڻ سان چوڪريءَ جو چا حال ٿيندو آهي. چا مان ايتري به وڏي نه آهيان جو ان ڳالهه جي به خبر نه هجي... هو 'چري' چوندو هو، چڙي ويندو هو، جڪ ڪائيندو هو... مان بيوقوف چوڪرين وانگر ڏند ڪڍي مشڪندي رهندي هيس... هن کي 'چُمي نه ڏيڻ جو عيوضو' چڪائي ڏيندي هيس، پنهنجي بدن جي باقي سين حصن کي چُمائڻ سان."

"مان جڏهن ننڍو هوندو هوس ته سوچيندو هوس ته ڏرتيءَ تي هيترن پڳوانن کي هيتري شهرت مليل ڏسي مٿي پڳوان ايرڪا ۾ جلندو هوندو."

"مان جڏهن ننڍي هيس ته سوچيندي هيس ته مان جڏهن وڏي ٿيندیس ۽ مان به ممي ٿيندیس ته پنهنجي ڏيءُ کي هن جي ٻڌڻيءَ کان ڪڏهن هڪ منٽ لاءِ به الڳ نه ڪندیس، مون هڪ دفعي ممیءَ کي رات جو ننڊ مان اُٺاري پڇيو هو، ممي، ٻڌڻي جيڪڏهن پنهنجي ڏيءُ سان شادي ڪري ته 'ممي' ڪيڏانهن ويندي؟"

"مان جڏهن ننڍو هوس ۽ سڄ جي روشني ڪائيندي هئي ته خار ڪائي سڄ ڏانهن اشارو ڪندو هوس ته هن کي ڪهڙي بيوقوف ناهي اتي ٽنگي ڇڏيو آهي."

"مان جڏهن ننڍي هيس ته مون کي ڊپ لڳندو هو ته هر روز برش ڪرڻ جي ڪري ئي ڏند ايترا گسي ويندا آهن جو ٻڌاپي ۾ گم ٿي ويندا آهن."

"مان جڏهن ٽورو ٽورو وڏو ٿيس ته ماڻهن جي هٿن ۾ ڪتاب ڏسي سوچيندو هوس ته ڪنهن ڏينهن هنن ماڻهن جي هٿن ۾ منهنجا لکيل ڪتاب هوندا."

"مان جڏهن ٽوري وڏي ٿيس ته سوچيندي هيس جڏهن مان ايڏا وڏي ٿيندیس ته ڪو وڏو، مشهور ماڻهو - پينٽر يا ليکڪ - مون کي پڇائي ويندو."

تون اڄ تمام سٺي رهي آهين. هڪ دفعو به تو منهنجي پٺتنيءَ جو نالو نه ورتو آهي، جنهن مان مون کي اهو ڊپ به لڳندو رهيو آهي ته تون جڏهن هن جو نالو ونڊينءَ ته بند نه ڪندينءَ، اسان جو اڇوڪو ڏينهن به شاندار نموني گذرڻ گهرجي،

جيڪو هر روز جيان گيسٽ هائوس جي انهيءَ انتظار ڪندڙ بستري تي پورو ٽيڻ گهرجي.

ان لاءِ ضروري آهي ته اسان خوش رهڻ لاءِ انهن سين ڳالهين کان دور رهون، جيڪي ضروري هوندیون آهن.

ضروري ڳالهيون ئي اسان کي پريشان ڪنديون آهن، اسان ضروري ڳالهين کان پري رهنداسين.

صفا غير ضروري ڳالهيون ڪنداسين اسان جڏهن به ملنداسين، تون جيترا ڏينهن به هتي هوندينءَ اسان تمام گهٽيون ڳالهيون ڪنداسين

يا

هڪ به ڳالهه نه ڪنداسين جيڪا

ٿوري به ضروري هجي جنهن لاءِ.

اهو ضروري آهي ته اسان غير ضروري ڳالهيون ڪيون ڇو ته ضروري ڳالهيون حقيقتن جي نالي هيٺ اسان کي محدود بڻائيندیون آهن، نام نهاد فرضن ۾ قيد ڪنديون آهن، سچاين جي هيٺ اسان کي مجبور ڪنديون آهن، سياڻي جو سبب

ٻدائي اسان کان قربانيون گھرنديون آھن، اسان قربانيون ڪندا رھندا آھيون، اسان خوشيءَ خوشيءَ جيڪڏھن زالون ھونديون آھن تہ مڙس تي جاسوسي ڪنديون آھن، جيڪڏھن محبوبائون ھونديون آھيون تہ محبت جو سانگ رچائي محبوبن تي جاسوسي ڪنديون آھيون، اسان مرد ھوندا آھيون تہ 'سياٽي جي سرڪ' جي سر تي تختي ٽنگي سھسين تڪليفون سھي شھر کان پري جي ڪن گمنام غفائن ۾ عمر قيد سزا پوڳيندا آھيون، فقط سياٽي لاءِ مستقبل لاءِ جنھن جي ڪا پڪ نہ ھوندي اھي اسان زنده پراٽي پنھنجي زندگي جيئڻ بجاءِ ھڪ امورت ويچار اڳيان پاڻ اَرپت ڪري

'ھڪ ويچارڪ زندگي' جيئندا آھيون، جنھن کان وڌيڪ جيڪڏھن جڏھن بہ اسان جيڪر ويچار ڪيون تہ ڏسون تہ اسان جي ساڃي ٽنگ کاپي ٽنگ تي چڙھي وينِي تہ وڌيڪ اھميت واري ڳالھ ٽيندي يا ان کان وڌيڪ اھميت واري ڳالھ ٽيندي، جيڪا ڪيترين ڳالھين جي اندر ڳالھ ڏکجي وڃي ٽي، خودبخود نہ اسان ڏکڻ ڏيون ٽا، اسان چاھيون ٽا تہ ڏکجي وڃي، اسان پنھنجو ٻوجو ڏوئڻ کان ڏڃي ڏکڻ چاھيون ٽا، اسان پنھنجي آزادي وڪٽي ڇڏيون ٽا ۽ ساڳئي وقت

سڄو وقت آزادي آزادي چلايون ٽا، اسان کي خبر ئي ڪونھي تہ آزادي ڇا ٽيندي آھي، آزادي ڇا ٽيندي آھي، اِھو دنيا کي اسان ٻنھي کان

تارا توکان مون کان سکڻ گھرجي، ھن وقت ئي ھڪدم آزاديءَ تي سڀ ڪتاب ساڙي سڀ فيلسوفيون ڦاڙي اسان کي ھيٺن آزاد ڏسي اسان جي ھيءَ آزادي ڏسي اسان

هُني
پنهنجي هنن گهڙين سان
ٻر
زندهه آهيون

صبح جو؟ ماسڙ ماسيءَ طرف چلايو. پوءِ منهنجي ڪمري ٻر آيو. چيائين، هيءَ چوٽين قميص آهي جنهن جا بٽڻ گ ِ آهن. مان پنجين ڪيڊي ڪولي پائي سگهڻ لاءِ بہ تيار آهيان، جيڪڏهن مون کي پڪ هجي تہ ان جا بٽڻ سلامت آهن. مون هن کي چيو، ماسڙ مون کي ڏيو، مان هڻي ڏيانوَ؟ سچ پچ توکي بٽڻ ٽاڪڻ اينداَ آهن؟ مون سمجهيو تون فقط ڪتابن تي ڳالهائي سگهندي آهين ءِ لکي لکي سگريٽ پيئڻ، وڻ، تنهنجو هُو فريندِ ڪيئن آهي، تنهن رات بور تہ نہ ٿي ويو. تون تنهن رات سچ پچ بور ٿي ويو هئين نہ، مون فيصلو ڪيو، اهڙي سزا وري توکي ڪڏهن نہ ڏيندیس، سچ ماسڙ تمام زور پريو هو، ماسيءَ بہ، ها ها پوءِ چاهي، ڪاني تي گهرائينس نہ، تنهنجو جيڪڏهن اهڙو انتيميٽ فريندِ آهي، پر تنهنجو فريندِ ٿيو ڪيئن، ڪٽي ٿيو، تون تہ بامبي ٻر ائن سالن کان پوءِ آئي آهين، تہ چا پهرين لکنؤ ٻر رهندو هو، توهان گڏ پڙهندا هئا، مون چيو نہ ماسي، مون چيو نہ ماسڙ، هُو ڏاڍو لچارو آهي، چو ڪلين چو ٿو تون لچارو نہ آهين، لکنؤ ٻر تہ اسان وٽ هڪ منٽ ويهندو هئين تہ پگهر وهندو هين، تنهنجين اکين ٻر هوندو هو تہ مون کي چوين ءِ مان هڪدم سمجهي ويندي هيس، ٻاهر ونڊي هل تارا، پر نہ تون لچارو چا هاڻي مون ڏٺو آهي صفا بي شرم آهين، منهنجي هڪ ڪاليجي ساهيڙي چوندي هئي، انسان جي صحيح فطرت سمجهڻ لاءِ هن سان بستري تي گڏ سمهڻ ضروري اهي، صحيح فطرت فقط ملندي ئي جسماني سنيوگ ڪرڻ سان آهي، جيئن هاڻي مون ڏٺو آهي، تون صفا بي شرم آهين، پهرين مون سمجهيون تون پيار جي ڪلا ٻر ماهر آهين، هاڻي مون ڏٺو آهي، تون بستري جي ڪلا ٻر وڏيڪ ماهر آهين، سچ پچ، اهڙو مزو مون کي زندگيءَ ٻر نہ آيو آهي، پهرين مان سوچيندي هيس ءِ عجب ڪائيندي هيس، پهريون دفعو اِهو ڪيئن ٿيندو هوندو، خاص ڪري چوڪرين کي ڪيتري تڪليف ٿيندي هوندي، پر تنهنجو پيش اچڻ ئي نرالو هو، منهنجون ٽنگون ويون

خود بہ خود کلندیون، تنهنجي ٽنگن جي هيٺان ويون خود بہ خود کلندیون، توکي چگيءَ طرح مون ۾ داخل کرڻ لاءِ، چگيءَ طرح ۾ سڌيءَ طرح ۾ سڄي طرح مون ۾ داخل کرڻ لاءِ.

منجهند جو؟ خاص کجهہ نہ. فقط هڪ دفعو ٻاهر نڪتس. فقط توکي فون کرڻ لاءِ ۾ سگريٽ وٺڻ لاءِ. مان جڏهن بہ کوبہ کم کرڻ لاءِ ٻاهر نڪرندو آهيان تہ مون کي لڳندو آهي مان سگريٽ وٺڻ لاءِ ٻاهر نڪتو آهيان. مون کي همیشه ڊپ هوندو آهي. پنهيان، گهر ۾، منهنجو پاکيٽ خالي نہ هجي. خالي پاکيٽ سان مان وڌيڪ خالي ٿي ويندو آهيان ۾ منهنجو گهر مون کان وڌيڪ خالي، يا پاکيٽ جو خالي هڻڻ مون کي گهر جي خالي هڻڻ جو احساس ڏيندو آهي، دراصل مون کي کجهہ بہ خالي ڏسڻ سان گهر جي خالي هڻڻ جو احساس ڏيندو آهي ۾ مان کجهہ نہ کجهہ خالي هر روز ڏسندو آهيان - پاڻ کي، هين کي، گهر ۾، گهر کان ٻاهر، پاکيٽ، ماچيس، کيسو، بٽنڪ بٽلنس، دماغ، بيئر جي بوتل، دوا جي شيشي، شربت جو شيشو، سوپارين جي ڊبلي، کنهن بہ آئڊيالاجيءَ کي اپيل کابہ دل.

مان لنڪنگ روڊ تي ويس. تو تنهن ڏينهن ٽئڪسيءَ ۾ لنڪنگ روڊ ڏٺو نہ؟ ويهہ سال پهرين اُتي کتا پوڻکندا هئا، نانگ نڪرندا هئا، هاٿي ڏس... ڏٺئہ نہ؟

مان لنڪنگ روڊ تي کنهن خاص کم سان نہ ويس. مان توکي فون گهر جي ٻاهران هوٽل مان بہ کري سگهيس ٿي. مان سگريٽ بہ ان ساڳئي هوٽل مان وٺي سگهيس ٿي. ان هوٽل ۾ همیشه سگريٽ هوندا آهن. مون کي لڳندو آهي يا تہ هن جاهلن ئي نٽا (ساڳيا رکيل آهن) يا تمام گهٽا هلن ٿا (۾ هن کي وڏو اسٽاڪ جمع کري رکڻو پوي ٿو، يا هر روز نئون اسٽاڪ موجود رکڻو پوي ٿو) جيکا ڳالهہ ساڳي آهي ڇو تہ ان مان مون کي کوبہ فائدو يا نقصان نڻو ٿئي پر.ان هوٽل ۾ خاص طور منهنجي برانڊ جا پاکيٽ قطارن ۾ (شيشي جي قيد ۾) موجود هوندا آهن، جن قطارن کي ڏسي مون کي خوشي ٿيندي آهي تہ منهنجي برانڊ ڪٽي نہ بہ ملي تہ هن هوٽل مان کنهن وقت بہ ملي سگهي ٿي، مون کي ڊپ لڳندو آهي تہ هن هوٽل مالڪ کي بہ خبر پئجي وئي آهي تہ اها منهنجي برانڊ آهي ۾ مان ايترا گهٽا سگريٽ پيئندو آهيان جو هن کي ايڏو اسٽاڪ رکڻو پوي ٿو، مون کي افسوس

ٿيندو آهي شايد منهنجي ان معاملي ۾ پسنديءَ ئي گهٽ درجي جي آهي جو هن وٽ (شيشي جي قيد ۾) بين برانڊن جي قطار منهنجي برانڊ کان گهٽ هوندي آهي (ايتري گهٽ جو سين برانڊن جي هڪ ئي قطار ۾ منهنجي برانڊ جي قطار کان گهٽ ٿيندي) مون کي تسڪين ملندي آهي، منهنجي برانڊ گهٽن ماڻهن جي برانڊ آهي، گهٽ ۾ گهٽ مان ان معاملي ۾ جنتا سان گڏ آهيان (ڇ تنهنجي رويي کي به تارا مان سولائيءَ سان رد ڪري سگهان ٿو ته مان پاڻ کان ٻاهر ڪٿي به بين ماڻهن سان نٿو ملان).

مان پنڌيان چئي آيس ته تنهنجو فون اچي ته نياپو ونڻ، چگيءَ طرح ونڻ سين کي چئي آيس ماسيءَ کي، نوڪرن کي، ايتري قدر جو رسوبي کي به مون کي ڪم ڪار نه هو، مون کي هيٺ لهڻ جو سبب ئي نه هو، خاص ڪري جڏهن اڄا تنهنجو فون نه آيو هو، مان تنهنجي فون اچڻ بعد ئي هيٺ لهندي آهيان، مون کي ڊپ ٿيندو آهي ته ڪٿي تنهنجو فون نه اچي ته انهيءَ ڊپ ڪري مان فون کان پري رهڻ پسند نه ڪندي آهيان. ان کي ڏسڻ سان مون کي ياد ايندو آهي، مان هيٺ ڪم سان نه لٿس مون فقط پندرهن منٽ گذارڻ ٽي چاهيا يا اڏ ڪلاڪ ان اُميد ۾ ته پنڌيان تنهنجو فون ايندو ۽ فورن مون کي تنهنجو نياپو ملندو مٿي گهر ۾. فون جي ويجهو اُهي پندرهن منٽ يا اڏ ڪلاڪ گذارڻ مون لاءِ مشڪل هو، تنهن ڪري مان هيٺ لهي ويس.

هيٺ، سڙڪ تي بسيون گهٽيون نه هيون، ٽئڪسيون انهن کان گهٽ، خانگي موٽرون گهٽيون هيون، اهو آفيس جو وقت هو، شايد تنهن ڪري موٽرون گهٽيون هيون.

هيٺ، مان بي مقصد گهمندي رهيس، مان هرهڪ ڀڳل طرف نهارينديِ رهيس، جو ته مون يونيورسٽي ٽاور ۾ نهارڻ نٿي چاهيو، مون کي ڊپ لڳي رهيو هو ته مون کي خبر پئجي ويندي ته اڄا پندرهن منٽ نه گذريا آهن يا اڏ ڪلاڪ.

ايروز سئنيما جي پاسي وارو دڪان کلي ويو هو، دنيش سيوٽنگس ۽ ان جي پاسي وارو به 'مادِيلا سيوٽنگس'. مان ٿوري دير شيشن جي ٻاهر شيشن جي اندر سجايل سيوٽنگ ڪپڙي طرف نهاري رهيس.

دنيش سيوٽنگس جي شيشن پنڌيان مون کي گري رنگ جي ڪپڙي تي ننڍڙا

گري رنگ جا چوڪڙا ڏاڍا وڏا جيتوڻيڪ هلڪي آسماني ڪپڙي تي ننڍڙا آسماني رنگ جا چوڪڙا به گهٽ وڏندڙ نه هئا. تو ڪي گري رنگ جا بيل باٽم ڏاڍا وڏندا آهن نه؟ مون کي سڌ آهي، هئي، تنهن ڪري مان آسماني رنگ تي آسماني چوڪڙن کان وڌيڪ گري رنگ تي گري چوڪڙن واري ڪپڙي طرف نهاريندي رهيس.

ان کان پوءِ، مان وراڪو ڪائي، ڪنڊ لتاڙي، رستو پار ڪري، سامهون ويس تہ هڪدم فرنيچر جي دڪان جي سامهون پهتس، سڏو اڳيان وڌيس، پٺئين پاسي ويس، اُن پاسي به پري تائين مون ڏٺو سڀ دڪان ڪلي ويا هئا.

مان ايشيائڪ ريسٽانٽ اورانگهي اَچا اڳتي وڌيس. هڪ وڏو شاهي دڪان هو. باهران وڏا شيشا لڳل هئا. اَندر داخل ٿيڻ وارو دروازو به شيشي جو هو. مون ان جي باهران بيهي اندر نهاريو تہ ڏٺو هڪ ماڊ چوڪريءَ پنهنجا ڳاڙهي لپسٽڪ وارا چپ کولي رکيا آهن ۽ هن جا ننڍڙا اڇا ڏند صاف ڏسڻ ۾ اچي رهيا آهن. هوءَ سلڪ جي ڪپڙن کي ڊگهن ننهن وارين آڱرين سان سهلائي رهي هئي ۽ هڪ ٽلهي سنڊيءَ سان ڳالهائي رهي هئي جو شايد دڪان جو پروپرائيٽر ٿي لڳو:

"اوهه... نائيس..."

"اصلي سلڪ..."

چوڪريءَ جا ڳاڙها چپ گول ٿي وڃن ٿا:

"سلڪ... پيوئر سلڪ..."

"اوهه... ييس مئڊم..."

"سئو..."

"پنڪ ڪرايان؟"

"۽ هو؟"

"اهو به پنڪ ڪرايان؟"

"گهٽو؟"

"چا؟"

"ايترو گهٽو؟"

"پيوئر سلڪ."

"۽ هو؟"

"ايترو گهٽو؟"

"چا؟"

"نو... نو..."

"پنڪ ڪرايان؟"

"ايترو گھٽو... نو نو..."

"ها... ها... پيوئر سلڪ..."

مان ٻڌي نٽي سگھان، شيشي جي ٻاهران، نهاري سگھان ٿي ۽ هنن جي اشارن، مدرائن، حرڪتن مان ڪلپنا ڪيان ٿي.

چوڪريءَ جي هٿ ۾ پرس اهي. ننڍي نہ، وڏي، نہ پوري ساري، پوري رنگ جي، واگھوءَ جي (نقلي) ڪل جي، چوڪري پيار سان پرس تي آڱريون ڦيري رهي آهي، جڙ اُها هن جي پاليل ٻلي هجي، يا ڪتي، هوءَ پرس ڪٽي وري ساڻنس ماڻھوءَ طرف وڌي آئي آهي، مان فقط هن جي اشارن مان هنن جي گفتگو ٿاهي سگھان ٿي.

اصلي آهي؟

بلڪل، بلڪل اصلي.

واگھوءَ جي ڪل.

نقلي مال هت نہ ملندو.

تڏهن ئي ايتري مهانگي آهي.

(تڏهن ئي ايتري مهانگي آهي؟)

(تڏهن ئي ايتري مهانگي ٽيٽ گھرجي؟)

(پوءِ ڇا؟ ايتري مهانگي ڇو ٽيٽ گھرجي؟)

(پوءِ ڇا؟ ايتري مهانگي ڇو ٽيٽ گھرجي؟)

يا فقط:

(سٽي آهي، پر مهانگي آهي.)

(ايتري سٽي نہ آهي جيتري مهانگي آهي.)

(مان ڪٽان ٿي پر ٽورو گھٽ ڪرٽو پوندو.)

پر آهي بلڪل اصلي؟

چپ ڳاڙهو وري گول ٿي ويا آهن ۽ گوريون آڱريون ڇاتيءَ تائين وڃي هلڪي پيلي رنگ جي ڪڙتي جي مٿين بٽڻ ڪي ڪولي ويون آهن.

بلڪل اصلي، واگھوءَ جي ڪل.

رينلي؟

بلڪل، بلڪل، نقلي مال هت ڪڏهن نہ ملندو.

تڏهن ئي ايتري مهانگي آهي.

پنڪ ڪرايان؟
گھٽو؟ گھٽو؟
نو، نو.
بيس، بيس.
نو، نو، آلرائيٽ.
گوڊ، گوڊ، ٽننڪ يو.

مان هڪ معمولي دڪان ٻاهران بيهي رهيس. توڪي فون ڪرڻ جو به هوش نه رهيو. تون خود به مڃيندينءَ، منهنجي جاءِ تي ڪوبه اُن دڪان ٻاهران بيهي رهي ها ۽ هن کي پنهنجي محبوبا کي به فون ڪرڻ جو هوش نه رهي ها. اهڙا ننڍڙا دڪان، ڪنبن نما، سڃا ڪاڪ جا ٺهيل، توڪي بامبي جي شاندار لوڪلٽيز ۾ به جام نظر ايندا. راجيه سرڪار طرفان تمام ننڍي اڳهه تي اهڙيون ڪنبنس موچين کي ڏنيون ويون آهن، جيئن هو اُس ۽ مينهن کان بچي سگهن. بمبئيءَ جا رئيس به موچين سان ريس ڪرڻ لڳا آهن، چو ته اهڙين ڪنبنن لاءِ به بامبي ۾ ويهه هزار خرچٽا پوندا آهن ۽ هت موچين کي مفت ڏنا ويا آهن.

مان هڪ اهڙي معمولي دڪان ٻاهران بيهي رهيس. دڪان بند هو. پر دڪان جي ٻاهر ڪاڪ جي دروازن تي چاڪ سان لکيل هو:

هيءُ دڪان هميشه لاءِ بند آهي
پر اندر هميشه وانگر ڪم چالو آهي

• نوٽ: تارا کي اهو ٻڌائيندي هن کي ٻيو ڪجهه به ياد آيو پر هن تارا کي نه ٻڌايو. ان دڪان ٻاهران، مٿيان لفظ پڙهي، هن کي هڪدم جدا جدا موقعن تي جدا جدا پبلڪ لنويٽريز جي دروازن، پٽين تي چاڪ، ڪوئلي ۽ الائي الائي ڇا ڇا سان لکيل هن قسم جا لفظ ياد آيا هتا:

1. پنهنجو ڏسو
ٻين جو نه.

2. خدا سڀن کي ڏنو آهي
ڪن کي سنهو ڪن کي ٿلهو
ڪن کي ننڍو ڪن کي وڏو
ڪن کي اڇو ڪن کي ڪارو
ڪن کي ڪڙڪ ڪن کي ڪمزور

اڄ ممي، جو خط آيو. لکيو اٿائين: تون ايا بمبئي، ۾ ڇا ڪري رهي آهين؟ ايا گهٽا ڏينهن پروگرام اٿئي؟ ڇا ماسي - ماسڙ ڇڏين نٿا؟ پر تون ته ٽن ڏينهن اندر ماڻهن مان بور ٿي ويندي آهين. ماسي - ماسڙ ۾ اهڙو نٿون ڇا ڏئو اٿئي؟ تنهنجو "بڊبي" به توکي ياد ڪندو آهي. ڪالهه نريش آيو هو... هن ٻڌايو ته توکي به خط لکيا اٿئين. تو هن کي هڪ جو به جواب نه ڏنو آهي، پهچ به نه ڏني آهي. هو چئي رهيو آهي ته هن کي اِها به خبر نه آهي ته هن جا توکي خط پهتا به آهن يا نه. تون هن کي هن خط ملڻ شرط جواب ڏي. آخر به توکي هن سان سڄي زندگي گذارڻي آهي. هاڻي ئي ائين ڪندين...

هاڻي تون ئي ٻڌاءِ مان ممي، کي ڇا لکان؟

چو، اِهو نٿي پڇين تون نريش کي ڇا لکين؟

نريش کي ڇا لکان؟ ڇا اِهو لکي سگهان ٿي ته هاڻي مون کي ڪا پرواهه نه آهي. منهنجو پاڻ سان قول پورو ٿيو. هن کي منهنجو 'ورجن' جسم نه ملندو. ڪنهن کي نه ملي ها. ڪنهن کي به تنهنجي 'جهوٺ' ملي ها. هن کي ڇا لکان؟ اهوئي... مان هن کي چگهي، طرح سمجهاڻان... چئن ڏينهن اندر هت اسان ٻئي روزانين اخبارن ۾ سماچار پڙهنداسين... جيڪڏهن مان هنن کي لکندس ته... اِهوئي... نه "هڪ نوجوان ننڍ جون وڌيڪ گوريون ونِي خودڪشي..." ...هونئن توکي ڪيئن ٿو لڳي، جيڪڏهن مان هن کي اِهو لکان... يعني سچ پچ... پر نه... ڪو فائدو نه آهي... ٻوءِ به تون... تون وري به پنهنجي گهر، پنهنجي پتيءِ، پنهنجي ٻارن سان جڙيل هوندين.

تارا، اسان جو سمجهوتو آهي، اسان...

بلڪل، تون صحيح آهين، تون شروع کان صاف آهين، تو کي به شرط نه وڌا آهن، کي به واعدا نه ڪيا آهن، تون صاف آهين ته ممڪن نه آهي، جيڪو آهي سو آهي، اُن سان لڙڻو نه آهي، تنهن ڪري تون پوڳين نٿو، تون گهٽ پوڳين ٿو، پر تنهنجو پوڳڻ منهنجي جسم سان ٽڪرائڻ مان ظاهر آهي، اصل ۾ اُن وقت ئي، جنهن وقت تون ڪندو آهين تنهنجو پوڳڻ منهنجو جسم تنهنجي جسم مان محسوس ڪندو آهي.

مون کجھ نہ چئي ھن جي جسم جي مٽئين حصي تي رھيل باقي کپڑي ٽکر کي ب لاھي ڇڏيو، ھن جي بريزيئر کي. مون ٿوري دير ھن جي جسم تي باقي رھيل فقط ھڪ کپڑي ٽکر کي رھڻ ڏنو، اھڙو باقي رھيل کپڑي ٽکر مون پنھنجي جسم تي ب رھڻ ڏنو، مون سوچيو، اُھي ڪنھن وقت ب لاھي ڦٽي ڪري سگھجن ٿا، مان پھرين ھن جو لاھيندس، پنھنجو پوءِ لاھيندس، نہ تہ مان پھرين ئي تيار ٿي وڃان ٿو، ھن جي پيڇ بنا ھن ۾ داخل ٿيڻ چاھيان ٿو، جنھن ڪري مان ھريل نہ آھيان، مان عورت جي جسم ۾ تڏھن ئي داخل ٿيڻ چاھيندو آھيان، جڏھن ھوءَ بستري تي ٽپا ڏي، اڇي ڦٽڪي، ٽنگون ھلائي، ٻانھون ھلائي، بيھوش ٿيڻ جي حد تائين، اکيون بند ڪري، مون-کي پکڑي، پنھنجي جسم معرفت نيزاري ڪري تہ، ھاڻي داخل ٿيءُ... ھاڻي داخل ٿيءُ...

مان سرد ٿي وڃان ٿو، اڃٽي ھلي وڌيڪ گرم ٿيڻ لاءِ، پھرين ھن کي گرم ڪرڻ لاءِ.

ھن جي ھيٺين چپ کي چُوسڻ لڳان ٿو، وچ وچ ۾ ھلڪا ھلڪا چڪ پائيندي، پوءِ ھن جي مٿئين چپ کي چُوسڻ لڳان ٿو، وچ وچ ۾ ھيٺين چپ کي چڪ پائي مٿين چپ کي چُوسڻ لڳان ٿو ۽ زبان ھن جي وات جي اندر ڏندن مان گسائي ھن جي زبان پکڑي ونان ٿو ۽ ان حرڪت سان گڏوگڏ پنھنجي ساڄي ھٿ سان ھن جا ٻئي ٻُيا پکڑي ھڪ ٻئي سان ملائي ھڪ ئي ھٿ ۾ آڻڻ چاھيان ٿو ۽ ان حرڪت سان گڏوگڏ، ھيٺ، ھن جي ٽنگن کي وڌيڪ کولڻ جي جدوجھد ڪندو رھان ٿو، وچ وچ ۾ پنھنجو ساڄو ھٿ ھن جي ٻُبن تان ھٽائي، ھيٺ آڻي، ھن جي ٽنگن کي کولڻ ۾ لڳايان ٿو.

ھوءَ منھنجي ھر جملي جو جواب حملي سان ڏئي ٿي، جيتري مان چتائي ڏيکاريان ٿو، اوتري چتائي ڏيکاري ٿي.

مان اندر داخل ٿيڻ جي ڪا تڪڙ نٿو ڪيان. ھن کي ڏڪ ھٽندو رھان ٿو. اندر داخل ٿيڻ جي لڳ ڀڳ مراد ڏيکاري واپس موٽان ٿو، وري ڏڪ ھٽڻ لاءِ، وڌيڪ ڏڪ ھٽڻ لاءِ، اندرين تھن تائين داخل ٿيڻ لاءِ.

اسان جو سھڪو وڌي ويو آھي.

شايد پڳھر ب.

ھوءَ ھاڻي مون کي پاڻ ۾ داخل ڪرڻ لاءِ تيار آھي.

پر مان ھن جي تياريءَ پٽيان ھن جي بي چينيءَ ۽ بي وسيءَ کي ب شامل ٿيڻ

ڏسڻ چاهيان ٿو.

هوءَ منهنجي شيءِ کي تڏهن هٿ سان پکڙي ويٺي ٿي ۽ ان جو سخت، ڦوڪون ڏيندڙ منهن پنهنجي شيءِ جي نرم ۽ ڦوڪون ڏيندڙ شيءِ جي مٿان، متان وري ڦري نه وڃي، رکي، اندر داخل ڪرڻ جو جتن ڪري ٿي.

اسان ٻئي چا ڳولهي رهيا آهيون؟ ٻاهر ڪجهه نه آهي، ٻاهرين سڄي حاصلات بي معنيٰ آهي.

تون چا ڳولهي رهيو آهين؟ وائڙا... مان تنهنجي سامهون آهيان. مان تنهنجي هينان آهيان. مون کي ڏس.

مون کي ڏس. مون کي ڇُهه. مون کي چُمر. چڪ پاءِ، چير، ڌاهه، ڇڄ، هڻ، ٽڪرا ٽڪرا ڪر، سوراخ ڪر، تنگ ڪر، مار.

مان تنهنجي سامهون آهيان.

مان تنهنجي هينيان آهي.

انهيءَ خالي پاڪيٽ تي تارا فقط هڪ ست لکي هٿي:

مان هڪ ڏاڍلي روشني آهيان.

تون دائمي انڌيرو.

مان هڪ ڏاڍلي روشني، تنهنجي دائمي انڌيري تي پٽجي، هڪ خوبصورت آڪار ٻڌائڻ لاءِ پيدا ڪئي ويئي آهيان.

ممي،ءَ جو خط.

نريش جا خط.

تنهنجي هن شهر کي ايا گهٽا ڏينهن ضرورت آهي؟

پيارا نريش-
بس. باقي ٿورا ڏينهن.
ائين ٿورا گهٽا ڏينهن؟
ترس، مان توکي لکنديس.
تکڙ نه ڪج.
تکڙ ڪرڻ سان سڀ ڪجهه ڏاهي ڇڏيندين... تنهنجي منهنجي مستقبل کي به.
نه، هن پاسي نه اچ.
اکيلو آهين، وڌيڪ اکيلو ٿي پوندين.

اچ تو دير لڳائي.
اچ مون دير لڳائي.
سبب؟
ذاتي آهي.
مان ڄاڻڻ ٿي چاهيان.
صفا ذاتي آهي.
مان ڄاڻڻ ٿي چاهيان.
اچ... اچ... مون هن جي مرضي رکڻ ٿي چاهي... چو ته اُها هن جي تمام معمولي مرضي هئي... ته هن جي پسند ڪري آيل گائون جو رنگ مون کي پسند آهي يا نه...
تو هن جي هيتري معمولي مرضي به رکڻ چاهي.
وڌيڪ آزادي ماڻڻ لاءِ.
غلاميءَ کي برقرار رکڻ لاءِ.
وڌيڪ آزادي ماڻڻ لاءِ.
ڪنهن سان گڏ وڌيڪ آزادي ماڻڻ لاءِ؟
توسان.
يا ڪنهن سان به.
توسان.

مان نہ آهيان تہ ڪنهن سان بہ گڏ ماڻڻ لاءِ.
توسان.
چاڪاڻ تہ هن وقت مان توسان گڏ آهيان.
تون مون سان هر وقت گڏ آهين.
جيسين مان هت آهيان، بمبئيءَ ۾.
تون هت آهين، بمبئيءَ ۾، هميشه لاءِ.
منهنجو هت هٿ، بمبئيءَ ۾، هميشه لاءِ، توتي ٽو مدار رکي.
مان هر وقت توسان گڏ آهيان.
هر وقت جدا ٿيڻ لاءِ، هر وقت ڪنهن سان گڏ هٿ لاءِ، مونکان جدا ٿي.

پر اهڙا اڻ وٽندڙ، وچ ۾ ڪوڙاڻ پيدا ڪندڙ فقرا ٿورا آهن. اسان پنهنجي پنهنجي استٿيءَ طرف سجاڳ ٿيون ٿا ۽ ان کي سويڪار نٿا ڪري سگهون تہ سوڙها ٿي وجون ٿا. ٻاهر طرف تلخي، هڪ ٻئي طرف ڏيکاريون ٿا. پنهنجي حدن ۽ حقيقتن لاءِ هڪ ٻئي کي جوابدار ٺهرايون ٿا. اسان جون دليون، اوچتو، زهر سان پرجي وڃن ٿيون پر ان کان پوءِ - اسان ايترا سمجهدار آهيون - اُن ڪوڙاڻ، تلخيءَ ۽ زهر طرف بہ سجاڳ ٿي وجون ٿا ۽ بيحد پڇتايون ٿا، هڪ ٻئي کان معافي ونون ٿا، وري نہ ڏهرائڻ جو هڪ ٻئي کي انجام ڪيون ٿا ۽ قسم کائون ٿا، ايا بہ سخت جملن کي وڏيڪ بيئر جي گلاسن ۾ جذب ڪيون ٿا، اُنهيءَ گيسٽ هائوس جي پلنگ تي هڪ دفعي کان وڌيڪ ستيون ٿا.

پر هڪ ڊپ اسان تي سوار آهي.
خاص ڪري مون تي.
تارا، هڪ وار، وري، اوچتو، تلخ ٿي وجي ٿي.
"تون چاهين ها تہ ٽين لڳي اڇي سگهئين ٿي."
"مون نہ چاهيو هوندو، تارا؟"
"نہ."

اهو ڀهريون دفعو هو، هن تارا کي اُتي ئي، وچ رستي تي ڇڏي هلي وڃڻ چاهيو، هن سان وري نہ ملڻ لاءِ، هن جي مرضي ٿي هو بمبئيءَ مان نڪري وجي،

جيسين پڪ نہ ٿي آهي تہ بمبئيءَ مان تارا نڪري نہ ويئي آهي. توکي ياد هوندو، هڙئي ٿي اها سڙڪ هئي، هن جيتري ئي ڪشادي، هن جيتري ئي صاف، ڪليل، تنهنجو اُهو ڏينهن هو، لکنؤ ۾ آخرين، نہ آخرين چوٽون ڏينهن هو، اهو ٽيون ڏينهن آخري نہ هو، تارا توکي ڪجھ چيو هو، هڪ ئي لفظ نہ، توکي ياد نہ آهي، اُهو هڪ لفظ ڪهڙو هو، موٽ ۾ تو بہ هن کي هڪ لفظ ئي چيو هو، اُهي ٻئي لفظ 'نہ' ۽ 'ها' جيترا ئي ننڍڙا هئا، پر توهان ٻنهي کي ٻيو ڪجھ ٻڌائي ويا هئا، پنهنجي مقرر معنيٰ کان ٻاهر، ٻيو ڪجھ، ۽ توهان ٻئي انهن لفظن جي مقرر معنيٰ کان پري واريءَ معنيٰ طرف ڊوڙيا هئا. مان هاڻي سمجهي سگهان ٿو. مون اُن وقت تنهنجو هٿ چو پڪڙي ورتو هو. تو مون طرف اِن طرح سڌو چو نهاريو هو، اسان ٻنهي چا پاتو هو جو اسان اردگرد کي، پنهنجي سڄي ماضي - مستقبل کي پلجي ويا هئاسين. تو هٿ چو ڪينچي ورتو هو. مون تنهنجو هٿ وري چو کسي ورتو هو. ان وچ ۾ ڪيترين دنيائون اسانْ ٻنهي جي وچ مان کسڪي ڪن پل لاءِ ختم ٿي ويون هيون. پوءِ تو سڌو مون طرف نهاريو هو تہ مون پڙهيو هو تہ تنهنجي اکين ۾ هڪ سوال هو، سوال نہ، هڪ چئلينج هئي، مون چوڙ ڇاهيو هو، مون نہ چيو هو، تو لفظن کان ٻاهر سوال پڇيو هو، مون لفظن کان ٻاهر انهن جو جواب ڏنو هو، مون کي قبول آهي اها چئلينج تارا، مان تيار آهيان.

"اڇ اها چئلينج تون خود وساري رهي آهين."

"ڪهڙي چئلينج؟"

هن ڪجھ نہ چيو.

تارا دهرايو:

"ڪهڙي چئلينج؟"

"ڪابہ."

"تون ڪنهن سان ڳالهائي رهيو هئين؟"

"مون کي ڪجھ ياد اچي ويو."

"ڇا؟"

"مان پلجي ويس."

"تون ٻڌائڻ نٿو چاهين."

"مون هميشہ ائين چاهيو تہ اهڙو موقعو ڪڏهن نہ ايندو جو اهو ٻڌائڻ لاءِ - نہ، ياد ڏيارڻ لاءِ - اسان کي لفظن جي ضرورت پوندي."

مان بيئر ۾ بهكي سگهان ٿو، تنهن كري تارا چاهي ٿي، اسان بيئر پيئون، مان هن كي سمجهي وڃان ٿو، هن كي چوان ٿو، نه بيئر جي ضرورت نه آهي. مان توكي ائين ئي، هاڻي ئي، ٻڌائڻ لاءِ تياز آهيان.

تارا چيو، "تكڙ نه آهي، پوءِ ٻڌائج."

هيءُ شهر.

شاهي آهي.

تارا چيو:

"اسان سڄي عمر پٽكنداسين ۽ سڄو گهمنداسين."

هن چيو:


"ان حالت ۾ اسان جو موت، هنن رستن تي ٿيندو، كنهن به هك رستي تي..."

تارا چيو:

"كنهن به هك كتي وانگر..."

في الحال هك رستي... هو، هك وار وري، 'هو' ٿي ويا آهن، بود ۾ پرجي ويا آهن ۽ هن وقت هك ٻئي سان گڏ هنڌ جي خوشيءَ كي معمولي ڳالهين جي معمولي تفصيلن سان اَندر لائين كري رهيا آهن. هنن ڏنو، هك پاسي ڏير سارو بوتلن جي ٻوجن جو پيو آهي، پان جي ٽكن سان ڀريل. هك ٻوج تي كوكو لفظ نظر اچي رهيو آهي، كولا لفظ پان جي ٽك هيٺان ڏكيل آهي. ٽورو پريان سگريٽ يا خالي پاكيٽ ۽ ٽورا خالي ماچيس.

هن جي اِردگرد ايكڙ ٻيكڙ ماڻهو آهن. ٽورا قدم اڳتي، هنن جي سڙك هك وڏيءَ سڙك ۾ پوري ٽٽي ٿي. هن طرح:



انهيءَ وڏي سڙك كي ڏسندي لڳو، هن وقت اتي آمدرفت روكيل آهي، فقط فوٽ پاٽ ماڻهن سان ڀريل آهن، باقي وچ سڙك تي هنن ٻنهي ٻيئل ڏٺيون:

هك ڊبل ڊيكر بس نمبر 181

هك سنگل ڊيكر بس نمبر 76

هڪ ڊبل ڊيڪر بس نمبر 183

هڪ ٽئڪسي نمبر نه نظر ايندڙ

هڪ چاڪليٽي رنگ جي ڪار - نمبر نه نظر ايندڙ

هڪ ڳاڙهي رنگ جي ڪار - نمبر نه نظر ايندڙ

هنن بن لهرن کي جڏ سامهون واريءَ وڏيءَ سڙڪ جي ماڻهن جي اٽاهه سمنڊ الڳ ڪري انهيءَ ننڍيءَ سڙڪ تي ڦٽو ڪيو هو. ان لاءِ هنن کي ڪو افسوس نه آهي. هو الڳ ٿي وڃڻ ۾ خوش آهن. گويا جذب ٿي وڃڻ سان هنن جي خوشي به جذب ٿي وڃي ٿي. هو هڪ ٻئي سان گڏ به آهن ته هنن کي خبر آهي ته هو گڏ آهن، يا الڳ، يا 'ڪيتري به دير لاءِ گڏ' جنهن ۾ دائميت آهي نه. تنهن ڪري به هو خوش آهن، ڇاڪاڻ ته 'خبر هڻڻ سان' ته هو گڏ آهن، تنهن ڪري الڳ آهن (الڳ هڻڻ/ ٽيڻ جي سمپاونا جڙيل آهي)، تنهن ڪري هو گڏ/ الڳ آهن، ۽ 'هن وقت'، تنهن ڪري ماضي هنن لاءِ مُثل آهي ۽ مستقبل اَنشچت.

هو ٻئي پيئڻ جي ڳالهه تي ناريل، فنٽا، ڪوڪو ڪولا، ڪافي، چانهه، ليمن جوس، بيئر کان وٺي هڪ هڪ تي ٽپندا، ٽپ ڏئي هڪ ريسٽورنٽ جي اندر داخل ٿي گلاس گلاس پاڻي جو پي نڪري آيا. ريسٽورنٽ جي انڊر اهو ٽورو وقت ڪائونٽر تي ويٺل شخص کان وٺي هر ويٽل گراهڪ جون اکيون هنن ٻنهي طرف، تارا طرف وڏيڪ، ڪجي ويون. جڏ پاڻي پي هو ٻئي ڪنهن قاعدي جي پيڇڙي ڪري رهيا هنا، جڏ دنيا ۾ باقي هڪ اهائي ڳالهه بچي وئي هئي، جيڪا ٽيڻ سان گناهه بڻجي ۽ ان جي ڪا سزا نه هجي. اُهو ٽورو وقت ريسٽورنٽ ۾ هيٺيان آواز ٻڌڻ ۾ آيا.

"چانهه، ڪنڊ گهٽ."

"هڪ رپيو چاليهه پئسا."

"به بيون سلائيز."

"بٽر ٽوست."

"سالو."

"زال جو پڙوو."

"بائل بيدو ۽ بيئر - چلڊ."

"پوٽين چهين لڳي."

"18 تاريخ."

"ٽن... ٽن... ٽن...
نا... نا...
"قيما پليٽ."
"باٽا جو دڪان."
ها... ها... ها... ها...
ٽن... ٽن... ٽن...
"ولس سگريٽ"
"بل."
"سنجيو ڪمار ۽ سچترا سين."
"ڪالھ جي ٽائمس آف انڊيا."
"ٻہ هٿورڊس، ٽي گلاس."
"ويفر ۽ ڪارا بسڪيٽ."
"سلور جوبلي."
"پلاسٽڪ جو سامان."
"ڏيرادون ايڪسپريس"
"ايڪھتر رپيا."
"دليپ ڪمار."
"104 ٽي وڪيٽ."
"اندرا گانڌي."
"ميٽرو جي پنڌيان."
"ساھتيڪار."
"420."
"ڪال گرل."
"شاندار ناول."

ھو ڏينھن ۽ راتين جي وچ ۾ ٻيٽو آھي.
ڏينھن ھن جا تارا سان گڏ آھن، راتيون تارا ڪان ٻاھر آھن. ھا، ڪا ڪا رات ھو

تارا لاءِ چورائي ٻه وٺي ٿو. پر هر رات ممڪن نه آهي. پهرين هن سمجهيو هو، هو خود چاهي ٿو، اهي سڀ راتيون ٻه هو تارا سان گڏ هجي، پر هن لاءِ اهو ممڪن نه هو، ان لاءِ هو آزاد نه هو. رفته رفته هن کي لڳو ته هو خود ٻه نٽو چاهي، هن جون راتيون گهر لاءِ رهنديون، هو رهڻ لاءِ آزاد نه آهي سو صحيح نه آهي، هو چاهي ته بلڪل آزاد آهي، گهر وغيره جون حالتون جيڪڏهن راتين لاءِ آهن ته ڏينهن ٻه آهن جهڙيءَ طرح ڏينهن لاءِ هو کوڙن ڳالهائڻ جي آزادي وٺي ٿو ته راتين لاءِ ٻه کوڙن ڳالهائڻ جي آزادي هو وٺي سگهي ٿو، يا (راتين لاءِ ۽ ڏينهن لاءِ گڏي) هڪ وڏو گڏيل کوڙ ته هو ٿورا ڏينهن بمبئيءَ کان ٻاهر وڃي ٿو، وغيره. هو هر هنڌ، هر ڳالهه ۾ آزاد آهي. هن لاءِ کي ٻه حقيقتون، کي ٻه حالتون نه آهن، هو صفا، سڄو، سڄي وقت لاءِ آزاد آهي، هر هنڌ، هر حالت ۾، هو خود اگر گهر کي نٽو ٽوڙڻ چاهي ته ان کري نه ته هو کمزور آهي، پر ان لاءِ ته هو گهر کي ٽوڙڻ نٽو چاهي، هو نه ٽوڙڻ لاءِ ٻه آزاد آهي، هو نٽو ٽوڙڻ چاهي، هو تارا کي ٻه ڇڏڻ نٽو چاهي، هو خود ۾ صاف آهي، هن تارا کي هڪ دفعي کان وڌيڪ ٻڌايو آهي ته هو سائس ايترو وقت آهي جيترو ٻه هوءَ چاهي ٿي پر اهو طئي آهي ته هو گهر کي نه ٽوڙيندو جيڪڏهن هوءَ ٻيو گهر ٺاهڻ لاءِ تيار آهي ته ان لاءِ هن کي کو اعتراض کونهي، هو اُن ٻئي گهر سان نباهڻ لاءِ ٻه تيار آهي پر قانون جي نظر ۾ هوءَ هن جي پتني پوءِ ٻه نه ٿي سگهندي، هو تڏهن ٻه تيار آهي، تيار چا آهي هو خود ٻه چاهي ٿو، پر ان حالت ۾، تارا کي پتني جي پدوي نه ملڻ جي حقيقت سان سمجهوتو کرڻو پوندو.

"مان چاهيان ٿي، تون فقط منهنجو هجين، مون تائين محدود."

"جيکو ممڪن نه آهي."

"مان توکي پنهنجو بڻائڻ ٿي چاهيان."

مون کي خبر آهي تون هت ان لاءِ آئي آهين جنهن ۾ تون غلطي کئي آهي، مان هونئن ٻه تنهنجو هوس ۽ تنهنجو آهيان."

"کهڙي نموني؟"

"تون نه سمجهندينءَ."

"تون شادي شده آهين، مان نريش سان جڏهن هميشه لاءِ هڪ ٿي ويندس، تڏهن مان تنهنجي بڻجي ويندس، تون اهو ٿو سمجهين؟"

"مان کجهه نٽو سمجهان، تون ٿي حقيقتن سان صلح کرڻ لاءِ تيار نه آهين، هونئن اسان جو معاملو کيترو سولو آهي، يا ڏکيو. تون واپس نه وڃ، تون واپس

ويندينءِ، چو تہ مان پنهنجي گهر وارن کي نہ ٽوڙيندس، تون واپس نہ وڃ، هت ئي رهي پئہ. اسان هر روز هن شهر جي سڙکن تي گهمنداسين، هميشه کجهہ نئون ۽ تازو ڳولهيندا سين ۽ پنهنجي پيار کي نئون ۽ تازو رکندا سين، کنهن کنهن رات مان تو وٽ بہ ايندس، جيتوڻيڪ ٻيون راتيون بہ، سڀ ٻيون راتيون، مان توسان هوندس، تون پڙهيل ڳڙهيل آهين، هت سڀي نوڪري هٽ ڪرڻ ۾ ڏکيائي نہ ٿيندءِ، آرٽڪ طرح آزاد هوندينءِ ۽ منهنجي نزديڪ بہ."

"تون ڪمزور آهين."

"ڪٿا دفعا چوندينءِ؟"

"جيترا دفعا دل ۾ آيو."

"هن منهنجو کجهہ نہ بگاڙيو آهي، مون کي بيحد چاهي ٿي، وقت جيڪڏهن هن ۽ منهنجي وچ ۾ ٽڏائي آندي آهي تہ... ۽ وقت جيڪڏهن هن ۽ منهنجي ڪمزورين - خامين کي ننگو ڪيو آهي تہ... تہ اُهو توسان بہ ٿي سگهي ٿو... يعني اسان ٻنهي جي وچ ۾ بہ ٿي سگهي ٿو، نہ مان حال کي مستقبل جي انديشن ۾ بند نٿو ڪيان، مستقبل ۾ منهنجو يقين ئي نہ آهي... پر وقت جو ٻيو نالو موت بہ آهي، ۽ مان موت کي قبوليان ٿو، چو تہ منهنجي نہ قبولڻ سان بہ اُهو نشچت آهي... ۽ موت هر ڀالهہ جو ايندو آهي، ماڻهو ۽ شيءِ ۽ ڀالهہ جو... تنهنجي منهنجي وچ ۾، اڄ تائين، ڪيترين ڀالهين جو موت ٿيو آهي... تو ڏٺو آهي، تو نہ ڏٺو آهي، مان ڏسندو آيو آهيان، تون بہ ڏسندينءِ... اسان جي جسمن ۾ اُهي جنبشون هاڻي نہ جاڳنديون آهن، جيڪي شروعات ۾ هڪ اڻ لکي ڇهاءَ سان جاڳي پونديون هيون، ياد هونديءِ، لکڻ ۾، پهريون دفعو جڏهن تنهنجي هٿن ۾ پڪڙيل سگريٽ مون ڪايو هو ۽ اسان ٻنهي جا هٿ هڪ ٻئي سان ڳهڙيءِ لاءِ گسجي ويا هئا... هڪ ٻئي کي ڏسڻ سان اسان جي اکين جو اُهو چمڪو بہ مري ويو آهي، يا مرجهائجي ويو آهي جنهن جو ٻيو مطلب آهي مرڻ جي تيارين ۾ آهي ۽ هڪ ڏينهن مرڻ وارو آهي... اسان جي ديهہ، هڪ ٻئي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ، اُهو پهريون وارو درد بہ وڃائي ويٺي آهي، جنهن جو مطلب آهي ماري ويٺي آهي."

"مون کي ڊپ ٿي رهيو آهي..."

"پهرين مون کي بہ ٽيندو هو."

"تمام گهٽو."

"پهرين مون کي بہ تمام گهٽو ٽيندو هو، مان ان کي پلجڻ جي ڪوشش

ڪندو هوس، ان کان پڇڻ جي ڪوشش ڪندو هوس، هاڻي مان ان کي جيئڻ جو بنيادي شرط سمجهندو آهيان، جيئڻ جو ۽ ماڻڻ جو ۽ پوڳڻ جو، ان اونده بنا هاڻي منهنجون سڀ روشنيون مون کي دوکو لڳندڙيون آهن يا اُن روشنيءَ بنا منهنجون سڀ اونداهيون ڪڻ پنگر لڳندڙيون آهن."

"مون کي ڊپ لڳي رهيو آهي، تمام گهڻو."

"حقيقتن کي نه قبولڻ سان اڻين ٽيندو آهي."

"مون کي پاڻ انهن کي قبولڻ سان ڊپ لڳي رهيو آهي."

"اسان سڀ اڻين سمجهندا آهيون ۽ غلط هوندا آهيون ۽ اونچن خوبصورت منارن تي چڙهي ويندا آهيون ۽ چاهيندا آهيون اسان صحيح آهيون."

"مان سياڻي لڪنڙ هلي ويندیس."

"هن ڪجهه نه چيو.

"هلي ويندیس نه؟"

هن جڏ پاڻ کان پڇيو، جڏ هوءَ اُن وقت صفا اڪيلي هئي، مون کان الڳ، اردگرد کان ڪٽيل، ۽ اهي لفظ چوندي جيڪ هن چار قدم ڪنيا، سي جڏ ڪنهن مشيني گڏيءَ ڪنيا هئا، بنا ڪنهن سجاڳيءَ جي، بي مطلب، ڪنهن بڌڻ جي ڊاڙڻ سان.

مون هن کي فون ڪيو، مون کي خبر هئي، هوءَ هوندي، هوءَ هئي.

"مون رات جو ڪجهه نه سوچيو."

چوندي مان فون تي به هن کي ڏسي سگهيس ٿي، هن کي ڇهي سگهيس ٿي، ڪنهن انديشي کان هن جون ٻانهون پڪڙي سگهيس ٿي، هوءَ جڏهن به ڪلندي آهي، مان هن کي ڏسڻ ۽ ڇهڻ چاهيندو آهيان، هن جي ٻانهن کي پڪڙي ان کي جو "هو... هو..." سان گڏ "اوهه... اوهه..." ڪندي ساهيءَ ۾ پنجي ويندي آهي، پنهنجي ٿي تهڪن جي زور کان تاريءَ وانگر لڏڻ لڳندي آهي، اکين ۾ پاڻي پرجي ايندو اٿس، پهرين هلڪي ڏڪندي پاڻيات، پوءِ باقاعدي بلڪل ڳوڙهن ۾ بدلجي، ڪنڌ پنڌيان جهڪي ويندو اٿس، پيٽ ذرا ٻاهر نڪري ايندو اٿس، هن جي ڪل به ساڳي هوندي آهي ۽ هن جي انهيءَ ڪل کي ڪٽي منهنجو خيال به نه هوڙي سنهيءَ ديهه هيتري ساري ڊير ڪل جمع ڪٽي ڪري رکي هوندي؟

"مان هاڻي ئي اچان ٿو، تون اتي ئي ترس، تيسين چانھ ويھي پيئہ، مان فون رکي، ٻاھر نڪري، نہ، پھرين پيرن ۾ چمپل پائي، ٻاھر نڪري، لفٽ ۾ لھي، ٻاھر نڪري، ٽئڪسيءَ کي سڏي، جيسين ٽئڪسي مون تائين پھچي تيسين ڪجھ نہ سوچي، گھٽ ۾ گھٽ ڪابہ ضروري ڳالھ نہ سوچي، يا تيسين سامھون يونيورسٽي ٽاور جي سيڪنڊن جي ڳڻتن کي ڳڻندو ڏسندي، ٽڪ... ٽڪ... ھڪ... ٻہ... ٽڪ... ٽي... ٽڪ... چار... ٽڪ پنج... ٽڪ ڇھ... ٽڪ ست... تيسين ٽئڪسي اچي ويندي نہ، ٽئڪسي گھٽ ۾ گھٽ ڏھ سيڪنڊ ونندي... تنھن ڪري ھڪ وار تيسين يونيورسٽي ٽاور جي سيڪنڊن جي ڳڻتي کي ڳڻندو ڏسندي، باقي ٽي انگ... حساب برابر ٿيندو نہ:

ٽئڪسي جيڪڏھن 10 سيڪنڊ ونڊي.

ءِ مان جيڪڏھن ست سيڪنڊ انتظار ڪندیس.

تہ باقي بچيل ٽي سيڪنڊ دروازو کولڻ،

اندر داخل ٿيڻ، ويھڻ ءِ ٽئڪسي اسٽارٽ ٿيڻ ۾

حساب برابر آھي نہ؟

بس، مان بند ڪيان ٿي،

نہ ٻڌ تيسين تون ترسج پر سوچج ڪجھ نہ،

بس مان بند ڪيان ٿي.

توھان جون ڳالھيون وڌيون آھن، ھيءُ شھر توھان جي ڳالھين کان ٻہ وڌو آھي، توھان جون ڳالھيون خلاص ٿي ويندیون، ھيءُ شھر خلاص نہ ٿيندو.

اڄ رات...

اڄ رات تون... اسان شام جو الڳ ٿيندا سين تارا.

اڄ رات تون گھر ويندين؟

مان ٽڪل آھيان، اڄ تہ ھن پارڪ ۾ ويھون.

تارا چپ چاپ ھن جي پٺ ورتي، پارڪ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ. مکيہ اسٽيشن جي ٻاھران پارڪ ھو، جنھن ۾ ڏينھن جو ماڻھن کان وڌيڪ مڪلي وڪڻندڙ پيا ءِ رات جو نشئي، رولو، بي گھر ءِ رنڊين جا دلال ويھندا ھتا. پارڪ جي چوطرف زبردست

آمدرفت هئي. پرسان واري اسٽيشن لوڪل گاڏين لاءِ آخري اسٽيشن هئي ۽ سينٽرل ريلوي جون گهٽيون گاڏيون، انجڻ واريون سڄيون گاڏيون، اتان شروع ٿيندیون هيون ۽ اتي پوريون ٿيندیون هيون. ٽورو پريان، پارڪ جي سامهون، بس اسٽينڊ پرسان، سڄي قطار بوردن سان پريل هئي. هڪ بورڊ ۾ رشي ڪپور جي پٽيان نيتو سنگهه پنهنجيون ٻانهون هن جي گلي ۾ وڌيون هيون. ان کان پوءِ جي بورڊ ۾ پارلي جا 'پرڪٽا ۽ ذائقيدار' گلوڪوس جا پاڪيٽ مان بسڪيٽ ٻاهر ڪري رهيا هئا. هڪ بورڊ ۾ مادِ ڪپڙن ۾ هڪ جوڙو هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾ هو، ٻني کي هڪ جهڙا - گهاٽا نيلا ڪپڙا پيل هئا، هنن جي اکين مان هڪ ٻئي طرف ڏير سارو پيار ڇٽي رهيو هو، بورڊ جي ڪاپي ڪندِ تي ڳاڙهن اکرن ۾ لکيل هو:

هنن جي پيار جو راز،
"ومل" جا ساڳيا وستر.

اڄ رات تون گهر ويندين؟
هنن ٻنهي جي پيار جو راز ڏس تارا.
مون کي فقط اسان جي پيار ۾ دلچسپي آهي.
تنهنجو ڏوهه نه آهي، پيار خود مطلبي ٻڌائي ڇڏيندو آهي.
ته پوءِ اسان جو پيار به خود مطلبي ٻڌجڻ گهرجي.
اسان جو پيار نرالو آهي، تون...
يعني پيار نه آهي.
جو ته اسان ساڳيا ڪپڙا نه پاتا آهن.
اڄ رات تون گهر نه ويندين.
نه، تارا، پر تون جيڪڏهن چاهين ته اسان شام تائين گيسٽ هائوس ۾ هلي سگهون ٿا.

تون چا ٿو چوڻ چاهين ته مان توکي رات اِن ڪري روکي رکڻ ٿي چاهيان ته مون کي جسماني بک آهي، جنهن لاءِ مون کي تنهنجي درڪار آهي؟ آخر تون مون کي سمجهين چا ٿو؟ مان چا توسان گيسٽ هائوس ۾ ان لاءِ هلندي آهيان، توسان راتيون ان لاءِ گڏ رهڻ چاهيندي آهيان؟

تو مون کي ٿورو به نه سمجهيو تارا.
مون توکي پورو سمجهيو آهي.
مون کي تنهنجي جسم سان پيار آهي.
مون کي خبر آهي، توکي شايد اهوئي کپي.
مون کي اهو کپي، مان ان کان انکاري نه آهيان، پر مون کي فقط اهوئي کپي ۽ هڪ خاص جسم بنا کوبه جسم کپي، مان ان کان انکاري آهيان.
تون گهر ويندين - ۽ مان؟
تون به گهر ويندينءَ.
منهنجو گهر لکنؤ ۾ آهي.
منهنجو تنهنجي لکنؤ جي گهر طرف مطلب نه هو.
منهنجو مستقبل چا آهي، سوچيو اٿيئي؟
اسان جو حال آهي، بيحد خوبصورت آهي.
مان چا سڄي عمر ماسيءَ وٽ ٽنگي پئي هوندیس... ته جيئن وچ وچ ۾ جڏهن به تون چاهين ته ان رات لاءِ توسان گيسٽ هائوس ۾ هلي هلان؟
اها حقيقت کنهن به توتي نه مڙهي آهي تارا، تو اها خود پنهنجي خواهش سان چونڊي آهي، اها يا ان جهڙي ئي کا حقيقت جيکا توکي مون کان دور نه رکندي.
مان توکان کنهن به طرح دور نٿيڻ چاهيان.
تو نه چاهيو هو، تنهن کري ئي تون نزديڪ آئي آهين. تون نه چاهيندينءَ ته کڏهن دور نه رهندينءَ.
چا هيءُ سڄو 'مسئلو' نه آهي جنهن جو 'حل' نکرڻ گهرجي؟
هڪ حل هيءُ آهي ته توکي سياڻي تي يقين نه آهي تنهن کري تون لکنؤ هلي وڃين ۽ نريش وٽ. هڪ حل هيءُ آهي ته توکي سياڻي تي يقين آهي ۽ تنهن کري ئي تون ساڳي ڳالهه کرين پر انهن ٻنهي هنڌ منهنجون محدودگيون پلي هجن، مان نه آهيان، هونئن، جڏهن، مون توکي ڏٺو هو ته مون کي لڳو هو.ته مون کي منهنجي محدودگين اندر محدود رهڻ نه ڏينديندينءَ، انهن محدودگين اندر هڪ پيچرو اهڙو ٺاهيندينءَ جتان مان پنڌ کري تو وٽ کنهن به وقت پهچي سگهندس.
اڄ مون کي ننڊ نه ايندي، تون مون کي چڏي نه وڃ.
مون لاءِ ممکن نه آهي، ٻئي پاسي گهٽن جي ننڊ جو سوال آهي.
تون چا نيايو نٿو موکلي سگهين؟

نہ، اهڙو کوئي نہ آهي، مون وٽ توکي خبر آهي تہ فون بہ نہ آهي.
ٺيڪ آهي، مان هتي ويٺي آهيان، تون گهر وڃ ۽ چئي واپس هت اچ.
تنهنجو اڄ دماغ تہ درست آهي تارا؟ توکي خبر آهي تہ هتان وڃڻ ۽ واپس موٽڻ ۾ گهٽو وقت لڳندو آهي؟
اتڪل اڌائي ڪلاڪ.
تون... تون... هيترو وقت هتي ئي ويٺي هوندين؟
ها... نہ... وچ وچ ۾ گهمندي رهنديس، هتي ئي، نہ، پارڪ ڪان ٻاهر... هُن سامهون واريءَ فوٽ پاٽ تي ويندیس، اهو سڏو ئي سڏو ويندي رهنديس ۽...
اِهو فوٽ پاٽ سمنڊ تائين هلي پورو ٿئي ٿو.
تمام سٺو، تون مون کي سمنڊ جي تري ۾ ملج.
تنهنجو اڄ دماغ تہ...
اڄ ڇو، اهو ڪڏهن درست رهيو هو؟ تون آئين تہ مون سمجهيو هو... پر اهو... ڇڏ، تون وڃ.
نہ ڇڏ، پورو ڪر... منهنجي اڇڻ سان اهو پاڻ وڌيڪ غير درست ٿيو آهي.
بحث نہ ڪر، وڃ.
تون گڏ هل.
تنهنجي گهر؟
گهر جي ٻاهر تائين.
اَندر تائين ڇو نہ؟
اَجايو آهي.
تون مون کي هڪ دفعو بہ هن کي ڏسڻ نہ ڏيندين، تنهنجي ٻارن کي بہ نہ؟
اَجايو آهي.
تو ڪڏهن نہ ٻڌايو آهي...
مان تنهنجي بي عزتي برداشت نہ ڪري سگهندس، تارا.
ٽئڪسيءَ ۾ هلون؟
نہ، اسٽيشن سامهون آهي.
نہ، ٽئڪسيءَ ۾.
پورا چاليهہ لڳندا.
پرواه نہ آهي، اڄ هونئن بہ خرچ ڪرڻ جو منهنجو وارو آهي.
هن طرح تون ڇا هيءَ رات هتي هوندين؟

هن طرح ته پاڻ مان سپ راتيون توسان هوندو آهيان، تارا.
مون کي ڊپ لڳي رهيو آهي.
هو تارا جي ٻُبن جي چنهنبن کي پنهنجي هٿ جي آڱرين هيٺان جڏهن کافي سخت ٽيندو ڏٺو ته هيٺ نوڙي انهن کي چپن ۾ ورتائين، پهرين ساڃي کي، پوءِ کاهي کي، پهرين بلڪل نرمائيءَ سان چُمندي، پوءِ نرمائيءَ سان چُوسيندي، ۽ پوءِ نرمائيءَ سان چڪ پائيندي ۽ ان کان پوءِ جڏهن تارا هن جي منهن کي چڪي انهن سان زور سان لڳايو ته پوءِ چتائي سان چڪ پائيندي.
مون کي ڊپ لڳي رهيو آهي.
مان تنهنجي هيترو قريب آهيان.
تون هميشه منهنجي قريب رهه.
مان هميشه تنهنجي قريب آهيان.
مان سپ کجهه چڏي تو وٽ آهيان.
مان سپ کجهه هٿ جي ڊونگ سان به تو وٽ آهيان.
تارا هن کي اندر داخل ٽيڻ کان پهرين ساڃي هٿ کي وات جي ٽڪ سان آلو ڪري، آلو هٿ هن جي شيءِ جي منهن تي مهٽڻ لڳي، ان جي سختيءَ کي نرم ڪرڻ لاءِ.
مان تو لاءِ تباهه ٽيندیس، صفا برباد.
مان هر دفعي باهه مان نڪري تو ۾ سيتل ٽيڻ لاءِ ايندس.
تڪڙ نه ڪر.
هو اُٿي ويٺو.
جڏهن تون چوندينءَ.
مان محسوس ڪرڻ ٿي چاهيان، تنهنجي ديهه کي، پنهنجي دل جي تهن تائين.
جڏهن تون چاهيندينءَ.
۽ پوءِ هن سڏڪو ٻڌو. تارا جو، پهريون دفعو:
تون مون کي چڏي ڏينديں. مان تنهنجي ٻار جي ماءُ ٽيڻ ٿي چاهيان.

هڪ پيمانڪ ٻوڏ ۾، سين سمنڊ جي اُٿل ۾، دنيا جا سڀ سرشتا، نيم، قاعدا، قانون، عقيدا، ڪاغذ جي ٻيڑين وانگر هڪ گھڙيءَ ۾ سمنڊن جي تون ۾ پناهه ونڻ ٿا.

نا نا ڪري سڀ بلڊنگون ڪري رهيون آهن. آسمان جي چاتي ڦاٽي پئي آهي. پهاڙ پرزا پرزا ٿي اُڏامي رهيا آهن. بجليءَ جا ٽڪيا هڪ ٻئي مٿان، هڪ ٻئي پٽيان ڪِري رهيا آهن ۽ چيخون ڪندڙ ماڻهو ۽ جانور جان بچائڻ لاءِ ٻچندڙ انهن ٽڪين سان ٽڪرجي، اَٽڪي هڪ پيانڪ چيخ ڪندي ڪري رهيا آهن. شهر جا سڀ رستا پاڻيءَ هيٺ آهن. لاش جي مٿان هزارين لکين سرڀيون لامارا ڏئي رهيون آهن. سڄ جو هڪ ٽڪرو خوفناڪ آواز ڪري هيٺ رهيو آهي ۽ پاڻيءَ هوندي به چؤطرف باهه وڇڙجي وئي آهي. سئي - خراب، صحيح - غلط جو سنڌي صحيح معنيٰ ۾، تهذيب جي تواريخ ۾ پهريون دفعو، صفا متجي ويو آهي - موت طرف وڌندي.

پاڻي ۽ باهه.

باهه ۽ پاڻي.


اِهي ٻئي به هڪ ٻئي جي پاڪر ۾ آهن.

پريان هڪ ڪريل بجليءَ جي ٽنيي ۾ دنيا جون سڀ يوجناڪون، انسان جون سڀ محدودگيون ۽ راجيه جا سڀ بندڻ هڪ ئي وقت بجليءَ جي ڪرنٽ ۾ ڦاسي سڙي ويا آهن ۽ ڏيمي ڏيمي انهن جون دونهون پاڻيءَ جي سطح تي اُڏامي رهيو آهي.

شهر جي وچ ۾ اَڌيل هڪ وڇولي درجي جي گيسٽ هائوس جي چوٽين ماڙ تي هڪ بند ڪمري ۾ هڪ مرد ۽ هڪ عورت هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾ آهن. هنن کي خبر پئي آهي ته هنن جي گيسٽ هائوس جو مڪيه ڦاٽڪ پاڻيءَ ۾ گهلجي ويو آهي، گيسٽ هائوس جي بلڊنگ جو پهريون حصو هاڻي فقط سرون ۽ پٽرن جو ڍنڍ ڏير آهي. هنن جي ڪنن ۾ ڪيڪون آهن. "اسان هيٺن ٻڏنداسين، هيٺن ئي مرنداسين." عورت جي چهري تي چؤطرف جي تباهيءَ جو ڪو ڏپ نه آهي، "باهين بربادين، ٻوڏن ۽ عالمگير تباهيءَ جي وچ ۾" مرد جي چهري تي به ڪو ڏپ نه آهي.

هنن جا هٿ هٿن ۾ آهن، چپ چپن تي آهن، ٽنگون ٽنگن ۾ گهيڙيل آهن ۽ هنن جي اردگرد هنن جي محدودگين، ڏپن، ٻندڻن، قانونن جي ٻوڏ آهي... ٻوڏ ۽ باهه.

تڈھن ۽ ھاڻي



لعل پشپ

تڏھن ۽ ھاڻي

هڪ ته جن حالتن هيٺ مان آهيان، جنهن ۾ منهنجو ڪوبه ڏوهه ڪونهي، جن حالتن هيٺ مان آندي وئي آهيان، تن جي ڪري جيڪڏهن ڪٽي ڪڏهن ڪنهن ڳالهه ۾ منهنجو وهنوار عجيب، يا اٽوٽندڙ رهيو آهي ته مان مڃڻ لاءِ تيار آهيان ته بڻجي ويو هوندو. انهن منهنجن حالتن جي ڪري جن ۾ جيڪر منهنجي جاءِ تي جيڪڏهن ٻيو ڪير به آڻڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي، جيئن مون کي مجبور ڪيو ويو آهي ته اُهو به اَوس عجيب يا اٽوٽندڙ وهنوار هلندو. جيتوڻيڪ مون کي پڪ آهي ته اهڙو مون ڪجهه نه ڪيو آهي، ڪنهن سان به يا اهڙو مون ڪجهه نه چيو آهي، ڪنهن کي به جو مون کي ٻڌايو وڃي، جيئن ٻڌايو وڃي ٿو، ڪيترا ٻيرا ٻڌايو ويو آهي ته مان عجيب يا اٽوٽندڙ وهنوار ٿي هلان پر ڪٽي جيڪڏهن مان اِن ۾ غلط آهيان ۽ سمجهان ڪٽي ته برابر مان عجيب يا اٽوٽندڙ وهنوار ٿي ڪريان ته ان لاءِ مان پاڻ کي ڏوهه ڏيڻ لاءِ تيار نه آهيان نه نه ڪنهن به حالت ۾ نه مون اگر ڪجهه ڪيو چيو آهي ته فقط هنن حالتن هيٺ ۽ مان دعويٰ سان چوان ٿي، هنن حالتن هيٺ ٻيو ڪير به ائين هلندو، جنهن ۾ مون جيان هن جو به ڪو ڏوهه نه هوندو، بشرطيڪ ڪوئي اڄ به انهن پراڻن ويچارن کي پڪڙي هلي ته جن موجب حالتون ٻالتون کي به ٻاهريان اثر ڪجهه به نه هوندا آهن ۽ ته شخص ۾ اڳيئي اِرڪان يا اهجاڻ موجود هوندا آهن پر مان نٽي مڃان پوءِ مان چا ڪريان مان چا ٿي ڪري سگهان، اِنهن حالتن هيٺ يا ٻيو ڪوبه چا ڪندو چا ڪري سگهندو. انهن حالتن هيٺ پوءِ ڀل ته ٻئي ڪنهن جون حالتون ساڳيون نه هجن بلڪل ساڳيون ۽ ان جو تنهن ڪري ذرا حالتن جي ذري ڦيرڦار جي ڪري وهنوار به ساڳيو نه هجي مون کان پر مون کي يقين آهي ته ان ٻئي جي وهنوار کي به عجيب

يا اٿوٽندڙ ٺهرايو ويندو، جنهن حالت ۾ هن سان به بي انصافي ٿيندي جيئن مون سان ٿي رهي آهي. مان چا پهرين ائين هيس ائين عجيب وهنوار جنهن منهنجي وهنوار کي عجيب سڏيو وڃي ٿو، ڪڏهن مون کيو هو مون کي پڪ آهي ته ڪڏهن نه کيو هو، ڪڏهن نه کيو آهي هن کان اڳ هيل تائين جنهن سان خود رتن به سهمت آهي ٻئي سان منهنجو هوننن به ڪهڙو مطلب آهي، اگر کير به مڃڻ لاءِ تيار نه آهي ته مون کي ان جي ڪا پرواهه ڪانهي، منهنجو واسطو فقط رتن سان آهي پنهنجي رتن سان جيڪو اڇڪلهه مون کي ڏاريو سمجهي ٿو مون کان دور دور پيڇي ٿو، جيڪو انهن گهڙين ۾ به منهنجو نه آهي جن گهڙين ۾ مان هن جي ٻانهن ۾ جڪڙيل آهيان، تنهن هوندي به مون کي فقط پنهنجي رتن سان واسطو آهي ۽ خود رتن به ان ڳالهه سان سهمت آهي، جيڪا مون ڪئي ته ائين عجيب وهنوار هن کان اڳ مون ڪڏهن نه کيو آهي ۽ هاڻ جيڪڏهن اهو ڦيرو منهنجي فطرت ۾ هاڻ آيو آهي ته ضرور وچ ۾ ڪجهه ٿيو آهي ڪي حالتون پيدا ٿيون آهن، جن هڻي مون کي هيٺ مٿي ڪيو آهي صفا ڌانواڌول ڪري رکيو آهي، مون کي ۽ منهنجي هن ننڍڙي گهر کي. مون کي چا ٿي ويو آهي، سو ته سڀ پيڇن ٿا، سڀ ڏسن ٿا، مون کي ڪجهه ٿي ويو آهي، طرح طرح جون نصيحتون ملن ٿيون، ذرا هوش سنڀال، پنهنجو حوصلو قائم رک، تنهنجي همٿ ڪيڏانهن وئي ائين پاڻ تان ضابطو به ڪيئن وڃائبو آهي، ذرا همٿ رک، سڀ خودبخود ٺيڪ ٿي ويندو، مان هنن کان پڇان ٿي چا ٺيڪ ٿي ويندو چا ٺيڪ نه آهي جو ٺيڪ ٿي ويندو ۽ ڪٿي نه ڪٿي جيڪڏهن ڪجهه آهي جو ٺيڪ نه ٿي ويو آهي ته ضرور مون سان ئي ٺيڪ نه ٿي ويو آهي ۽ تنهن کري مان ڌانواڌول آهيان، پوءِ ائين ڇو ٿا سمجهو ته مان اجايو هيتري ڌانواڌول ٿي وئي آهيان 'هيتري' لفظ وڇوڙ جي توهان جي چا معنيٰ آهي، جڏهن توهان کي اها به خبر نه آهي ته جيڪو ٺيڪ نه ٿيو آهي سو ڪيترو ٺيڪ نه ٿيو آهي، وڏي ڳالهه ته توهان کي اها به خبر نه آهي ته چا آهي، جيڪو ٺيڪ نه ٿيو آهي، باقي بار بار اهو ياد ڏيارڻ مان چا فائدو ته مون کي ڪجهه ٿي ويو آهي، جنهن صورت ۾ خود منهنجو رتن به مون سان سهمت آهي، ته هن کان اڳ مان بلڪل ٺيڪ ٺاڪ هيس، اهوئي سبب آهي جو هن تنهن ڏينهن منهنجا ڪلها پڪڙي پڇيو هو ته مون کي اڇڪلهه چا ٿي ويو آهي، جنهن تي مون هن کي چڙي چيو نه هڪ ته 'اڇڪلهه' لفظ صفا غلط آهي، ايترو ئي غلط جيترو ڪن ماڻهن جو اهو رايو ته اهڙي وهنوار جون نشانيون يا ارڪان يا اهجاڻ موں ۾ شروع کان هوندا، يعني وچ عرصي ۾ جيڪي ٿيو آهي ان جي

کا معنيٰ نہ آهي، تنهن ڪري سڀ کان پهرين تہ تون ماڻهن جي غلطي نہ ڏهراءِ، پوءِ ڪٽي ٻئي نموني پر تون ماڻهن جي غلطي نہ ڏهراءِ، مون کي هڪ وڏيڪ چوٽ نہ پهچاءِ، چو تہ مان اها ڳالهہ سوچي بہ نٿي سگهان تہ تون ٻين ماڻهن جهڙو آهين، ڇا ٻيا مرد منهنجي زندگيءَ ۾ ڪونہ آيا هئا، پوءِ بہ مون تو سان پيار ڇو ڪيو، تو سان پيار جي شادي ڇو ڪيم، ڇو تہ مون چونڊ ڪئي منهنجي دل منهنجي آتما منهنجي نگاهن چونڊ ڪئي تہ تون ساڳيو نہ آهين معمولي نہ آهين ٻين جهڙو نہ آهين ٻين کان نرالو آهين صفا الڳ جيتوڻيڪ مون ڏٺو برابر شاديءَ کان پوءِ ڏٺم تہ اها سڄي منهنجي غلطي هئي تہ تون بہ ٻين وانگر آهين تو ۾ بہ نندا وڏا سوارٿ آهن. تون ٻين کان الڳ ۽ نرالو آهين برابر پر ان ۾ تہ ٻين کان بہ وڌيڪ سوا رٿي آهين، صفا ڪريل صفا هيٺ، مون دوکو کاڌو تون مون کان ٽو پڇين تہ مون کي ڇا ٿي ويو آهي ان جو جواب تنهنجي چهري تي ڇپيل آهي، توکي نظر نٿو اچي تہ آرسي سامهون اٿئي، پر مون کي سڌ آهي تہ توکي سڌ آهي، صرف تون ڏسڻ نٿو چاهين، ڪاب آرسي توکي ڪم نہ ايندي. سمجهڻ جي ڪوشش ڪر، تون ڳالهہ کي وڌائي رهي آهين. جنهن تي مون پنهنجا ڪلها هن کان چڏائيندي چلائيندي ڇيو تون ڪوڙ ٽو ڳالهائين، تون ڪوڙو آهين، تون ٽن سالن کان مون کي ٺڳيندو رهيو آهين، مون کي گهٽي وقت کان شڪ هو، مان شانت رهيس پر ان جو مطلب اٿين نہ سمجهہ تہ مان انڌي هيس، انڌي آهيان، تون مون کي رکائيندو آئين بنائيندو آئين، منهنجي چپن کي چمندو آئين، شايد اڳي کان وڌيڪ جينئن بناوٽي ٻڌجڻ سان ٽيندو آهي، نہ نہ تون مون کي ڇا بنائيندين، مون کي سڄي سڌ آهي، چمڻ وقت تنهنجا چپ جهوٺا هوندا آهن، اُنهن تي ڪا ڪنواري گنڌ بيحد گرم بيحد جوان بيحد تازي چهٽيل رهندي آهي، عورت توکي خبر نہ آهي، اهڙي خوشبوئن کان بخوبي واقف هوندي اهي پر مان خاموش رهيس، چو تہ مون خود بہ ان تي اعتبار نٿي ڪرڻ چاهيو، جينئن اسان سڀ ڪندا آهيون، شروعاتي عرصي ۾ پاڻ سان الڻ چاهيندا آهيون، پاڻ کي ٺڳڻ چاهيندا آهيون، درد کان بچڻ چاهيندا آهيون. اسان تي گذريل محبت حاوي هوندي آهي، اسان گذريل محبت جي گهرائي پاڻ سان چنبڙائي هلندا آهيون، حقيقت کي قبولڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا آهيون، اسان کي سڀ سچ ڏنگڻ لڳندا آهن، اسان پاڻ کي دلاسا ڏيندا آهيون دوکا ڏيندا آهيون، دلداريون ڏيندا آهيون تہ نہ اسان جو پريتم اسان جو محبوب اسان کي ٺڳي نٿو سگهي، اهو فقط اسان جو پرم آهي ۽ ساڳئي وقت ڪٽي پنهنجي گهراين ۾ اسان پوڳيندا بہ رهندا آهيون ۽ رفتہ رفتہ ثبوت نندا

۽ وڏا گڏ ٽيندا ويندا آهن ۽ اسان بيچين رهڻ لڳندا آهيون. بس بس ڳالهاءِ نہ چا ٿو چوين، مون کي ڳالهائڻ جي بيماري آهي، مان چا ڪڏهن ڳالهائيندي هيس، تون چوندو هئين خود چوندو هئين، جيترو سوچين ٿي پڙهين ٿي، ڳالهائين تہ ڪڏهن ڪونہ ٿي تہ مان چوندي هيس تہ تون ئي ڳالهاءِ، مان ٻڌندیس مان ٻڌندي رهندیس، تنهنجون ڳالهيون ڪڏهن نہ ڪٽندیون، شل تنهنجون ڳالهيون ڪڏهن نہ ڪٽن تون ائين ئي ڳالهائيندو رهين، اَروڪ انيڪ ڳالهين تي تنهنجون ڳالهيون ڇڏ جهڙا ٻڌجي منهنجي هردیہ جي پهاڑين مان ئي ڦاٽي نڪرنديون آهن، منهنجي هردیہ جون سڀ ڪنڊون جنمن کان پياسيون سيتل ٿي ويندیون آهن، بس تون چوندو هئين بس تون ڳالهائيندينءَ بہ تہ منهنجي ڳالهين تي پنهنجي ڪا ڳالھ نہ ڪندينءَ، تون پنهنجي پاوناڻن جو اظهار ڪر، مون کي سڌ آهي تہ تنهنجي شانت من ۾ بي شمار پاوناڻون اظهار پائڻ لاءِ بيڇين ستل آهن پر تون ڪڏهن نٽي ڳالهائين، ها ها تنهنجو الزام سچو آهي تہ اڄ مان ٻڌڻ نٽي چاهيان توکي مان ٻڌڻ نٽي چاهيان، فقط ڳالهائڻ ٿي چاهيان، تو کي ٻڌائڻ ٿي چاهيان، تنهنجي باري ۾ توکي ٻڌائڻ ٿي چاهيان، تون صحيح آهين تہ هي ڪي سڀيون ڳالهيون نہ آهن، تنهنجي باري ۾ فقط هڪ زهر آهي، هڪ تلخي آهي، منهنجون توکي ڪٽي اهي ڏهيل لڪل پاوناڻون اڄ اظهار بہ پائن ٿيون تہ هن طرح تنهنجي ورڌ اُهي تيزاب جون لڪيرون ٻڌجي خود منهنجي ئي من کي ڪٽي رهيون آهن، اهي پاوناڻون تن ڏينهن ۾ هڪ اڻ چيل ڪوتاهيون جن جي لفظن لاءِ مون بيحد ڪوشش ڪئي، ليڪن اهي اڻ چيل اسپشٽ ڪوتا ٻڌجي ئي رهجي ويون ۽ اڄ اهي هڪ ودروہ ٻڌجي نڪتيون آهن، ودروہ ٻڌجي نڪرنديون، ان ڳالھ جي خود مون بہ ڪلپنا نہ ڪئي هئي نہ تہ ٻڌ مان ٻڌائڻ ٿي چاهيان، ڳالهاءِ نہ مان ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهيان، مون کي خبر آهي تون چا چوندين، ٻڌائڻ جي ڪا ضرورت نہ آهي، پنهنجو ٻچاءِ نہ ڏي، تنهنجا سڀ لفظ تنهنجي اصلي شخصيت کي لڪائڻ لاءِ آهن، مان انهن تنهنجن سين لفظن جي پردي کي پنهنجي هردیہ جي سچيءَ جوالا سان جلائي رکندیس، رتن تون چپ رهہ، مون کي ڳالهائڻ ڏي، تنهنجو پيار نہ ٻڌاءِ نہ ٻڌاءِ اهو آهي ئي ڪونہ صفا نقلي آهي بناوٽي آهي، تون مون کي چمين ٿو تہ جڏ مون کي شڪ ڪائيندو آهي تہ توکي شڪ پنجي ويو آهي تہ مون کي شڪ ڪائي رهيو آهي، تہ اهي تنهنجون چُميون پاڪر مون کي چڪڻ پٽڻ پيار ڪرڻ، زبردستي ڳالهائڻ، پڪڙي پڪچر تي وڃي وڃڻ، گهر ۾ هاءِ گهوڙا ڪرڻ، اوه پيٽ ۾ ڪوڙا ڊوڙي رهيا آهن تو اَجا تائين ڪجهہ

به نه ٿاهيو آهي، اوه توکي منهنجو کو فکر کونهي، تون سڀڻ ۾ پوري آهين، اهو تنهنجي مشين جو رينگڻ بند ئي نه ٿيندو، اها تنهنجي مشين منهنجي جاني دشمن ٿي پيئي آهي، اها مون کي نيڪال کرڻي پوندي، اها مون کي پيچي چڏڻي پوندي، ٻڌ نه نه مون کي ٻڌ، پهرين مون کي ٻڌ، توکي ارمان هو نه مان ڳالهايان چو نٿي ته ٻڌندو وڃ، مان ايترو ڳالهائڻ لاءِ تيار آهيان، جو توکي ٻڌڻ لاءِ به تيار نه آهيان، مان ٻڌان مان چا ٻڌان، ٻڌائڻ لاءِ تون ضرور کي لفظ استعمال کندين، تو وٽ سواءِ کورن لفظن جي کجهه نه آهي، ٻيو چاهي، چا ايا توکي ان ڳالهه جو شڪ آهي ته تنهنجا لفظ مون کي چکي وڌندا، نه سائين اهي ڏينهن يا جڏهن مان تنهنجي لفظن جي ڏور ۾ پتليءَ وانگر نچندي هيس، هاڻ تنهنجو اهو لفظن جو جادو مون تي کو اثر نه کندءِ، پر مون کي سڌ آهي انهن جو کيترو غضب جو جادو هوندو آهي، هيتري تلخي هوندي به ايا تائين مون کي ڊپ ٿيندو آهي ته مان انهن جي سهٽن وکڙن ۾ اڄ به ڦاسي سگهان ٿي کيتري خبردار هوندي به ڦاسي سگهان ٿي پر نه هاڻ مان ڦاسڻ واري نه آهيان پر انهن ۾ کير به ڦاسي سگهي ٿي، جيئن وقت بوقت ڦاسندي آئي آهي، جيئن اڇڪلهه هڪڙيءَ کي ڦاسائي رکيو اٿئي، مان عجب ۾ آهيان ته مان کيئن ڦاسي ويس مون کي عجب لڳي رهيو آهي ته مون نيٺ به تو ۾ ڏٺو، چا هو شايد تنهنجا اهي لفظ جيکي اڄ مون لاءِ کوٽا سڪا آهن، ها ها ٻڌاءِ ته ان سڀ ۾ منهنجو ڏوهه آهي، مون جاڻي ٻجهي پنهنجي شخصيت کي گهر جي ديوارين تائين محدود کري ڇڏيو آهي، منهنجي بي آراميءَ ۽ بي چينيءَ جا سڀ بنياد منهنجي ان هڪ غلطيءَ ۾ان نڪتا آهن، چئه چئه اڳتي چئه ته ٻارن کي پڙهائڻ ۾ پوري آهين، پلجي وڃين ٿي ته اهي ٻار توکي مون مان ئي پيدا ٿيا آهن، توکي سڄو وقت هنن جو فکر ستائي ٿو، توکي منهنجو کو فکر کونهي، سڄو ڏينهن گهر جي ناهه نوهه ۾ وڃائي چڏين ٿي، اصل کجهه پڙهين نٿي، ايتري قدر جو گهر ۾ ٿي ٿي اخبارون ٿيون اچن، کڏهن دل نه ٿيئي ته ڏسان ته سڄي دنيا ۾ چا ٿو وهي، واپري واٽر گيٽ سکنڊل ۾ سڄي دنيا انٽريسٽ وٺي رهي آهي، لوکشاهي جي نالي ۾ ڏس چا ٿي رهيو آهي، هن طرح جي لوک آزاديءَ ۽ لوهي پردن ۾ کڙو فرق آهي، اڄوکي انسانيت جا کڙا قدر آهن ٻئي واهيات سرشتا آهن ته منش جو کلياڻ کٽي آهي، هڪ صحيح سرکار جو کڙو روپ هئڻ گهرجي، تون کتاب به نٿي پڙهين. اڄوکي ساهت ۾ اڄوکي شخص جو کڙو عکس آهي، اشتهار بازيءَ جي هن زماني ۾ سڄو کوڙي کان کٽي الگ ٿئي ٿو، تون کجهه نٿي پڙهين، عجب اهي جو "هُو از اَفريد آو ورجينيا ولف" توکي ولگر لڳو، ان ۾ توکي فقط جانورن جا

آواز ٻڌڻ ۾ آيا. ناڪ آڏ ۾ ڇڏي ڏنئہ. اجوڪي ساهت ۽ اجوڪي ڪلا جي سچائپ لاءِ اهو جهونو سندر - ٻوڌ تنهنجي سمجهڻ جي اڳيان ايندو. مان ائين نٿو چوان گهر جي ناهه ٽوهه نه ڪر مان ائين نٿو چوان ته ٻارن جي سنيال نه ڪر. هنن کي سٿو نه هلاءِ. هنن کي سينگاري سنواري نه گهماءِ. هنن کي ڪلاس ۾ سٿو نمبر نه اچڻ ڏي. نه نه پل ڪر اهو سڀ به حياتيءَ ۾ روزمره جي زندگيءَ ۾ ضروري هوندو آهي. آس پاس واقفڪارن ۽ مٽن مائٽن ۾ ڪنڌ مٽي ڪٽي هلڻ جي قابل بڻائيندو آهي. پيڪا ۽ ساهرا خوش ٿيندا آهن. تعريف وري به تنهنجي ٿيندي آهي. سڀ ٺيڪ آهي. مان مڃان ٿو سڀ ٺيڪ آهي. پر اهو سڀ ڪيترو نه گسيل پٽيل هوندو آهي. هن دنيا ۽ هن حياتيءَ لاءِ ٿيندو آهي پر دل جي سچي تسڪين ڪجهہ ٻي ٿيندي آهي. خاص ڪري تو مون جهڙن شخصن لاءِ پنهنجا خواب ياد ڪر. پنهنجا آدرش ياد ڪر. اهي سڀ عارضي ڳالهيون ننڍيون آهن. سماجڪ حاصلاتون ٿينديون آهن. تنهن ڪري سطحي هونديون آهن. ماڻهو مري ويندو آهي ته جس ڳائبو آهي ڏس ٻارن لاءِ هن ڇا نه ڪيو. ڏس ٻارن کي هن ڪيترو نه لائق بڻايو ڏس. پنهنجي سچي علم ۽ عقل سان ٻارن کي هر طرح ڪان ڪامياب انسان بڻايو پر سوچ ته سهين. تنهنجا سپنا اهي نه هنا. تنهنجا سپنا اهي برابر هنا پر فقط اهي نه هنا تو ڪجهہ بڻجڻ چاهيو ٿي. انهن مقصدن جي آگ تو ڪيئن ٻجهائي ڇڏي. ڇو ٻجهائي ڇڏي. تنهن لاءِ تون ئي جوابدار آهين. دنيا ۽ دنيا کان مٽي جي وچ ۾ ڪٽي باردر لائين مقرر ڪرڻ ڪمار ضروري آهي. تون اها ڳالهہ پلجي وڃين ٿي. تون اها ڳالهہ پلجي وئينءَ. تنهنجي سچي پوڳڻ جو سبب اتي آهي. اهو باردر مقرر نه ڪرڻ جي ناڪاميابي- نتيجي طور تنهنجو من اوچتو قات ڪائي نڪري ٿو. بغاوت ڪري ٿو. انهن ئي شين ڳالهين سان جن جي ناهه ٽوهه ۾ تون سچي جي سچي اُلجهي رهين ٿي پر تون ڪجهہ نٿي سمجهين. ائين ڪر جو اهي سڀ ڳالهيون ڪر پر ٻاهرينءَ طرح چو. چو ته اهي ٻاهريون ڳالهيون آهن. باقي پنهنجي من - وڪاس لاءِ آدرشن جي پورتيءَ ۽ پراپتيءَ لاءِ ذهين ڳالهين ۾ ڌيان لڳاءِ. پوءِ ڏس ڏسندينءَ ته تنهنجو من ٻلوان رهي ٿو. چڙچڙو نٿو رهي. اجايا سوال نٿو اُٺاري. مون ۾ شڪ گمان نٿو آڻي. منهنجا شڪ ڪو آسمان مان نه لٿا آهن. انهن جا ڪي پختا بنياد آهن. تنهنجي بيوفائيءَ جا الاهي ثبوت آهن. ليڪن ڳالهائڻ اجايو آهي. تون ڪڏهن قبول نه ڪندين پنهنجي چنچل چڙواڳ طبيعت لاءِ توکي نت نئين چوڪري گهرجي. هڪڙي گهر ۾ هميشه تيار دائمي ۽ هڪڙي ڪانه ڪا ٻين کي نصيحتون ڏيڻ کان پهرين پاڻ ڪي.

هن وقت هُو ڪٽي هوندو؟ هُو اڄڪلهه ڪٽي به هوندو آهي ته فقط هڪ هنڌ هوندو آهي. سريرڪ طرح ڪٽي ٻه هوندو آهي گهر ۾ يا گهر ڪان ٻاهر ته فقط هڪ هنڌ هوندو آهي، پنهنجي 'هن وٽ'. هڪ طرح ته هن جي 'هڪ طرف' اهڙي وفائي، گهرائي، محدوديءَ سارا هڪ لائق آهي، پڙ چاڪاڻ ته، جيڪڏهن مان بي طرفدار ٿي ڏسان، غير شخصي سطح تي، اها مون طرف نه آهي، جيڪا پهرين هئي، مان حسد ڪان هيٺ مٿي ٿي ويئي آهيان. هن وقت هُو ڪٽي هوندو؟ سريرڪ طرح. هو، هن وقت، هت هجي، مون وٽ، سريرڪ طرح ٿي سهين، سو به منظور آهي، مون ڪي، اها ڳالهه، خود سان قبولينديِ به، هر گهڙيءِ، اهو ڊپ چو ڪائي رهيو آهي ته مان هن لاءِ، هو مون وٽ هجي، يا ڪنهن وٽ به هجي ته مون وٽ به هجي، ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيار ته نه ٿي ويندیس، جيڪا ڳالهه، هو خود به چاهي ٿو. شايد، ان حد تائين ته مان خود ٿي هن ڪي چوان ته مان ان 'حقيقت' ڪي قبولڻ لاءِ تيار آهيان، يعني هو پل پنهنجي هن وٽ ويندو رهي، مون ڪي بار بار اهو ڊپ ڪائي رهيو آهي، مان 'اڻ ٽر' جي اڳيان پنهنجو هٽ وڃائي هيٺ ٿي وڃڻ لاءِ تيار نه ٿي وڃان، جيڪو ڊپ، ڪڏهن ڪڏهن مون ڪي لڳندو آهي، يا هن وقت مون ڪي لڳي رهيو آهي ته ڪڏهن ڪڏهن مون ڪي لڳو آهي ته هوننن به هڪڙي هن لاءِ ناڪافي آهي ۽ هن ڪي ڪٽي، ان اڻ ٽر حقيقت اڳيان مون لاءِ جهڪڻ بنا ٻيو رستو ان ڪري به نه آهي جو مون لاءِ هوئي هڪ رستو آهي ۽ مون ڪي اهو ڊپ ان ڪري به ڪائيندو آهي جو مون خوابن ۾، هڪ دفعي ڪان وڌيڪ نچاڻان ڇو، نه، مان جاڻان ٿي ڇو، سامهون واري بلڊنگ ۾ رهندڙ موتيءَ ماڻ ڪي ڏٺو آهي، جنهن سان منهنجو خير ڪو رستو آهي، پر تنهن هوندي به، خوابن ۾، موتيءَ ماڻ ڪي موتيءَ پيءُ لاءِ رنڊڪي ۾ چانهه ناهيندو ڏسڻ ۽ خوشيءَ خوشيءَ پنهنجي پهاڻ ڪي چانهه ۾ ڪنڊ وجهي وري مون سان ڳالهين ۾ لڳي وڃڻ جي ڪا بي معنيٰ ٿي نڪتي سگهي ته مان خود پنهنجي حق ۾ هڪ ثبوت يا مثال پاڻ ڪي ياد ٿي ڏيارڻ چاهيان ته اها هروپرو تمام وڏي ڳالهه نه آهي، جيڪڏهن وڏي نه ڏسجي ته، خاص ڪري اڄڪلهه جي زماني ۾، وڏي شهر ۾، جتي سماج نالي وارو فقط ڪتابن ۾ پڙهيل هڪ لفظ ٿي وڃي رهيو آهي.

پر مان گهبرائجي وئي آهيان، جڏهن به مون اهو خواب ڏٺو آهي، مان ننڍ مان چرڪ پري جاڳي آهيان ۽ پنهنجو سڄو منهن پگهر سال چل ٽيل ڏٺو اٿم ۽ سڄو سريرُ ٽر ٽر ڪنبندڙ.

چا، اهوئي سبب آهي جو اڄڪلهه مان موتيءَ ماڻ جي گهر وڃڻ ڪان نٽائيندي آهيان؟

ليڪن، اهڙا خواب ته، مون کي جيئن ياد اچي رهيو آهي، هن جي گهر وڃڻ کان ڪيترائي بعد وڌيڪ دفعا آيا آهن.

هن وقت هو اَلاجي ڪٽي هوندو. هو جتي هوندو آهي، جيئن هو خود ٻڌائيندو آهي، گهٽو ڪري منهنجي پڇڻ تي ته هو ڪٽي ويو هو ته هو اُهو هنڌ يا اُهي اُهي هنڌ ٻڌائيندو آهي، جتي هو نه ويو هو، گهٽ ۾ گهٽ مون کي اهو لڳو آهي ته 'هن جو هجڻ فقط هڪ هنڌ ئي هو'، مان هن جي اکين ۾ نهارينديَ آهيان ۽ هو منهنجي اکين ۾ نه نهاريندو آهي، خاص انهن گهڙين ۾، ۽ اسان ٻنهي جي وچ ۾ چپ چاپ هڪ چور ويهي رهندو آهي، اهو چور اسان جا، اهڙين گهڙين بعد، چپ سبي چڏيندو آهي، منٽن تائين، ڪلاڪن تائين، ڏينهن تائين، هفتن تائين، مهينن تائين، يا اهڙين گهڙين بعد، اسان هڪ ٻئي جي ويجهو ايندا آهيون پر هڪ ٻئي کان دور هوندا آهيون، ڏسندا آهيون اهو چور گويا ڪنهن غيبي ڇهاءِ سان ويندو آهي، پنهنجو قدبت وڌائيندو، ويندو آهي وڌائيندو، ۽ جيئن جيئن وڌائيندو ويندوآهي ته اسان جي هڪ ٻئي طرف اُها خاموشي هڪ 'ڳالهائيندڙ خاموشي' ٻڌجندي ويندي آهي، نه 'ڳالهائيندڙ خاموشي' نه، 'هڪ چيخن سان پريل خاموشي'، گهٽ ۾ گهٽ ۾ مون ۾، ۽ ان لاءِ به مان جوابدار نه آهيان، دوکو مون هن کي نه، هن مون کي ڏنو آهي، اگر مان ڏيان ها، پوءِ هن جو تماشو ڏسان ها، اگر منهنجو به 'ڪوئي ٿي وڃي ها.'

- اسان ٻيئي هڪ ٻئي طرف ٻيوفا آهيون.

ٻُنڊ استنڊ. بيچ. شور، لهرن جو. هوائن جو. منهنجو ماضي؟ آهي ئي ڪونه. حال آهي پر تون چاڪاڻ ته مون سان آهين، تنهن ڪري منهنجو ڪو ماضي نه آهي ۽ مستقبل به ان ڪري نه آهي، چو ته اهو منهجي هن حال کان بهتر نٿو ٿي سگهي، چو ته اتي به تون مون سان گڏ هوندين. مان هڪ دائمي حال آهيان.

- تون سوچين ٿي.

مان فقط نهاريان ٿي.

- تون فقط سوچيندي ئي آهين.

منهنجي هر پاونا هڪ اَڻ لکيل ڪويتا آهي. تون انهن کي اظهار ڏج. تون منهنجي پاونائن جو ڪوي بڻبين.

- تون ايترو ڇا سوچيندي رهندي آهين.

مان فقط مرڪي (هوندیس)، ساڳيءَ طرح (شايد) هن ڏانهن نهاريندي.

تو ٻڌو؟

ڇا؟

جيڪو مون چيو؟

ڪنهن کي؟

تو کي.

ڇا؟

وري چوان؟

ها.

فائدو ٿيندو؟

ڇو؟

تون وري به نه ٻڌندينءَ.

پوءِ تو کي وري چوندیس.

ڇا؟

تہ وري ڇئي ٻڌاءِ.

۽ مان وري ٻڌائيندس، تون ٻڌندينءَ، ۽ مان پڇندس مون تو کي ڇا چيو ۽ تون وري چوندينءَ تہ تو ڪجھ نہ ٻڌو، مان تو کي وري ٻڌايان ۽ مان تو کي وري ٻڌائيندس ۽ تون ٻڌندينءَ ۽ مان پڇندس، مون تو کي ڇا چيو ۽ تون وري چوندينءَ تہ تو ڪجھ نہ ٻڌو مان تو کي وري...

هوائون ڪيترو دور تائين کڻي ويون، اسان ٻنهي جي گڏيل کل، ڪٽي وڃي توڙي آيون.

- مون چيو اسان ٻئي اڃ تائين هڪ ٻئي طرف بيوفا رهيا آهيون.

سو تہ مون ٻڌو. پر ڪيئن؟

- گڏريل سڄي حياتي هڪ ٻئي کان دور رهي.

پهرين منهنجو فقط حال هو.

هاڻ منهنجو فقط ماضي آهي.

ماضيءَ جي ڪري اسان بدليل ته هوندا آهيون پر اسان ماضيءَ ڪي بدلائي نه سگهندا آهيون. رتن سان جڙيل پنهنجي ماضيءَ کي ڪٽي جنهن کي ڪڏهن مون دائمي حال سمجهيو هو. مان بدليل ته آهيان پر رتن سان جڙيل انهيءَ ماضيءَ کي مان بدلائي نٿي سگهان. اسان جي گهٽي ۾ گهٽي بيوسي اِتي ظاهر ٿيندي آهي ته جيڪو 'ٽي ويو' آهي سو 'نه ٽيءُ' ۾ بدلي نه سگهندا آهيون. اسان محسوس ڪندا آهيون ته اِهو 'ٽيڻ' نه ڪپندو هو، يا اِهو 'ائين ٽيڻ' نه ڪپندو هو، اِهو نه ٽٽي ها، يا ائين نه ٽٽي ها ته اسان سان هيئن نه ٽٽي ها. جيئن اسان جو هن وقت هڻڻ آهي، اسان ڪجهه ٻيو هجون ها. جيڪو اسان هاڻي هڻڻ چاهيون ٿا ته هجون ها. هيترو سڄو ڏير سارو ٽي ويو آهي، اسان جي نج جيون - اتهاس ۾، وشو - اتهاس ۾، هتي هتي، اسان هن وقت سوچيندا آهيون، هيئن هڻڻ ٽيڻ گهربو هو، هيئن هڻڻ ٽيڻ نه گهربو هو، هيئن هيئن ٽيڻ ۽ هيئن هيئن نه ٽيڻ سان اسان جو هاڻوڪو هڻڻ هڻڻ هيئن هجي ها ۽ هيئن هيئن نه هجي ها.

رتن مون لاءِ فقط 'هڪ ئي رتن'، منهنجي انهيءَ ماضيءَ ۾، حال ۾، ڪيئن هو؟ مون 'ڪيئن' سمجهيو ته فقط 'هڪ ئي' رتن هو. ٻيا گهڻيئي هنا، پر هو فقط هڪ ئي هو. مون ڪيئن سمجهيو؟ مون ڇو سمجهيو؟ منهنجي سمجهه سان غلطي هئي ته ڪهڙي هئي، ڪٿي هئي ۽ ڪيئن هئي؟ يا اهو 'اڻ ٿر' آهي ته، ۽ ان جي پٺيان ڪو ڪارڻ، ڪو منطق نه آهي بس اسان ائين آهيون، ڪن اڻڄاتل آنترڪ شڪتين جي دٻاون هيٺ موت جي پاڇي کان بار بار پڇي جيون جا اهڙا ارٿ ڳولهيندڙ جيڪي ارٿ اڳتي هلي خود اسان جي جيون کي وڌيڪ غلط، وڌيڪ ارٿ هيڻ ثابت ڪندا هلن؟ ته جيئن جيئن اسان جو جيون - اتهاس، يا وشو - اتهاس وڌو ٽيندو ويندو آهي ته وڌيڪ ۽ وڌيڪ غلط ۽ ارٿ - هيڻ بڻجندو ويندو آهي ۽ اسان 'وڌيڪ ۽ وڌيڪ ڪجهه نه ڪري سگهڻ' لاءِ بيوس ٿيندا ويندا آهيون ۽ ته اها پينڪر حقيقت اسان جي وڌيڪ ۽ وڌيڪ پنسن ڪمائڻ سان، گڏ ڪرڻ سان، خرچڻ سان، گڏ ڪرڻ سان، نيون نيون شيون پيدا ڪرڻ سان، زندگيءَ کي وڌيڪ ۽ وڌيڪ سهولت پريو بڻائڻ سان به جيئن جو تيئن قائم آهي، ٿوري وقت لاءِ ان سڄي تجلي اڳيان ڏنڏلي پئجي به وڃي ٽي، اِها پينڪر حقيقت، ته اسان جي اڳيان وڌيڪ ۽ وڌيڪ چٽي ٽيڻ لاءِ، ۽ اسان ڇاڻون ٿا، پر اسان ڪجهه به ڪرڻ ڪان اسمرٿ آهيون، 'اسان آهيون' تنهن ڪري اها 'اِها ڪريا' ڪٿي به رڪجي نٿي، اسان آهيون، اڳتي به هونداسين ته فقط اِن هڪ 'پينڪر حقيقت' جو احساس هڻڻ لاءِ، ان جو هڪ شاهد

هنڊ لاءِ، اِن هڪ ئي ارٿ هيڊ جو اِهو هڪ ئي ارٿ ڏسڻ لاءِ، يا ان هڪ ئي ارٿهيڊتا جو اِهو هڪ ئي ارٿ ڏسڻ لاءِ.

صبح جو پڇيومانس، شام جو گهٽي لڳي موٽندين تہ چيائين تہ جڏ مون کي خود خبر آهي تہ گهٽي لڳي موٽندس، جڏ مون کي کا ٻڌل ٻڌايل نوڪري آهي، جو آفيس بند ٿيڻ بعد سڌو گهر پڇندس. تنهن تي مٽان مون پڇيومانس، اهڙو کهڙو تنهنجو وڏو واپار ٿو هلي جو توکي خبر نہ ٿي پوي تہ گهر گهٽي لڳي موٽندين. هڪدم بگڙجي ويو، هميشہ جيان، نہ، هميشہ جيان نہ، گڏريل...

اٽڪل گهٽو وقت ٿيو جڏهن پهريون پيرو مون هن کي 'پڪڙيو' هو؟ سال. ڏيڍ سال. ٻہ سال. ٻن سالن جي اندر. ان کان وڌيڪ عرصو ان کري ٿي نٿو سگهي جو اڄ کان پورا، شايد ان کان ڪجهہ هيٺ مٿي، ٻہ سال اڳ هو منهنجو هو، فقط منهنجو، ان کان پوءِ هو فقط منهنجو نہ هو، 'هن جو' ٻہ هو، ۽ ان کان پوءِ هو فقط 'هن جو' رهيو آهي. جيتوڻيڪ هن جو اِهو 'افيئر' ٻن سُالن کان هلندو آيو آهي، مون هن کي ٿورا مهينا - نہ معلوم گهٽا - پوءِ پڪڙيو هو. ان کان پوءِ مون باقاعدي هن کي جاچڻ شروع ڪيو. مان هن جي هر حرڪت، هر چرپر تي نظر رکڻ لڳيس. ايتري قدر جو هڪ ڏينهن منهنجو اَن ڳالهہ ڏانهن بہ ڏيان ويو تہ هن جو پنهنجي قميص جي ڪلهي جي گهنج طرف ڏيان ويو هو. اِها ننڍڙي ڳالهہ مون کي ڪيترين وڏين ڳالهين ٻڌائي ويئي ۽ اهي ڪيترين وڏين ڳالهين مون کي هڪ تمام وڏي ڳالهہ ٻڌائي ويون. منهنجو شڪ پختو ٿيو تہ مان غلط نہ هيس.

اڄ صبح جو بہ نهاريو تہ هن پنهنجي قميص جي ڪلهي جي گهنج طرف نهاريو. وات مان 'چ' جو آواز ڪڍيائين ۽ پوءِ قميص لاهي استري تپائي اُهو گهنج ٺيڪ ڪرڻ لڳو. مان تپي ويس. اڳي تہ ڪڏهن تنهنجو گهنج ٻنج ڏانهن ڏيان نہ ويندو هو، اڇڪلهہ تو ہر ڪپڑن طرف اِها تبديلي ڪٿان اچي ويئي آهي؟ هن کو جواب نہ ڏنو ۽ چپ چاپ قميص جي ان گهنج تي گرم استري ڦيرينڊو رهيو. مون کي وڌيڪ غصو

لڳو. جواب تو وٽ آهي ئي ڪونہ، هن ڪي ايڏا بہ چپ ڏسي مون تڪائيءَ مان چيو ۽ جڏهن هو ايڏا بہ چپ رهيو تہ مون چلائيندي ساڳيو سوال ڪيو. گو تو هيل، هن پنهنجو پراڻو جملو دهرايو، مٽان سنڌيءَ ۾ هڪدم ترجمو ڪري، جيئن هر دفعي ڪنهن بہ (سنڌي) شخص کي هو ڪجهہ بہ انگريزيءَ ۾ چوڻ کان پوءِ هڪدم سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، پر خاص ڪري پنهنجي پراڻي جملي 'گو تو هيل' چوڻ کان پوءِ، ٻڌائيندو آهي، جهنم ۾ وڃي پئہ. تہ چا مان جهنم ۾ الريڊي نہ آهيان؟ ۽ تو سان گڏ ڪڏهن بہ ڪنهن کي بہ ڪٽي بہ ان بنا ملي چا ٿو سگهي؟ مون ساڳيءَ طرح چيو ۽ جڏهن مون ڏٺو هو وڏيڪ ڳالهائڻ لاءِ تيار نہ آهي تہ مان آڻي باقي بہ ٽپي ويس. جلي ويس تہ جلائڻ لاءِ چيم، مون کي جهنم ۾ وڃڻ جي ضرورت نہ آهي، مان اڳ ۾ ئي جهنم ۾ آهيان ۽ ان لاءِ جوابدار تون آهين، تون، تون - اڳي جڏهن بہ توکي چوندي هيس، نيٺ بہ ساهري گهر ٿو هلين، اها قميص تہ نہ پاءِ، سڄي گهنجيل آهي، گهٽيون ئي استري ٽيل پيون اٽئي، پي چو نٿو پائين، هوءَ ٻيلو سلڪ واري نٿو پائين، ڪالهہ لانڊريءَ مان آڻي اٽيئي تہ چا چوندو هئين، ماٺهين - پٺهين مون کي ماڻي ان ڪري ڪارائيندا چا، چو تہ مون سڻا ڪپڙا پاتا آهن، نہ تہ نہ ڪارائيندا، تون سمجهين ٿي تہ هن ئي قميص ۾ هلندس تہ نہ ڪارائيندا تہ تون اڪيلي وٽن وڃ ۽ وڃي چئين تہ مان 'توٽ' نہ آهيان جو ٽاٽ ڪپڙن بنا وٽن يا ڪنهن وٽ بہ نہ وڃي سگهان، سمجهيئہ ۽ تڏهن ڪيئن نہ مان توکي پاڪر پائي پاڻ کي توسان جڪڙي يا توکي پاڻ سان جڪڙي ميڙائيندي هيس، تنهنجي اُن گهنجيل قميص جا بٽڻ ڪولي قميص لاهيندي هيس، توکي پنهنجي مرضيءَ جي قميص پائيندي هيس. تنهنجي وارن ۾ هٿ ڦيري چوندي هيس، تون هنن لاءِ، نہ هين لاءِ، مون لاءِ سٽي شرٽ پاءِ. ۽ پوءِ بہ تون ڪنجهندي ڪرڪندي اهو سڀ ٽيٺ ڏيندو هئين، منهن سڄائيندو هئين. هڪ طرح تنهنجي ان سڄي ضد لاءِ ڪٽي اندر ۾ مان خوش بہ ٿيندي هيس. تون هنن دنيوي ڳالهين کان ڪيترو نہ مٿي آهين. تنهنجي هنن ڪپڙن ٻپڙن ۽ ناهہ ٿوهہ ۾ ڪا دلچسپي نہ آهي. تنهنجو ڏيان آهي تہ فقط پنهنجي مانسڪ ۽ ذهني وڪاس ۾. تنهنجي سڄي دنيا هي ۽ ڏرتي نہ آهي. ڪتابي دنيا آهي. پنهنجي مقصد بنا تنهنجي ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ ڪا رچي نہ آهي. مون کي توتي ايمان ٿيندو هو. تون ٻين وانگر نہ آهين، تون مٽي آهين. بيحد محنت ڪش، پنهنجي مقصد ۾ مست، پر تون صفا هلڪت آهين. مون پوءِ ڏٺو. تون صفا هلڪت آهين. توکي هڪ ڪان پوءِ ٻي ڪپي. جيئن رسڪ طبيعت جي ماڻهن سان ٿيندو آهي. تون معمولي ۾ معمولي ماڻهن کان هيٺ آهين.

هُو ٻاهر ڪونگهرا ماري رهيو آهي، گهريءَ نند ۾. رات جا ٻه لڳا آهن. وچ ۾ هو ٻه دفعا اُٿيو. منهنجي ڪمري جي بتي ٻرندي ڏسي اندر آيو. هي ڇا، تون ايڏا جاڳي رهي آهين! نند نٿي اچي، مون آهستي چيو. هن گهڙيال طرف نهاريو. ٻه لڳا آهن، اڌ رات ٿي ويئي آهي، بتي وسائي اکيون بند ڪري سمهي پئہ، نند اچي ويندءِ. هاڻ ايتري خسيس ڳالهہ مان هن ڪي ڪيئن ٻڌايان تہ ڇا مون ڪي ايتري ٻہ خبر نہ آهي تہ جيڪڏهن مون ڪي نند اچي ها تہ بتي وسائي اکيون بند ڪرڻ ڪيتري نہ معمولي ڳالهہ آهي!

منهنجي انهن خوابن جو ڇا ٿيندو، جن جو واحد مرڪز تون هئين، رتن.

اَڄ سيتا آئي. هن کي ڏسي لڳو من ڏاڍو ڳورو ٿي آيو ۽ هن هلڪو ٽيڙ چاهيو. پر پنهنجي ڪٽنب جي ڳالهہ ڪٽنب کان ٻاهر... منهنجو چهرو ڇا ان ڪري اداس ٿي ويو (يا وڌيڪ اداس ٿي ويو) ۽ اکيون ڇا ان ڪري پرجي آيون تہ سيتا خود ڏسي ۽ خود پڇي تہ مون سان ڪهڙي ويڌن آهي؟ مان نٿي ڄاڻان. شايد مون 'اپراڌ پاونا' کان تہ گهر جي ڳالهہ گهر کان ٻاهر نہ وڃڻ گهرجي. پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ ۾، پنهنجي شڪل صورت ۾ تبديلي آندي هوندي (يا وڌيڪ تبديلي آندي هوندي) تہ جيئن هوءَ خود پڇي ۽ پوءِ مان من هلڪو ڪيان. سيتا منهنجي روئڻهارڪي شڪل ڏسي خود پڇيو (جيڪو مون خود چاهيو ٿي؟ ڇا هوءَ خود نہ پڇي ها تہ مان هن کي ٻڌايان ها؟ شايد نہ. شايد پوءِ ٻہ ٻڌايان ها. اڄ نہ ٻڌايان ها تہ ٻئي ڪنهن ڏينهن ٻڌايان ها. هن کي نہ ٻڌايان هاتہ ٻيءَ ڪنهن کي ٻڌايان ها. شايد ڪنهن ساهيڙيءَ کي نہ تہ ڪنهن مرد کي، رتن جي ڪنهن دوست کي، ۽ هن جي ڪيترن دوستن جي مان پاپي آهيان) تہ منهنجي منهن مان هڪ لفظ نہ نڪتو. سڏڪو نڪتو. صاف نہ. ڏهيل، سيتا صفا وائڙي ٿي وئي. ٻڌاءِ، ٻڌاءِ، چاهي، هوءَ بار بار پڇڻ لڳي، منهنجا ٻئي هٿ پڪڙي، ٻئي هٿ ڇڏي، ٻئي ڪلها پڪڙي، منهنجو سڄو طوفان هڪ ست ۾ نڪتو، مان برباد ٿي ويس سيتا، رتن... هو ٻيءَ ڪنهن کي پيار ڪرڻ لڳو آهي.

سيتا پڇيو، هو چا اڇڪلهه گهر ۾ نه رهندو آهي؟ مون چيو، نه. گهر ۾ ته رهندو آهي، پر ٻيءَ ڪنهن ڇوڪريءَ کي پيار ڪرڻ لڳو آهي. لڳو، سيتا جڻ هلڪي ٿي. هٽ پڪڙي چيائين، بس نه، ايتريءَ ڳالهه لاءِ ايتري پريشان ٿي آهين، مون سمجهيو، ٻيءَ ڪنهن کي جنهن کي پيار ڪرڻ لڳو آهي پڇائي ويو آهي ۽ اڇڪلهه گهر ۾ نه آهي. مان خود وائڙي هيس ته سيتا اهڙيءَ ڳالهه کي ايتري هلڪڙائيءَ سان کيڏن ٿي ڪٽي! تڏهن هن چيو، ٽن ٻارن جي ماءُ ٿي وئينءَ پر وڏي ڪڏهن نه ٿيندينءَ، چاليهه چڙهينءَ پر ايڏا تائين ٻار رهجي وئينءَ، مون کي شروع کان تو ۾ شڪ هو ته تون انهن زالن مان ٿيندينءَ جيڪي وڏيون ڪڏهن نه ٿيندیون آهن. حقيقت شناس ڪڏهن نه ٿيندينءَ. رتن جو بس ڏوهه آهي ته اهو آهي نه جو اهڙو چالاڪ نه آهي جو توکان ڳالهه لڪل رکڻ ۾ ڪامياب نه ويوآهي؟ ۽ انهن زالن جو چا جن کي خبر ئي ڪانهي ته سندن مڙس هڪ ننڍي نينڍي ڦاسائي وينا آهن؟ اڙي، توکي ته خوش ٿيڻ گهرجي، پڳلي ته گهوٽنيءَ جو اهو آخري عشق آهي، ان کان پوءِ هن جي عمر ئي نه رهندي جو ڪنهن سان عشق ٻشق ڪري، منهنجو مطلب آهي، اهو هڪڙو، آخري، ٻڌاپي کان اڳ، عشق ته هر مرد ڪندو آهي، نه ڪندو آهي ته موقعو نه ملندو اٿس، پر ان جو مطلب اهو نه آهي ته ڪرڻ نه چاهيندو آهي، گهٽو ڪري، اڇڪلهه ڪندو آهي جو موقعو ملي ويندو اٿس جو اهڙيون گهٽي ئي ننڍيون نينڍيون آهن جن کي پيءُ جو پيار نه مليو آهي يا جن جي پيءُ جو عڪس پيءُ ۾ نه مليو آهي. فرق فقط ڏگرين جو هوندو آهي ته اهو ڪيترو سنهو ٽلهو عشق آهي جنهن مان ڪو فرق نه پوندو آهي، چو ته هتان جي حالتن موجب ٻيءَ ڇوڪريءَ يا زال سان شادي ڪرڻ لاءِ اول ته طلاق ڪپي جو ڏکيو آهي، طلاق بنا جيئري تي جيئري ڇوريءَ کي پڇائي به ويندو ته هن مان پيدا ٿمام 'ريئر' ٿيندا آهن. ڳالهه ائين ٿيندي آهي، جو ڇوڪريءَ جي نيٺ هڪ ڏينهن شادي ٿيندي آهي، گهٽو ڪري، ڇوڪري خود ايترو منجهيل هوندي آهي جو چاهيندي آهي ته ان 'آگلي آفيئر' مان جلد جان - جند ڇڏائي وڃي قانوني ٻانهن ۾ ڪري، پنهنجي عشق تي آدرش جي تيل مالش ڪري - ۽ مزو اهو آهي جو گهٽين حالتن ۾ هنن جا مڙس به آسان جا باقاعدي شادي شده مڙس يعني هنن جا عاشق ڏسي ايندا آهن.

مون لاءِ اها نئين ڳالهه هئي. مون کي پاڻ تي بانور هو، ايڏا به آهي (هنڊ گهرجي؟) ته مان - جنهن لاءِ پريم هڪ مهان آنيڙ رهيو آهي، جنهن آنيڙ کان وڌيڪ هن سرشتي ۾ ڪا سريشت ڳالهه نه آهي - پرش ذات کي چگيءَ طرح سڃاڻان. ته چا

منهنجو اهو سڄو بانور ٻي بنياد رهندو آيو آهي، هيل تائين؟ مختلف جنسن کي سڃاڻڻ ۾ مون ڇا ڪٽي غلطي ڪئي آهي؟ (سيتا جي چوڻ موجب مون پيار جي فطرت کي سڃاڻڻ ۾ غلطي ڪئي آهي) هو ڇا سڀ اهڙا هوندا آهن، ساڳيا، ۽ تہ، ڇا رتن ٻہ، تنهن ڪري علحدو نہ آهي؟ ڀَالهہ جي ڪلپنا ڪندي ئي، ان جي هٿ جي سمپاونا ئي مون کي منهنجي جيون جي سڀ ڪان وڏي وشواس کي ڪٽي ڦٽو ڪري ڇڏي ٽي.

سيتا سياڻي ايندي؟ هن ڇا ائين چيو هو، مان ياد ڪرڻ ڇاهيان ٿي، جيڪڏهن مان ڪجهہ ٻہ ڪرڻ ڇاهيان ٿي تہ مون کي لڳندو آهي تہ مان ڪجهہ ڪرڻ نٿي ڇاهيان، ياد ڪرڻ جي حد تائين ۽ پوءِ ٻہ مان ڏسان ٿي تہ مان ياد ڪرڻ ڇاهيان ٿي تہ هن ڇا ائين چيو هو؟ يا مان ڇاهيان ٿي، هوءِ سياڻي ٻہ اڇي تنهن ڪري مان ياد ڪرڻ ڇاهيان ٿي، جيتوڻيڪ اهو صاف ظاهر آهي تہ هيترا ڏينهن مون سوچيو ٻہ نہ هو سيتا کي ڪٽي تہ هوءِ هيترن ڏينهن کان آئي ڪانہ هئي. هن جو اَڇڻ، ڪنهنجي ٻہ اڇڻ جيان محض ان لاءِ آهي تہ هوءِ پنهنجي دل جو ڪوبہ بار منهنجي اڳيان اڇلي سک ۽ آنند حاصل ڪري، مان هن لاءِ شخص نہ پر هڪ ذريعو آهيان، استعمال ڪرڻ جو ذريعو، جيئن مان هن کي ذريعو ڪري استعمال ڪرڻ ڇاهيان ٿي، اسان ٻنهي جي خود مطلبي آهي تنهن ڪري اِن ۾ خود مطلبي آهي تہ اسان ٻيئي هڪ ٻئي طرف هڪ ٻئي جي خود مطلبي نٽيون ڏسون، نہ ڏسڻ ڇاهيندیوسين.

منهنجو هٿ ڏکي رهيو آهي.

منهنجو هٿ ڇو ڏکي رهيو آهي؟

ڊاڪٽر، منهنجو هٿ ڇو ڏکي رهيو آهي؟

ڪڏهن کان؟

ڪالهہ کان. ڊاڪٽر.

مون کي سمجهہ ۾ نٽو اچي. شايد جنرل ويڪنيس. تون تمام گهٽي ريڊيوس ٽي ويئي آهين.

مون کي کاڏو نٽو وڻي. هاضمو خراب آهي. ڪجهہ ٻہ هضم نٽو ٽئي. رات جو ننڊ نٽي اچي. رات جو دير کان پوءِ -

مون توکي چيو هو تہ نروز کي 'سود' ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن بي ڪامپوز جي هڪ گولي وٺندي ڪر.

مان تہ روز وٺندي آهيان. ڪيترا دفعا هڪ کان ٻہ وڌيڪ. منگل ٽي ٽي ورتم.

ٻڌر تي چار. وسپت تي وري ٽي.

او، ماءِ گاڊ، يُو فنش يوئر سيلف. هيتريون گوريون ڪنهن ڇيو توڪي وڻڻ لاءِ! مون ته هڪ رڪمينڊ ڪئي هئي سا به لاچار، اتفاقي، جڏهن نندِ جو خيال اصل نه ٽئي.

نندِ جو خيال مون کي اصل نڻو ٽئي. ڊاڪٽر، تنهن ڪري.

نو نو ماءِ چائيلڊ يُو ول فنش يوئر سيلف.

آءِ ايم الريڈي فنشڈ. مان هاڻي ئي ختم ٽي چڪي آهيان.

رتن تون ڪٽي آهين؟ مون کي نه بچائيندين رتن؟ مان هاڻ ئي ختم ٽي چڪي آهيان. رتن تون ڪٽي آهين؟

"تون ڪوڙو آهين."

"تون آزار آهين."

"تون ڪوڙو آهين، مان تنهنجي شڪل به ڏسڻ نٽي چاهيان."

"مان تنهنجي شڪل به نڻو ڏسڻ چاهيان."

"ڪيئن ڏسڻ چاهيندين؟ تنهنجون اکيون ته بس هڪ شڪل کي ڏسن ٽيون."

"گهٽ ۾ گهٽ اها تنهنجي شڪل نه آهي."

"اها منهنجي شڪل ڪيئن هوندي؟ اها شڪل ته خوبصورت آهي، جوان آهي - ۽ وڏي ڳالهه نٽين آهي."

"هاڻ پنهنجو فيورٽ لفظ يوز ڪر - فلٽنڊرز"

"ها، ها، تون فلٽنڊرز آهين. فلٽنڊرنگ تنهنجي سياڻ جو حصو آهي. مون کان اڳ ٻي هيئر. ان کان اڳ ڪا ٻي."

"هاڻ واري شڪل کان پوءِ به ٻي هوندي."

"ضرور ٽيندءِ. تون ٽڪجڻ وارو نه آهين. تو کي نت نٽين کپي."

"چگو بتي وساءِ، مان ٽڪل آهيان."

"چو چو بتي چو وسايان؟ تون ته ترپٽ آهين. نندِ ڪري سگهين ٿو. مون کي نندِ نصيب ناهي. تون به جاڳ. مان توکي به نندِ ڪرڻ نه ڏيندس. مان توکي به سڪ سان سمهڻ نه ڏيندس."

"تنهنجو دماغ خراب ٽي پيو آهي."

"منهنجو دماغ خراب ٽي پيو آهي."

"شڪر آهي جو قبول ته ڪرين ٿي."

"منهنجو دماغ تو خراب ڪيو آهي."

"ڪيئن؟"

"مان ساڳي ڳالهه ڏهرائڻ نٿي چاهيان."

"مهرباني."

"تون ان نياڳيءَ کي نه چڏيندين."

"ڏس تون ساڳي ڳالهه ڏهرائي رهي آهين."

"تون مون کي ختم ڪري ئي رهندين."

"ڪير به ڪنهن کي ختم نه ڪندو آهي، جيسين ماڻهو پاڻ تيار نه ٿئي ۽ تون پاڻ کي ختم ڪرڻ لاءِ سنيري آهين."

"يعني تنهنجي مرضي آهي مان اکيون بند ڪري وهان. ڪجهه نه ڏسان. ڏسڻ ۾ اچي ته پاڻ کي دوکي ۾ رکان ته ڪجهه نٿي ڏسان."

"نه، فقط اهو نه ڏس جيڪو آهي ئي ڪونه."

"تنهنجو مطلب آهي ته مان ڏسان وينو ته هوءَ آهي پر مان ڏسان ته هوءَ آهي ئي ڪانه."

"ڳالهه ڦري ڦري وري اتي ئي پهچي ٿي. مان - منهنجو مطلب آهي ته تون فقط ڳالهه کي وڌائي نه ڏس."

"مان وڌائي ڪٿي ٿي ڏسان. مون ائين ڪٿي چيو ته توکي هن سان سمهڻ جو موقعو ملي ويو آهي. توکي هن سان سمهڻ جو موقعو ايڏا نه مليو آهي، مان اهو ڏسان تون اهو ٿو چاهين نه؟ پر مون کي ته ان لاءِ به اعتراض نه آهي. هتي ته اصل ۾... اصل ۾..."

"اصل ۾ ڇا؟"

"تنهنجو من ڦاٽو آهي."

جسم هلي ويندو آهي ته عورت، منهنجو آزمودو آهي، اهو به برداشت ڪري ويندي آهي، پر هن جو مرد ڪنهن سان محبت ٿو ڪري، ڪنهن ٻيءَ عورت کي دل ڏيئي ويٺو آهي، اهو هوءَ برداشت نه ڪري سگهندي آهي.

"سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. خواه مخواه تون پاڻ کي ستائي رهي آهين. ۽ مون کي به. اصل ۾ ڏسجي ته ڳالهه ۾ ڪجهه نه آهي. مان ته ايڏا هن گهر ۾ آهيان نه."

"ها، چاڪاڻ ته هوءَ پنهنجي گهر ۾ آهي."

"تون چڏيندين ڪانه، هن گهر کي تباهه ڪري رهندين."

"مان يا تون."

"تون."

"تون."

"تون."

"تون."

منهجي ان 'تون' سان گڏ گويا سڄو گهر لڏي اُٿيو ۽ ترنت منهنجو سڄو سرير ڏکڻ لڳو.

"چگو"، هن چيو. "بس. مون هار مڃي. مڃيم ته مان ئي گهر کي تباهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو آهيان. مڃيم ته مان توکي نٽو چاهيان..."

"وڌيڪ نٽو چاهيان." مون هن کي درست ڪرڻ چاهيو.

"ها پائي، مڃيم ته مان توکي وڌيڪ نٽو چاهيان. ڪنهن ٻيءَ کي چاهيان ٿو. هوءَ جوان آهي، مان ڪٽريڪٽرليس آهيان، لوپي، هميشه نئين جي تلاش ۾، فلٽنبرز، فلٽنبرز، فلٽنبرز."

"بس، ائين چئي جند ڇڏائي ويندين ۽ بتي وسائي ڇڏيندين ۽ سمهي پوندين. هان وڃ، مان ٽي بتي ٻاريان. ڏسان تون چا ٿو ڪرين. تون بتي وساءِ ۽ ڏس ته سڄو گهر ٻاري ڇڏيان ٽي يا نه. مان ڏسڻ ٽي چاهيان. نه نه، مون کي پاڙي ٻاڙي جو ڪو خيال ڪانهي. مون کي سڀ سجاڻن. توکي به سڀ سجاڻن ته تون ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهين."

"پر وڌيڪ توکي چا کپي. مان ته سڀ قبول ڪري ويٺو آهيان. هاڻي مون کي سمهڻ ڏي. سياڻي ڪم تي وڃڻو آهي."

"بس، ائين جند ڇڏائي ويندين ۽ بتي وسائي سمهي پوندين ۽ صبح جو ڪم تي ويندين ۽ وري رات جو موٽندين ۽ مان رات به سمهي نه سگهيس، مان ڪيتريون راتيون نه سمهي آهيان، مون کي ڏينهن جو به سک آرام نٽو ملي، مان مري ويندیس ۽ تون خوش ٿيندين، تون چاهين ٿو ته مان مران ۽ تنهنجا دروازا کلن، تون آزاديءَ سان ان نياڳيءَ کي وٺي نئون گهر ٺاهين، هن ئي گهر کي نئون گهر ٺاهين. تون سمجهين ٿو ٻارن کي هوءَ سنياڻي وٺندي، تنهنجي اکين تي اَنڌ چڙهيل آهي، تون سڄي گهر کي پنهنجي ٻارن کي تباهه ڪرڻ لاءِ به تيار ٿيو آهين، ڪهڙي به قيمت تي هوءَ توکي کپي هڪ نئين جوان تون..."

"تو هن کي ڏٺو آهي؟"

"ان لاءِ ته توکي ٻڌايان ته تنهنجي پسندي ڪيئن آهي؟"

"نه، مون فقط جاڻڻ چاهيو تو هن کي ڏٺو آهي؟"

"تو سان گڏ؟"

"ڪيئن به."

"توکي خبر نه آهي؟"

"مون کي خبر آهي."

"ته؟"

"هڪ دفعي کان وڌيڪ تو هن کي ڏٺو آهي."

"سوچا؟"

"توکي ڪيئن ٿو لڳي؟"

"تنهنجو مطلب آهي ته مون کي ڪيئن ٿي لڳي؟"

"نه، منهنجو مطلب آهي، هن کي ڏسڻ کان پوءِ به توکي اهو شڪ ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته اسان ٻيئي اهڙو ڪو قدم کڻنداسين جيڪو..."

"تنهنجو مطلب آهي اهڙو قدم کڻڻ جي، تون جاڻڻ ٿو چاهين، جيڪڏهن مون هن کي ڏٺو آهي ته، جنهن جي توکي خبر آهي ته مون هن کي ڏٺو آهي يا نه، ڪٿي ڪٿي، ڪيترا دفعا، اڪيلي، ۽ تو سان گڏ، هن کي همٿ ٿيندي يا نه. ته پڻ، هتي تنهنجي همٿ جي نه، هن جي همٿ جي ڳالهه آهي."

"تنهنجو مطلب آهي ته فقط منهنجي همٿ هڻڻ سان قدم کجي سگهندو؟"

"پر تون چاهين ته ٿو نه ته قدم کڻڻ لاءِ تو هڪ ٻه همٿ نه هجي ته سڀ."

"منهنجي فقط چاهڻ سان ته قدم کڻڻ لاءِ مون هڪ ٻه همٿ نه هجي ته سڀ يعني اهڙي همٿ هن ٻه به هجي ته سڀ ته تون سمجهين ٿي ته قدم کجي ويندو؟"

"کجڻ کان پهرين کجڻ جي خواهش کافي نه آهي؟"

"'کافي' جو تنهنجو مطلب آهي تنهنجي هن طرح ڏانواڪول ٿيڻ جو 'سبب'؟"

"ها."

"ائين خواهش جو ئي سوال آهي ته خواهشون ته ڪيترن ئي قسمن جون ٿينديون آهن، جيڪي پوريون نه ٿينديون آهن پر محض انهن جي هڻڻ سان ئي ڏانواڪول ٿيڻ..."

"پهرين ٻڌاءِ تون نٽو چاهين ته اهڙي همٿ تو جهڙي همٿ هن ۾ به هجي ته تون..."

"مڃ ڪٽي ته اهڙي خواهش مون ۾ هجي به ته..."

"ان حالت ۾ حال ائين ٿيندو آهي جيئن تنهنجو ٿيو آهي."

"چو، مون کي پڪ آهي ته مان ٺيڪ آهيان."

"مان ائين نٽي چوان ته تون ٺيڪ نه آهين، تون ٺيڪ ڪان وڌيڪ ٺيڪ آهين، تنهنجو فقط سرير هتي آهي."

"تون ڪيئن ٽي چوين؟"

"انهن ڳالهين ۾ ثابتيءَ جي ضرورت نه هوندي آهي، جيتوڻيڪ ثابتي مون وٽ هڪ ڪان وڌيڪ آهي."

"مان ڇا ڪريان جو تون مون کي سمهڻ ڏين؟"

"اهو تون ڪري نه سگهندين."

"چگو تون جيئن چوندينءَ تيئن ٿيندو پر هڪ شرط تي ته هن وقت ڪجهه نه چوندينءَ، وڌيڪ هڪ لفظ نه ڳالهائيندينءَ ۽ چپ چاپ سمهي پوندينءَ."

"مون کي نند نه ايندي."

"هل، منهنجي ڇاتيءَ ۾ هلي منهن لڪائي سمهه. نند اچي ويندءِ!"

مون ميڇيو. اهو مون خود به چاهيو ٿي. مان ٽڪجي پيئي آهيان. ڳالهائي ڳالهائي. سوچي سوچي. ثابتي ڏسي ڏسي. مان ڏسڻ ٿي چاهيان ته اِهو منهنجو ڏسڻ صفا غلط آهي، مون کي شانتي ڪپي. مان ڪجهه ياد نٽي ڪرڻ چاهيان. مان پلجي وڃڻ چاهيان ٿي، جيڪو بار بار ياد اچي رهيو آهي. هيءُ منهنجي من تي پيل بوجو ڪيئن ٽٽندو؟ سڪ. ساهه جو برابر ڪڍڻ. سٽي، گهري نند. اهو مون خود به چاهيو ٿي. ٽيو به ٿي. مليو به ٿي. يا مون چاهيو ٿي، تنهنڪري ائين ٽيو به ٿي، مليو به ٿي، پر ڪيستائين؟ هڪ وڌيڪ ثابتي ملڻ تائين...

مان هن جي ڇاتيءَ ۾ منهن لڪائي سمهي رهيس پر مون اَلڙ چاهيو ته هو مون کان ڪٽجي ويو آهي يا مان هن کان ڪٽجي ويئي آهيان يا هو مون کان ڪٽجي ويو آهي، تنهن ڪري مان هن کان ڪٽجي ويئي آهيان يا مان هن کان ڪٽجي ويئي آهيان، تنهن ڪري هو مون کان ڪٽجي ويو آهي. هن چيو ته تون جيئن چوندينءَ تيئن ٿيندو پر مون کي سڌ آهي ته تيئن نه ٿيندو، جيئن ٿيندو رهيو آهي ۽ جيئن ٽي رهيو آهي تيئن، ٿيندو رهندو. اِها منهنجي بدنصيبي آهي جو منهنجو مرد انهن،

گهڻن مردن مان نہ آهي جيڪي اهڙن معاملن ۾ هڪ وار پڪڙجي پوڻ بعد بروقت بند ڪري ڇڏيندا آهن ۽ نہ ئي، اِها به منهنجي بدنصيبي آهي جو منهنجو مرد انهن مردن مان آهي، جيڪي اهڙن معاملن ۾ هڪ وار پڪڙجي پوڻ بعد وڌيڪ هوشيار ٿي ويندا آهن، ٿورا ڏينهن خود کي گنهگار سمجهي يعني سمجهيو وڃڻ لاءِ گهر ۾ گم سم رهندا آهن، ويچارا ويچارا ٿي ويهندا آهن، اُهي اڳيون گهٽيون رستا هوٽلون چڏي ڏيندا آهن، خط ۽ ٻيون نشانيون قاڙي چڏيندا آهن، شڪي قسم جا ٽيليفون نمبر ڊائريون مان گم ڪري چڏيندا آهن، وقت به وقت ٽڏا شوڪلرا پري پنهنجي غلطيءَ جو سڏي اڻ سڏيءَ طرح احساس ڪرائيندا آهن، جيتوٽيڪ هنن جو معاملو جاري رهندو آهي، پر رتن اهڙو ڪجهه به نہ ڪري سگهندو آهي، خط ۽ ٻيون نشانيون گهٽو وقت لڪائڻ ۾ ڪامياب نہ وجي سگهندو آهي، منهنجي ڪيتري به ڪڙي نظر رکڻ سان ڪٽي نہ ڪٽي پڪڙجي پوندو آهي، ڪنهن پڻي ٽڪر جي ڪري، ڪنهن فون نمبر جي ڪري، منهنجي پيڇ تي ته هو ڪٽي هو ڪوڙ ڳالهائڻ جي ڪري، تازي ڪڊايل چيڪ جي پنسن بابت هڪ ٻئي سان اڻ ٺهڪندڙ سببن ۽ خرچ جي تفصيلن ٻڌائڻ ۾، ڪتاب يا نوٽ بوڪ جي ڪنهن ڪنڊ ٿي 'هن جي' نالي يا نالي جي پهرين اکر لکڻ ۾، هن جو پڪڙجي پوڻ مون لاءِ پيڙا ڪٽي اچي ٿو، تنهنڪري هن جو پڪڙجي پوڻ به منهنجي بدنصيبي آهي، اِن پيڙا کان بچڻ لاءِ مون چاهيو آهي هو نہ پڪڙجي، انهن مردن مان هجي جيڪي لڪائڻ ۾ هڪ دفعو پڪڙجي پوڻ بعد لڪائڻ ۾ ڪامياب ويندا آهن، سچ ته مون، ان پيڙا کان بچڻ لاءِ، ان لڳاتار درد کان بچڻ لاءِ، ان ڊپ کان ته (۽ اِن ڊپ ۾ منهنجو يقين به شامل هوندو آهي) هو پڪڙجي نہ پوي، پنهنجي ڪڙي نظر ڪيترا دفعا ڊلي به چڏي آهي ۽ پوءِ به ڪٽي نہ ڪٽي ڪا ڳالهه ملندي آهي، ڪلندي آهي، گهر کان ٻاهر، گهر جي اندر جيڪا هڪ کان وڌيڪ ٽابتي هوندي آهي، مون هڪ کان وڌيڪ دفعا هن جي معاملي کي پنهنجو هڪ خراب خواب مڃي خود کان اَلڳ به چاهيو آهي، ۽ مون کي خبر آهي ته مان ڳالهه کي دهرائي رهي آهيان، غير ضروري طرح، گهٽي حد تائين اِها تهمت سچي آهي ۽ اگر لڳائي ويندي ته جيڪا لڳي ٿو ته لڳائي ويندي، مان خود ان کان خبردار آهيان، دهراءُ ڳالهه جو دم ڪيڊي چڏيندو آهي ۽ منهنجي ڳالهه ۾ ۽ ان جي دهراءُ ۾ ڪو سلسلو به نہ آهي، مان سڀ سمجهان ٿي، پر اِهو سمجهڻ گهرجي ته مون کي ڳالهيون رکي رکي ياد اچي رهيون آهن، انهن جي جڙ ۾ مون وٽ ڪو سلسلو نہ آهي، ليڪن تهمت لڳائڻ کان اَول دل تي هٿ رکي ڏسڻ سان بي انصافي ڪرڻ

کان پاڻ بچائي سگهجي ٿو. مون سان بي انصافي ڪرڻ کان، جنهن جي هستيءَ جي معنيٰ ئي کسي ويئي هجي، جنهن جي زندگيءَ جا بنياد ئي ڏوڏيا ويا هجن، هڪ اهڙي شخص جي مانسڪ استحصال کي ڏيان ۾ رکڻ سان ڏهراءُ جي تهمت بي انصافي لڳندي، ۽ تنهن کان سواءِ، جيڪڏهن هن معاملي کي، يا ٻيءَ طرح هن طرح جي معاملي کي صحيح صحيح لفظن ۾ چٽڻو آهي ته، جيڪا مان سمجهان ٿي منهنجي مراد آهي ۽ مان سمجهان ٿي ته شروع کان سمجهي ويئي آهيان ته منهنجي اها مراد آهي، جيتوڻيڪ لکندي لکندي مون کي پنهنجي هيءَ سڄي ڪوشش بي معنيٰ لڳندي رهي آهي، پنهنجي هيڻڪ جي ڪوشش جيان بي معنيٰ، جنهن جي پٺيان، جيئڻ ۽ لکڻ جي ڪوشش پٺيان منهنجو هڪ لڳاتار شڪ رهيو آهي ته ڪٽي سين لفظن ۾ سپ کان 'غلط' لفظ 'صحيح' لفظ ته نه آهي، ۽ رکي رکي جڏهن به اهو شڪ مون کي شدت سان کائيندو رهيو آهي، مون کوشش به چڏي پٺي ڏني آهي، جيئڻ جي ۽ لکڻ جي. نتيجي طور، وري جڏهن مان پنهنجي لکڻ وٽ واپس موٽي آئي آهيان ۽ مون ڪيترا دفعا چڏيو آهي ۽ ڪيترا دفعا واپس موٽي آئي آهيان، مون کي وچ ۾ خال ئي خال نظر آيا آهن. مون کي بار بار پٺيان وڃڻو پيو آهي، بار بار اڳيان وڌڻو پيو آهي. تنهن ڪري سلسلو، ڪنلينڊرن ۽ تاريخن تي هلندڙ، مون لاءِ ممڪن نه بڻجي سگهيو آهي. مان شڪل جا ڪي نشان ئي چٽي سگهان ٿي، سڄي شڪل منهنجي اڳيان به چٽي نه آهي. مثال طور، مون جڏهن هن جي 'هن کي' کي ڏٺو هو ته منهنجو هن کي ڏسڻ ٻيون دفعو هو، پر اهو مان ان وقت، عين موقعي تي ياد نه ڪري سگهي هيس ته پهريون دفعو هن کي ڪٽي ڏٺو هيم. جيتوڻيڪ مون کي پڪ هئي ته اها شڪل منهنجي ذهن ۾ چپجي ويئي هئي، پهريون دفعو ڏسڻ سان ئي چپجي ويئي هئي، ڪنهن اهڙي هنڌ، اهڙي سلسلي ۾ اُها شڪل منهنجي سامهون آئي هئي جو ان کي پلجي وڃڻ مون لاءِ ممڪن نه هو ۽ تنهن هوندي به ٻيو دفعو هن کي ڏسڻ سان مون کي هن سان پهرينءَ ملاقات بابت ياد نٿي آيو. اهڙيءَ طرح جا انيڪ تفصيل ڪتل نظر ايندا، گهٽن هنڌ مون پنهنجي ڪلپنا کان ڪم ورتو هوندو، ڪيترن هنڌ پنهنجي خوشفهمين کان، ڪن هنڌ پنهنجي شخصي بغضن کان. جتي جتي ڪلپنا، خوش فهمي ۽ بغض آيو هوندو، اتي اتي هن سڄي معاملي بابت مون کان بي انصافي ٿي هوندي، بعضي رتن طرف، بعضي رتن جي 'هن' طرف، پر ان سپ سان بنيادي ڀالهه بدلجي نٿي ته هڪ (وڌيڪ) پٽيءَ پنهنجي زال کي هڪ (وڌيڪ) دوکو ڏنو آهي...

۽ تون، رتن، مون کي ڪڏهن دوکو نہ ڏيندو رهيو آهين، نہ. ائين منهنجو چهو ڪرڻ سان ڪجهہ نہ ٽيندو، مان جاڻان ٿي، تون چا ٿو چوڻ چاهين، تہ مان ڪجهہ بہ نٿون نٿي چوان، ساڳي ساڳي ڳالهہ چئي رهي آهيان، چوندي رهي آهيان تہ تون مون کي دوکو ڏيندو رهيو آهين پر، جيڪڏهن اهو سچ آهي تہ مان توکي ساڳي ساڳي ڳالهہ چوندي رهي آهيان، جيڪو مان ميان ٿي تہ سچ آهي تہ تون بہ ساڳي ساڳي ڳالهہ ڪندو رهيو آهين، مون سان ڏوهہ، هڪ دفعو نہ، ڪيترا دفعا، شاديءَ کان پوءِ، جيتوڻيڪ شاديءَ کان پهرين بہ تنهنجا اهي ساڳيا لاڻون هلندا رهيا هٿا پر منهنجو انهن سان ڪو واسطو نہ آهي، چو تہ اهو تنهنجو ماضي آهي، جتي مان نہ هيس پر شاديءَ کان پوءِ توکي سڏري هلڻ گهربو هو، خاص ڪري منهنجي سياءَ کي ڪٽي، مون جهڙي عورت کي هم ساٿڻ بڻائڻ بعد جنهن لاءِ هڪ اڇيان سپ ڪجهہ نچاور ڪرڻ ۽ پنهنجو سجو پيار ڏيڻ ئي جيون - موکش آهي. شاديءَ بعد بہ، تو شايد، وچ ۾ بہ ٽي سال، پر وڌ ۾ وڌ ٽي سال پنهنجي جذباتي - چنچل - رومانٽڪ - ڦرٽي گهرٽي - موڊي - جلد ئي اتساهہ ۾ ايندڙ ۽ جلد ئي ٽڪجي ٽڪو ٽي ويندڙ - بي آرام - بي چين - ڪنهن نامعلوم جي تلاش ۾ سرگردان - ائڊوينچرس - سپ ڪجهہ ڏيئي چڏيندڙ ۽ سپ ڪجهہ کسي چڏيندڙ - جيءُ پري راند ڪندڙ ۽ جلد ڪٽي ٽي ويندڙ سياءَ کي ڪٽي اٽڪڻ نہ ڏنو هو. شايد، مون ۾ ايڏا کي صفحا هٿا، جيڪي تو لاءِ صاف نہ هٿا. مون ۾ ڪن پرولين ايڏا توکي وندرائي رکيو هو. مون طرف پنهنجي راند مان ايڏا تنهنجي دل ڪٽي نہ ٽي هئي. جيتوڻيڪ، مون کي هاڻ ياد اچي رهيو آهي ۽ مان عجب ۾ آهيان تہ مون ان وقت ڏيان چو نہ ڏنو ۽ مون کي لڳي رهيو آهي تہ مان ڪوشش ڪنديس تہ مون کي گهٽو ڪجهہ ياد ايندو، انهن ٽن سالن ۾ بہ کي اهڙا ڏينهن آيا هٿا، کي اهڙيون راتيون جو اوجتو تون مون طرف اجنبي ٻڌجي ويندو هئين، مان فقط، انهن گهڙين ۾، سمجهان ٿي، جنهن ۾ غلط بہ ٽي سگهان ٿي، ڪنبي ويئي هوندیس، ڪنهن غيبي ڊپ کان، ها، مون کي ياد آهي، گويا تون ڪٽي گم هئين، منهنجي موجودگيءَ، هستيءَ کان غير واقف، شايد خود کان بہ غير واقف، ڏونڏاڙيو هو ۽ جنهن نظر سان تو مون طرف نهاريو هو، اُها نظر گهٽن ڏينهن تائين منهنجي اڇيان ترندي رهي هئي. تڏهن مان توسان وڌيڪ چهٽيل رهڻ چاهيندي هيس، ننڍ ۾، تو طرف منهنجو پاسو ٽڪجي بہ پوندو هو تہ ڪنهن خوف کان پاسو ڪانہ بدلائيندي هيس ۽ جڏهن، تون مون طرف پنهنجو پاسو ٽڪجي پوڻ سبب بدلائيندو هئين تہ ان ساڳي خوف کان، جنهن کي مان ڪڏهن بہ نالو نہ ڏيئي سگهي

هيس، پنهنجو هڪ تنهنجي چاتيءَ تي رکي چڌيندي هيس، اهو هڪ جڏهن ٿون پري کندو هئين يا خود به خود، ننڊ ۾. کسکي ويندو هو ته مان جاڳي پوندي هيس، توکي ننڊ ۾ به ڏسندي رهندي هيس. کيترا ڀيرا اُٿي بتي ٻاري ۽ پوءِ وري سمهڻ وقت وري پنهنجو هڪ تنهنجي چاتيءَ تي رکي چڌيندي هيس. اهڙي مرد مان، دائمي سک ۽ وفا جي اُميد ۽ تقاضا رکڻ عورت جي کيڏي نه وڏي ناداني هوندي آهي ۽ مزي جي ڳالهه اِها هوندي آهي ته اهڙي مرد تي ئي زالون مرندیون آهن ۽ پوءِ، اڳتي هلي، سڄ پڄ مرندیون آهن. اِها حقيقت، هڪ عمومن سطح تي، گهڻن شخصن گهڻن هنڌ پڙهي هوندي، ليکن، مون ان کي نج ذاتي سطح تي ڏٺو آهي. پهرين مان خود حيرت ۽ فڪر ۾ هوندي هيس ته نيٺ به مون هن ۾ ڏٺو ڇا هو، پر منهنجو اِهو فڪر، شاديءَ جي ٽن سالن بعد ۽ ٽن سالن بعد جي سالن بعد، جڏهن مون ڏٺو، هن کي پکڙيو، هڪ کان وڌيڪ دفعا، ته مان هڪ اڪيلي نه هيس، جنهن پهرين هن ۾ ڪجهه ڏٺو هو، ڪجهه کان وڌيڪ ڏٺو هو، تمام گهڻو، سين گڻن کان پرپور، مون کان سواءِ ٻيون به ڪيتريون هيون جيڪي پنهنجي پنهنجي حالتن ۾ جوکم کڻڻ جي حد تائين هن طرف کينچجي آيون هيون. مان سڄ ته اِهو، ايڏا تائين سمجهڻ کان اَسمرٿ رهي آهيان. اِهو صحيح آهي ته غريب هو پهرين به نه هو، ليکن دنيوي حاصلاتن جي نالي ۾ هن وٽ پهرين به هاڻي جيترو هو، يعني گهڻو ڪڏهن نه رهيو آهي، هن کان گهڻو وڌيڪ مون لاءِ گهڻن وٽ هو، اِها ڳالهه مان دعويٰ سان چوڻ لاءِ تيار آهيان. ڪڏهن ڪڏهن مون کي اِهو به افسوس ٿيندو رهيو آهي ۽ تنهن سان گڏ يقين به، جيتوڻيڪ افسوس ڪرڻ جا مون وٽ کيترا سبب آهن پر مان مڃان ٿي ته يقين ڪرڻ پٽيان مون وٽ کي به ٺوس سبب - ثبوت نه آهن ته مائٽن جي پسند کيل کيترن ئي چوڪرن مان کنهن به هڪ سان منهنجي وياهت - جيون وڌيڪ سکي ۽ سهولت پري رهي ها. چو، هو وڪالت پڙهندڙ يا ڊاڪٽري پڙهندڙ مون کي ڇا ۾ گهٽ رکي ها؟ هت مان فقط گهر جي مالڪڻ آهيان، باقي پنهنجي مڙس جي دل جي مالڪڻ، ها، رتن جي دل! اها هڪ، ۽ منهنجي سوچيل تشبيهه خود مون کي ئي کل ۾ وجهندي آهي، کنهن ملڪ جي هڪ اهڙي سرحد آهي جيڪا بيحد ئي سڻيي آهي ۽ سڀ ملڪ ان کي هڙپ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آيا آهن، فرق آهي ته فقط ايترو جو اها سرحد ٻين ملڪن کي جيڪر ڪاهي وڃڻ جي دعوت نه ڏئي ۽ هيءَ دل، رتن جي دل خود ڪاهي وڃڻ لاءِ تيار رهندي آهي، پهرين، مون کي ياد آهي، شايد جڏهن پهريون دفعو، شاديءَ جي ٽن سالن بعد،

مون هن کي پڪڙيو هو، مون ائين سوچيو هو ته ان ۾ رتن جو نہ، اُن عورت جو قصور آهي، هوءَ خودبخود رتن طرف ڇڪجي آئي هوندي، رتن اهڙو نہ آهي جو ڪجهہ ڪري يعني هن کي پاڻ طرف ڇڪڻ جا کي بہ سڌا اڻ سڌا طريقا اختيار ڪري؛ ٻوءِ جڏهن ساڳيو ناٽڪ، ٽوري عرصي کان پوءِ وري شروع ڪيو ويو، بنا شڪ جي ٻيءَ عورت سان، تڏهن مون محسوس ڪيو ته منهنجي سوچڻ ۾ غلطي هئي. هن شخص سان ڪجهہ بنيادي طرح غلط هو. هوءَ، پهرين عورت بہ، خودبخود هن طرف نہ ڇڪجي ويئي هوندي ۽ رتن طرفان ڪي اشارا- اڪين معرفت ڪي خالص اَدائون - ضروري نہ آهي، ان عورت 'طرف' ڪيل- نہ، رتن ڪڏهن بہ اهڙو هلڪت نٽو ٿي سگهي- ليڪن ان عورت 'لاءِ' ڪيل- يا کي بہ لفظ، ڪنهن خالص انداز ۾- يا هٿ ۾ پڪڙيل ڪنهن بہ چيز کي ڪنهن نرالي ڍنگ سان جهلڻ، رکڻ، ڏسڻ سان- صاف آهي ته مان خود بہ صاف نٽي ٻڌائي سگهان. ۽ پوءِ بہ مون کي پورو وشواس آهي ته اهڙين نندڙين نندڙين حرڪتن سان اسان زالن کي هر ڪائڻ جي ماهريت رکندڙ رتن جهڙا شخص موجود آهن. ٽورا آهن، ليڪن موجود آهن.

۽ مون کي تون اڄ بہ چا سمهاري سگهئين؟

تون نند ۾ آهين، مان جاڳي رهي آهيان، جلي رهي آهيان.

چا، هيءُ ئي، پاڻ ۾ بيحد ترپت، اُهو شخص آهي جنهن کي مون سڀ ڪان مٿي سمجهيو هو؟ تڏهن سڀ ڪان مٿي، هاڻي سڀ ڪان هيٺ. ڪيئن ٿي ويو؟ پر سڀ ڪان مٿي ڪيئن ٿي ويو هو؟ هن ۾ مون چا ڏٺو هو؟ جيترو مان وڌيڪ ان سوال سان وڙهي آهيان، اوترو وڌيڪ ان سوال کان مون هارايو آهي. شايد سيتا سچ چيو هو ته اسان هميشه سمجهندا آهيون ته اسان جو محبوب سڀ ڪان مٿي آهي، اهڙي ڪامن سينس وڃائڻ بنا، ايتري حد تائين بيوقوف ۽ اَنڌو ٻڌجي وڃڻ بنا پيار ٽيڻ ممڪن ئي نہ آهي. مان جڏ هاڻ بہ سيتا کي، انهن ستن بعد، چانهہ پيئندي، چوندو ٻڌي رهي آهيان، "نظرن کي اِها سائيءَ جي بيماري نہ ٽئي ته پيار بہ نہ ٽئي، منهنجي سياڻي- اِياڻي راڻي!"

نند نٽي اچي.

نند نٽي اچي.

نند نڻي اچي.

وچ واريون راتيون به نند نه آئي. ڏينهن به اناسن ۽ بام جي وچ ۾ ڦٽڪندي گذريا.

ڊاڪٽر. انجيڪشن. گوريون. ڪيترن قسمن جون. ننڊيون. وچوليون. وڏيون. دوائون. گهٽن رنگن جون. بيڪار. مان ساهه ڪٽان ٿي. بيڪار. اُٽان ٿي. هلان ٿي. ڳالهايان ٿي. بي معنيٰ.

اڄ مون پنهنجي ڊائريءَ ۾ لارينس دريل جي مشهور ناڪا جي ڊائريءَ جا هي لفظ درج ڪيا:

ايوري مڻن از ميڊ آو ڪلي ۽ ڊيمان اٽند نو ومن ڪئن نرش بوٽ.

رتن (شاديءَ بعد) اُن پهرينءَ عورت سان ويو آهي، واپس گهر موٽيو آهي. ان کان پوءِ ٻينءَ سان ٻاهر ويو آهي، واپس گهر موٽيو آهي، هو جن سان جيترا به ڏينهن- مهينا- سال ويو آهي، واپس موٽي آيو. مون وٽ، مون وٽ، شايد، نه. 'اسان جي گهر' ۾، روئندي رڙندي به ڪٽي، سپ ڪجهه پيچي ڇڏڻ جي جريت خود ۾ نه پائي، ان سپ سان مون صلح ڪري ورتو هو. نه ڪو مون چاهيو هو، پر ٻيو ڪو رستو مون لاءِ نه هو، يا مان ٻئي ڪنهن رستي لاءِ نه هيس. جيڪڏهن ڪوئي ڪنهن جو به ٿي سگهي ٿو، اُهو ڪنهن جو نٿو ٿي سگهي، جيڪڏهن منهنجو به نٿو ٿي سگهي ٿو ته ڪٽي ان دليل منهنجي دل کي دائمي تسڪين ڏني هئي. مون کي پتي نٿو ملي ته اسان جي ٻارن کي پيءُ ته ملي ٿو. هو هنن کي بيحد چاهي ٿو. گهر ۾ هن ڪڏهن هنن جي ڪا خواهش، فرمائش به ٽاري آهي. ٻيءَ طرح جي ڪنهن به ڪوٽ کي محسوس نه ڪرڻ ڏنو آهي. هن وٽ جڏهن جيترو به آيو آهي، هن ٻنهي هٿن

سان لٽي ڇڏيو آهي. گهٽا دفعا پنهنجي حدن کان ٻاهر ٻه هليو ويو آهي ۽ پوءِ مون هن کي بنا شڪايت ڪندي وڌيڪ ڪم ڪندو ٻه ڏنو آهي.

اوچتو هن جو هڪ جهونو ڪتاب ڪولينديو هن جي 'هن جو' فوٽو نظر آيو. مون ڏنو ته هن کي پهرين ٻه ڏٺو اٿم. هڪ دفعي کان وڌيڪ؟ شايد نه. شايد هڪ دفعي کان ٻه گهٽ. فقط هڪ ڪن لاءِ. ڪن ٽورين ڪنن جي وچ مان ڪسڪندڙ هڪ چهرو. ڪڏهن. ڪٿي. ننڍو ياد اچي. پر اُهو، هيءُ، چهرو مون کي چگيءَ طرح ياد آهي مڇٽو پوندو، بيحد خوبصورت آهي. سنهڙي، ننڍڙي (منهنجي اڃ عمر کان وڌيڪ ٽيندي؟) ڍگهڙي. چاتي نه اٽس، لڳ پڳ چوڪرن جيتري. مان سوچي رهي آهيان ۽ عجب ۾ آهيان ته هن جي اها هڪ ئي خامي جيڪا رتن جي نظرن ۾ بيحد کٽڪ ڪيندي هئي، انهن ڪهڙين خوبين هيڻان ڍڪجي ويئي آهي، جن رتن کي کينچيو آهي. مان رتن جي مختلف جنس طرف دعويٰ سان چئي سگهان ٿي، سڀ دلچسپين ۽ پسندگين کان واقف آهيان. منهنجي مڙس لاءِ سڀ کان وڏي ڪمزوري عورت جي چاتي آهي، پريل ۽ ڪردار چاتي. اهڙي چاتيءَ، منهنجي چاتيءَ سان چيڙچاڙ ڪرڻ ۾ هو سڀ ڪجهه پلجي ويندو آهي، اُهو ڪم به جنهن طرف وڌڻ لاءِ ان قسم جي چيڙچاڙ ٽيندي آهي ۽ هن چوڪريءَ جي چاتي... مون کي پاڻ تي جڙ آئي ته مان ڪافي وقت کان فوٽو کي ڏسندي رهي هيس. ان جا سڀ تفصيل نوٽ ڪندي ويس، خودبخود منهنجي من ۾ نوٽ ٽيندا ويا. پاسپورٽ سائيز جو فوٽو هو. ڪاغذ سلڪي. مٿن کي لڳو، جيتوڻيڪ مون کي فوٽوگرافيءَ سان ڪڏهن ڪاڪ پيئي آهي، پر چوڪريءَ جا جهڙا روش هٿا، خاص ڪري اکيون، گلاس ڪاغذ تي زياده اُپري بيهن ها. فوٽي تي ڪنهن به قسم جو، مون باريڪيءَ سان ڏٺو، ڪو داغ نه هو. نٿون نڪتل ٽي ڏٺو. پٽيان پينسل سان لکيل هو "مون فقط توسان پيار ڪيو آهي- تنهنجي ' ....'" نالي جي هيٺان تاريخ نه وڌل هئي. فوٽو اسٽوڊيو ۾ نڪتل هو، پر ان جي پٽيان اسٽوڊيو وغيره جي اسٽمپ نه لڳل هئي. ڪلهن تائين ورتل فوٽو ۾ سرير جو باقي حصو، هيٺيون، حقيقن تي ٻڌل هوندي به، چاڪاڻ ته هڪ دفعو هن کي ڏٺو هيم، گهٽي حد تائين منهنجو پنهنجو ڪلپنا ڪيل ئي ٽي سگهيو ٽٽي، ان حقيقت طرف مان سجاڳ هيس. سفيد رنگ جو، جڏهن مون هن کي ڏٺو

هو، وڏن پانڇن وارو ٻيل ٻاتم پيل هيس، ڪافي وڏن پانڇن وارو، مون ڇڪيءَ طرح ڏٺو هو، پيرن ۾ ڏڳهيءَ ڪڙيءَ وارو سنڊل پيل هيس، ڪافي ڏڳهي ڪڙيءَ وارو. فوٽو بامبي ۾ ورتل نٿي لڳو، جيڪڏهن هن بامبي ۾ سردين ۾ نه ڪڏايو هوندو ته، ۽ مون کي سڌ نه آهي بامبي ۾ ڪهڙيون سرديون ٿيندڙيون آهن. ان نتيجي تي مان فوٽي ۾ هن کي سٽيٽر ۾ ڏسڻ سان پهتس. جيتوڻيڪ ان قسم جي ٽوس حقيقتن مان نڪرندڙ نتيجا به ڪو پڪ سان نٿو چئي سگهجي ته پڪا هوندا آهن. آسماني سٽيٽر جي هيٺان ننڍڙن ننڍڙن صوفن جي سائيز جا اُرهه. هن جي سونهن تي سوچيندي اُهي اُرهه ڪيترا نه سفيد هوندا! رتن وٽ هن جو فوٽو به پهتو آهي ۽ فوٽي تي 'مون فقط توسان پيار ڪيو آهي' تائين به ته مون کي يقين آيو، هاڻ به آهي، ته رتن جا هٿ انهن اُرهن تي ڦريا به هوندا. رتن پهرين هٿ ڦيريا هوندا ته ان هنڌ ڦيريا هوندا. هن چوڪريءَ جي عمر، هر عورت چاهيندي آهي ته هن جي به هجي، هميشه لاءِ، ۽ هوءَ بار بار اُن عمر وٽ پهچي ويندي آهي، گهٽو ڪري پنهنجي پهرين پيار سان جڙيل سمرتين وٽ جيڪو پهريون پيار ان عمر سان جڙيل هوندو آهي. مون کي شڪ نه ٿيو- هاڻ به نه آهي- ته هوءَ رتن کي ٻڌائڻ ۾ سچي هئي ته رتن هن جو پهريون پيار آهي. ڪافي وقت فوٽي کي ڏسڻ بعد مان طئي نه ڪري سگهيس ته وڌيڪ ڇا ڪريان. ان کي ڪٽي مان جيترو سوچي سگهيس، ان کان اڳتي مان سوچي نه سگهيس ۽ مان تمام گهٽو سوچي چڪي هيس. سڀ تفصيل خلاص ڪري چڪي هيس. هڪ وار من ۾ آيو ته اُهو ڪيڊي پاڻ وٽ رکي ڇڏيان ۽ رات جو رتن جي اڳيان رکان، ڪجهه نه چوان، نه ڇڙان، چپ چاپ هن جي اڳيان رکان، يا فقط ايترو چوان، اهڙيون املهه چيزون ائين نه ڇڏي ڏبيون آهن، هيٺ متي ٽي سگهن ٿيون، اهڙي هنڌ رکڻ کپن، ۽ اهڙو هنڌ ڪو ڪتاب نٿو ٿي سگهي، جتي ڪنهن جي هٿ نه ڇڙهن. ان فيصلي تي پهچڻ بعد، جنهن تي پهچڻ بعد مان جلد ڦري به ويس، مان من ٿي من ۾ ان تي قائم رهڻ لاءِ ڪوشش ڪندي رهيس ۽ خود کي يقين ڏيارينديءَ رهيس ته هيءَ هروپرو ايڏي وڏي ڀُالهه نه آهي جو ڪو ڪري نه سگهي. چو، مان ڏسان ته تمام ننڍي ڀُالهه آهي، فقط صبر جي، پاڻ کي وس ۾ رکڻ جي، پاڻ تي ضابطو رکڻ جي ضرورت آهي جنهن جي لاءِ مان بلڪل قابل آهيان. مان ڪلپنا ڪرڻ لڳيس ته جنهن وقت هيءَ فوٽو رتن جي اڳيان رکندس، پنهنجي چهري تي ڪنهن به قسم جي جذبي يا ردِعمل کي نه آڻي، ته هن جو چهرو ڪيئن نه بگڙجي ويندو. غصي ۾ شايد هو فوٽو ڦاڙي ڇڏيندو، اهو چئي ته اهو وٽس ڪنهن غلطيءَ کان اڇي ويو آهي. اها مون

کي پڪ هني ته هو ائين نه چوندو ته هو فوٽي واريءَ کي سڃاڻي ئي نه- نه، ايڏي وڏي ڪوڙ ڳالهائڻ جي هن کي جريت ئي نه ٿيندي، جريت هن کي ايڏي ڪوڙ کان به وڏي ڪوڙ ڳالهائڻ جي آهي، مثال لاءِ ته هن فوٽي واريءَ کي ڪڏهن ڏٺو به نه آهي، هن کي خبر به نه آهي ته اهو فوٽو اتي ڪيئن آيو ۽ سيائپ ان ۾ هئي ته مون کي هن کان پڇڻ کان پهرين بارن کان پڇڻ گهربو هو ته ڪٽان ڪٽي آيا آهن، پنهنجي پيءُ جي ڪتاب ۾ چو رکي چڏيائون، چو، هن کي ڪپندو هو ته اهڙي حرڪت لاءِ هوءَ کين سزا ڏئي ها- نه، ايڏي وڏي ڪوڙ ڳالهائڻ جي هن کي جريت ئي نه ٿيندي، چو جو فوٽو ثابتي نه هئي، فقط هڪ وڏيڪ ثابتي هئي. غصي ۾ شايد هو فوٽو نه ٻه ڦاڙي، فوٽي کي نه ڦاڙڻ لاءِ شايد هو غصو ئي نه ڪري، چو ته، شايد، اهڙو ڪو زوردار جذبو، غصي جهڙو، وٽس اچڻ ئي نه چاهيندو، جنهن مان فوٽي جي سلامتيءَ يا وجائڻ جو خطرو پيدا ٿئي. رتن جي اهڙي ردِعمل نه ڏيکارڻ جي ڪلپنا مون کي ڪٽي تسڪين ڏني، جنهن جي پٺيان ظاهر هو ته مان هن کي، يا ايندڙ سڃي سٽيوئيشن کي سمجهڻ ۾ ڪيتري نه صحيح هيس. هونئن هيل تالين، گهٽ ۾ گهٽ شاديءَ کان پوءِ ۽ مون کي لڳي ٿو شاديءَ کان پهرين به، جن به چوڪرين- عورتن جي هو سنهڻ ۾ آيو آهي، هيءُ پهريون دفعو آهي جو هن ڪنهن جو فوٽو پاڻ وٽ رکڻ چاهيو آهي. تن جو، جيئن مون هن کي سمجهيو آهي، پيار سان واسطو رکندڙ اهڙين ڳالهين طرف ڌيان ئي نه ويندو آهي- ان طرح جا جذبا، ننڍڙا ننڍڙا، نشانيون، سوکڙيون، خواهشون جن جي بنياد تي ئي پيار بيهندو آهي، اهڙيءَ طرح، جيئن مون شاديءَ کان پوءِ ڏٺو آهي ته رتن جو اهڙين ننڍڙين ننڍڙين وفادارين، ثابتين طرف ڌيان نه ويندو آهي، جن جي بنياد تي پيار بيهندو آهي، جيڪڏهن شاديءَ کان پوءِ پيار ممڪن هوندو آهي ته، تنهن ڪري فوٽي جي معمولي ڳالهه غير معمولي هئي. اها هڪ گهاٽي جهنگل ۾ ننڍن رستو ناهي ويئي هئي، يا هڪ هڪدم ننڍين رستي ٿهي وڃڻ جو ثبوت هئي. هن پيري ڪجهه صفا غير رواجي ٽيو هو، جنهن پهريون پيرو مون ۾ غير سلامتي پيدا ڪئي هئي. مان بار بار پاڻ کان پڇندي رهيس، اُن فوٽي طرف نهارينديِ، هن دفعي رتن ويو آهي ته مون وٽ، اسان جي گهر ۾، اسان جي بارن وٽ هو وري واپس موٽندو؟ هن چوڪريءَ ۾ چا هو جيڪا پهرين هئي جو پنهنجي فوٽي رکڻ جو موهه به رتن ۾ جاڳائڻ جي قابل هئي؟ مهرباني ڪري مون کي غلط نه سمجهيو وڃي. مان فوٽي جهڙيءَ معمولي ڳالهه کي ور ور ڪري ورائي سرائي ڏسي رهي آهيان ته سمجهڻ گهرجي ته اُن پٺيان

هڪ پوريءَ شخصيت ۾ ڦيرو آيو آهي. برف جي اندر چنگاري. پٿر جي اندر تنگ. هن ڇوڪريءَ ۾ اهڙو ڇا هو؟ هڪ ڳالهه ته ثابت ٿي وڃي ٿي ته مان هيل تائين صف غلط هيس ته اها برف ايتري سرد آهي، اهو پٿر اهڙو سخت جو اُن ۾ ڪير به چنگاري- تنگ پيدا نه ڪري سگهندي، جيڪڏهن مان پيدا نه ڪري سگهي هيس ته، ان ڳالهه مون کي ڪٽي آڇت به ڏني هئي ته هتي منهنجي هار نه هئي، سين جي هار هئي. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي ايتري جيت هئي جو هن مون سان- ۽ ٻڌائڻ جي وڌيڪ ضرورت نه آهي ته مان پهرين نه هيس جو هن جي زندگيءَ ۾ آئي هيس- شادي ڪئي. ليڪن اِن خوشيءَ کان به ٽن سالن کان پوءِ مون کي هٿ ڪٽڻو پيو ۽ مون محسوس ڪيو ته انهن سين کان جيڪي هن کي يا عمر جي ٻنڌن ۾ نه جڪڙي سگهيون هيون، مون کان زياده خوش قسمت نڪتيون جو عورت لاءِ سلامتي سڀ کان اهم ڳالهه آهي ۽ اتي، اوچتو، منهنجي من پلٽو کاڌو. ڇو مان هن فوٽي کي ڪٽي اندر ۾ لڇندي به ٻاهران ڪجهه نه ڪڇان؟ ائين ڪريان ته ان کي گهر ڪري ڇڏيان ۽ هن جي پريشانيءَ جو ذرا لطف وٺان؟ هو سڄو گهر هيٺ مٿي ڪندو. "ڇا گم ٿي ويئه؟" مان پڇندئيس ته چوندو: "ڪجهه نه" يا "ڪو ضروري ڪاغذ آهي" تڏهن مان تمام قسمن جا غير ضروري ڪاغذ، هڪ هڪ ڪري، هن جي اڳيان رکندئيس، "ڏس هيءُ ته ڪونهي." "ڏس هيءُ ته ڪونهي." "ڏس هيءُ ته ڪونهي."

"ڇو ٿي مون کي پريشان ڪرين." هو چلائيندو. "مون کي ڇڏ، مان خود ڳولي ونندس." ۽ جڏهن هو ڳولي ڳولي ٽڪجي پوي ۽ ٿورا ڏينهن منهن لٽڪائي گهر ۾ وهي ته پوءِ مان اِهو فوٽو هن جي اڳيان رکي تمام ڏيرج سان چوان "ڏس، تنهنجو ضروري ڪاغذ هيءُ ته ڪونهي." هو منهنجي منهن ۾ نهاريندو رهندو "توکي ڪٿان مليو؟" يا "منهنجو ضروري ڪاغذ گم آهي ۽ تون الاجي ڪنهن جو فوٽو ڏيکاري مون کي جاڻي واڻي تنگ ڪري رهي آهين."

"هن فوٽي کان وڌيڪ تو لاءِ ڪهڙو ضروري ڪاغذ ٿي سگهي ٿو، تون جاڻي واڻي پلجي وڃ ڇاهي رهيو آهين، ياد ڪر..." نه، ايڏي ڊيگهه ڪڙ جي ڪهڙي ضرورت آهي، ڇو نه شروعات ئي اُتان ٿئي جتي پڇاڙي ٿي. يعني ايڏي ڊيگهه بعد مان چلايان، چيخون ڪيان، هن کي گهٽ وڌ ڳالهايان، ان چوڪريءَ کي پٽيان، اهو سڀ جيڪڏهن ان سڄي ناٽڪ بعد اچڻو ئي آهي ۽ مون کي پڪ آهي ته اچڻو آهي، ان کان پوءِ اهو سڀ ڇپ ڇاپ پي وڃ، سدائين لاءِ من ۾ رکڻ مون لاءِ ممڪن نه آهي ۽ مون کي پڪ آهي ته کنهن لاءِ به ممڪن کونه ٿي سگهندو، منهنجي جاءِ

تي جيڪڏهن ٻيو ڪير هوندو ته. نه، مان اُهو ڪنديس جيڪي مون کي ڪرڻ گهرجي، جيڪي منهنجي من ۾ آهي. مان فوٽو هن جي منهن ۾ هٽي چلائي چونديس، "وٺ هڪ وڌيڪ ثابتي."

اُهو انهن ٽورن ڏينهن مان هڪ هو جيڪو گهٽن ڏينهن جي لڳاتار جهگڙن، لنبين خاموشين بعد آيو هو، جيئن ايندو آهي. آرتوار هو. مون اُتساهه ۾ پرجي چيو، "اڄ خريداري ڪنداسين." رتن خوش ٿي چيو، "سڄي غير ضروري." ان ڪان پوءِ اسان شرط لڳائي ته اسان ٻنهي مان سڀ ڪان غير ضروري شيون ڪير ٿو ٻڌائي سگهي، جيڪا شرط اسان ٻنهي کٽي يا ٻنهي هارائي. ڇو جو اسان اِن نتيجي تي پهتاسين ته ڪابه شيءِ ضروري نه آهي. رتن ٻڌايو ۽ مون هڪدم قبول ڪيو ته خود ايشور کي به هخبر نه ئي ته اهو ڪهڙو ليکو آهي جيڪو ضروري ۽ غير ضروري جي وچ ۾ هنڊ گهرجي، جنهن لاءِ هڪ ئي مثال ڪافي آهي: ڪاڪروچ. سيتا جي مڙس جي هڪ مشهور ٽيوري آهي ته هيءَ دنيا اڄ ۾ ئي ٺهيل هوندي، ان جي ڪنهن وقت ۾ به ٺهڻ جو سوال ئي نٿو اُٿي ۽ اگر ڪنهن ٺاهي به هوندي ته اهو عقلمند ۽ سڀ-خراب جي تميز رکندڙ نٿو ٿي سگهي ۽ چاڪاڻ ته ايشور سان نافي صفتون نٿيون ڳنڍي سگهجن، تنهنڪري ايشور جو اهو ڪم نٿو ٿي سگهي. ها، ائين ٿي سگهي ٿو ته ايشور کي دنيا ٺاهڻ جي رٽ آئي هوندي، ليڪن اُن دنيا جو خاڪو هن دنيا جي خاڪي کان صفا قريل هو. ايشور جي اُن خاڪي جي دنيا نه ٺهي، نه ڇا ٺهي بلڪ اُن جي اُبتڙ ئي ٺهي ته اُن ۾ ايشور جو ڏوهه آهي ته فقط ايترو جو دنيا ٺاهڻ کان پهرين پنهنجي دنيا جو خاڪو هڪ شيطان کي ٻڌايائين، جنهن فورن وچي... اِتي رتن هن کي وچ ۾ ڪٽي چيو هو، "يار تنهنجي ٽيوريءَ ۾ واقعي ئي دم آهي، پر اهو ته ٻڌائي ته جنهن وقت شيطان جي دل ۾ هيءَ دنيا ٺاهڻ جو ويچار آيو، تنهن وقت ايشور ڇا ڪري رهيو هو." سيتا جي مڙس بن مردن جو گڏيل ٺهڪ ڏئي چيو، "سائي ته يار منهنجي ٽيوريءَ جي مڪيه خامي آهي. هڪ ٻي به ته ان ڪان پوءِ ايشور ڇا ڪندو رهيو آهي."

"خريداري اسان اڄ رتن پنهنجي رستن تان نه ڪنداسين."

"ڪٿان به."

"دادر هلون؟"

"ڪٽي ٻه هل."

"لوڪل گاڏيءَ ۾؟"

"ڪنهن ۾ ٻه."

رتن جي اهڙن جوابن، ردِعملن مان دوريءَ جو يا خريداريءَ جي ڳالهه طرف بي پرواهيءَ جو احساس نه هو. هو پنهنجي لائيٽ موڊس ۾ هو. اسان گهر ٻارن جي حوالي ڪري ٻاهر نڪتاسين. اسان ٻنهي هڪ ٻئي جو هٿ پڪڑي رکيو، رستي ۾ يا لوڪل گاڏيءَ ۾، پر وچ وچ ۾، اسان ٻنهي جي هٿن خودبخود هڪ ٻئي کي ڳولي پئي ورتو، چڏي پئي ڏنو، وري ڳولي پئي ورتو. دادر ڏکڻ طرف جو مارڪيٽ لڳ ڀڳ اسٽيشن کان ٻاهر پير رکڻ سان ئي شروع ٿي وڃي ٿو. اسان اسٽيشن ٻاهران ٽيبل لئمپس جا شيڊ ڏٺا، شايد بيحد 'ضروري' لڳا ۽ لڳو ته غلط هنڌ ٻيٺا هئاسين، اسان اڳتي وڌياسين. بمبئيءَ جي مشهور ڪاڏي پيل پوريءَ جو داد مارڪيٽ سنئون سڏو نقل آهي. ناريلن ۽ نارنگين جي بلڪل اڳيان، سامهون سلڪ ۽ ٽيري ڪاٽن جون قيمتي شيون موجود ملنديون. وديشي درلپ چيزن جي شاهي دڪانن ٻاهران ڦوڪٽا وڪٽندڙ وينل نظر ايندا. رستا ڪشادا هوندي به هميشه سوڙها لڳندا، ماڻهن سان ستيل هٿ جي ڪري، ڪيترو به بچڻ سان ڪلها گسجي ويندا، هٿ ۾ پڪڙيل شيون هيٺ مٿي ٿي ويندين، وقتي هيٺ ڪري پوندين. مهانگريءَ جي سينٽرل ۽ ويسٽرن ٻنهي جي حصن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍيندڙ هيءَ حصو ٽنهي درجن جي ماڻهن جو، دادر جي وڏي ۾ وڏي خصوصيت اها آهي، شاپنگ سينٽر آهي.

هتي مرضيءَ مطابق نٿو هلي سگهجي. سنيالي سنيالي هلٽو پوي ٿو. پر مان، پنهنجي لڳاتار ڊپن، اندیشن، تاٽن کان آزاد، بيحد هلڪي، بيحد خوش هلي رهي آهيان. رتن ٿورو وقت اڳ جيڪو منهنجو هٿ پڪڑي رکيو هو، مون ڏٺو، هن ايڏا نه چڏيو هو. گهٽن ڏينهن کان پوءِ اسان گڏ گهمي رهيا هئاسين. هن کي ڏسي مون کي لڳي رهيو آهي، منهنجا سپ شڪ اجايا آهن. اسان هڪ ريسٽورنٽ ۾ چانهه پيتي، رتن مون لاءِ، هن ٻڌايو، ڪارا بسڪٽ هن هنڌان خريد ڪري ايندوآهي، ۽ هن جڏهن چيو ته هيءَ اهڙي ڳالهه نه آهي جو مون کي يقين نه ڪرڻ گهرجي ته هڪدم مون کان، وات ۾ چانهه جو ڍڪ هوندي به، ڪل نڪري ويئي ۽ مون ڪلندي ئي هن کي چيو ته هو دوکيباز آهي ۽ مان ان ننڍڙيءَ ڳالهه تي به يقين ڪرڻ واري نه آهيان، جنهن تي هن فورن ويٽر کي هڪ ٻي چانهه ڪٽي اڇڻ جو آرڊر ڏيندي ڪارن

بسڪيٽن جي هڪ پليٽ جو به آرڊر ڏنو ۽ جڏهن مون ڏنو ته برابر اُهي ئي ڪارا بسڪيٽ هٿ ته مون وڏيڪ ڪلندي هن کي چيو ته هو ايترو وڏو دوڪيباز آهي جو مان ايڏا به يقين ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيان. ويندي ان ننڍڙيءَ ڳالهه تي به ته هو مون لاءِ ڪارا بسڪيٽ هن هنڌان خريد ڪري ايندو آهي. پر موٽ ۾ مون تي حملي ڪرڻ بجاءِ هو به ڪلڻ ويٺو. مون پنهنجو رومال ڪڍي هن کي ڏنو ۽ چيو ته هو پنهنجو نرڙ اُڳهي جيڪو سڀيو سڪي ڳچي رهيو آهي، جنهن تي هن چيو ته اِها ڪا وڏي ڳالهه نه آهي ۽ خوامخواهه منهنجو اڇو رومال خراب ٿي ويندو جنهن تي مون هن کي چڙهه ڏيئي چيو ته هن کي اهڙين معمولي ڳالهين تي به ضد ڪرڻ ۽ بحث ڪرڻ جي بيماري ٿي پيئي آهي ته هن هڪدم رومال وٺي، پنهنجو نرڙ صفا ڪيو (ڪنهن ٻئي موقعي تي هو چئي ها: منهنجي هر بيماريءَ جو بنياد تو ۾ هوندو آهي) گهٽن ڏينهن کان پوءِ مان خود کي هن طرف کينچيل محسوس ڪري رهي هيس، حالانڪ هن اهڙو ڪجهه نه ڪيو هو، جنهن مان اسان جي وچ ۾ ڪريل اهي ٽلها ٽلها پردا هٽي وڃن. هٽي ڇا وڃن، هن اهڙو ڪجهه نه ڪيو هو، جنهن مان اهي پردا ٽورا لڏن ٻه، ليڪن تنهن هوندي ٻه، اوڇتو اسان ٻئي هڪ ٻئي جي ويجهو اچي ويا سين، جنهن جو ڪوبه ظاهر يا لڪل سبب مون کي نه نظر آيو ۽ ڪٽي ڳولڻ سان اُهو نظر نه اچي وڃي ۽ نظر اچي وڃڻ کان پوءِ وچ ۾ وري اُها دوري نه ڪٽي اچي. ان خطري کان بچڻ لاءِ، جنهن کان، ظاهر آهي، مون بچڻ ٿي چاهيو، مون کنهن ٻه سبب، ظاهر يا لڪل، کي ڳولڻ نه چاهيو. اسان زماني ۾ جون ڳالهيون ڪري رهيا آهيون، سيتا بابت، سيتا جي پتيءَ بابت، وڏندڙ مهانگائين بابت، فلمن بابت، اسان جي هارن بابت، اسان مڃي ورتو ته خاص خريداري اسان کي ڪرڻي نه آهي. اصل ۾ اسان کي هڪ ٻئي جي صحبت لاءِ بهانو ڪپندو هو، اسان جي پسگرداين کان پري، اسان بس ائين ٿي هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ ٿي چاهيو. هڪ ٻئي کان پري رهڻ کان پوءِ، کافي ڏينهن کان ۽ اسان شايد پنهنجي پنهنجي تاڻ کي گهليندي گهليندي ٽڪجي پيا هياسين.

اوڇتو فون پاڻ جي هڪ پاسي، مدراسي پون پرسان، مان هلندي هلندي بيهجي وڃان ٿي. "چا ٿيو، چا ٿيو" چوندي رتن منهنجي چهري طرف نهاري ٿو. هن ڏنو هوندو ته صاف ستڙو اهو چهرو ڪيئن نه بگڙجي ويو هوندو. هن جون نگاهون منهنجي نگاهن جو پيڇو ڪندي ان هنڌ رکجي وڃن ٿيون، جتي منهنجون رکجي ويون آهن. پوءِ اسان کي ياد آيو، اسان پلجي ڪيئن سگهيا هئاسين، اسان کي سڀ ڏينهن ياد رهيو هوندو، اسان زبردستيءَ ان کي پلجي وڃڻ جي ڪوشش ڪندا

رهيا هناسين. هو منهنجو هٿ پڪڙي ٿو، هٿ کي ذرا زور ڏئي ٿو. پر مان اُها اَڏ کلاڪ اڳ واري 'مان' نه آهيان. جيتوڻيڪ اها اڏ کلاڪ اڳ واري 'مان' به مان نه هيس، اهو مون اڄ چٽيءَ طرح محسوس به ڪيو هو. مون محض هڪ 'مان' جي مانسڪ تاڻ کي مارڻ لاءِ هڪ بيءَ 'مان' جو پارٽ ادا ڪري ورتو هو ۽ خود رتن به، پنهنجي استتيءَ کان ٻاهر اچڻ لاءِ، پنهنجي هڪ بي 'مان' جو پارٽ ادا ڪري ورتو هو ۽ ڪٿي اسان ٻئي ان حرڪت کان سجاڳ هياسين ته اسان جو پنهنجو پنهنجو 'مان' هڪ سطح تي هڪ ٻئي ۾ نه ڪوئي سگهڙ سبب مليل پنهنجي- پنهنجي زخم جو خون هڪ ٻئي پيدا ڪيل 'مان' جي پائيپ لائينن وهائڻ لاءِ تيار ٿيو آهي. اهوئي سبب آهي جو، هڪ ئي وقت، هاڻ، اسان ٻنهي، پنهنجي پنهنجي سهولت کان پيدا ڪيل پنهنجي پنهنجي 'مان' جو ناٽڪي- لباس لاهي چڏيو آهي. جيتوڻيڪ ان جو ڪو پروسو نه آهي ته لاهڻ کان پوءِ به اسان جو هاڻوڪو 'مان' اسان جي ناٽڪي 'مان' کان اڳ وارو 'مان' آهي.

"چا ٿيو، چا ٿيو..." شور ۾ به مون ٻڌو ته رتن مون کي ٻيو دفعو چيو آهي ۽ منهنجو هٿ، مون محسوس ڪيو آهي، خود بخود هن جي هٿ مان کسڪي هيٺ نه لڙڪي ويو آهي، ان جي پٺيان منهنجي ظاهر خواهش آهي. "تون شايد ٽڪجي پيئي آهين، بس پڪڙيون."

"پٺيان وري اسٽيشن تائين ڪير ٿو پنڌ ڪري."

"نه، بس نه ملندي."

"وڏي قطار هوندي."

"ٽئڪسي پڪڙيون؟"

"ٽئڪسي پڪڙيون."

اهي سڀ سٽون هن لڳاتار نه چيون، جيتوڻيڪ لڳاتار چٽي سگهيو ٿي- اِهي سڀ سٽون هڪ ئي مقصد سان 'ته ها گهر هلون' سان سلسلي ۾ ٻيٽيون آهن، پر رتن، جڏهن لفظن کان ٻاهر، چائي ورتو ته منهنجي ذهن ۾ هڪ جڙندڙ سلسلي کي ڇنڻ لاءِ يا، جڙندڙ سلسلي کان ڪنارو ڪرڻ لاءِ 'گهر هلڻ جي مراد' سان سلسلي ۾ ٻيٽل پنهنجي سٽن کي پيچي پيچي، وچ ۾ وقت جون وڇوٽيون وڌي چوي.

پر اسان جي ذهن ۾ هاڻ اهو سڄو سلسلو هو. اسان اڳتي وڌياسين پر پٺيان چڏيل اُهو هنڌ جتي منهنجون نگاهون ٻيٽيون هيون، هاڻ اسان جو پاڇو ٻڌجي چڪو هو. اسان گڏ گڏ قدم ملائي هلي رهيا هياسين، پر اُهو محض هڪ اتفاق لڳي رهيو

هو، جيئن ڪڏهن ڪن ٻن ڏارين جا هلندي هلندي هڪ سرا قدم ڪڇندا آهن ۽ اسان کي هنن جي گڏ هئڻ جو پرم ٿيندو آهي.

مون کي هاڻ به ياد نہ اچي ها. اُهو چهرو. اُهو هڪ هٿ. هوا ۾ اٽڪيل، لٽڪيل، اگر مان هن جو فوٽو نہ ڏسان ها. اگر مان هن جو فوٽو نہ ڏسان تہ هڪ ڏنڊلو چتر، هوائن ۾ ڦر ڦر ڪندڙ، منهنجي اکين اڳيان ترندو رهي ها. سڄي حياتي، وچ وچ ۾، اُهو چهرو مان، اُهو ڪڇيل هٿ ۽ ڪجي هوا ۾ لٽڪيل، پلجي نہ سگهان ها. جڏهن جنهن جو به هٿ ڪجي ها، ڪنهن حسين چوڪريءَ جو، ڪٽي به، تہ اُهو هٿ مون کي ياد اچي ها. هٿ ياد اچي ها، هو چهرو ياد نہ اچي ها، اگر مان بعد ۾ فوٽو نہ ڏسان ها.

هڪ هٿ ۾ آئيس ڪريم جو پيالو، ٻئي هٿ ۾ چمچو پيالي مان آئيس ڪريم سان پريل.

رتن ۽ مان رستو پار ڪري رهيا آهيون. اوچتو، سامهون هڪ چوڪريءَ جي هڪ هنڌ جمي ويل نگاهن تي منهنجون نگاهون جمي وڃن ٿيون. هوءَ هڪ چوڪريءَ سان جيڪا هن جي وڏي پيٽ لڳي رهي آهي ۽ هڪ چوڪر سان جيڪو هن جو (نندو؟ وڏو؟) پاءُ لڳي رهيو آهي، آئيس ڪريم جي گاڏي پرسان بيٺي آهي. اسان کي (يعني رتن کي ڏسي هوءَ جڏ هڪ هنڌ پٿر بڻجي وڃي ٿي. مان ذرا حيرت مان هن کي ڏسي رهي آهيان ۽ پوءِ ذرا هوش سنيالي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهيان. سمجهڻ جي ڪوشش ۾ رتن طرف نهاري رهي آهيان. هو ذرا نروس نظر اچي ٿو ۽ پوءِ جڏ پنهنجي نروسنيس کي لڪائڻ لاءِ هلڪو ڪلي ڏئي ٿو. مان هي سڀ سمجهي سگهان ٿي. مان هي سڀ نٿي سمجهي سگهان. ان چوڪريءَ جي نگاهن جو پيڇو ڪري منهنجون نگاهون رتن کي ڳولي اچن ٿيون. ڪافي دير کان پوءِ ان چوڪريءَ کي هوش اچي ٿو. هوءَ منهنجي موجودگيءَ کان جڏ صفا غير واقف آهي. ان وچ ۾ اسان ٻئي، رتن ۽ مان، هنن جي (هن، هن جي پيٽ ۽ هن جي پاءُ) قريب کان لنگهي وڃون ٿا. تڏهن هوءَ آئيس ڪريم جو چمچو رتن طرف وڌائي آئيس ڪريم کائڻ جي آڇ ڪري ٿي (بيهوشيءَ جي حالت ۾ هن کي اِها به خبر نٿي پوي تہ هوءَ رتن طرف آئيس ڪريم جي پيالي بجاءِ آئيس ڪريم پريل چمچو، جيڪو ڪافي دير کان، هن جي چپن تائين اچي هڪ هنڌ رکجي ويو هو، وڌائي رهي آهي!) مان ڏسان ٿي تہ هاڻ رتن هن کي ائين ڏسي ٿو جڏ هن کي سڃاڻي ئي ڪونہ. اصل ۾ هن جو اهو وهنوار مون کي ڏيکارڻ لاءِ هو تہ هو ان چوڪريءَ کي سڃاڻي ئي ڪونہ.

مان سمجهان ٿي. ڪجهه چوان نٿي. مان بي چين ٿي وڃان ٿي. "هوءَ ڪير هئي؟" مان رتن کان پڇان ٿي. هو ڪافي پنڌيان رهجي ويا آهن، اسان بس جي قطار طرف وڌي رهيا آهيون. "ڪير؟" رتن سوال جو جواب سوال ۾ ڏئي ٿو. هو صفا اڻ ڄاڻ بڻجڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. مان وري پنهنجو سوال دهرايان ٿي، "هوءَ ڪير هئي؟" هو وري پنهنجو جواب، ساڳيءَ طرح سوال ۾ دهرائي ٿو، "ڪير؟"

ڪير؟ هوءَ ڪير هئي؟ رتن ڪونه ٻڌائيندو، هوءَ ڪير هئي؟ هن جو رتن سان ڪهڙو رستو هو؟ رتن کي ڏسي، هوءَ ائين پٽر چو ٿي ويئي هئي؟ خود رتن هيترو هيٺ مٿي چو ٿي ويو هو؟ هو هڪ ٻئي کي گهٽي وقت کان سڃاڻن؟ منهنجي انهن سوالن جو مون وٽ ڪوبه جواب ڪونه هو. تنهن ڪري ئي مان وڌيڪ بي چين ٿي ويس. چو ته انهن جا جواب به مون کي خود ئي تصور ڪرڻا ٿي پيا ۽ انهن تصور کيل جوابن جي هيڻان ڇاڪاڻ ته ٺوس بنياد مون وٽ موجود نه هئا، مان وڌيڪ ۽ وڌيڪ بي چين ٿيڻ لڳس. ها، هڪ ڳالهه جو مون کي يقين هو. ۽ مختلف جنسون هڪ ٻئي طرف ڇڪجي آيون آهن، هڪ ٻئي کان متاثر ٿيڻ جي حد تائين، هڪ ٻئي طرف ڇڪجي آيون آهن. هڪ ٻئي جي موجودگي هر حالت ۾، هر وقت طلبي رهيون آهن- ليڪن ڪن سببن ڪري ڪجهه ڏينهن کان هڪ ٻئي جي صورت نه ڏسي سگهيون آهن- ۽ پوءِ اوچتو ڪٽي هڪ ٻئي سان گڏجي ويندڙيون آهن ته هنن جي حالت... هنن جي حالت رتن ۽ هن چوڪريءَ جهڙي ٿي ويندي آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ۽ ٻه ڇٽا فقط ٻه ڇٽا رهجي ويندا آهن، آس پاس کان صفا ڪٽجي ويل، چوطرف جي هڪ خال، هڪ پولار ۾ هڪ ٻئي طرف تري ايندڙ، جيئن اردگرد جي ڏير ساري اوندهه ۾ ٻه ڇٽا ٻن روشنين جيان ازخود هڪ ٻئي ۾ سمائجي وڃن. هڪ وار مون کي خيال آيو ته وري پنڌيان موٽي هن چوڪريءَ کي ڏسان. پر ايتري ۾ اسان جي بس اڇي ويئي. سڄو رستو مان بي خيالي ويئي رهيس. رتن ۽ منهنجي وچ ۾ وري دوري اڇي ويئي. اسان ٻنهي جي وچ ۾ هڪ هٽ هو، هوا ۾ لٽڪيل.

ان کان پوءِ جا ڏينهن به مون کي ياد آهن. مون کي لڳندو رهيو ته مون کي ڪجهه نه لڳي رهيو آهي. ڪن به ٻن ڳالهين جي وچ ۾ ڪو به فرق. ڪوئي ڪٽي ٿو رهي، ڪينئن ٿو رهي، چا ٿو ڪري، مان چا هيس. فقط آئيس ڪريم پريل چمچو، ڪنهن جي چپن تائين پهچي رکجي ويل.

هتي، هنن حقيقتن بعد، مان اهو ٻڌائڻ لاءِ پاڻ کي روڪيان ته رتن جي 'هن جي' کي ڏسڻ لاءِ مان ڪلاڪن جا ڪلاڪ سڙڪن تي بي مطلب ٻڪندي رهيس.

مون 'هن سان' ملڻ ٿي چاهيو، 'هن سان' ڳالهائڻ ٿي چاهيو. رتن مان نہ، مون کي 'هن مان' معلوم ٿي سگهندو تہ معاملو ڪٿي ٻيئل آهي. مون کي خود تي يقين هو تہ مان اهڙا طريقا اختيار ڪنديس جو 'هُوءَ' سڀ ڪجهہ سليندي، يا 'هن جي' ڳالهائڻ مان سمجهي سگهنديس. هو ٻيئي هڪ ٻئي کي ڪٽي ڪٽي پهتا هئا، مون جهڙي آزمودگار عورت سامهون هوءَ اَلهڙ ڇوڪري ڇا لکائي سگهندي. ظاهر آهي، مان حسد کان جلي رهي هيس. انَ حسد رتن طرف منهنجي سڄي جسم کي جاڳائي ڇڏيو هو. چاڪاڻ تہ هاٿي چيز مون وٽان کسڪي رهي هئي (يا کسڪي چڪي هئي) مان اُن سان چنبڙڻ لڳس. سيتا: "اسان ۾ سڀ کان ڦڙتي ۽ چستي پيدا ڪندڙ جذبو حسد ئي هوندو آهي." حسد مون ۾ ايڏي چستي پيدا ڪئي جو منهنجا سڀ حواس سجاڳ ٿي ويا. مان رتن جي هر ننڍي وڏي حرڪت کي جاچڻ لڳيس. هن جي غير موجودگيءَ ۾، يا جڏهن هن کي ننڊ هوندي هئي، هن جي هر ڳالهہ چڪاس ڪرڻ لڳيس. پري پري تائين لکي لکي هن جي پٺيان وڃڻ لڳيس. هن جي هر هنڌ، خاص طور انهن هنڌن تي ۽ انهن وقتن تي جتي اڳواٽ ئي هن کان پڇندي هيس پر اهڙي رواجي نموني جيئن هن کي شڪ نہ پوي، پڇا ڪندي هيس، ڇا مليو؟ گهٽيون ئي ٽابتيون. جن منهنجي حسد جي چاقوءَ جي ڌار کي وڌيڪ تيز ڪيو. سيتا: "مرد جيڪڏهن پيار سان هٿ نہ اچي يا هيڏانهن هوڏانهن نهاري تہ هن کي رات جو بستري ۾ هٿ ڪري سگهبو آهي." ٻئي دفعي، سيتا: "مرد فقط رنڊيءَ کي ئي پيار ڪري سگهندو آهي. تنهن ڪري هو بستري ۾ به هٿ نٽو اچي تہ فقط ان ڪري جو اسان سنيوگ ۾ رنڊيءَ جي بي باکي ۽ نرالیت جو لطف نہ ڏئي سگهنديون آهيون." حسد جي باهہ مون کي کن راتين ۾ صفا بي حيا بہ ٻڌايو. منهنجو جسم، تمام گهٽي عرصي کان پوءِ، جوش سان هن سان ٽڪريو. مون ۾ جاڳيل ان نئينءَ بي شرم عورت جي بستري تي استعمال کيل انهن قسمن قسمن جي طريقن خود مون کي بہ تپرس ۾ وجهي ڇڏيو. منهنجو حسد مون ۾ نين نين راندين جي ايجاد ڪرڻ لڳو. سيتا جو چوڻ آهي تہ: "ديهہ جو اهو نٽون جنم حسد کان ٻاهر بہ ٿي سگهندو آهي. جڏهن اسان زالون ۽ مرد، ليکن خاص ڪري زالون، سنيوگ جي گهڙين ۾ ڪنهن غير موجود شخص جي خود ۾ پيدا کيل عڪس کان متاثر ٿيندڙيون آهن." سيتا يونيورسٽي جي ڏينهن کان منهنجي ساهيڙي آهي. ايم. اي ۾ منهنجو خاص وشيہ منووگيان هو ۽ بہ پيپر انگريزي ساهت جا: سيتا جو خاص وشيہ انگريزي ساهت هو ۽ بہ پيپر منووگيان جا. مون تنهن جي زماني ۾ فرائڊ جا

خط پڙهيا هنا. هڪ هنڌ، خطن ۾، هن لکيو آهي: مان خود کي اِن خيال تي هيرائي رهيو آهيان ته هر سنيوگ هڪ اهڙي کارروائي آهي، جنهن ۾ چار شخص اڙيل هوندا آهن.

مان سڀ سڙکون گهمي آيس، گهٽي ئي دفعا ۽ گهر ساڻي ئي موٽيس. صبح جو. منجهند جو. شام جو. انهن سڙکن تي مون ان هٽ جي تلاش ۾ جنهن ۾ آئيس کريم پريل چمچو پکڙيل هو ۽ جيڪو چپن تائين پهچي هوا ۾ لٽڪي رهيو هو، هر چوکريءَ جي چهري ۾ نهاريڻ لڳيس. چٽي مراد مون ۾ نه هئي، چا مون فقط هن مان منجهه ڪيڏ ٽي چاهيو؟ ڪهڙو منجهه؟ هڪ ظاهر ظهور حقيقت جو ڪهڙو منجهه ٽي سگهندو آهي؟ ته چا مون 'هن کي' بچائڻ ٽي چاهيو. اِهو چئي ته رتن جهڙي شخص جو ڪو پروسو ڪونهي، ته هو سياڻي هن جو نه هوندو، جيئن هو اڄ منهنجو نه آهي، جيئن هو کالهه ٻيءَ ڪنهن جو هو؟ اصل ۾ 'هن کي' بچائڻ جي منهنجي نيڪ مراد پٺيان منهنجو پنهنجو حساب هو ته مون رتن کي فقط خود لاءِ بچائڻ ٽي چاهيو. "'هن کي' اسان جي گهر نٽو وڻي اچين؟" مون جڏهن رتن کي ائين چيو ته هن چيو، "'هن کي' جو تنهنجو مطلب مون کي سمجهه ۾ نٽو اچي." مون چيو، "توکي خبر آهي." هن چيو، "پر توکي ڪيتري خبر آهي؟"

مون چيو: "سڄي."

"ثبوت؟"

"آهن."

"ظاهر ڪرڻ لاءِ هوندا آهن."

"موقعي تي ڪرڻ لاءِ مان تيار هوندیس."

"ڪهڙو موقعو؟"

"اُهو توکي ميسر ڪري ڏيڻو آهي." "ڪيئن؟"

"هن کي هت اسان جي گهر وٽي اڄ." "منهنجو هن سان اهڙو رستو نه آهي."

"فقط رستن تي گهمڻ جو رستو آهي."

"رستا به تون سڀ ڏسي آئي آهين."

"اهو تون ڪيئن ٿو چئين؟"

"مون کي خبر آهي." مون ان کان پوءِ، هن جي ست ڌهرائي: مون کي به خبر آهي، رتن.

مون کي به خبر آهي. ڪيتري؟

هڪ فوٽو، جنهن مان مون کي لڳو، منهنجو ڏاڏل چهرو. پوءِ مون کي اُهو چهرو ياد آيو، نه اُهو هنڌ ڏسي مون کي اُهو چهرو ياد آيو. کي کي چهرا اڻ ڏر طرح پنهنجي جڳهين سان ڳنڍيل هوندا آهن. اسان لاءِ.

ان کان وڌيڪ؟

رتن ۾ خاص تبديلي. هلڻ چلڻ ۾ ڪي ڦير ڦاريون. ڪتابن، نوٽ بوڪن، سگريٽ جي پيڪٽن تي ڪنڌن وٽ هڪ ئي اکر، رتن جو هٿ اکري. بس، يا ٻيو به ڪجهه؟ اهو ڪيترو آهي جنهن کي 'خبر' چئي سگهجي ٿو؟ اُها ايڏي خبر آهي جيڪڏهن ان کي خبر سڏجي ته جو مون کي دلجاءِ نه ڏئي سگهي ته رتن واپس ايندو. ڪجهه عرصي لاءِ ئي سهي، مون وٽ، وري هڪ ننڍين چهري جي تلاش تائين؟ ۽ پوءِ به، مون کي ڊپ آهي. اهي ٿوريون، هلڪيون لڪيرون به گڏري گهٽين لڪيرن کان گهٽيون آهن، گهريون آهن.

مان وڌيڪ ۽ وڌيڪ سڙڪون پٽڪڻ لڳيس. هميشه ٽڪل ٽڪل نظر اچڻ لڳيس. وقت ڪاٽڻ لاءِ اهي گهر به کڻڻ لڳيس، جيڪي مدت کان مون اورانگهيا به نه هٿا. ساهيڙين کي وٺي سئنيما ۾ دل لڳائڻ جي کوشش ڪرڻ لڳيس. هر دفعي مون ڏٺو: دل لڳي وڃڻ ۽ دل لڳائڻ ۾ ڪيترو نه فرق آهي. سيتا جو ساڻ هر وقت طلبڻ لڳيس. منهنجي درد کان واقف هوءِ خود به مون کي گهلي پنهنجي گهر وٺي هلندي هئي. وقتي هن جو پتي به ويٺو هوندو هو. سيتا جي هڪ خوبي آهي، هوءِ هميشه مختصر، تز ۽ چٽي هوندي آهي. ڪنهن به ڳالهه جو سڄو سلسلو ڏيڻ بجاءِ ڳالهه جي پڇاڙي، نتيجو، پنهنجو بڌايل زور سان اُڇلينديِ آهي. نتيجو، هن ۾ سڄو چيد وساري، پنهنجي انفراديت وڃائي، هڪ جنرل سطح تي لهي ايندو آهي. تنهن ڪري ئي هوءِ سين ۾ پياري هوندي آهي. چو ته پنهنجي طرفان خود پاڻ کي فقط نتيجن تائين محدود رکڻ سبب، گهٽ ڳالهائيندي آهي. ليڪن هن جو ڪنهن به ڳالهه طرف رُخ يا نتيجو، هڪدم لڳندو آهي، نج پنهنجي مطالع مان نڪتو آهي. هن کي يونيورسٽيءَ ۾ ڏسي مون کي هميشه لڳندو هو ته هن جو مڪيه وشيه مون وارو هٿ گهربو هو. هن کي مون چيو به هو. ليڪن ان لاءِ به هن جو رُخ مختصر ۽ تز هو- "چؤطرف جي دنيا کي ڏسي به منووگيان جي هام ته اُهو سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو آهي، صفا بي بنياد آهي. ان جي اڪيلي هٿيار- چيد- جي چٽين مان چڪجي آيل

روشنيءَ پاڻ شڪلين کي وڌيڪ ڏنڏلو ۽ شايد بدزيبو بہ بڻائي ڇڏيو آهي. اسان هر شيءِ ۽ هر شڪل کي شڪي نگاهن سان ڇهڻ لڳا آهيون. سمجهڻ- سمجهائڻ لاءِ اسان جي صديءَ کي نئين وشيہ جي ضرورت آهي. نہ، شايد ڪنهن بہ وشيہ جي ضرورت نہ آهي."

سيتا جو پٽي صفا اُبتڙ. هو هر ڳالهہ طرف پنهنجي رُخ جي سڄي پٽ ڏيکائيندو آهي. ان ڊپ کان تہ اها پوري نہ سمجهي ويئي آهي، يا پوري نہ سمجهائي ويئي آهي، وري ڏيکائيندو آهي. ٻين لفظن ۾، ڪن لفظن تي زور ڏئي، وڌيڪ مثالن سان، وڌيڪ تشبيهن سان، وڌيڪ ڪتابن جي وڌيڪ چوندِ حوالن. رُخ جي سڄي پٽ پٽيان سڄو سگريٽ رک. سيتا هڪ دفعي کان وڌيڪ ٽوڪيو اٿس، هڪ کان وڌيڪ ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ "چيد ڪڙ جي عادت مان پيدا ٿيل تنهنجو هر رُخ رک ٽي وڃي ٿو." هو ان لاءِ دل ۾ نہ ڪندو آهي. ڪڏهن فقط مذاق طور - "زالن کي فقط نتيجا وٺندا آهن، انهن جو پراسيس نہ، تنهنڪري ئي ماڻهن جي معمولي حصي ۾ زالون اڇي وجن ٿيون." ڏرمداس، سيتا جي پٽيءَ ۾، سپ ڪجهہ سسي، گهٽجي، ڪٽجي، چٽجي 'صفائي' تي وڃي ٻيهندو آهي. "دنيا ۾ فقط هڪ ڏرم هٽڻ گهرجي - "صفائي"، ڏرمداس جي هر ڳالهہ جي شروعات، يا پڇاڙي، گهٽو ڪري شروعات ۽ پڇاڙي ان گفتي تي ٻيهندي آهي. "صفائي من جي، صفائي تن جي، گهر جي، گهٽيءَ جي، شهر جي، ملڪ جي." هن اِن موضوع تي ريڊيو تي ڳالهايو آهي. ٽي وي تي ڳالهايو آهي، نندن وڏن ميڙن ۾ ڳالهايو آهي، ميونسپالٽيءَ جي چونڊن مهل ڳالهايو آهي. "دنيا کي درست ڪڙ جو سپ کان اعليٰ علاج"، "سين بيمارين جي جڙ"، "بيمارين کان ڇٽل رهو، تندرستي سپ کان وڏي نعمت." هن جي ٽيبل تي لڳل شيشي هيٺان ٻهاري پائيندڙ، ٻين لاءِ سبق ڇڏي ويندڙ، اخبار مان ڪٽيل هڪ منسٽر جي تصوير طرف اشاري سان هن جو ليڪچر شروع ٿيندو آهي، پڇاڙي ان راءِ سان تہ "اهڙي تصوير هر گهر اندر ٽنگيل رکڻ گهرجي." سيتا هڪ دفعي ٽوڪيس "ديوين ديوتائن سان گڏ." ٻئي دفعي- "مان سمجهان ٽي اهو منسٽر هن وقت جينرو نہ هوندو، پنهنجي ئي جهاڙوءَ سان جمع ٿيل گند مان ئي ڪي جيوڙا ڦڦڙن ۾ گهڙي ڦٽڪائي ڦٽڪائي ماري ويا هوندس." ڏرمداس دل ۾ نہ ڪندو آهي، هن کي يقين آهي تہ "دنيا هڪ ڏينهن هن جي نتيجي تي پهچندي." رتن - "ائٽمي هٿيارن سان ٽڪرا ٽڪرا ٿيل زمين تي تنهن ڏينهن دنيا ڪيئن ڪچرو ڪڍي سگهندي، جيڪڏهن اِن نتيجي تي پهچندي بہ تہ." ڏرمداس جو دليل - "اهو

نتيجو تباهه ٿيڻ کان پوءِ جي ڏهندڙ دنيا کي هڪ اعليٰ ترين پيغام جي صورت ۾ متاثر ڪندو رهندو." رتن - "اتي مان اوهان سان شامل راءِ آهيان. هر اعليٰ ترين پيغام پهچڻ ۾ وقت وٺندو آهي - اهو ان لاءِ نه، ايندڙ نسل لاءِ هوندو آهي، جيتوڻيڪ هوندو اسان جو ئي آهي." سيتا لاءِ هو يونيورسٽيءَ ۾ به ايندو هو ۽ سيتا ساڻس منهنجي واقفيت ڪرائي هئي. هنن ٻنهي جي هلت مان مون اهو ڪڍهن اندازو ڪرڻ لڳايو هو ته هو محبت ۾ آهن ۽ ان کي منطقي چوٽيءَ تائين - شاديءَ تائين- پهچائڻ ۾ محو آهن. نه، اهڙو هڪ به اهڃاڻ هنن مون کي ڪونه ڏنو هو. مون هنن جي اکين ۾ ڪڍهن به اُهو چمڪو ڪونه ڏٺو هو، جيڪو محبت ۾ گرفتار ٿيل دل ۾ ٻرندڙ ڏيئي جو اکين ۾ عڪس ٻڌجي ايندو آهي. پوءِ جڏهن اوچتو سيتا مون کي شاديءَ جو ڪارڊ اڇي ڏنو هو ته مون کي حيرت ۾ ڏسي چيو هئائين- "اسان جي شادي پيار جي به شادي آهي ۽ پيار جي نه به شادي آهي." هڪ ٻئي طرف اُهو جلائيندڙ درد محسوس نه ڪندي به، مون کي لڳو هو، ايڏا تائين لڳندو رهيو آهي، هو ٻئي انهن تمام جذبن ۽ خوابن کان خالي هڪ ۽ عملي ۽ وهنوارڪ سطح تي هڪ ٻئي لاءِ ڪارائتا ثابت ٿيندا. اِن ٽوس حقيقت تي پهچڻ جو نتيجو هو- "اسان جي شادي پيار جي به شادي آهي ۽ پيار جي نه به شادي آهي." مون تن ڏينهن ۾ هنن تي ڪليو هو. هاڻ هنن کي خوشنصيب سمجهندي اهيان. دل جي داون پيچن کان آزاد هنن جون دليون، جذبن جي سنهري رنگن کان ڏوتل، دستوري زندگي گهاريندي به اندیشن ۽ شڪن کان ڇٽل هيون. "اهڙي ڪهري ڏاڙهي ڪٽي چو گهمندو آهي؟" جي منهنجي سوال جي جواب ۾ سيتا مون کي ڪلندي ٻڌايو هو- "ان جي هيڻان هن هڪ دائمي ڏن لڪائي رکيو آهي." "مطلب؟" مطلب ته هڪ دفعي رتن مون کي ٻڌايو- "اڄ وٽندڙ داغ." "توکي ڪيئن خبر پيئي؟" "مون خود ڏٺو آهي، ڏسڻ لاءِ هڪ دفعي هن جي ڏاڙهيءَ کي غور سان جاچيندي." مون فوٽو جو چا ڪيو؟ مون ڪٽي ڪنهن هنڌ چيو آهي، مان فوٽو هن جي منهن ۾ هٽي چلائي چوندیس، "وٺ هڪ وڌيڪ ثابتي." اهڙو مون ڪجهه نه ڪيو. چپ چاپ ۾ فوٽو اُن جهوني ڪتاب ۾ جيئن پيو هو، وڃي ڇڏيم. جنهن ڳالهه جو مون وٽ ڪو سبب نه آهي سا اها ته مون فوٽو جي حقيقت کي رتن کان ائين لڪائي رکيو جيئن هن خود چاهيو هوندو، ته هو اِن حقيقت کي مون کان لڪائي رکي. ايتري قدر جو مون کي اِن ڳالهه جو به فڪر ڪائيندو رهيو ته هن کي خبر نه پئجي وڃي ته مون کي خبر پئجي وئي آهي. مون ڪلاڪن جا ڪلاڪ اِن معمولي ڳالهه ۾ وڃايا ته ڪوشش وٽي مون کي فوٽو

ڪتاب جي اُن هنڌ رکڻ گهرجي، جتي پهرين هو جيڪا ڳالهه سمجهڻ سولي آهي ته ڏکي هئي. هڪ ته اُهو ڪتاب مون ۾ خيالي۽ مان ڪوليو هو ۽ فوٽو ڏسي فورن هٿ وڃهي ڪڍيو هيم. ڪتاب جي صفحي جي نمبر طرف ته قدرتي، ان حالت ۾، منهنجو ڌيان نه ويو هو. پڪ ئي پڪ ڪتاب جي پوري وچ حصي ۾ نه هو ۽ مون کي سڌ نه آهي، ڪهڙي۽ پڪ سان مون 'پڪ ئي پڪ' سمجهي ورتو. چا صفحي جو نمبر خود رتن ياد ڪري رکيو هوندو؟ ان حالت ۾ ته هن مون کي پڪڙي ورتو هوندو. ڏکي تي فوٽو رکي چڏڻ کان پوءِ مان ڌيان سان جاچڻ لڳس. جتي مون رکيو هو اهو صفحو مون من ئي من ۾ ايترا دفعا دهرايو هو جو ياد اچي ويو هو. رتن چا روز ڪيڏي ڏسندو آهي؟ اهو جاڻڻ لاءِ مان ڪيترا دفعا اُن ڪتاب وٽ ويس. فوٽو جيئن جو تيئن اڳين۽ جڳهه تي سلامت رکيل مليو. جنهن مان به ثابتيون مليون ٿي. رتن هڪ دفعو به وري فوٽو نه ڏٺو آهي، پي ته هن جيترا به دفعا جيڪڏهن ڏٺو آهي ته باهر ڪڍي نه ڏٺو آهي. ٻئي ثابتيون هڪ ٻئي کي غلط ڪري ٿي ويون. گهٽ ۾ گهٽ مون ايترا دفعا ڏٺو آهي جو جيڪر جيترا دفعا رتن کي ڏسڻ گهرجي. مان گهٽا دفعا دادر وئي هيس، اُنهي ساڳئي هنڌ؟ ان هنڌ نه وڃڻ جڻ منهنجي وس ۾ نه رهيو هو. هڪ ڏينهن ته خودبخود ان آئيس ڪريم جي گاڏي ويجهو وڃي آئيس ڪريم وئي ان ساڳئي هنڌ بيهي کائڻ لڳيس، جتي هوءَ بيٺي هئي. چا حسد سان گڏ مان ان چوڪريءَ کي پيار به ڪرڻ لڳي هيس. اسان چا ان سان به پيار پيدا ڪندا آهيون. جنهن کي اسان جو پريتم پيار ڪندو آهي؟ مون ۾ڏو آهي يا پڙهيو آهي. حسد هوندي به پيار ڪندا آهيون، اُن طرف حسد ۽ حقارت هوندي به اسان ۾ اُهي سڀ جذبا - هڪ ٻئي جي ڪيتري به تضاد ۾ بيٺل- موجود هوندا آهن. اُهي ساڳيا جذبا جيڪي اسان پنهنجي محبوب لاءِ محفوظ رکندا آهيون، فقط سجاڳ نه رهندا آهيون، حسد ۽ حقارت کي قبول نه ڪندا آهيون، خود پنهنجي نظرن ۾ ننڍا نه ٿي وڃون، اِن ڊپ کان، حسد ۽ حقارت کي قبول نه ڪندا آهيون، اُهي اسان جي ئي مراد کان اسان جي محبت هيڻان ماڻ ڪري ويهندا آهن، موقعي جي تلاش ۾، موقعو ملندئيئي باهر نڪري ايندا آهن. ڪڏهن محبت سان سمجهوتو ڪري، محبت ۾ سمائجي گڏوگڏ قدم کڻي هلندا آهن، ڪڏهن محبت کي- عارضي يا دائمي- ڏهائي، پٺيان ڏکي اُن جي سيني تي چڙهي حڪومت هلائيندا آهن.

هيءَ چا اُهوئي پيالو آهي، جنهن ۾ هن آئيس ڪريم کاڏي هئي؟ هيترن پيالن ۾ اُهو ساڳيو نڪري اچڻ محض هڪ اتفاق ئي ٿي سگهيو ٿي ۽ پوءِ به مان

ان اتفاق جي اهميت کي ميڙ لاءِ تيار آهيان، ڪنهن به ڳالهه جي سلسلي ۾، جيڪڏهن هي اُهوئي پيالو نه آهي ته چا هيءُ اُهوئي چمچو آهي، جيڪو هن جي چپن تائين پهچندي پهچندي هڪ هنڌ، هوا ۾، هن جي هوش تي غالب پئجي لٽڪندو رهيو هو، ظاهر آهي، ساڳي چمچي جو هٿ به هڪ اتفاق ئي ٿي سگهيو ٿي ۽ رواجي جوڙ سان، جيڪڏهن پيالو ۽ چمچو ٻئي ساڳيا آهن ته هڪ وڏو اتفاق ئي ٿي سگهي ٿو. مون جيڪڏهن وڏين ڳالهين تي عجب نه ڪاڏو آهي ته هنن معمولي ۾ معمولي ڳالهين تي عجب ڪاڏو آهي. اسان دنيا جي سين گپت خزانن کي کوٽي ڪڍڻ جي دعويٰ ڪندڙ ۽ قدرت جي ڪل رازن کي چيري ڦاڙي روشنيءَ ۾ آڻڻ جي هام هڻندڙ ڪڏهن هنن معمولي ڳالهين کي به نه ڄاڻي سگهنداسين، مثال، خاطر، جيئن هيءَ معمولي ڳالهه مان ڪڏهن نه ڄاڻي سگهنديس: هي چا اُهوئي پيالو آهي ۽ اُهوئي چمچو جن ۾ هن آئيس ڪريم ڪاڌي هئي؟

نه، هوءَ مون کي ڪٽي به نه ملي.

۽ جڏهن اوچتو هوءَ ملي ته ان وقت تائين مون هن سان ملڻ جي اُميد لاهي ڇڏي هئي ۽ اِها اُميد ته مون پهرين به نه ڪئي هئي ته جنهن سان ملڻ لاءِ مان لڳ ڀڳ پنهنجو گهر، پنهنجا ٻار پلجي ويئي هيس ۽ ماري ماري ٿي هر رستي تي پٽڪي رهي هيس سا مون سان منهنجي گهر ۾ ئي ملندي. "مان اندر اَچان؟" مون ڏٺو، متهنجي گهر جي دروازي ٻاهران هوءَ ئي بيٺي هئي. بيل وڄڻ ۽ منهنجي دروازي کلڻ سان. مون کي چا ٿيو، مون هن جو هٿ پڪڑي هن کي اندر ڪيو، ڇڻ مون کي ڊپ هو ته هن جو هٿ، هن طرح هٿ حقيقت نه ٿي سگهي، سبب صرف منهنجي بيمار دماغ جي پيدائش ئي ٿي سگهيو ٿي ۽ مون هڪ ڪان وڌيڪ دفعا هڪ ڪان وڌيڪ شخصن کان ٻڌو هو ته منهنجي دماغ سان ڪجهه ٿي ويو هو ۽ مون کي لڳندو رهيو هو ته پنهنجي مرض کي، وڌيڪ نه ڦهلجڻ ڏيڻ يا 'صفا چريائيءَ جي حد تائين' پهچڻ کان خود کي روڪڻ جو مون وٽ فقط اِهو هڪ ئي بچاءُ رهجي ويو هو ته مان ان کان زور سان انڪاري ٿيان ته ڪو مان بيمار هيس. "مان گهٽن ڏينهن کان سوچيندي رهي آهيان ته توهان سان ملان ۽ چاڪاڻ ته خبر نه هئي ته توهان

سان ڪٽي ملي سگهنديس، تہ سوچيم توهان جي گهر اچان." مون ۾ چو اها ٽمنا جاڳي تہ مان هن جو هٿ نہ ڇڏيان، يا ڇڏي، پنهنجو هٿ هن جي ڪلهي يا مٿي تي رکان، هن جي وارن تي؟ ۽ چا... منهنجي سوچڙ سان ئي سوال ازخود منهنجي منهن مان بہ نڪري ويو. "گهٽن ڏينهن کان معني؟" پر مون هڪدم ڏٺو تہ منهنجو هن بابت سوچڙ صفا غلط هو. مون سمجهيو هو تہ هوءَ هڪ بيوقوف قسم جي چوڪري هوندي جنهن جي معمولي عقل کي بہ عشق خود ۾ غرق ڪري ويو هوندو. "توهان چا ٿا سمجهو تہ مان رتن جي چوڻ تي توهان وٽ آئي آهيان؟" "هن کي گهٽ ۾ گهٽ خبر هوندي." "هن کي اهڙي ڳالهہ جو شڪ بہ نٿو ٿي سگهي." "مون سمجهيو..." "مان رتن جي چوڻ تي آئي آهيان تہ توهان کي چوان تہ توهان جو شڪ اجايو آهي، اصل ۾ اهڙو ڪجهہ نہ آهي، توهان جو پوڳڻ بي بنياد آهي." "مون ائين سمجهيو." "مون پهرين ئي سمجهيو هو تہ توهان ائين سمجهندا." مون کي هڪدم نہ سجهيو، هن کي چا چوان. "پار ڪٽي آهن؟" مون هن جي آندل بسڪيٽن جي باڪس کي هاڻ پهريون دفعو ڏٺو. هن کي اسان جي ٻارن جي بہ خبر آهي؟ مون سوچيو هو. هن کي خبر هوندي تہ رتن شادي شده آهي؟ مون هن کي پنهنجي پاسي ۾ ويهاريو. "ٻاهر راند ڪري رهيا آهن." "سڏ ڪيان؟" "توهان سڏ ڪيون." انهن بن سوالن جي وچ ۾ ستل، خالي منهنجو دماغ. "نہ، راند هنن کي سين کان پياري هوندي آهي." مون پڇڻ چاهيو تہ هن جي اچڻ جو سبب ڪهڙو هو، جيڪڏهن ڪو ٻيو بہ هو تہ، سواءِ ان جي جيڪو مون کي ٻڌائي چڪي هئي تہ منهنجو شڪ اجايو هو. اصل ۾ اهڙو ڪجهہ نہ آهي، منهنجو پوڳڻ بي بنياد آهي. منهنجو شڪ، منهنجو پوڳڻ... ايترو ئي حقيقي هو جيترو اهو تہ اهو هن چوڪريءَ کي معلوم آهي. اهو بہ تہ هوءَ سپ ڄاڻي ٿي، جنهن جي پٺيان؛ مون ڏٺو. منهنجو حسد گهرو ٿي ويو تہ رتن، مون طرف گهٽين ۽ لنبين خاموشين جو ٽهيل رتن، هن چوڪريءَ طرف گهٽين ۽ لنبين ڳالهين جو ٽهيل آهي. مان، هن ننڍيءَ ۽ سهڻي چوڪريءَ کي ڏسندي، گهٽيون ڳالهيون ڏسي ويس، تہ هوءَ ڪافي ننڍي هئي ۽ ڪافي سهڻي هئي ۽ هوءَ جيتري وڏي ٿي هئي- دل توڙي جسم ۾- رتن جي سامهون ٿي هئي ۽ جيتري بہ سهڻي هئي اها قدرتي هئي، بنا ڪنهن ميڪ اپ جي. آڱرين ڏڪهيون ۽ انهن جا ننهن صاف ڪيل ۽ پيلا هيس. مون کي لڳو تہ هن چوڪريءَ ۾ ڪي گڻ آهن، جيڪي بنيادي آهن، جن ڪٽي هن جي ننڍڙي چاتيءَ جي ڪوٽ کي بہ رتن جي نظرن ۾ پري رکيو هو. هن جي اکين ۾ اهائي چمڪ هئي، جيڪا مون هن ۾ آئيس ڪريم ڪائيندي

ڪائيندي رتن جي چهري طرف ڪجيل اکين ۾ ڏٺي هئي ۽ جيڪا اسان زالن جي محبت کان متاثر ٿيل دل جو عڪس هوندي آهي. "مون کي اميد آهي ته توهان وڌيڪ شڪ نہ ڪندا." مون چوڻ چاهيو ته ان لاءِ اهڙو ڇا ٿيو جو شڪ نہ ڪيان، پر منهنجو سڄو ڌيان انهن هٿيارن تي ڇميل هو، جيڪي مون هڪ مدت کان هڪ هڪ ڪري پاڻ وٽ گڏ ڪري رکيا هئا ۽ جن سان مان موقعي جي تلاش ۾ هيس ته هڪ ڏينهن هن تي هڪ ئي وقت حملو ڪنديس. "ڪي مرد هوندا آهن، توکي خبر نہ هوندي، تون ايڏا معصوم آهين، مون ۾ تازو هڪ ڪتاب ۾ پڙهيو ته هڪ ڪي چڏي ٻيءَ کي ڪٽندا آهن." "بنا 'ڪنهن سبب' جي؟" هن اهڙي اڀوجهائيءَ سان پڇيو جو مون پاڻ کي ڪلڻ کان روڪي ورتو. "نہ، سبب ته ڪونہ ڪو ضرور هوندو."

"پوءِ ته هنن کي ڏوهہ نٿو ڏئي سگهجي، سبب انهن چوڪرين ۾ ۽ هوندو جو مرد هن کي چڏي ٻي ڪٽڻ چاهيندا."

"نہ، اهڙن خاص مردن جو خاص سبب هوندو آهي، منووگيان موجب هو اصل ۾ چڏڻ کان پهرين کو نہ کو 'سبب' کوڙي وٺندا آهن." مون سپ ڪجهہ اڃ سڏو ٿي چوڻ چاهيو، مون هن جي غير سجاڳ من ۾ شڪن جي ڦاهيءَ سان اُهو پيدا ٿيل جذبو مارڻ ٿي چاهيو، جيڪو مون کي ماري رهيو هو. ان جي زندگي منهنجو موت هئي. هيءَ ڇا، هن عمر ۾، رتن جي ايتري پاڙهيل هئي جو منهنجو مڪيہ هٿيار، اڃ سڏو آزمايل هٿن پيڇي ڦٽو ڪري وئي؟ "توهان جو مطلب آهي ته رتن هڪ کي چڏي ٻي چوڪري ڪٽندو ويو آهي نہ؟" مون چوڻ چاهيو ته اهو سوال اُتاري هوءَ ڳالهہ کي ختم نٿي ڪري سگهي ۽ مون طرفان گهٽن تفصيلن ٻڌڻ لاءِ هن کي تيار رهڻو پوندو ۽ هن کي خود گهٽن تفصيلن سان ٻڌائڻو پوندو. "مون کي ان ڳالهہ جي ۾ خبر آهي." منهنجي ڏاڍي مرضي هئي ته مان ڄاڻان ته هن کي ان ڳالهہ جي ڪيئن خبر آهي. "اهڙن مردن جي چڪر ۾ اچي ويچارين اڀوجهہ چوڪرين پنهنجو آئيندو ٻي سلامت بڻائي چڏيندين آهن." مان بار بار هن سڄي معاملي کي انفرادي سطح کان مٿي کڻي جنرل سطح تي آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهي هيس ۽ هوءَ هر بار ان کي هيٺ لاهي انفرادي سطح تي کڻي ٿي آئي. هڪ اڃ آزمودگار، الهڙ چوڪري هن طرح مون کي هارائي ويندي ۽ هيتريءَ همٿ سان، پنهنجو سڄو حوصلو قائم رکي، منهنجو هر هٿيار هيٺ ڪندي ويندي، منهنجي سين تيارين ۾ اهڙي تياريءَ جو هڪ ٻہ تصور نہ هو. مون ڏٺو، مون وٽ هٿيار خلاص آهن، ۽ باقي بچيل آهن، ته اُهي اُنهن کان ٻہ ڪمزور آهن، جيڪي بچيل نہ آهن. مون، تنهن ڪري، ساڳيا هٿيار

ڪٽي، بهتر حملو ڪرڻ چاهيو. ساڳي وقت، اهو سوچيندي، اهو ڪندي، مان هن جي شڪل طرف به نهاريندي رهيس، ۽ مون کي اهو شڪ به ڪائيندو رهيو ته منهنجون ڳالهيون گهربل اثر ۽ چاهيل ردِعمل نه پيدا ڪري رهيون هيون. هن چوڪريءَ ۾ هڪ خاص شڪتي هئي. مان چٽيءَ طرح هن جي چهري تي پڙهي رهي هيس ۽ اکين جي اُنهيءَ چمڪ کي ڏسي رهي هيس، جيڪا هڪ نج اُنپڙ، جذبي ۽ وشواس مان نڪتي هئي ۽ جنهن هر جنرل ڳالهه جو پنهنجي نجي سطح تي جائزو ٿي ورتو. اسان وچ ۾ ٻنهي چانهه پيتي ۽ هن جي چوڻ تي هن جا ئي آندل بسڪيٽ کاڌا. ٻار ايڏا ٻاهر هنا ۽ مون چاهيو ته ٻاهر ئي رهن. مون هن سان خلاصو ۽ تفصيلن سان ٿي ڳالهائڻ چاهيو. جيتوڻيڪ هر ڳالهه منهنجو يقين پختو ڪندي وئي ته رتن جو پختو ٿيندو وڃڻ هڪ طرفو نه هو، ته هو خود به جيترو هن ۾ پختو ٿي ويو آهي، شايد اُن کان به وڌيڪ هيءَ رتن ۾ پختي ٿي وئي آهي ۽ مون کي لڳو ته هن چوڪريءَ سان منهنجي هيءَ آخري ملاقات نه آهي، شايد گهٽين ملاقاتن جو هيءُ پهريو سلسلو آهي ۽ پوءِ به مان سمجهي نه سگهيس ته جنهن جا سپ هٿيار خلاص ٿي ويندا آهن، خود هٿيار پڪڙيل هٿ ڪٽجي ويندا آهن، اُهو ڪهڙي آڌار تي پنهنجو وڙهڻ جاري ڪري سگهندو آهي. "چا اهو ضروري آهي ته رتن کي خبر پوڻ گهرجي ته اَڄ اسين ٻئي مليون آهيون؟" مون جڏهن اهو پڇيو، اهو نه جاڻي ته رتن کي خبر پوڻ سان اهڙو ڪجهه خاص چا ٿي ويندو، جيڪو عملي طرح هن ڳنڍ کي ڪنهن به طرح ڪولينڊو يا ذرا ڍرو ڪندو، ته هن چيو، "نه، ضروري ڇو هجڻ گهرجي، بشرطيڪ توهان خود چاهيو ته مون کي کو اعتراض نه آهي." ۽ رتن، مون سوچيو اُن وقت اڇي وڃي ته؟ "تون گهر وڃي ڊڪشنريءَ ۾ ڏسج ته 'فلٽنڊرر' اکر جي ڪهڙي معنيٰ آهي، مون کي خود اُن جي سنڌيءَ ۾ تز معنيٰ جي خبر نه آهي."

"مون کي خبر آهي. جيتوڻيڪ تز مون کي به خبر نه آهي. پر مان سمجهي سگهان ٿي." هوءَ چا ٿي سمجهي سگهي؟ اکر جي معنيٰ، يا معنيٰ جي پٽيان جي معنيٰ؟ هن کي هن جي عمر جي معمولي علم ۽ عقل کان وڌيڪ علم ۽ عقل ڪٿان آيا؟ سوال خال هنا، وچ ۾ وڇوٽيون هيون، سوالن سان پريل ۽ انهن خالن ۽ وڇوٽين ۾ مان ڳنڍيل ٿي شڪ، شڪايت، درد، ڏپ، بي چيني، بي سلامتيءَ ۾ ورهائجي وڃائجي وئي هيس. وچ ۾ مون هن کان پڇيو، شايد ڪجهه چوڻ لاءِ سوچي وٺڻ جي مراد کان مون ڪچن ۾ وڃڻ ٿي چاهيو (جيتوڻيڪ، پڇڻ بعد ترت مون کي ڏيان آيو ته هوءَ بي چانهه پيئڻ قبول به ڪري ها ته مان پنهنجي مراد ۾

ڪاميياب نہ وڃي سگهان ها، ڇو جو پهرين چانهه ناهڻ لاءِ مان جڏهن ڪچن ۾ وئي هيس تہ هوءَ بہ گڏ هلي هئي ۽ جڏهن مون ڪيس چيو هو تہ هوءَ ويٺي رهي، وقت نہ لڳندو تڏهن بہ هوءَ ضد ڪري ڪچن ۾ گڏ هلي هئي ۽ هاڻ بہ هوءَ گڏ هلڻ تي ضد ڪري ها)، تہ هوءَ ٻين چانهه پيئڻ چاهيندي يا نہ، جنهن تي هن چيو تہ هن کي چانهه جي گهٽي عادت ڪانهي، صبح ۽ شام فقط بہ دفعا پيئندي آهي، سا بہ تمام لائيٽ.

اوچتو هن سوال ڪيو:

"توهان کي ائين ڪڏهن نہ لڳو آهي تہ هن کي سمجهڻ ۾ توهان غلطي بہ ڪري سگهو ٿا؟"

'هن کي' جو هن جو مطلب رتن هو نہ؟ ظاهر هو.

"مطلب؟"

"ائين ممڪن نٿو ٿي سگهي تہ ٿهيل ٽڪيل ماپن ۽ ماڻن هيڻان هت بہ هڪ ڏيڪ ماڻهو ڏهجي ويو هجي؟"

هوءَ چا چوڻ چاهي رهي هئي، هن کي ٻڌائڻ ٻجاءِ مون کي ٻڌڻو پيو هو، مون هن کي وڏيڪ کولڻ، واضع ڪرڻ چاهيو، هن چيو هوءَ وري ايندي، اگر مان چاهيندیس تہ، مون هن کي ٿوري دير وڏيڪ ويهڻ ترسڻ لاءِ چيو، گهٽو ڪجهه رهجي ويو هو، گهٽو ڪجهه ٽيٽو هو. کي تفصيل زهجي ويا هئا، هن فقط پنهنجيءَ ڳالهه جي پٽيان واري سوالي نشاني کڏي ڏهرايو تہ ٿهيل ٽڪيل ماپن ۽ ماڻن هيڻان هت بہ هڪ وڏيڪ ماڻهو ڏهجي ويو آهي ۽ هڪ کي چڏي ٻيءَ کي ڪٽڻ جي پٽيان 'ڪنهن خاص چهري' جي ڳولها بہ ٿي سگهي ٿي ۽ مون کي ان وقت هڪدم سيتا جو خيال آيو. مون کي يقين آيو تہ سيتا اُتي موجود هجي ها تہ هن جي 'ڪنهن خاص چهري جي ڳولها' جي ڳالهه کي ايڏا بہ وڏيڪ سولو ٻڌائڻ لاءِ ڪجهه ان طرح چئي ها تہ "بس ڪنهن مرد کي نئين نئين عورت جي صحبت وٺندي آهي، ان ۾ 'وڏيڪ پڙهڻ' يا 'وڏن وڏن نالن ۾ ڦاسڻ فضول آهي.'" مون کي خبر نہ آهي، مان، مون کي لڳي ٿو، هن معاملي ۾، ڪنهن بہ معاملي وانگر ڪجهه بہ طئي ڪرڻ جي

قابل ڪانه رهي آهيان. سيتا لڳ ڀڳ ائين ئي چئي ها، ' ڪجهه اهڙو ئي، مون کي خبر نه آهي، رتن جي 'هوءَ' صحيح هجي. سيتا صحيح هجي، پر منهنجي پيرن هيٺان ڪٽي زمين کسڪي وئي آهي، مٽي مٽان چت هٽي وئي آهي، نيٺ به هن چوڪري اهو 'چو' ٽي چوڻ چاهيو، چا اها ڳالهه چوڻ لاءِ ئي هوءَ مون وٽ آئي هئي، پر اهو ته مون کي منهن تي ڏڪ هڻڻ جهڙو هو، 'ڪنهن خاص چهري جي ڳولها' چوڻ پنهنجي هن جو ڪهڙو مقصد هو، سواءِ اڄ جي ته 'رتن کي اهو خاص چهرو هاڻ ملي ويو آهي' ۽ 'اهو خاص چهرو هوءَ خود آهي.'

نصيحت ڏي پر نصيحتون ٻين لاءِ هونديون آهن ٻڌو هونديءِ پاڻ لاءِ نه هونديون آهن ۽ تون پاڻ نصيحت ڏيڻ جي قابل نه رهيو آهين مون کي سڌ آهي ته مان توکي سمجهي وئي آهيان مان توکي سمجهي سگهان ٿي تون خود کي سمجهائي نه سگهندين، چاهيندين، تڏهن به نه، اهو چهرو تو لاءِ چند آهي جنهن بنا تنهنجي زندگي اوندهه آهي سچو پيار هميشه خود مطلبي ٿيندو آهي ٻين طرف ٻاهر طرف انڌو هوندو آهي ۽ تون هن دفعي واقعي پيار ۾ ڦاٿو آهين مون سمجهيو هو تون ان جي قابل نه آهين پيار ڪرڻ کان تون قاصر آهين پر تو هن دفعي ڪيوآهي نه شايد نه ڪيو آهي، نه، ڪبو نه آهي ڪير نه ڪندو آهي ۽ جيڪو ڪندو آهي، اُهو هوندو نه آهي نه تو ڪيو نه آهي، تنهنجو ٿي ويو آهي تنهنجي 'هن جو' به توسان ٿي ويو آهي اهو مون ڏٺو آهي، محسوس ڪيو آهي، تو ۾ تنهنجي 'هن' ۾ ۽ مون وٽ ثابتيون آهن بلڪل ٺوس پر اهڙي معاملي ۾ ٺوس ثابتين کان به وڌيڪ سچيون ثابتيون هونديون آهن ۽ مون وٽ اُهي به آهن، ٺوس ثابتين سان گڏ اُنهن کان وڌيڪ سچيون ثابتيون مون وٽ آهن اُهي مون کي تنهنجي هلت مان مليون آهن اهي مون کي 'تنهنجي هن جي' اکين ۾ مليون آهن.

- سيتا هڪ دفعي چيو هو: هر طرح جي هلت لاءِ چست منووگيانڪ سمجهاڻيون، عموماً سطح تي، حاضر ڪيون وڃن ٿيون. اگر مرد پنهنجي زال طرف وفادار آهي ته هو سيڪس کان ڏڃي ٿو؛ اگر هن کي زال جي صحبت پسند آهي ته هوماءِ - ڪينڊرت ڏان جان آهي؛ اگر هو مردن جي صحبت وڌيڪ پسند ڪري ٿو ته هو Oedipal حالت مان اَڃا نڪتو ئي ناهي؛ اگر هو اڪيلائي - پسند آهي ته آتر موهه يا آتر رتي جو شڪار آهي؛ اگر به عورتون پاڻ ۾ ساهيڙيون آهن ته هم جنس سان سيڪس ڪرڻ جون قائل آهن: ۽ اهڙيءَ طرح جا ڪيئي مثال ملندا. اهو سڀ اندروني رشتن ناتن لاءِ گراوٽ پريو رُخ آهي.



عالمي ادب جي معيار جي لحاظ کان سنڌي ناول سڻن ناولن جي ليکي ۾ ئي ڪونہ ٿا اچن. ائين ڪٽي چٽجي تہ سنڌي ادب ۾ ناول جي صنف ۾ صفا سُڃ آهي، پر ڇ جي سڃ ۾ ڪٽي ڪٽي ساوڪ ۽ هوندي آهي. لعل پشپ جا ناول ۽ سنڌي ادب ۾ ان ساوڪ وانگر آهن. انهن کي پڙهي ائين چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ادب ۾ جيڪڏهن شاهڪار نہ، تہ ڪجهہ ڇگا ناول ضرور لکيا ويا آهن. انهن ڳاڻ ڳٽين سڻن ناولن جي ليکڪ لعل پشپ سڀ کان پهرين سنڌيءَ ۾ ٽرائلاجي لکڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي. ان ٽرائلاجي جي سلسلي جو پهريون ناول "هڪ سرد ديوار" آهي، جيڪو 1969ع ۾ شايع ٿيو. ٽرائلاجي جو ٻيو ناول "اها ديوار آسمان تائين" 1981ع ۾ ڇپيو.

لعل پشپ جو نالو مادرن سنڌي ڪهاڻيءَ جي وڏن ڪهاڻيڪارن ۾ ليکجي ٿو. سندس ڪهاڻيون سنڌ ۾ شايع ٿيون آهن، پر ناول شايع نہ ٿيا آهن. لعل پشپ جا ٽي ناول جيڪي هن جلد ۾ موجود آهن، سي سنڌ ۾ پهريون پيرو ڇپجي رهيا آهن. لعل پشپ جي ناولن تي انڊيا ۾ گهٽو ڪجهہ لکيو ويو آهي. سنڌ ۾ پڙهندڙن جي لاءِ اهي ناول ايڏا ۽ نوان آهن. مون کي پڪ آهي تہ انهن ناولن جي پڙهڻ سان سنڌي ادب جا پڙهندڙ هڪ تمام وڏي ليکڪ لعل پشپ کي نئين سر دريافت ڪندا.

شوڪت حسين شورو

Rs: 130.00

Designed By: Saeed Mangi